قصا، ڪٿائون ۽ ٻيا ليک

# لهندڙ سج جي لام

امر جليل

سيڪنڊ ايڊيشن

# لهندڙ سج جي لام

(قصا، ڪتائون ۽ بيا ليک)

**امر جليل**

ڪاڇو پبليڪيشن
ڪراچي، سنڌ

ڪتاب نمبر
23

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: لهندڙ سج جي لام
ليکڪ: امر جليل
موضوع: قصا، ڪتائون ۽ ٻيا ليک
پهريون ڇاپو: آڪٽوبر 2010ع
ٻيو ڇاپو فبروري 2012ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : ظفر ابڙو
ٽائيٽل ڊزائين: ڪپتان ابڙو
پيسٽنگ: قمر گهانگهرو
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي
ڇپائيندڙ: محمد علي ماجد
ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN: 978-696-9544-14-9

قيمت: 220 رپيا

**Lehandar Sij Ji Lam** (Stories & Articles)
By: **Amar Jaleel**
First Edition: October 2010
Second Edition: February 2012
Printed by: Zaki Sons Printers, Karachi
Published by: **Kachho Publication, Karachi**
Room # 421, 4th Floor, Taj Paper Centre,
Shahrah-e-Liaquat Karachi, Sindh
Cell: 0300-2879794
**Price: Rs. 220**

## اسٽاڪسٽ

ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ، صدر ڪراچي. ٻنائي بُڪ هائوس، نزد اورنگزيب مسجد گاڏي ڪاتو حيدرآباد. ڪنگ پن بُڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد. ڪامريڊ بُڪ اسٽال، ڄامشورو ڦاٽڪ. اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ نوابشاهه. رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو. مهراڻ ڪتاب گهر، سامهون سپنا لان، ويجهو گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو. عزيز ڪتاب گهر، ٻراج روڊ سکر. الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر. ممتاز ڪتاب گهر، ريلوي لائين دادو. گل ڪتاب گهر، نزد انڊس هوٽل، لکي در شڪارپور. مهراڻ ڪتاب گهر، اسٽيشن چوڪ، ميرپورخاص. رحيم ڪتاب گهر، مهراڻ چوڪ، بدين.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Dedication

## انتساب — ارپنا

ڪراچيءَ جي گهٽين، گهيرن ۽ رستن، خاص طرح سان پاڪستان چوڪ ۽ گرومندر جي نالي جتي فيلڊ مارشل ايوب خان جي استحصالي قوتن خلاف ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اسان دوستن جنگيون جوٽيون هيون.

**امر جليل**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | 1960 | 7 |
| 2 | پٽائي گهوٽ جي ڪلام ۾ افسانوي پهلو | 10 |
| 3 | سورهيہ مرين سوپ ڪي تہ دل جا وهم وسار | 14 |
| 4 | رڻ ڳچيو راڙو ٿيو | 22 |
| 5 | سڪرڻ ۽ سوري | 32 |
| 6 | جڏهن سڄڻ ياد پياس | 34 |
| 7 | بندر بازاريون | 36 |
| 8 | لامڪان | 38 |
| 9 | شاهہ ۽ ايچ ـ ٽي سورلي | 40 |
| 10 | عاشق زهر پياڪ | 42 |
| 11 | وحدت الوجود جو احساس | 44 |
| 12 | سيني ۾ سنگرام | 57 |
| 13 | سنڌ جو منصور | 60 |
| 14 | سيني ۾ صنم | 62 |
| 15 | ادب بابت خط | 65 |
| 16 | ادبي روح رهاڻ | 69 |
| 17 | ڪڏهن منجهہ ڪوٺن | 75 |
| 18 | ڳوليان ڳوليان م لهان | 78 |
| 19 | ادبي خط | 82 |
| 20 | جوڳين جوڳہ اجوڳہ | 87 |
| 21 | موت جو آواز | 97 |
| 22 | سکر ۾ هڪ سنڌيءَ سان ملاقات | 100 |
| 23 | اڳهيو ڪائو ڪچ ... | 104 |
| 24 | اديب ٿيڻ جا ڪجهہ راز ۽ رمزون | 109 |

| | | |
|---|---|---|
| 25 | اليگزينڊر سولزهنستن | 115 |
| 26 | ادب ۾ نعريبازي | 117 |
| 27 | ڪرشن چندر جو بيچ ناٿ | 119 |
| 28 | ذڪر منٽو جي هڪ ڪهاڻيءَ جو | 121 |
| 29 | البرٽ ڪاميو | 123 |
| 30 | ڪردارن جي ڪهاڻي | 125 |
| 31 | تنقيد ۾ ادبي وٺ وٺان | 127 |
| 32 | سياسي ادب | 129 |
| 33 | جيمس بالڊون | 131 |
| 34 | سونهري اصول | 133 |
| 35 | اياز تي اُلرون | 136 |
| 36 | ڪرشن چندر جو لاڏاڻو | 139 |
| 37 | مذهب جي نالي ۾ | 141 |
| 38 | ديسي اديب | 143 |
| 39 | ادبي فراڊ | 145 |
| 40 | چارلس ڊڪنس | 147 |
| 41 | رسول ميمڻ | 150 |
| 42 | الف ليليٰ | 152 |
| 43 | ليکڪ ۽ سرحدون | 154 |
| 44 | آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جو جائزو | 156 |
| 45 | ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي | 163 |
| 46 | ورهاڱي جو محشر | 177 |
| 47 | روايت جي ابتڙ | 183 |
| 48 | مهاڳ ـ جيڪو اصل ۾ آمهاڳ آهي | 186 |
| 49 | امهاڳ | 191 |
| 50 | انگريزي ۾ سنڌي اُچار وارو سفر | 193 |
| 51 | مان پڇان، مان پُران، تڏهن بہ تنهنجو آهيان | 196 |
| 52 | اعتراف جي شام | 204 |
| 53 | ڪا شام هجي ۽ لهندڙ سج جي لام هجي | 213 |

# 1960

آتم ڪٿا ائين نہ لکبي آهي جيئن مان لکي رهيو آهيان. آتم ڪٿا ۾ نہ ربط آهي، نہ ئي تسلسل آهي. مون کي اِن اوڻائيءَ جو احساس آهي. مون کي اِن ڳالهہ جو پڻ احساس آهي تہ اهڙي اوڻائيءَ جو لاڳيتو مرتڪب ٿيڻ کان سواءِ مان آتم ڪٿا لکي نہ سگهندس. اڳتي هلي آتم ڪٿا جا مختلف باب تسلسل جي اوڻائيءَ سميت ڪتابي صورت ۾ جڏهن اوهان تائين پهچندا تڏهن اوهين محسوس ڪندا تہ منهنجو اتاولو روح مُني صدي، 1936 کان 2010 تائين ابابيل وانگر وراڪا ڏيندو رهيو آهي. مان لمحن جو قيدي ناهيان. مان لمحن جي وس ۾ نہ آهيان. لمحا منهنجي وس ۾ آهن. مان جڏهن چاهيان تڏهن وَبَل لمحن ۾ جيئرو رهي سگهندو آهيان ـــ گذري ويل لمحن ۾ ملي، ۽ ملڻ کان پوءِ وڇڙي وَيل صورتون ۽ مورتون ڏسي سگهندو آهيان. سندن پاڇولا پسي سگهندو آهيان، ۽ سندن پڙلاوءَ ٻڌي سگهندو آهيان. ماضيءَ ۾ موٽي وڃڻ لاءِ مون کي تسلسل جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي.

1936 کان 2010 تائين، مُني صديءَ جي سفر ۾ 1960 وارا ڏهہ سال مون کي چٽي، چِٻياٽي، ڊاهي ۽ وري ناهي ڇڏڻ وارا ڏهہ سال آهن. اِهڙا ڏهہ سال نہ اڳ منهنجي زندگيءَ ۾ آيا هئا، ۽ نہ اج تائين آيا آهن. مون کي انيڪ سنسن ۽ وهمن کان نجات ملي ويئي. خالق بابت مخلوق جي ڏند ڪٿائن کان مون کي مُڪتي ملي ويئي. آپگهات بابت منهنجو نظريو پختو ٿي پيو. آپگهات ڪري مري وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ ماڻهو بيهر جيئرا ٿي پوندا آهن. منهنجين ٻانهن ۾ امان جي اُسهڻ مون کي پڪ ڏياري ڇڏي تہ انسان بي وس آهي. هو فقط ڪوشش ڪري سگهي ٿو. نتيجو سندس هٿ ۾ ناهي. انهن ڏهن سالن ۾ صوفي مت بابت ڊانوان ڊول ٿيندي مون کي گوتم جي گيان جو گس ملي ويو. مون کي اِها آگاهي

بہ ملي ويئي تہ مذهب نہ ننڍا هوندا آهن، ۽ نہ وڏا هوندا آهن. مذهب نہ اهم ٿيندا آهن، ۽ نہ غير اهم ٿيندا آهن. هر ڪو مذهب پنهنجي يقين ڪرڻ ۽ مڃڻ وارن لاءِ وڏو ۽ اهم مذهب هوندو آهي. جڏهن بہ ڪو مذهب پاڻ کي اُتم ۽ اعليٰ مڃائڻ جي هوڙ ۾ سرحدون لتاڙي ويندو آهي تڏهن معاشرن ۾ خونريز ممڻ مچائيندو آهي ـ مختلف تهذيبن جو پاڻ ۾ تصادم ٿيندو آهي.

انهن ئي ڏهن سالن ۾ منهنجي لاءِ اسٽيج، ريڊيو ٽيليويزن ۽ فلمن جا در ڪلي پيا. مون تخليقي دنيا کي تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. خارجي حالتن جو اثر لازمي طرح ادارن جي باطني حالتن تي پوندو آهي. ٻاهرين دنيا جي ڪرپشن ۽ ڪڌائين جي ڇاپ فن ۽ فنڪارن جي دنيا تي لڳل هئي. مايوسيءَ بدران مان بد دل ٿي پيو هوس. مون کي پڪ ٿي ويئي هئي تہ پاڪستان ۾ تخليقي ادارا ٻوٿو ٻاري نہ سگهندا. چاليهہ پنجاهہ سالن کان پوءِ ڏسان پيو تہ فلم انڊسٽريءَ کي ذري گهٽ تالا لڳي ويا آهن. لاهور ۽ راولپنڊيءَ کان سواءِ سموري ملڪ ۾ ٿيٽر جو نالو نشان ڪونهي. ريڊيو ڊرامو ٻڌڻ وارو اوهان کي ورلي لڀندو. باقي ويهہ ٽيهہ ٽيليويزن چينل ماڻهن جو روح ريجهائي ويٺا آهن. پينٽنگ، سنگتراشي، ۽ سنجيده موسيقيءَ ويراڳ وٺي ڇڏيو آهي. اڳڪٿين جي صحيح ثابت ٿيڻ مون کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو تہ مان ڪٿي عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو مائٽ تہ نہ آهيان!

انهن ڏهن سالن جي شروعات ۾ مون سنڌ ۾ وڏيرائپ جي بدترين شڪل ڏٺي. مون کي پڪ ٿي ويئي تہ سنڌي ماڻهن جي مڪمل تباهي وڏيرن، پيرن، ميرن، سيدن، جاگيردارن هٿان ٿيندي. هاڻوڪي ٻوڏ ( 2010) ۾ سڄي دنيا تباهہ حال سنڌي ماڻهن جي جهلڪ ڏسي ڇڏي آهي. اِهي مسڪين ماڻهو وڏيرن ۽ پيرن ميرن جا هاري ناري آهن. وڏيرن کين اٽيڙهيل، بڪايل ۽ ستايل رکي پنهنجي پنهنجي ووٽ بينڪ پختي ڪري ورتي آهي.

انهن ڏهن سالن ۾ مون نوڪريءَ جي نوڪري مٽي تي ڪٽي ورتي. انهن ئي ڏهن سالن ۾ مون پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي کان وڏي فراڊي

اليڪشن ڏني جنهن ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان صدارتي چونڊ ۾ فاطمہ جناح کي شڪست ڏني هئي. ماڻهن جي غضب کان بچڻ لاءِ ايوب خان 1965ع ۾ هندستان سان هٿرادو جنگ جوتي هئي. اُن زماني ۾ عام افواهہ هليو هو تہ ايوب خان کي فاطمہ جناح کان چونڊ کٽائڻ پٺيان ذوالفقار علي ڀٽي جو هٿ ۽ دماغ هو.

انهن ڏهن سالن ۾ اسان ذوالفقار علي ڀٽي کي بغاوت ڪري، ايوب خان کان ڌار ٿي سياسي مدبر وانگر اُڀرندي ۽ پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وجهندي ڏٺو هو. انيڪ اوڻائين جي باوجود پاڪستان جي تاريخ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کان ذهين، ۽ مقناطيسي ليڊر اسان اڄ تائين سياسي افق تي نہ ڏٺو آهي. مرڻ مهل انسان جي ڪردار جي پروڙ پوندي آهي. ذوالفقار علي ڀٽو آمريت جا عذاب سهندي ڇتڇي ڇُور ٿي پيو پر جهڪيو نہ.

انهن ڏهن سالن جي شروعات ۾ مون پهرين عشق ۾ پنهنجي ناڪاميءَ کي قبول ڪيو ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ تان هٿ کڻي ڇڏيو. پر، منهنجو عشق گهٽ نہ ٿيو آهي ــ نہ ئي اڇي ڏاڙهيءَ ۾ ٻڍو ٿيو آهي، بلڪ جوان ٿيندو رهيو آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ مان خوفناڪ اوڙاهہ ۾ وڃي ڦاٿو هوس. ٽاڦوڙا هڻندو هوس، پر اوڙاهہ مان نڪري نہ سگهندو هوس. تڏهن اوچتو الاءِ ڪٿان، زندگيءَ ۾ پهرين دفعي سنڌو منهنجي آڏو اچي بيٺي هئي. هٿ وڌائي مون کي اوڙاهہ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ورتو هئائين.


**امر جليل**

28، آڪٽوبر 2010

B_702, Sand View Homes
Frere Town, Clifton, Karachi.
Emial: amarjaleel@link.net.pk
amarjaleel36@gmail.com

# يتائي گهوٽ جي ڪلام ۾ افسانوي پهلو

8 ـ آغا بلڊنگ
بارنس اسٽريٽ
ڪراچي ـ 3

برادرم وفائي صاحب
پر خلوص عقيدتن سان.
ساڳيو ادبي مسئلو کڻي اڄ وري حاضر ٿيو آهيان.

قتل ڪرڻ جا ٽي طريقا هوندا آهن. هڪ ڇريءَ سان، ٻيو ڪنهن جي گهاتين پنبڙين وارين سياهه اکين سان ۽ ٽيون تعريفي جملي سان. مون کي پڻ مخلص تاج بلوچ سنڌي ادب جو سلجهيل دماغ افسانه نويس لکي گهائل ڪري ڇڏيو آهي. ڪيس اعتراف آهي ته مان سٺو افسانه نويس آهيان. مان ۽ افسانه نويس! ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته هڪ باغي، ضدي، سماج جي ذليل رسمن رواجن جي دشمن لاءِ اهي تعريفي جملا ڪيئن چيا ويا آهن.

سنڌي ادب ۾ تنقيد جو ٻيو مطلب آهي ٻي همت ۽ دلشڪسته ڪرڻ. پر، تاج صاحب ڇو ان پراڻي تحريڪ کي ٽوڙي ڇڏيو؟ ڇو سندس قدم روايتي نقش تان هٽي ويا؟ ۽ ڇو اڄ هو هڪ دلشڪسته انسان جو مداح ٿي پيو؟ شايد ان ڪري ته سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ افسانن لاءِ ڪا گنجائش ضرور آهي ڪيس افسانه آکاڻيون ۽ قصا ڪهاڻيون ضرور پسند آهن ۽ ان امر کان هو صاحب شايد پاڻ به انڪار ڪري نه سگهي.

برادرم وفائي! اها پسند هر انسان جي فطرت آهي. ۽ جي اها پسند انسان جي فطرت آهي ته پوءِ هڪ ڏينهن منهنجو دوست تاج بلوچ پڻ

Fiction جي قاعدي ۽ اهميت تي هڪ مضمون ضرور لکي ويهندو. ڪيس ميٺو پوندو تہ ڪرشن چندر افسانا لکندو آهي. ڪيس اهو بہ ميٺو پوندو تہ پيسترنڪ ناول "ڊاڪٽر زواگو" لکي 1958ع جو نوبل انعام حاصل ڪيو هو.

هو صاحب ان حقيقت کان ڪڏهن بہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ وڪٽرهيوگو ۽ ليوٽالسٽاءِ دنيا جا عظيم ناول نگار آهن. سندن نالو سج ۽ ستارن سان سمائجي همیشہ چمڪندو رهندو.

جيتوڻيڪ جئڪس روسو ۽ ٿامس ڪارلائل مفڪر آهن، پر تڏهن بہ سندن تحرير ۾ Fiction شامل آهي. ڇا روسو جي مشهور ڪتاب "ايميليءَ" جو ڪردار بذات خود افسانوي ڪردار جهڙو ڪونهي؟ جيڪڏهن تاج صاحب اجان بہ فڪشن جي اهميت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي، تہ مان ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ شاعرن جي سرتاج شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ پڻ Fiction سمايل آهي.

دلي جذبات ۽ انساني فطرت کي ڪاغذ تي اتارڻ ئي تہ فڪشن آهي. ڪنهن جي انتظار ۾ واتون نهاريندي پرهہ ڦٽي پريات ٿئي. ڪنهن جي انتظار ۾ اميدن جا ديپ جلائڻ — هجر ۾ بيقرار ۽ بيچين رهندي اهو چوڻ تہ:

شمع ٻاريندي شب پره ٻاڪون ڪيون،
موٽ مران ٿي ميندرا راتا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

ڇا ان مان ڪنهن قصي جو پهلو نہ ٿو بکي؟ ڀتائي گهوٽ پنهنجي ظاهري اکين سان ڪنهن بہ بابو بيکاريءَ کي ڪاڪ کان ايندي نہ ڏٺو هو. پر هن صاحب فطرت ۽ مشاهدي جي مالڪ من جي اکين سان ان مجروح انسان کي ڏسي ورتو جنهن جو جگر مومل جي مجاز ڪومل ڪري ڇڏيو.

"ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون ڳوڙها پيس ڳري"

ڇا فراق ۾ فنا ٿيل جو حال قصا ۽ ڪهاڻيون لکندڙ کان سواءِ ٻيو

ڪوبہ لکي سگهي ٿو؟ ها، باقي مان ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهان تہ "ٻئي کي نڪ ۾ نوڙي وجهي هلائڻ جو راز" ۽ "برهانپور جا اوليا" قصا نہ آهن. اُماس جي ڪاري رات ۾ وسيلا وساري، موجون ماريندڙ مهراڻ ۾ هڪ تنها عورت جو ڪچو گهڙو ڪٽي گهڙڻ ۽ روح جي گهراين مان اها دانهن ڪرڻ تہ:

"درياهہ توتي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي -" ضرور قصي ۾ ويڙهيل حقيقت آهي. برادرم وفائي! ذرا ان عورت جي باري ۾ سوچيو جيڪا جبلن جي لڪن مان بي يارو مددگار رڙهي آهي سندس ڪپڙا ليڙون ليڙون ۽ وار پريشان آهن. بکايل ۽ اجايل پنهنجي پرڻ ٿيل پيرن کي سمجهائي رهي آهي، تہ:

**"متان ٿي اونداهہ پير نہ لهين پرين جو"**

۽ پوءِ جڏهن سندس ڦٽيل ۽ چليل پيرن ۾ جبلن جا نوڪدار پٿر ٿا چڀن تہ روئيندڙ اڪين سان جبلن ڏانهن نهاري چوي ٿي.

**"ڏونگر مون نہ ڏڪوءِ آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان."**

شاهہ صاحب نظم جي روپ ۾ افسانا چيا آهن ۽ اهو ئي سندن شهرت قابليت ۽ عظمت جو قوي دليل آهي ۽ ان جي برعڪس جي شاهہ صاحب اهو ٻڌائي ها تہ گنجي ٽڪر تي سڀ کان اول کهڙو فقير پهتو هو تہ يقين اٿم تہ ڪيس تقسيم هند تائين تہ ڪوبہ نہ پڇي ها ۽ تقسيم هند کان پوءِ سندس گنجي ٽڪر جو ڪتاب ڪنهن نيم سرڪاري اداري مان (رنگين ڪور - سٺي ڇپائي - اوچو پنو قيمت تي رپيا ۽ ڪاپيون ڏهہ هزار شايع ٿئي ها.

برادرم وفائي! مون کي ٻڌايو تہ ڪهڙو سالم دماغ سنڌي گنجي ٽڪر جهڙا ڪهرا، غير دلچسپ، خشڪ، ناقص ۽ ناڪارا ڪتاب پڙهڻ پسند ڪندو؟ مان يقين سان لکي سگهان ٿو تہ نوي فيصد پڙهيل سنڌي مرد ۽ عورتون اردو ناول ۽ افسانا پڙهنديون آهن. سبب؟ سبب اسان جي ادب ۾ ان صنف جي غير حاضري آهي، موجوده دور جي تقاضائن کي فقط ناول ئي پورو ڪري سگهن ٿا. سماج جي گندن رواجن کي فقط

فڪشن سان ئي نهوڙي ناس ڪري سگهجي ٿو. پر سنڌي رهنما ان صنف جي اهميت کان انڪار ڪري، ظاهر ڪري رهيا آهن ته اسان جا رواج ۽ ريتون رسمون سڌريل آهن. ڇا اهو سچ آهي؟ جن کي به سنڌي سماج تي ناز آهي مان انهن کي عرض ڪندس ته هو پنهنجي دعويٰ کي صحيح ثابت ڪري ڏيکارين.

افسانن ۽ ناولن ۾ هر دکي، ٺڪرايل، ستايل، تنها ۽ اُداس انسان لاءِ آرام، اميد، سک ۽ سانت سمايل هوندا آهن.

ڇا اسان خوشحال، بي غم، آسودا ۽ هر فڪر کان آجا آهيون؟

توهان جو پنهنجو

1960

# سورهيه مرين سوپ کي تہ
# دل جا وهم وسار

(مقالو جيڪو هڪ ڪاليج طرفان شاهہ لطيف
جي ورسيءَ ۾ شاگردن آڏو پڙهڻ نہ ڏنو ويو.)

مون هڪ شانائتي، هشمت واري ۽ بيحد عظيم انسان کي سفر لاءِ سامان ٻڌندي ڏٺو. هو پير مرد هو ۽ سندس وجود مان سنڌ ملڪ جي مٽيءَ جي سڳنڌ پئي آئي. مون کيس چاتو سڃاتو ۽ سندس پيرن جي پٽيءَ جو پيشانيءَ کي تلڪ ڏٺو. مون کي يقين نہ پئي آيو تہ هو ڪڏهن سنڌ ڇڏڻ جي سنبت بہ ڪندو. هڪ دفعي جڏهن هن ڪربلا جي سفر جو ارادو ڪيو هو تڏهن ڪنهن چيو هوس تہ، تنهنجي زندگيءَ جي سفر جي پڇاڙي آهي، سنڌ کان ٻاهر وڃي ڇا ڪندين! تڏهن هو سنڌ ۾ رهي پيو هو. ڪربلا جي سفر جو ارادو لاهي ڇڏيو هئائين. هن پنهنجي حياتي، حياتيءَ جو مقصد، ۽ عظيم فن جي تخليق جا جوهر سنڌ ماءُ جي جهول ۾ وڌا هئا، ۽ مرڻ کان پوءِ هن پنهنجو بي بقا بُت سنڌ ماءُ جي مٽيءَ کي ڏيڻ جي تلقين ڪئي.

هو اڳ بہ سفر تي روانو ٿيو هو. سالن جا سال سنڌ کان ٻاهر رهيو هو. هن لڪپت ۽ گرنار، جيسلمير ۽ ٿر، لاهوت لا مڪان، ڪابل ۽ هنگلاج جو سفر ڪيو هو. تڏهن سنڌ وارن جي هنياءَ ۾ هٿ نہ پيو هو. تڏهن سنڌ ديس جي ڌرتي درد ۾ نہ ٿڙڪي هئي، تڏهن سنڌو درياهہ ڪپر وٽ ڪُن هڻي پنهنجي ارمان جو اظهار نہ ڪيو هو سنڌ مٿان بيٺل آسمان اُداس نہ ٿيو هو- تڏهن سنڌ ملڪ جي ماڻهن واچوڙن ۾ وار کولي ماتم نہ ڪيو هو. هنن کي خبر هئي تہ هو موٽي ايندو- موٽي ايندو ۽ سنڌ جي سينڌ سنواريندو. 1972ع جي سنڌين وانگر 1712ع جي

سنڌين کي خبر هئي تہ جيئن خالق ۽ مخلوق، رت ۽ رت جو ريتو رنگ هڪبئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن، تيئن هو ۽ سنڌ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ٻنهي جو وجود هڪبئي کانسواءِ بمعنيٰ ۽ بيمقصد آهي. ٻئي هڪبئي کان ڌار ٿي ائين ويڳاڻا ٿي ويندا، جيئن روح بنا زندگي.

1972ع ۾ جڏهن مون کيس سفر لاءِ سامان ٻڌندي ڏٺو، تڏهن مون ڪڪرن کي ڪرندي نہ ڏٺو. تڏهن مون سنڌ ديس جي سرويچن کي ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏيئي نينهن جا نعرا هڻندي ڏٺو. تڏهن مون سنڌ ملڪ جي ماڻهن جو ٻرندڙ جبل جي اندر وانگر ٿهڪندڙ ۽ اُڌما ڪائيندڙ وجود ڏٺو. سنڌ جي ٻچي ٻچي کي خبر هئي تہ هو هن دفعي اڻکُٽ سفر تي روانو ٿي رهيو هو ــ هو هن دفعي ويندو تہ وري ڪڏهن موٽي نہ ايندو. مون ۽ منهنجي دور جي نوجوان نسل محسوس ڪيو تہ هو سفر تي نہ پئي اُسهيو پر هو جلاوطن ٿي رهيو هو.

هو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هو.

فاتح قومون ٻين قومن جي ملڪ کي طاقت سان يا ٺاهہ ٺڳيءَ سان هٿ ڪرڻ کان پوءِ، سڀ کان اڳ ان قوم جي ٻولي ۽ تمدن کي تباهہ ڪرڻ جو منصوبو رٿينديون آهن. انگريز سامراجين سنڌ تي مڪمل قبضي ڪرڻ کان پوءِ، معمول جي خلاف، سنڌي ٻوليءَ تي وار نہ ڪيو. انگريزن جي ان چالبازيءَ جا ڳڻ اڄ تائين ڳايا وڃن ٿا ۽ اسڪولن کان يونيورسٽيءَ تائين ساراهيا وڃن ٿا. سامراجين، رٿيل منصوبي مطابق، سنڌ جي عظيم ترين شاعر لطيف سائينءَ ۽ سنڌ جي لافاني ۽ لاثاني باغي شاعر سچل سرمست جي ڪلام، ڪلام جي پرچار، پيغام ۽ حق جي آواز کي صوفي ازم جو ليبل هڻي ٻنهي جي هٿ ۾ يڪتارو ڏيئي ڇڏيو ــ هڪڙي کان چوايائون "پيرين پوندي سان، نہ چوندي سان، رهي وڃ رات پنهور ۾". ۽ ٻئي کان چوايائون، "جنهن دل پيتا عشق دا جام سو دل مست و مست مدام". جابر ۽ ٺڳ قومون، جيڪي ويسا گهاتيءَ سان ٻين جي ملڪ تي قبضو ڪنديون آهن، سي اُن مفتوح قوم جي ادب مان باغي رجحانن کي ڪوري ڪيڙڻ جي ترڪيب استعمال ڪنديون آهن. ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس جي جمڻ کان اڳ سچل

چيو هو:

"مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
پيرن، بزرگن، پنڊتن بيحد پلايا،
ڪي نمازون نِوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا عقل وارا عشق کي."

لطيف سائينءَ سنڌ تي ڌارين جون يلغارون ڏسي سنڌ جي ڇڙوڇڙ ۽ خانہ جنگين ۾ مبتلا ماڻهن کي چيو هو:

"سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ تراز، مار تہ متارو ٿئين."

لطيف سائين بدقسمتيءَ سان سيد هو تنهن ڪري سامراجين جي رٿابنديءَ جو شڪار ٿيو. لطيف جي مقبري تي گهنڊ لٽڪايا ويا، اگربتين ۽ لوبان جا واس ڏنا ويا، نغارا وڄايا ويا، تعويذ ڳنڍين جي تجارت جا مرڪز کوليا ويا. بي اولادين پُٽَ پنيا ۽ اهڙي نموني سنڌ جي عظيم ترين شاعر کي، شاعر جي ڪلام کي، ڪلام جي مفهوم کي پنيرو ڪري، هڪ پير ۽ ڪاني ڪرامتن واري شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي معروف ڪيو ويو. پر سنڌ جي نوجوان نسل لطيف سائين خلاف سامراجين جي سازش کي ڇيري، ڦاڙي، چٽ ڪيو آهي، ۽ لطيف کي سڏ ڪيو آهي ـــ ۽ ان سڏ جي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ صدا آهي:

"جاڳ ڀٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي،
مرن پيون مارئيون، ڦابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڌاڙين کي ڌاري ڇڏيون."

لطيف سائين، جنهن جلاوطن ٿيڻ لاءِ سفر جا سانپاها ڪيا هئا، سو ترسي پيو آهي. هُن منهن ورائي موجوده نسل کي ڏٺو آهي ـ موجوده نسل جو آواز ٻڌو آهي:

"ڀٽائيءَ جي ڀٽ تي جنهنجو نينهن نواس،
تنهن ۾ منهنجو ماس، ڪوري آيو ڪينرو."

"توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٽي،
مور نہ ڏيندي مارئي، ٻي ڪا ماءُ ڄڻي،
تنهنجي پير پٽي، ڏات سموري ڏيهہ جي". •

هڪ سچو فنڪار پنهنجي وقت جو پنهنجي ماحول جو پنهنجي دور جو سڀ کان حساس، بهادر ۽ سچ چوندڙ انسان هوندو آهي. عظيم فنڪار نہ فقط پنهنجي دور جو حق گو هوندو آهي، پر هو زمان ۽ مکان جون سرحدون لتاڙي هر دور لاءِ سچ ۽ انصاف جي علامت ٿي پوندو آهي.

لطيف سائينءَ پنهنجي سموري عمر سنڌ ۾ افراتفري ۽ ڏارين جون يلغارون ڏسندي گذاري ڇڏي، سنڌ تي انگريزن جي مڪر ۽ فريب جو چار هٿ ٺوڪين فيوڊل لارڊس جي مدد سان سوگهو ٿيندو ويو. ان کان اڳ انگريزن وڏي چالاڪيءَ سان وچ هندستان ۽ پنجاب ۾ پنهنجا مڊل ڪلاس ايجنٽ تيار ڪري ورتا، جيڪي اڳتي هلي هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا. انگريزن جي ايجنٽن 1857ع وارو بلوو ناڪام ڪرايو. 1923ع ۾ جوڙيان والا باغ ۾ گولي هلارائي تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ پهچايو ۽ اڳتي هلي 1947ع ۾ لکين ماڻهن کي مارايو ۽ ٻي گهر ڪيو. اُهي سامراجي ايجنٽ اڄ سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جي مڪروهہ تحريڪ هلائي رهيا آهن.

دهليءَ جي ڍهندڙ سلطنت سُکيءَ سنڌ کي بڪايل اکين سان ڏسي، پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي. لطيف سائينءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي تاريخ ساز معرڪا ڏٺا، انهن ۾ سڀ کان اهم معرڪو، دهليءَ جي شهزادي محمد معيزالدين جي فوجن ۽ سنڌ جي جوڌن جي وچ ۾ خونخوار جنگ هئي، جيڪا لطيف 26 سالن جي عمر ۾ ڏٺي. محمد معيز الدين جي حڪم تي پنجاب مان راجا ڪج سنگهہ پٽي ۽ سورج مل سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. سنڌي فوج يار محمد جي سپهہ سالاريءَ ۾ هئي ۽ ان دور جا ٽي سرويچ جوڌا، تاجاهہ، جاده ۽ بختيار سنڌ جي فوجن ۾ شامل هئا. هنن تنهي گهوٽن سنڌ تان ساهہ ڏنو. هنن ڌرتي ماءُ کي رتّ جو نذرانو ڏيئي مغلن جي پنجابي فوجن کي عبرتناڪ شڪست ڏني ۽

• شيخ اياز جو سمورو ڪلام سنڌ جي سرڪش ۽ سرويچ نسل جو آواز آهي.

سنڌ مان پڃائي ڪڍيو. اهڙي واقعي ڪان پوءِ لطيف سائين جهڙو فنڪار عظيم شاعر ائين ئي چوندو:

"گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا."

—

"هٽڻ، هڪلڻ، ہيلي سارڻ، مانجهيان اي مرڪُ،
وجهن تان نہ فرق، رُڪ وهندي رانديم."

ٻاهران هلان ڪري ايندڙ وحشين ۾، جن سنڌ کي پائيچاري جي بازيءَ ۾ ڦاسائي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙي ڇڏيو انهن ۾ نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جا نالا بہ شامل آهن، جن لطيف سائينءَ جي حياتيءَ ۾ سنڌ تي حملو ڪيو.

وقت جو آواز صدا بڻجي هر طرف کان اچڻ لڳو:

"هوڏانهن هن هاڪاريو، هيڏانهن هي هٽن،
سُرنايون، سُنڌڙا، ٻنين پار ٻرن،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لاتون لڏيون."

—

"پڳو آءُ نہ چوان، ماريو تہ وسهان،
ڪاند منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سُنهان،
تہ پڙ لڄ مران، هونس پُٺ ۾."

انگريز سامراجين ۽ سندن ايجنٽن اسان کان اسان جو بهادر، سرويچ، وطن پرست ۽ جنگجو لطيف لڪائي ڇڏيو. ۽ اسان کي لطيف جو فقط هڪ رخ ڏيکاريو ۽ چيو تہ بابا فڪر ڦرهي هٿ ۾ کڻو مونن ۾ منهن وجهو ۽ ظالم کي سونهري موقعو ڏيو تہ توهان جي وجود کي يڪتاري جي ڪدوءَ وانگر اندران خالي ڪري ڇڏي. اسان کان اُهو گهوٽ اٽموت لڪايو ويو.

جنهن قوم کي سچ تان سر ڏيڻ لاءِ مچ ۾ ڪاهي پوڻ جو سبق سيکاريو:

”پتنگن پھ ڪيو مڙيا متي مچ،
پسي لھس نہ لچئا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڄائيا“.

لطيف سائين جي زندگيءَ ۾ سپ ڪان المناڪ واقعو شاھ عنايت جي شهادت آهي، جنهن لطيف سائينءَ جي حساس دل کي هماليہ جبل جيڏو ڏک ڏنو. لطيف رنو تہ چئي ويٺو:

”جي جيءَ جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.“

مان متي عرض ڪري آيو آهيان، تہ پتائي گهوٽ جهڙو عظيم شاعر، زمان ۽ مڪان جي پابندين جو محتاج نہ هوندو آهي. سندس پيغام هر دور ۾ اوندھ ۽ ظلم خلاف احتجاج، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ خلاف بغاوت جو درس هوندو آهي. سُر سهڻي ۾ لطيف سائين جو هڪ بيت آهي:

”گهڙيا، سي چڙهيا، ائين اتيئي،
مئي متي مهراڻ ۾ پئہ ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاھ سين.“

ان بيت جي معنيٰ اسان کي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ هن ريت سمجهائي ويندي هئي، تہ: ”رب الله جي راھ ۾ مشڪلون برداشت ڪريو ۽ جنت ماڻيو.

موجوده دور ۾ ان بيت جو مطلب آهي تہ حق لاءِ، سچ لاءِ، پنهنجي وطن جي لڄ لاءِ مصيبتن جي منهن ۾ وجهڻ کان نہ ڪيٻايو. وڏو تڪليفن کي ڪٺ ۾ نہ آڻيو ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪريو.

مان ان وقت جو منتظر آهيان، جڏهن اسان جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ لطيف سائينءَ جي عظيم شاعريءَ کي تصوف جي آفيم کان آجو ڪري، ترقي پسند تحريڪ ۽ نظريي مطابق پڙهايو ۽ سمجهايو ويندو.

عشق ۽ بغاوت تخليقي فن جي اوسر جا سرچشما آهن. قسمت سانگي ڪي اهڙا انسان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي زندگيءَ ۾ جيءُ جَسو ڏيئي عشق جي اٽانگين راهن تي نڪري پوندا آهن، ۽ حالتن کان نابري

واري، ناهہ نڳيءَ کان بغاوت ڪندا آهن. لطيف سائينءَ کي زندگيءَ ۾ اهڙي محبت ملي جنهنجو پيچ مرڻ گهڙيءَ تائين نہ لهندو آهي. اهڙي محبت ۾ وقتي مايوسيءَ جي جوڳ لطيف سائين کي سچ جو سفر ڪرايو ۽ سندس شاعريءَ کي ابدي بقا بخشي ڇڏي:

**"محبت جي ميدان ۾ سِر جو ڪرمَ سانگُ،**
**سوريءَ سپرين جي، چڙهہ تہ تئين چانگُ،**
**عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن کي پوي."**

—

**"عشق نہ آهي راند، جيئن ڪيڏن تا ڳيرو،**
**جيءَ جُسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند،**
**سسي نيزي پاند، اُچل تہ ہہ اڌ ٿئي."**

—

**"چند تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرين سين،**
**تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو."**

۽ جڏهن تخليقي فن جو خالق، لطيف سائين، عظيم فنڪار ۽ شاعر جي حيثيت ۾ بغاوت ڪري ٿو تڏهن چوي ٿو:

**"وَڍِ سِرُ، ٿي سرهو مَ ڪي آءُ، مَ ڳاءُ،**
**جاجڪا! تو متاءُ، مُلڪ مٽوئي گهوريا."**

مون لطيف گهوٽ کي جڏهن جلاوطن ٿيڻ لاءِ سفر جو سامان ٻڌندي ڏٺو تڏهن چيم، "تو متان مُلڪ مٽيوئي گهوريان. تون سنڌ ڇڏي ڪيڏانهن ٿو وڃين."

لطيف سائينءَ وراڻيو:

**"اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،**
**انئي پهراتن، سعيو ڪنهن سفر جو."**

سائينءَ کي عرض ڪيم، "تو ڪانسواءِ ننگر ۽ ناڙيون، بندر ۽ بازاريون سڃا ٿي ويندا."

وراڻيائين، "منهنجو ڪچاڙو پينر هن پنيور ۾."
نيزاري ڪندي چيم، "تون وبندين، اسان ڪان سنڌ وبندي."
ڏک، ارمان ۽ تڪليف وچان لطيف سائينءَ چيو "سنڌ ۾ اڄ سنڌي ٻوليءَ خلاف آواز اُٿيو آهي. سياڻي ڪاٺ ڪهاڙا ڪڇندا. ان ڪان اڳ جو سنڌي ٻولي سنڌ مان نڌڪي تي نڪري، مان اڳواٽ جلاوطن ٿيڻ ۾ ڀلائي ڀانيان ٿو."
"ترس. نئين نسل جو آواز ٻڌ." مون لطيف سائينءَ کي التجا ڪندي چيو. "توکي پنهنجو فيصلو بدلائڻو پوندو. سکر پار ڪان اياز جو آواز ٻڌين ٿو:

**"سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان مٽي ماٿي لايان**
**ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان،**
**گيت ٻه مون وٽ تنهنجا ماتا، بيت ٻه تنهنجا ڀانيان،**
**تنهنجيءَ مٽي منجهه ملان جي، آءُ امرتا پايان،**
**سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان."**

لطيف سائينءَ ترسي توهان ڏانهن ڏٺو آهي — نئين نسل ڏانهن ڏٺو آهي. لطيف جي ٻولي ۽ لطيف جو وطن توهان وٽ سندس امانت آهن. توهين سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا رکپال آهيو. ■
1972

# رڻ ڳجهيءَ راڙو ٿيو

*(هيءُ مضمون سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد طرفان 7 جولاءِ 1973ع تي ٿيندڙ "يوم لطيف" جي موقعي تي پڙهڻ لاءِ لکيو ويو. ڪامورن طرفان، هيءُ مضمون نه پڙهڻ جي تنبيهه ڪئي ويئي. بهرحال، ان ڪان اڳ جو تنبيهه جي خلاف ورزي ڪئي وڃي، فنڪشن مينهن وسڻ سبب رد ٿي ويو.)*

هڪ ڪاليج جا ڪجهه نوجوان آيا. چيائون، "شاهه لطيف جي ورسي پيا ملهايون، اوهان شاهه جي شخصيت، يا ڪلام تي ڪو مقالو پڙهو" مون کين هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو ته، "بابا، اڄ ڪلهه جي دور ۾ لکڻ پڙهڻ جوڪم جو ڪم آهي،" نوجوان نه مڙيا. منهنجو جواب کين سمجهه ۾ نه آيو. چيائون، "ڪاٺ ڪهاڙيون ته توهان جي ڪهاڻين ۾ ڊرامن تي ڪڇنديون آهن. اسين شاهه جي ڪلام تي ڪنهن مقالي لاءِ عرض ڪري رهيا آهيون." مون نوجوانن کي سمجهائڻ خاطر چيو ته، بابا، "شاهه ۽ شاهه جي ڪلام جي باري ۾ منهنجا پنهنجا نظريا ۽ رايا آهن. ان سلسلي ۾ مون اڄ تائين شاهه تي جيڪي ٻه ٽي چار مقالا لکيا آهن، انهن تي ٽيڪا ٽپڻي ٿي آهي، هن دفعي ڊپ اٿم ته ٽيڪا ٽپڻيءَ بدران مون کي ميرن جي توپ سان مارايو ويندو."

سائين، نوجوان ٿيا شهزور، اسين هيٺا. ضد ٻڌي بيٺا. چيائون، "اجايا بهانا پيا ڪريو. توهان کي مقالو ضرور پڙهڻو پوندو." مان ششدر ٿيس. چيم، "يقين ڪريو مون هر قسم جي لکڻ پڙهڻ جو ڏنڊو چڏي ڏنو آهي. لکڻ آهي مصيبتن کي مهمان ڪرڻ. تنهن ڪري مون لڇپت روڊ تي پڪوڙن وڪڻڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي، ۽ لکڻ کان توبهه ڪئي اٿم. لکڻ بدران پڪوڙا وڪڻندس ۽ عزت جي زندگي گذاريندس." نوجوان ڪليا. چيائون، "چرچا پيا ڪريو" وراڻيم، "منهنجين اکين ۾ ڏسو. اکين

جي ڪنورن ۾ غم جون گهٽائون ڏسو. گهٽائن ۾ پوشيده، آتشڪدي ڪي ڏسو. چرچا اسين نہ ڪندا آهيون. چرچا اسان سان ڪيا ويندا آهن.“ نوجوانن چيو ”سائين، ڪجهہ بہ هجي، توهان جي تحرير ۾ مزاح آهي.“ کين جواب ڏنم، ”مزاح جي ڳالهہ تا ڪريو تہ پوءِ مارڪ ٽئين ۽ برناڊشا جي ڳالهہ ڪريو منهنجي ڳالهہ نہ ڪريو. مان سرڪس جو اُهو جوڪر آهيان، جو جڏهن پنهنجي منهن تان ماسڪ لاهيندو آهيان، ۽ منهن ورائي روح جي رڻ ڏانهن ڏسندو آهيان، تڏهن چٿي ويهندو آهيان.“

”ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هندو هڏ نہ آهين، جٽيو تو نہ جڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.“

نوجوانن چيو ”بس، اسين مقالي لاءِ انجام وٺڻ کان نہ مڙنداسين. توهان کي مقالو ضرور پڙهڻو پوندو.“ جان ڇڏائڻ جي آخري ڪوشش ڪندي چيم، ”اڄ تائين مون شاهہ تي جيڪي بہ چار مقالا لکيا آهن، سي حقيقت ۾ مقالا ناهن، مقالن جي روايت کان بغاوت آهن.“ چيم، ”مون کي اجايو مارايو نہ. وقت وقت جي ڳالهہ آهي. مان ٻچڙيوال آهيان. پنهنجي ننڍڙي ڪٽنب لاءِ اڪيلو دال ماني ڪمائيندڙ آهيان. مون تي نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ٻارڙن تي رحم ڪريو. مون کان شاهہ تي مقالو نہ لکايو.“ نوجوان حيران ٿيا. منهنجي حال تي پريشان ٿيا. پڇيائون، ”شاهہ تي مقالو لکندو يا بم گولو ناهيندو جو مصيبت ۾ ڦاسڻ جون ڳالهيون پيا ڪريو؟“ کين سمجهايم تہ، بابا، شاهہ لطيف جو ڪيترو ئي ڪلام اڃا سينسر ٿيل ناهي. پنهنجي مقالي ۾ جيڪڏهن پل وچان ڪواڻ ـ سينسر ٿيل شاهہ جو بيت، مثال طور هيءُ بيت پڙهي ويس، تہ ڏچي ۾ اچي ويندس :

”منهن تہ موسيٰ جهڙو عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏئين؟“

ڪيئن ٿا ڀانيو! آهي نہ ٽيپ ڪارائڻ جهڙو بيت، شاهہ لطيف تہ ٿيو آرامي. اسين مصيبت ۾ اچي ويندا سين. هڪ تمام ننڍڙي ڇوڪري جڏهن اهو بيت پنهنجي اسڪول جي فنڪشن ۾ پڙهيو هو تڏهن هيڊ

ماستر صاحب سخت ناراض ٿيو هو ۽ ننڍڙي ڇوڪري کي ٽن سالن لاءِ اسڪول مان رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو هئائين. نوجوانن ۾ هڪڙو ڄڻو منهنجو وڏو خير خواهه هو. چيائين، "ادا، پنهنجي مقالي ۾ شاهه جا خطرناڪ بيت نه پڙهجو- پوءِ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." مون کيس جواب ڏنو "ته منهنجا نوجوان دوست، شاهه جو سمورو ڪلام، اصل ڀهرين بيت کان وٺي، آخري بيت تائين بم گولو آهي، يعني خطرناڪ آهن. شاهه جي ڪلام جي ڀهرين بيت جي ڀهرين سٽ آهي."

**"اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي."**

يعني ڪوبه قانون، ڪوبه قاعدو ڪابه بندش ۽ پابندي، ليجسليچر ۽ جديشري، سيفٽي ايڪٽ آف پاڪستان ۽ ڊفنس آف پاڪستان رولس، اعليٰ عالم جي ڌڻيءَ کان طاقتور ناهن — مٿاهان ناهن — اتم ۽ اهم ناهن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته شاهه لطيف جنهن ڌڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي سو ڌڻي مسجدن، مندرن، ڪليسائن، گرجائن ۽ انسان جي انيڪ عبادتگاهن کان آزاد آهي. سو ڌڻي عالم جو ڌڻي آهي — ڪل جڳ جو ڏاتار آهي. ان عالم جي ڌڻي کي ڪنهن به مسجد يا مندر ۾ قيد ڪري نٿو سگهجي. هرڪو انسان پنهنجي اندر ۾ ڪيا عبادتگاهه کڻي هلندو آهي، ۽ ان جو معبود به اهو ئي هوندو آهي، جنهن کي شاهه اعليٰ عالم جو ڌڻي سڏيو آهي. اعليٰ عالم مان شاهه لطيف جي مراد رنگ، نسل ۽ مذهبي جنون کان آزاد جڳ آهي، ان لحاظ کان، مذهب جي نالي ۾ پيدا ڪيل نفرت، ۽ ان نفرت تي قائم رهڻ جي تلقين شاهه جي فلاسافيءَ جي ابتڙ آهي، ۽ اها فلاسافي زمان حال جي سياسي، سماجي، ۽ ثقافتي ماحول جي بلڪل خلاف آهي. تنهن ڪري شاهه لطيف جي ڪلام جي ڀهرين بيت جي ڀهرين سٽ ئي ٽيپ ڪارائڻ جهڙي آهي.

نوجوان همدرد چيو "اوهان شاهه جي ڪلام جي روحاني معنيٰ تي مقالو ڇونه ٿا لکو؟" مون کيس جواب ڏنو "شيڪسپير، شيلي، ڪيٽس ۽ ڪاليداس، جي ڪلام ۾ ڪابه روحاني معنيٰ ناهي. سندن ڪلام ۾ پنهنجي ماحول سان پختو سچو ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ۽ ظلم ۽ انڌير جو ادبي شاهد، ۽ دستاويز آهي ساڳي طرح شاهه جو ڪلام آهي. شاهه عظيم فنڪار هو. وقت جو پارکو ۽ حالتن جو ڄاڻو هو. سندس حساس

دل جو وڇن ويڙهيچن سان هو. هن لاءِ سنڌ ملڪ جي مٽي طور سينا جي سرمي کان وڌيڪ مقدس هئي. شاهه کي سنڌ کان مٽي، سنڌ کان عزيز ۽ سنڌ کان اهم ڪابه هستي، ڪابه طاقت نظر نه آئي هئي. عظيم فنڪار جي سڄاڻپ وطن سان سندس فن جي پيچ مان پئجي سگهندي آهي. شاهه جڏهن جڳ کي سکيو ستابو رکڻ لاءِ دعا گهري آهي، تڏهن هن واضح طور ۽ تمام چٽي نموني اول سنڌ جو نالو ڪنيو آهي ـــ سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار ـ سنڌ آباد آهي، ته عالم آباد آهي ـــ سنڌ سرهي آهي ته عالم سرهو آهي ـ سنڌ سلامت آهي، ته پوءِ عالم سلامت آهي! سنڌ کان سواءِ سمورو جڳ مٽيءَ جو مانداڻ آهي. عالم پل آباد ٿئي، پر اول سنڌ مٿي سڪار ٿئي! اها شاهه لطيف جي دعا آهي. اها شاهه لطيف جي تمنا آهي. اهو شاهه لطيف جو پيغام آهي. پر اهي ڳالهيون پنهنجي مقالي ۾ لکي نه ٿو سگهان، فقط توهان کي زباني طرح ٻڌائي سگهان ٿو. لکندس، ته مارجي ويندس."

مون نوجوانن کي ٻڌايو ته جڏهن مضبوط مرڪز جا آقا ۽ سندن حواري سنڌ کي لٽي ڦري رهيا هئا، جڏهن سنڌ کي مال غنيمت سمجهي مضبوط مرڪز جا باني سنڌ کي ونڊي وراهي رهيا هئا، ۽ سنڌ تي قابض ٿي رهيا هئا، تڏهن شاهه لطيف دهلي جي مضبوط مرڪزي حڪومت جي گماشتن متعلق چيو هو:

"ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو"

آقائن ڪن ڪڙا ڪيا. فڪرمند ٿيا. شاهه لطيف کي چوائي موڪليائون ته پيلي ناراض نه ٿيءُ. اسين توکي پٽ شاهه ۾ هڪ ٽيوب ويل هڻائي ڏيون ٿا. توکي ٻني ٻاريءَ لاءِ هڪ عدد فرگوسن ٽريڪٽر به وٺي ڏيون ٿا، تون مهرباني ڪري مضبوط مرڪز خلاف آواز نه اٿار ـــ دهليءَ جا مغل شهنشاهه سنڌ جا خيرخواهه آهن، تون ڪنهن غلطفهميءَ جو شڪار آهين. پٽ ڌڻيءَ جو آواز آيو:

"سنها پاڻ ۾ سپ، سڪا جنين پيٽ،
تنين جيءَ ڇپيٽ، جنگن کي جوکو ٿئي."

۽ وري چيائين:

**”اڇو پاڻي لڙ ٿيو ڪارو ڪيو ڪنگن،**
**ايندي لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.“**

دهليءَ جي مضبوط مرڪز جا آقا، ان داتا باهه ٿي ويا. ڪند ڪتار، چار چڱير ڪجي ويا. دهليءَ جي آقائن چيو ”هيءُ باغي ڪير! اسان سنڌين کي اڻ آرين مان آريو بڻايو. کين ڪپڙا پائڻ ۽ پڪن گهرن ۾ رهڻ سيکاريو. سنڌين کي فارسي غزل سان اسان روشناس ڪرايو. کين شامي ڪباب ۽ حليم بارهه مصالح پچائڻ سيکاريو. اڳ سنڌ ريگستان هئي، اسان سنڌ کي آباد ڪيو. اسين دهلي جي سڌريل تهذيبن جا علمبردار آهيون. هيءُ باغي شاهه لطيف ڪير، جنهن مضبوط مرڪز جي مخالفت ڪئي آهي! بس سائين، پوءِ ته دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جي سي آءِ ڊي ۽ انٽيليجنس شاهه لطيف جي ڪڍ لڳي ويئي. سندس ناڪه بندي ڪئي ويئي. شاهه لطيف، جنهن جو عظيم ڪلام زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي، ۽ هر دور لاءِ بڙڇي آهي، تنهن چيو:

**”ڪپر ڳاروڙين سين، وڏو وڏوءِ وير،**
**نانگا نه ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پير،**
**هيءُ تنين جو ڍير، جن جهونا ڳڙهه جلائيو.“**

ماڻهن لطيف سائين کي سمجهايو ته سائين دهلي جي محڪومي بري شيءِ ناهي. دهلي وارن جو Superior Culture آهي. اوهان اجايو فڪرمند ٿيا آهيو.

پٽ ڌڻيءَ اهڙن ماڻهن کي چيو:

**”جي فارسي سکيو گولو توءِ غلام،**
**جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪيئن چائي ڄام؟**
**اڇو تان آب گهري، ٻکيو تان طعام،**
**اي عامن سندو عام، خاصن منجهه نه ٿئي“**

هاڻي اوهين امين ٿيو. ٻڌايو ته اهڙيون ڳالهيون ۽ اهڙا بيت، جيڪي اجا تائين سينسر نه ٿيا آهن، سي مقالي ۾ آڻي عوام آڏو پڙهي سگهجن ٿا! پر نوجوانن کي ڪير سمجهائي. اسين هيٺا. هو شهزور.

سندن ضد قائم رهيو تہ ڪجهہ بہ تي پوءِ مقالو ضرور تيار ڪريو.

مون کين جواب ڏنو تہ شاهہ جي مقالي لاءِ شاهہ واري زماني جي تاريخي پس منظر کي سامهون آڻڻو پوندو جنهن ۾ سنڌ جا حڪمران هيڻا، ڪمزور ۽ ڏڄڻا هئا، ۽ عوام بي انتها بهادر، رُڪ وهندي راند ۾ راضي، ۽ مرڻ ــ مارڻ لاءِ تيار هوندو هو. مان سمجهان ٿو عام ماڻهن جي پلي لاءِ ان قسم جو ذڪر مقالن ۾ ڪرڻ مناسب ناهي. ان قسم جي ذڪر ڪرڻ سان ۽ ٻڌڻ سان ننڍ ڦٽي ويندي آهي. پر، نوجوان دوستن جي ضد تي مون کين فقط ايترو ٻڌايو تہ پائرو مان جڏهن تاريخ ۾ اهو پڙهندو آهيان، تہ شاهہ لطيف واري دور جا حاڪم عوام کان بيخبر، عياش ۽ گيدي هئا، تڏهن مون کي شاهہ جي هڪ بيت جو مفهوم سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي ــ اُهو بيت آهي:

"سرهو سُر وڃائيو ڪوڙن ڪانيرن،
رُنا روهہ وڃن، ڪنهن هيڻائيءَ کان هنجڙا."

اُن دور ۾ سنڌ جا هيڻا حاڪم، دهليءَ جي زوال پذير حاڪمن کان، ايران واري نادر شاهہ ۽ افغانستان واري احمد شاهہ ابداليءَ کان لاڳيتون شڪستون کائيندا رهيا. شڪستون کائڻ کان پوءِ، نڪ پڪو ڪري جيئندا رهيا، ۽ پنهنجي عوام سان غداري ڪري ڏن ڀريندا رهيا. ان سموري ذلت جي عيوض نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ ابداليءَ وٽان کين "شاهہ قلي"، "شاهنواز خان" ۽ سر بلند خان، جا لقب مليا، جيڪي هنن نہ فقط قبول ڪيا، پر تاريخ ۾ فخر سان پنهنجن نالن سان شامل ڪرايا. سنڌ جي تاريخ پڙهندي مون محسوس ڪيو آهي، تہ سنڌ جا حاڪم لقبن جي لالچ ۾ وطن ۽ شجاعت تان بہ هٿ کڻي ڇڏيندا آهن.

مغلن، نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ ابداليءَ جون خونخوار ۽ وحشي فوجون ٻُکايل بگهڙن وانگر سنڌ تي ڪاهي آيون. حاڪمن تيز رفتار گهوڙن ۽ اُٺن تي ڀاڄ کائي، جان بچائي ورتي، پر سنڌ جو عوام وڙهيو ــ انگ اگهاڙو پيٽ بکيو ۽ ڏتڙيل عـــــوام سر سان ڪفن ٻڌي وڙهيو ۽ شاهہ لطيف چيو:

"هڻڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مرڪ،
وڃهن تان نہ فرق، رُڪ وهندي رانـــد ۾."

ٻئي هنڌ ڀٽ ڌڻيءَ چيو:

"بهادر ڳڏيا بهادرين، ڪَڙڳ ڪِلولِ ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هڻن،
ڪِرن، ڪنڌ نچن، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو."

اڄ تائين بزرگن اسان کي اهو ئي ٻڌايو آهي، تہ شاهہ صاحب پير فقير هو ڪاني ڪرامتن جو صاحب هو. يعني تہ شاهہ صاحب عظيم ترين شاعر نہ هو انتهائي مڪمل فنڪار نہ هو. شاهہ لطيف سنڌي زبان، سنڌي ادب، ۽ خاص طرح سنڌي شاعريءَ جو هر دور لاءِ شهنشاهہ آهي. ڀٽ شاهہ تي، ڀٽ ڌڻيءَ جي مقبري آڏو مان جڏهن سوالين کي پُٽن، نوڪرين، وچڙيل ونين ۽ وڃايل ڀنين لاءِ ٻاڏائيندي ڏسندو آهيان، تڏهن محسوس ڪندو آهيان، تہ لطيف سائين جي باري ۾ بزرگن جي پروپئگنڊا بيحد ڪامياب ۽ اثرائتي آهي. اسان لطيف سائين کي پير ڪري پوڄيو آهي، ۽ سندس ڪلام، ۽ ڪلام جي فلسفي کان منهن موڙيو آهي. ورنہ ڪو سبب ڪونهي، جو جتي، ۽ جنهن ڌرتيءَ تي شاهہ صاحب جهڙو عظيم ترين شاعر جنم وٺي، سا ڌرتي انقلاب کان وانجهيل هجي، ۽ اتان جا ماڻهو ڀين جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو مستقل شڪار رهندا اچن!

ان سلسلي ۾، مون کي ننڍپڻ جو هڪ واقعو ياد ٿو اچي. هڪ استاد سڳوري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ڪو ساز ڏيکاريندي چيو هو هيءُ ساز شاهہ لطيف جو ساز آهي. هن ساز جو نالو يڪتارو آهي. هيءُ ساز امن جو ساز آهي، پوءِ هن شاهہ صاحب جو هڪ بيت پڙهيو هو: تہ

"هو چوندي تون مَ چئہ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيئي وارو ڪين ڪي."

ان وقت دل چاهيو هو تہ ساز تان ڪپڙو لاهي، يڪتارو ڏسان. پر اِها تمنا پوري نہ ٿي. اها تمنا شعور مان نڪري، منهنجي لاشعور ۾ جذب ٿي ويئي. ان واقعي کان گهڻو پوءِ، مون ڀٽ ڌڻيءَ جو هڪ بيت پڙهيو:

"سورهيہ مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار
هڻ پالا، وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال م ڍار
مٿان تيغ تراں مار تہ مٿارو ٿئين."

اِهو بيت پڙهڻ کان پوءِ، مون محسوس ڪيو هو تہ جڻ ساز تان ڪپڙو لهي ويو ۽ منجهانئس يڪتاري بدران رُڪ جي بڙڇي نڪري آئي ـ اُها بڙڇي، هر دور جي تقاضائن موجب ڪڏهن بندوق آهي، ۽ ڪڏهن اسٽين گن، ۽ ڪڏهن مشين گن آهي.

"هوڏانهن هن هاڪاريو هيڏانهن هي هڻن،
سرنايون ۽ سنڌڙا، پنهي پار پرن،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لائون لڌيون."

مون شاهہ صاحب ۽ سندس ڪلام تي مقالو پڙهڻ کان انڪري بہ ڪبايو پئي، جو شاهہ لطيف جو ذڪر اچڻ شرط شاهہ عنايت شهيد جو ذڪر پڻ ضروري ٿي پوندو آهي. ۽ جڏهن سنڌ ۾ عوامي جاڳرتا جي علمبردار شاهہ عنايت شهيد جو ذڪر ڪجي ٿو تڏهن سنڌ جي ازلي غدارن ۽ ٻاهرين طاقتن جي ايجنٽن ـــ وڏيرن ۽ زميندارن جو حوالو لازمي ٿي پوي ٿو. تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ وڏيرو ايتريقدر ننگو ۽ بي لڄيو نہ ٿيو آهي، جيترو شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف جي دور ۾ ٿيو هو. شاهہ عنايت سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون نالو آهي، جنهن ڏنڙيل سانگين ۽ جهانگين، هارين ۽ نارين کي انقلاب جي محور تي ڪٺو ڪيو ۽ سنڌ ۾ عوامي سجاڳي ۽ جاڳرتا جو پهريون علمبردار ٿيو. عوام جي اسرندڙ ۽ وڌندڙ طاقت جهوڪ جي پسگردائيءَ وارن زميندارن ۽ وڏيرن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. ڪين مسڪينن جي سرنائين ۽ سنڌڙن جو گوڙ ۽ شور عياشيءَ ۾ رخنو محسوس ٿيو. ۽ پوءِ نٿي جي نواب اعظم خان عوامي طاقت کي چچرڻ لاءِ جڏهن سنڌ جي زميندارن کي حڪم ڪيو، تڏهن شاهہ عنايت ۽ سندس تحريڪ خلاف زميندارن، پيرن ۽ بلڙيءَ جي سيدن وڏو ڪٽڪ هٿيارن پنهوارن سان تيار ڪري موڪليو. مان حيران ٿيندو آهيان، تہ جڏهن نادر شاهہ احمد ابدالي ۽ زوال پذير مغل سلطنت جا گراٺ جيترا حاڪم سنڌ تي ڪاهي ايندا هئا، ۽ ڦر لٽ

ڪندا هئا، تڏهن زميندارن جي گڏيل طاقت ڪهڙي اوڙاهه ۾ گم ٿي وينديءَ هئي! تاريخ شاهد آهي، ته سنڌ جي زميندارن هر دور ۾ ٻاهرين طاقتن سان ناهه ڪيو آهي، ۽ پنهنجي وطن جي عوامي قوتن خلاف سٽل ستيو آهي، ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان غداري ڪئي آهي.

نواب اعظم خان جي ڇُرچ تي سنڌ جي زميندارن شاهه عنايت خلاف باقاعدي جنگ ڪئي، ۽ عوامي جاڳرتا جي پهرين علمبردار شاهه عنايت کي شهيد ڪيو. ايفرو ايشيائي ملڪن ۾ تاريخ حڪمرانن جي محتاج رهي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ شاهه عنايت جي شهادت جو تمام مختصر بيان آهي. پر جتي، ۽ جنهن ملڪ ۾ شاهه لطيف جهڙا عظيم شاعر پيدا ٿيندا آهن، اُتي، ان ملڪ جي گونگي تاريخ کي ڳالهائڻ لاءِ زبان ملي ويندي آهي :

"اڄ نه اوطاقن ۾ جاڳرجوڳيڙن جي،
ساري سنياسن کي، روئنديون تان رو،
پس! پارئاتو لاهوتي لڏي ويا."

---

"اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنواريــن،
آديسي اٿي ويا. مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءَ جياريـن، سي لاهوتي لڏي ويا."

سر ڪيڏاري ۾ قصو ڪربلا جو آهي. پر، اشارو ۽ علامت پهرين عوامي جنگ ۽ شاهه عنايت جي شهادت ڏانهن آهي :

"گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا."

---

"پڳو آءُ نه ڇوان، ماريو ته وسهان،
ڪاند منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سُنهان،
تـه پڻ لڄ مران، هونس پٺ ۾."

مون نوجوان کي چيو ته. "بابا مون کان مقالو نه لکايو. مان شاهه تي مقالو لکندس، ته شاهه عنايت شهيد جو ذڪر ضرور ڪندس. جڏهن

شاهہ عنايت شهيد جو ذڪر ڪندس، تڏهن سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن جي ضمير فروشيءَ جو حوالو لازمي طور ڏيندس.“ مون کين سمجهائيندي چيو تہ، ”هميشہ وانگر اڄ پڻ زميندار ڏاڍا مڙس آهن. سنڌن ياري يا تہ ڏاڙيلن، خونين ۽ چورن سان هوندي آهي، يا پوليس وارن سان. منهنجو مقالو کين پسند نہ ايندو. مون کي اڄايو قلم 110 ۾ پڌرائيندا، يا پنهنجي لوڌ جي ٻڇ ڪندا. مان مسڪين ماڻهو آهيان. ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکي گذر بسر ڪندو آهيان. مون کان شاهہ تي مقالو لکائي مون کي مصيبت ۾ نہ وجهو.“

منهنجي پوئين ڳالهہ نوجوانن جي سمجهہ ۾ آئي. چيائون، ”چئو سچ پيا. توهان کان مقالو لکائڻ جو ارادو اسين بدلايون ٿا.“

چيو مان، ”اُهو توهان جو مون تي ۽ منهنجي ڪٽنب تي وڏو احسان آهي. مون اڄ ڪلهہ لکڻ کان توبهہ ڪري، لجپت روڊ تي پڪوڙا وڪڻڻ جو ارادو ڪيو آهي. لکڻ جوکم جو ڪم آهي. ادب جا عالم، اڪابر ۽ پارکو اُتر پار کان وٺي نڪتا آهن. اڄ ڪلهہ ادب جا وڏا نقاد، وڏا ڄاڻو ۽ ادب جا وڏا ماهر سي آءِ ڊي ۽ انٽيليجنس وارا ٿي پيا آهن. شاهہ جو رسالو انٽيليجنس بيورو ۾ سينسر ٿي رهيو آهي. پاڪستان رائيٽرس جي ججن ۾ پڻ سي آءِ ڊي جا ماڻهو ڪنيا ويا آهن، جيڪي تحريرن کي پرکيندا، ۽ اديبن کي ادبي انعام ڏياريندا. انهن حالتن ۾ مون کان مقالو لکائي، مون کي مارايو نہ. مون کي ڏٺو نہ ڪريو. مون کي ڇڏي ڏيو تہ مان پڪوڙا وڪڻان ۽ عزت جي زندگي گذاريان.“

نوجوان پنهنجي ضد تان لٿا. مڙي ويا. ۽ مون کان شاهہ تي مقالو لکائڻ بنا هليا ويا. جڏهن هو هليا ويا، تڏهن منهنجيءَ دل تي شاهہ سائين جو هيءُ بيت تري آيو:

”جوڳي تنهنجي جوڳ ۾، ڳال گھرجي ڳجُ،
وڃيو چيريو چڇريو ٻرَ ۾ اُپيو پڄُ،
سوئي ٻارج مڄُ، جو آتشا آب ٿئي.“

1973

# سڪڻ ۽ سوري

هڪ دفعي، سر يمن ڪلياڻ ۾ ڀِٽ ڌڻيءَ جي هڪ بيت جي سٽ پڙهي مان سراپجي ويو هوس. اها هئي ـــ "سڪڻ ۽ سوري، ٻئي اڪر هيڪڙي"

هڪ فنڪار لاءِ موت فقط زندگيءَ جي خاتمي جي علامت نـه آهي. فنڪار موت کي پنهنجي پروڙسان پرکيندو آهي. هو موت کي معنيٰ ڏيندو آهي. عظيم فنڪار موت جي مفهوم کي عام رواجي سطح کان مٿيرو ڪڍي ويندو آهي، جتي موت ڪنهن مقصد لاءِ شرط جي صورت اختيار ڪري ويندو آهي. تڏهن، ڀِٽ ڌڻيءَ جهڙو عظيم، لاثاني ۽ لافاني فنڪار چئي ڇڏيندو آهي "سورهيہ مرين سوبِ کي، دل جا وهم وسار".

اهو ڀِٽائي گهوٽ جو حڪم آهي، اهو سندس نياپو آهي. اهو سندس پيغام آهي. ان پيغام کي لاکيٽي لال جدا جدا هنڌن تي، جدا جدا نموني آندو آهي. لفظ ڦري وڃن ٿا، پر معنيٰ نـه ٿي ڦري، سٽن جي جوڙجڪ بدلجي ٿي، پر ڪلام جي معنيٰ نـہ ٿي بدلجي. هڪ هنڌ اچي ٿو. "سسي نيزي پاند اچل تہ اڏ ٿئي".

ساڳي معنيٰ، ساڳيو مفهوم، ٻئي هنڌ اچي ٿو. "هڻ ٻيالا، وڙهہ ٻاڪرين، آڏي ڏِل م ڏارا!"

موت جي ڀِٽائي گهوٽ معنيٰ ڏني آهي. ڀِٽائي گهوٽ کان اڳ سنڌي ادب ۾ موت بي معنيٰ ۽ بي مقصد تصور ڪيو ويندو هو. ڀِٽائي گهوٽ موت کي شرط جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو.

"گهـڙيا سـي چـڙهـيـا، ائـيـن اٿـيـئـي،
مـئـي مـٿـي مـهـراڻ ۾ پـئـو ٽـپـو ڏيـئـي،
تــہ ميهار مـلـيـئـي، سنيورو سيڻاهہ سين."

پنهنجي مقصد لاءِ، سچائيءَ جي ساک لاءِ، حقن جي حفاظت لاءِ

پٽائي گهوٽ شرط هٽي ڇڏيو آهي. "مئي متي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏيئي!" موت کان نہ ڊڄو. ڪنن ۾ ڪاهي پئو. مقصد پاڻ پنڌ ڪري نہ ايندو آهي. مقصد لاءِ سر سهائڻو پوندو آهي. سر سان ڪفن ٻڌڻو پوندو آهي. جيئن:

"سڪ نہ آهي سٿري، ڪڻ ٻروري ٻير،
ڪسڻ - ڏاران ڪير، ڪري سڌ سڪڻ جي."

پٽائي گهوٽ جو حڪم هر دور جي حاڪمن روحاني رازن ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو. ڪين پٽائيءَ جي ڪلام مان پنهنجي تباهي ۽ خاتمي جو خوف رهندو هو. ڪين خبر هئي، تہ شاهہ جي جيڪڏهن هڪ سٽ بہ ماڻهن جي سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ پوءِ ٿهر جا ڪوٽ ڪري پوندا — آسمان مان آواز ايندا. "سر تہ آهي سٽ ۾، پر پيو ڪي مڳج مڱڻا."

پر، ڪي رند هئا، جن راز پروڙيو. هنن "سختي شهادت جي نسورو ئي ناز". جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي ورتو. هو هوشو هئا، هو هيمو هئا، جن اهو راز پروڙيو هو. هو جوڌا جنگ جوان هئا، جن پنهنجي لاءِ شاهہ جو پيغام جهٽي ورتو — "سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا." هو ڦوهہ جواني ۾ ڌرتيءَ کي رت جو دان ڏيئي هليا ويا.

"گهوٽن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا."

هو ٿورو عرصو جيئرا رهيا، پر عزت ۽ آبرو سان رهيا. هنن موت قبوليو پر غلاميءَ جو طوق نہ قبوليو. هنن پٽ ڌڻيءَ جو پيغام پروڙي ورتو هو، تہ "سورهيہ سو چوائي، جو رڳو ئي رڻ گهري."

پٽائي گهوٽ جي اِها عظمت آهي، جو سندس پيغام، حڪم وانگر اٽل آهي. سندس پيغام تاريخ جي هر دور، ۽ هر نسل لاءِ آهي. اِها ئي ڳالهہ آهي، جو اسين ٻوڙا، گونگا، ۽ ڪند فهم آهيون — اڄ بہ وايو منڊل مان پٽ ڌڻيءَ جي صدا جو پڙلاءُ اچي ٿو.

"مون کي جيئاريو پرينءَ جي ڳالهہ ڪري،
ڊنو اڄ اڏيو هينڙو ڪوٽ برج جنءَ."

1973

# جڏهن سڄڻ ياد پياسِ

هڪ مهربان دوست مون تي الزام هڻندي چيو "تو شاهه لطيف کي خوامخواه Militant شاعر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاهه جنگ جو نه، پر امن جو شاعر آهي."

ڪيس جواب ڏنو هوم، "شاهه لطيف جي شاعري زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد آهي. شاهه عظيم فنڪار آهي. ڪيس امن ۽ جنگ جي حد بندين ۾ رَکي نه ٿو سگهجي. شاهه سونهن ۽ عشق جو شاعر آهي، ته جنگ ۽ بغاوت جو به شاعر آهي. شاهه امن جو شاعر آهي، ته انقلاب جو به شاعر آهي. شاهه جي سڀ کان وڏي عظمت اها آهي، ته شاهه تاريخ جي هر دور جو شاعر آهي ـ شاهه انسان ذات جي سمورن قومن جو شاعر آهي."

شاهه ايڏو وڏو شاعر ۽ فنڪار آهي، جو مختلف ذهني لاڙن ۽ نظرين وارا پڙهندڙ شاهه جي ڪلام ۾ غرق ٿي ويندا آهن. مون ملحدن ۽ ڪٽر هندن ۽ مسلمانن کي شاهه جي شاعري جو شيدائي ڏٺو آهي. تنهنڪري، اهو الزام، ته مون شاهه کي فقط جنگجو شاعر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، بلڪل بي معنيٰ الزام آهي.

لطيف سائينءَ جي سر ڪنيات ۾ هڪ بيت آهي:

**"جي تو سڪڻ سکيو ته ڪاتي پئي م ڪنجهه،**
**سپيريان جي سور جو ماڙهن ڏجي نه منجهه،**
**اندر ايءَ اهنج، سانديج سڪائون ڪري."**

سر ڪنياتِ جو مٿيون بيت ايترو ته واضح ۽ وسيع آهي، جو عشق کان عزم تائين ڪو به فلسفو ان بيت جي دائري کان ٻاهر نه آهي. عشق ۽ عزم جو اتاهون مرتبو شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو روح آهي. اهو mood شاهه سائين جي سموري ڪلام ۾ موجود آهي.

ساڳي سر ۾ عشق ۽ نياڻ واري ڪيفيت کي انتها درجي جي فنڪاريءَ سان بيان ڪندي، هڪ بيت ۾ شاهه سائينءَ چيو آهي:

**"نو نير، ڏهہ ڏاوٽيون، پنڌرهن پئنڊي پياس،**
**جڏهن سڄڻ ياد پياس، چرڪ چناپئين هيڪڙي"**

قيد ۾ ڪوٺ، نوڙ ۾ زنجير انسان کي فقط ظاهري طرح پرينءَ کان پري ڪري سگهن ٿا. پر، سنڌس ذهن کي سڄڻ جي ياد کان محروم ڪري نٿا سگهن. هن بيت ۾ لفظ "سڄڻ" هزارين معنائن جو پنڌار آهي.

مان جڏهن بہ سمنڊ ڏسندو آهيان، تڏهن شاهہ سائينءَ جي سر سامونڊيءَ جو هيءُ بيت دل تي تري ايندو اٿم:

**"اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،**
**انئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو."**

هن بيت ۾ بہ لفظ اهم آهن: هڪڙو "وڻجارا" ۽ ٻيو "سفر" منهن جي دوست. جنهن مون تي الزام مڙهيو آهي تہ مون شاهہ سائين کي Militant شاعر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تنهن دوست لاءِ وڻجارا معنيٰ واپاري، ۽ سفر معنيٰ ريل جو سفر، يا آگبوٽ جو سفر! جيڪڏهن ائين نہ هجي ها، تہ هو شاهہ سائينءَ کي محدود معنائن جي قيد ۾ قابو ٿيل محسوس نہ ڪري ها.

مون، هڪڙي دفعي، ڪارو پاڻي ٻڪ ۾ جهلي، سمنڊ کي شاهہ سائينءَ جو هڪ بيت ٻڌايو هو:

**"سامونڊي ساري، مٿي تڙ گذاريان،**
**مون کي ٿي ماري، اُنهي سنڌي ڳالهڙي"**

ازل کان لڇندڙ ۽ ٿڪندڙ سمنڊ خاموش رهيو مون کي جواب ڏيئي نہ سگهيو. جواب مون کي پنهنجي وجود مان مليو :

**"جياسون جوڙ تي، جوڳي ڏنوسون جان،**
**مون سڳ جهين سان، سو سامي ساڻيي ٿئو."**

مٿيون بيت شاهہ سائينءَ جي سر رامڪليءَ مان آهي. سر رامڪلي، ۽ سر ڪنيات جي وچ ۾ ويهہ سر آهن. ويهن ئي سرن ۾ اظهار جو طريقو انوکو آهي، پر Mood ساڳيو آهي. ■

1974

# بندر بازاريون

لطيف سائينءَ سر ساموندڊيءَ ۾ ڪيترن بيتن ۾ لفظ بندر ۽ بازاريون استعمال ڪيا آهن. محققن انهن ٻن لفظن جي معنيٰ، مفهوم ۽ اشارن کي سمجهڻ لاءِ گذريل اڍائي سئو سالن کان مٿا مونن ۾ پيئي هنيا آهن. اڄ تائين ڪين ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو آهي. محقق ٿيندا آهن عالم! عالم اڪثر منجهي پوندا آهن. ڪي ڪي عالم اهڙو اچي منجهندا آهن، جو پوئينءَ پڇاڙيءَ جيلن جو منهن ڏسندا آهن، يا گهاٽن ۾ پيڙجي، يا ڦاهيءَ جي تختن تي چڙهي ويندا آهن. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي، ته عالمن کي ٻين عالمن، دانشورن، شاعرن ۽ اديبن جي لکيل هڪ هڪ لفظ ۾ معنائن جا ڀنڊار نظر ايندا آهن ـ ڪين هڪ هڪ لفظ ۾ هزارين اشارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ـ ۽ هزارين مفهوم معلوم ٿيندا آهن. جڏهن ايتريون ڳالهيون هڪ هنڌ اچي گڏ ٿينديون آهن، تڏهن عالمن لاءِ مونجهارن جو ماڳ پيدا ٿي پوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو لطيف سائينءَ جي سر ساموندڊيءَ ۾ ڪتب آندل لفظن "بندر" ۽ "بازارين" جي معنيٰ ۽ صحيح تشريح اڃا تائين ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آئي آهي، ۽ عالم انهن لفظن جي پاتار تائين پهچڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

پر، اسان جي ميونسپالٽين، تائون ڪاميٽين، ۽ ٽرانسپورٽ ڪمپنين جي مالڪن کي شاهه لطيف جي ڪلام جو هڪ هڪ لفظ ۽ هڪ هڪ لفظ جي معنيٰ، ۽ مفهوم سمجهه ۾ اچي ويندو آهي. ڪجهه عرصو اڳ انجنيئرن، ۽ ميونسپالٽيءَ وارن ماهرن ڏري گهٽ پڪو فيصلو ڪيو هو ته ڪراچيءَ جي پرسان تعمير ٿيندڙ بندر جو نالو "پٽائي بندر" رکيو ويندو. ڇو جو سر ساموندڊيءَ ۾ لطيف سائينءَ ڪيترن هنڌن تي بندرن جو ذڪر ڪيو آهي! انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ ڪجهه ميمبر دور انديش هئا. هنن جي سنڌي ٻوليءَ سان واقفيت اهڙي هئي، جهڙي ته

ـ پتائيءَ جي سچ سان هوندي آهي! چيائون تہ، پاٿرو اڙدوءَ ۾ بندر معنيٰ پولڙو. تنهن ڪري، ڪراچيءَ جي پرسان ٺهندڙ بندرگاهہ جو نالو ”پتائي بندر“ نہ رکيو ويجي.

ڪراچيءَ جي پرسان ٺهندڙ بندر تي ”پتائي بندر“ جو نالو تہ پئجي نہ سگهيو پر جيڪب آباد وارن پنهنجيءَ هڪ بازار جو نالو ”پتائي بازار“ رکي ڇڏيو آهي. ان بازار ۾ شاهہ جي رسالي کانسواءِ سڀ ڪجهہ ملندو آهي. ان بازار ۾ خاص ڪري بوٽ ڏاڍا عمدا، سهڻا، ۽ پائيدار، يعني جٽاءُ دار ملندا آهن! جيڪب آباد جي ميونسپالٽيءَ وارن وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي. هنن سر سامونديءَ ۾ ٻن لفظن ”بندر ۽ بازاريون“ جو مفهوم سمجهي ورتو آهي، ۽ ان تي ترت عمل ڪيو آهي، پتائي بازار ۾ ڪپڙو بہ ملندو آهي. اهو ڪپڙو جوڙن ۽ وڳن لاءِ گهٽ، ۽ ڪفن لاءِ وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي (ڇو جو گراهڪ ڪپڙي جي قيمت چڪائڻ ۽ ڏيڻ کان پوءِ جلد مري ويندا آهن). پتائي بازار ۾ ماڻهن جا کيسا بہ نهايت احترام سان ڪتريا ويندا آهن. اوهان جي ٻٽونءَ ۾ جيڪڏهن ناٽي سان گڏ ڪنهن راڻي، يعني محبوب جي تصوير بہ رهندي آهي، تہ پوءِ پتائي بازار ۾ کيسو ڪتريندڙ بشني وڏي اتڪل سان اها تصوير توهان جي کيسي ۾ ئي ڇڏي ويندو. فقط ناڻو ڦٻائيندو! يعني، اهو بشني اوهان جي دل تي ڏاڙو نہ هڻندو ـ هو اوهان کي فقط ڏوڪڙن جي جهنجهٽ کان آجو ڪندو.

پتائي بازار ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا اهڙي مورت بہ نظر ايندي آهي، جنهن جي صورت مرڻ گهڙيءَ تائين، اکين آڏو رهندي آهي. اڄ، جڏهن هيءَ ڪالم لکي رهيو آهيان، تڏهن، ان مورت جي صورت منهنجن اکين آڏو ڦري رهي آهي. ▪

1974

# لامڪان

سر رامڪليءَ ۾ پٽ ڌڻيءَ جو هڪ بيت هن ريت آهي:

جتي عرش نہ اُپ ڪو زمين ناهہ ذرو
نڪو چاڙهو چنڊ جو، نڪو سج سرو
اُتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پين پرو، ناٿ ڏٺائون ناهہ ۾.

مٿيون بيت انڪار ۾ اقرار جي وجود جو فلسفو آهي. فلسفو ساڳيو آهي، جيڪو ”لا“ ۽ ”لا الله“ جو فلسفو آهي. اول انڪار: پرپور، مڪمل ۽ پختو انڪار ـ ڪجهہ بہ ڪونهي! اهڙو انڪار، عدم موجودگيءَ تي مڪمل ايمان جو اظهار آهي سمجهاڻي سولي، بلڪل سادي آهي ـ جيستائين انڪار ۾ ايمان ڪونهي، تيستائين اقرار تائين رسائي ناممڪن آهي. اول ”نہ“ سان نينهن لڳايو ۽ پوءِ ”ها“ سان هينئون هنڊايو.

مٿئين بيت جي پوئين سٽ جو پويون حصو، انڪار ۾ اقرار جي وجود جو اظهار آهي. ناٿ ڏٺائون ناهہ ۾! معنيٰ، تہ آديسين پنهنجو محبوب، پنهنجو مالڪ، پنهنجو دلبر انڪار ۾ ڏٺو، نفي ۾ ڏٺو. آديسين ڪي جيستائين انڪار جي پروڙ نہ پيئي هئي، تيستائين ڪين ناٿ نظر نہ آيو هو. پر، انڪار ۾ اقرار جي وجود جي پروڙ کان اڳ شاهہ صاحب پنهنجي بيت ۾ هڪ اهڙي مقام جو ذڪر ڪيو آهي جتي نہ عرش آهي، ۽ نہ فرش آهي، ۽ جتي نہ چنڊ چڙهي، ۽ نہ سج لهي، جتي نہ ڏينهن ٿئي، ۽ نہ جتي رات ٿئي. اهو مقام، اهو هنڌ، زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي. اهڙي اسراري مقام جي موجودگيءَ جو ذڪر تصور جي بي پناهہ پهچ کان سواءِ ناممڪن آهي.

تصور جي پرواز ۾ پٽ ڌڻي جو ڪوبہ ثاني ڪونهي. پرينءَ کي پسڻ لاءِ ڪڏهن تہ اندر کي آئيني ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري، تہ

ڪڏهن وري پنهنجي وجود کي محبوب جي مشاهدي لاءِ فنا ڪرڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري ـ

مئي متي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي سنيوڙو سيٽاهہ سين.

هڪ هنڌ اناالحق واري مفهوم ۾ پاڻ پنهو آهيان. وارو اظهار ڪيو اٿائين، پر پوءِ، جڏهن پنهوءَ کي سجڻ جي صورت ۾ ياد ڪيو اٿائين، تڏهن ڪيس سوجهرو سڏيو اٿائين ـ

**چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان تان نہ پرين سين،**
**تون اچو ۾ رات، سجڻ نت سوجهرو!**

سوجهري کي پٽ ڏٽيءَ، نور، حق ۽ سچائيءَ جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي. نور کي فنا ڪونهي. نور ازل کان آهي، ابد تائين رهندو. ۽ پوءِ جڏهن شاهہ صاحب ان مقام جو ذڪر ڪري ٿو جتي نہ عرش آهي، ۽ نہ فرش، جتي نہ چنڊ چڙهي، ۽ نہ سج اُڀري، تڏهن هو ازل ۽ ابد جي اسراري مقام جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي، جتي سوجهرو آهي، ۽ سوجهري کي فنا ڪونهي.

آديسين جو درو اتي آهي، جتي فنا جو وجود ڪونهي. فنا جو انت انڪار آهي ـ مڪمل، پرپور انڪار. ۽ اهڙي انڪار ۾ حقيقي اقرار آهي ـ ساڳيو اقرار، جنهن جو ذڪر پٽ ڏٽيءَ مٿيئن بيت جي پوئين سٽ جي پوئين حصي ۾ ڪيو آهي ـ ناٿ ڏٺائون ناهہ ۾. ■

1975

# شاھ ۽ ايچ. ٽي سورلي

انين مارچ 1975 تي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان حيدرآباد ۾ خاص ڪنووڪيشن جو انتظام ڪيو ويو ھو. ان ڪنووڪيشن ۾ ڊاڪٽر اينيميري شميل ۽ ايچ ـــ ٽي سورلي کي ڊاڪٽر آف لٽريچر جون اعزازي ڊگريون ڏنيون ويون. مرحوم سورلي جي اعزازي ڊگري مرحوم جي ڏيئءَ ونڻ آئي ھئي.

”سنڌ صدين کان“ سيمينار ۾ آيل سيني غير ملڪي ۽ ملڪي عالمن، اديبن ۽ مورخن، ۽ محققن ان خاص ڪنووڪيشن ۾ شرڪت ڪئي.

سورلي شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام، پيغام ۽ عظمت کي مغرب ۾ پکيڙي ڇڏيو. سندس ڪتاب ”شاھ عبداللطيف آف ڀٽ.“ فقط ان ڪري اھم نہ آھي، جو ان ۾ شاھ سائينءَ جي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڏنل آھي. سورلي ان ڪتاب ۾ شاھ لطيف جي دور جي تاريخي، تمدني، اقتصادي ۽ سياسي حالتن جو جائزو ورتو آھي. سورلي، ھڪ محقق جي حيثيت ۾ ثابت ڪيو آھي، تہ ڪوبہ فنڪار، اديب، شاعر ۽ آرٽسٽ پنھنجي ماحول کي نظر انداز ڪري نٿو سگھي. تخليقي عمل غير معمولي حالتن، ۽ آزمائش جي گھڙين ۾ اڀرندو اسرندو ۽ معمولي حالتن ۾ پيدا ٿيل تخليقن کان متاھون ٿي ويندو آھي. سڙھ جي سگھ جي خبر تڏھن پوندي آھي، جڏھن طوفان جي سٽ جھليندو آھي! شاھ لطيف جو دور سياسي وڳوڙ سماجي افراتفري ۽ ٻاھرين ڪاھن ۽ حملن جو دور ھو. انھن ابتر، ۽ بدتر حالتن سنڌ جي ھيٺن کي چيڀاڙي ۽ چيٿاڙي ڇڏيو ھو. اسين، شاھ جي ڪلام کي جيڪڏھن سندس دور جي سياسي ۽ سماجي پس منظر جي روشنيءَ ۾ پڙھنداسين، تہ عجيب معنيٰ ۽ مفھوم سان روشناس ٿينداسين. في الحال، سنڌ ۾ شاھ لطيف

ڪي فقط روحانيت جي مفهوم ۾ سمجهيو ويو آهي، ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

مون محسوس ڪيو آهي، تہ شاهہ لطيف کي عقيدتن جي قيدخانن ۾ بند ڪيو ويو آهي. شاهہ لطيف کي سچي، همٿئي، بهادر ۽ عظيم شاعر جي بدران پير ڪري پوڄيو ويو آهي. اسان جي اڀوجهہ عوام کي فقط هڪڙو وهم مٿي ۾ ويهاريو ويو آهي، تہ شاهہ لطيف من جون مرادون پوريون ڪندو آهي، پٽ ڏيندو آهي، ۽ جنن ڀوتن کان نجات ڏياريندو آهي.

شاهہ لطيف جو هڪ هڪ بيت، جيڪو هزارين سياسي ۽ سماجي جنن ڀوتن جو توڙ آهي، تنهن کي ڪنهن بہ سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.

شاهہ لطيف کي سمجهيو تہ سورلي سمجهيو! ڏاڙئين ۽ ٻاهرين سمجهيو! شاهہ جو ڪلام ميڙي سيڙي ڇپرايو! تہ ارنيسٽ ٽرمپ ڇپرايو! ٻاهرين ۽ ڏاڙئين ڇپرايو!

مون کي خبر ڪونهي، تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ارنيسٽ ٽرمپ کي بہ ڪڏهن ڊاڪٽر آف لٽريچر جي اعزازي ڊگري ڏني آهي، يا نہ! پر، اسان سيني کي خوشي ٿي آهي، ۽ اسان فخر پڻ محسوس ڪيو آهي، تہ سورلي کي، سندس وفات کان پوءِ ٿي سهي، ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري ڏني وئي آهي.

مان آخر ۾ ايترو ضرور عرض ڪندس، تہ سورلي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب تي ڪيل احسان ڪنهن بہ ڊگريءَ عيوض لاهي نہ ٿو سگهجي. اسان ان اعزازي ڊگريءَ معرفت سندس بيشمار احسانن جو اظهار ڪيو آهي. ■

1975

# عاشق زهر پياڪ

شاهہ سائينءَ جي هڪ بيت جي هڪ سٽ هن ريت آهي:

**"عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو."**

ان سٽ ۾ عشق جي تمام مٿاهين مرتبي جو ذڪر آهي ـ ان سٽ ۾ عشق جي آخري منزل جو پتو آهي. ان سٽ ۾ انهن عاشقن جو احوال آهي، جيڪي عشق ۾ مرڻ کي معراج پائيندا آهن. ان سٽ ۾ انهن عاشقن جو حوالو آهي، جيڪي محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگو نہ ڪندا آهن، ۽ راهہ وفا ۾ مرڻ کي مٺو نہ پائيندا آهن.

مٿئينءَ سٽ ۾ عشق جي واضح تشريح ڪيل آهي ــ اهڙو عشق جنهن ۾ مرڻ اٽل هجي ــ اهڙو عشق جنهن ۾ زندگي ثانوي حيثيت رکندي هجي، ۽ اوليت موت کي هجي! اهڙو عشق، جيڪو حياتيءَ جي سيج گلن سان نہ، پر ڪنڊن سان سينگاريندو هجي! اهڙي عشق جي منزل جا پانڌي زهر پياڪ ٿيندا آهن. جيڪو قدم اڳتي ڪندا آهن، سو قدم پٺتي نہ ورائيندا آهن. جيئن جيئن محبت جي راهن ۾ واسينگن جو واسو ڏسندا، تيئن تيئن عشق ۾ مري معراج ماڻڻ لاءِ بيڪل ٿيندا. موکيءَ جي مڌ جا پروڪا پياڪ عاشق زهر پياڪ هئا. وهہ ڏسي مدن مست ٿيندا هئا. موت سان بغلگير ٿيڻ لاءِ آتا هوندا هئا.

اهڙن عاشقن جو ذڪر شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا ڪيو آهي. اهڙن عاشقن کي، جيڪي عشق جي شروعاتي دور ۾ زندگي ۽ موت جي مابين ڪشمڪش ۾ ولوڙجي ويندا آهن ۽ عشق ۾ مرڻ کان ڪيٻائيندا آهن، تن کي شاهہ سائينءَ هڪ هنڌ چيو آهي:

**"سورهيہ مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،**
**هڻ پالا، وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال م ڍار،**
**مٿان تيغ تراں مار تہ متارو ٿئين."**

عشق ۾ ڏال جي وجود جو ڏال جي تصور جو ڪو مقام ڪونهي. بچاءَ لاءِ گيدي واجهائيندا آهن. عاشق زهر پياڪ، جيڪي عشق ۾ مرڻ کي معراج سمجهندا آهن. سي سوپ لاءِ، عشق جي آخري منزل لاءِ بنا هٻڪ جي، بي خوف ٿي وهمن سان وڙهي پوندا آهن. تڏهن ميهار جي محبت لاءِ، الفت لاءِ، چاهت لاءِ، مئي متي مهراڻ ۾ ٽپو ڏيڻو ئي پوندو آهي.

حق لاءِ، سچ لاءِ، روشنيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ سروبچ ۽ سوڍا عاشق زهر پياڪ جي تشريح کي معنيٰ ڏيئي ويندا آهن. اهڙا عاشق ڪڏهن سقراط سڏائي زهر جو پيالو پي، عشق ۾ مرڻ کي مفهوم ڏيندا آهن. اهڙا عاشق منصور، سرمد ۽ شبلي ٿي سنگسار ٿيندا آهن، مقتل جو سينگار ٿيندا آهن، ۽ گهاٽن ۾ پيڙجي ويندا آهن.

هڪ عاشق زهر پياڪ اهو به هو جنهن انگريز سامراج جي لالچن کي ٺڪرايو، ۽ آخر ۾ سامراجين جا عذاب سهندي سهندي جيل ۾ مري ويو. نوجوان هو. ڳڀرو هو. سچ جو شيدائي هو. حق تي قربان ٿي ويو. هو به عاشق زهر پياڪ هو جنهن ڏهي جي جنگ ۾ توب کي ڀاڪر ۾ ڀري سامراجي فوجن تي اچلايو هو ۽ سوين زخم سهي، ڌرتيءَ تي سيس نوايو هو.

۽ هو به عاشق زهر پياڪ آهي، جنهن جو گريبان چاڪ آهي ـــ جنهن جي پيرن ۾ زخم آهن ـ جنهن جو روح گهائل آهي، ۽ دل ديواني جي خواب وانگر ٽٽل آهي ـ هن حياتيءَ تي موت کي ترجيح ڏني آهي ـ هو عاشق زهر پياڪ آهي. ■

1976

# وحدت الوجود جو احساس

احساس جي سمجهاڻيءَ لاءِ نه حسابن ڪتابن جا اصول ۽ نه ئي سائنس جا مجيل مول متا ڪم ايندا آهن. احساس نفسياتي وصف نه آهي، تنهنڪري ڊاڪٽر ۽ نفسيات جا ماهر احساس جو چيڊ ڪري نه سگهندا آهن. احساس ڪنهن ڪيفيت جو نالو نه آهي. ڪيفيت عارضي هوندي آهي ۽ احساس کي دائمي بقا نصيب ٿيندي آهي. خوشبوءِ گهڙي کن جي مهمان هوندي آهي. ڪجهه دير ڪان پوءِ هوا جي هندولن ۾ هلي ويندي آهي. روشنيءَ جي غير موجودگيءَ جو بيو نالو اوندهه آهي. اوندهه جي اوڙاهه ۾ ڏيئي جي لاٽ پرهه ڦٽي تائين غنيمت هوندي آهي ۽ سچ جي موجودگيءَ ۾ بي معنيٰ وجود جو تصور ٿي پوندي آهي. تنهن ڪري احساس کي خوشبوءِ ۽ ڏيئي جي لاٽ سان تشبيهه ڏيئي نه سگهبي آهي.

احساس جي اپٽار لاءِ ادب ۽ موسيقيءَ کان سواءِ بي ڪا مناسب صنف نه آهي. احساس جي ترجماني اڄ تائين فقط ڪهاڻين، ناولن ۽ شاعريءَ ۾ ٿي آهي. اجان به جيڪڏهن دائري کي محدود ڪجي ته شاعريءَ جي الهامي ڪيفيت ۾ احساس جو اولڙو واضح نموني نظر ايندو.

وحدت، (Unity) احساس آهي. نثر ۾ وحدت جي سمجهاڻيءَ لاءِ انيڪ مثالن جا آڌاٽا اڏي سگهجن ٿا. ڪهاڻين جي تت ۾ وحدت لاءِ واضح اشارا ممڪن ٿي سگهن ٿا. پر، وحدت جيئن ته احساس آهي تنهن ڪري سندس اظهار جو امڪاني مڪان شاعري ۾ آهي، بلڪه، وضاحت لاءِ شاعريءَ سان گڏ لفظ الهامي استعمال ڪجي. هتي، الهاميءَ مان مراد آهي، اهڙي شاعري جنهن ۾ شعوري ڪوشش جو پورهيو شامل نه هجي، اهڙي شاعري جيڪا فاعلاتن جي محتاج نه هجي:

**اکين کي روئاري،**
**ياد کي سيني ۾ ساري،**

توکي پڪاري پڪاري ٿڪاسي،
مگر تون نہ آئين!
يا:
اڄ وقت جي هن وهڪري ۾
تون جدا ۽ مان جدا،
دل جدا جذبن کان آهي،
مرڪ چپڙن کان جدا.
يا:
آڪاش جي دامن تان اڄ،
چنڊ ۽ ستارا ويا هليا،
زندگيءَ جو ساز پيو خاموش آ،
راڳ ڪهڙو!
گيت گهتجي ويا هليا!

اهي ڪجهہ مثال شعوري شاعريءَ جا آهن، يا هڪ گهڙيءَ، هڪ لمحي، هڪ پل جي شاعريءَ جا مثال آهن. زندگيءَ جي لاهي چاڙهي ۾ هڪ الميي جي جاءِ جيڪڏهن بئي الميي ۽ هڪ حادثي جي جاءِ بئي حادثي والاري، تہ اظهار جي ڪيفيت بدليل نظر ايندي:

قدرت منهنجي آهي اها،
مشڪلن جي چار ۾ ڦاسي پوان،

---

ڪشمڪش جون ڪيتريون،
مجبوريون مون کي ڇڪن،
پرزا پرزا جسم منهنجو
ساهہ منهنجي کي ڇڪن.
يا:
هار منهنجي هردي ۾ ناهي،
مان جيت جو جيون ها،
مان ٿي آهيان جنهن جي آڏو
هار مڃي سنسار.

زندگي لاڳيتو ۽ مسلسل سفر آهي. ڏکن سُکن جا جهر جهنگ ۽ ڪارا سمنڊ جهاڳي انسان جڏهن موت جي منزل تي پهچندو آهي، تڏهن پاڻ سان لڙڪن ۽ مُرڪن سان ٽمٽار لمحن ۽ ساعتن جا انبار کڻي ايندو آهي. آخري منزل کان اڳتي، لامڪان ڏانهن روانو ٿيڻ کان اڳ هو ڪيفيتن جي ڪائنات پوئتي ڇڏي، پاڻ سان گڏ فطرت حيرت جو احساس کڻي ويندو آهي.

حيرت کان اڳتي وحدت جو مقام آهي. حياتيءَ ۾ حيرت جو مقام ڪن نصيب وارن کي ملندو آهي. عام انسان ڏکن ۽ سکن جي چار ۾ ڦاسي، ڦٿڪي ڦٿڪي پنهنجي انت کي پهچندو آهي. زندگيءَ جي سالن مهينن، هفتن، ڏينهن ۽ ساعتن کي جڏهن تجربن سان ونڊڻ ويهندو آهي، تڏهن مايوسيءَ کانسواءِ پاڇيءَ ۾ ڪيس ڪجهه پلئه نه پوندو آهي ۽ پوءِ افسوس، ڏک ۽ پڇتاءُ سندس پيڇو ڪندو آهي. پڇتاءُ جو احساس مستقل سزا وانگر ڪيس نه هن حياتيءَ ۾ ۽ نه ايندڙ حياتيءَ ۾ عذاب کان آجو ڪندو آهي. مها آتما گوتم ٻڌ وٽ ان عذاب، ان ڀوڳنا لاءِ هڪ لفظ آهي، جنهن لفظ کي عالمگير مڃتا ملي آهي ۽ اهو لفظ آهي دڪا، دڪ، ڏک! مها آتما گوتم ٻڌ جي بنيادي پنجن عقيدن مان (جن جي ڪري انسان جي مرڻ ۽ جيئڻ جو سلسلو مستقل عذاب وانگر هلندو رهي ٿو) هڪ عقيدو آهي ته: ”زندگي ڏک آهي.“ حسد، ريس، طمع، نفرت ۽ انتقام آهي پنج بنيادي عنصر آهن جيڪي مجموعي طرح ۽ انفرادي طرح انسان لاءِ ڏک جو سبب ٿي پوندا آهن ۽ ڪيس مرڻ ۽ جيئڻ جي جنڊ ۾ پيهندا رهندا آهن.

ڏک کان ڇوٽڪاري لاءِ مها آتما گوتم ٻڌ وٽ هڪ ٻيو لفظ آهي، جنهن لفظ کي دنيا جي نامورن ٻولين اصل صورت ۾ قبول ڪيو آهي ۽ فلسفي جي ڪنهن نقطي کي سمجهائڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي، سو لفظ آهي نرواڻ! اصل سان، حقيقت سان ۽ سچ سان هڪ ٿي، ايڪي ۾ اچي مستقل عذاب ۽ ڀوڳنا کان ڇوٽڪاري جو فلسفو يا اصول! نرواڻ، اصل ۾ احساس آهي.

بظاهر وحدت الوجود ۽ نرواڻ جو احساس جي ناطي، پاڻ ۾ سڌو سنئون تعلق محسوس ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين پڻ محسوس

ٿيندو آهي تہ وحدت الوجود ۾ نرواڻ هڪ ئي ڪيفيت جا ٻہ نالا آهن. پر، اصل ۾ ائين نہ آهي. نرواڻ، انسان لاءِ ڏکن ۾ تڪليفن کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪيل جدوجهد جو ثمر آهي، انعام آهي. انسان جيڪڏهن ريس، حسد، طمع، نفرت ۽ انتقام جي سفلي جذبن تي مڪمل فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي وجود مان انهن جذبن کي ڪوري ڪيڍي ڇڏي تہ ان جي نتيجي ۾ کيس نرواڻ حاصل ٿيندو اصل سان، ڪُل سان، بي انت سان کيس مستقل ايڪي جو ثمر حاصل ٿيندو! نرواڻ ۾ ڪُل، بي انت جي هئڻ جو احساس آهي. پر، بي انت سان ايڪو مشروط آهي. يعني، ريس، حسد، طمع، نفرت ۽ انتقام جهڙن گندن ۽ غليظ جذبن کان مڪمل ڇوٽڪاري کان پوءِ نرواڻ نصيب ٿيندو آهي.

وحدت الوجود ۾ بي انت سان ايڪي جو غير مشروط احساس آهي. اهو احساس پنهنجي مڪمل ۽ اصلي صورت ۾، لاشعوري طور تي جيستائين انسان جي باطن ۾ ظاهر تي طاري نہ ٿيندو تيستائين وحدت الوجود جو فلسفو سمجهہ ۾ نہ ايندو. اهو احساس تہ اسين پنهنجي ذات ۾ ڪجهہ نہ آهيون. مٽيءَ جي مُٺ ۾ روشنيءَ جو هڪ ٻٽڪندڙ ترورو آهيون. بلند ۽ برتر خالق جي تخليق آهيون. اهو احساس انسان کي وحدت الوجود جي آڏو آڻي بيهاريندو آهي.

تخليق جي حيثيت ۾ مان ڪير آهيان ۽ خالق سان منهنجو ڪهڙو تعلق آهي، يا تخليق ٿيڻ کان اڳ مان ڪٿي هوس، اهڙا ٻہ تي سوال آهن جن جا جواب يا تہ سمجهہ ۾ ايندا آهن. يا قطعي سمجهہ ۾ نہ ايندا آهن. نهڻ، تخليق ٿيڻ ۽ وجود ۾ اچڻ کان اڳ چترڪار ظفر ڪاظميءَ جي نئين تصوير ڪٿي هئي! ڪنهن ڪبٽ ۾ رکيل هئي؟ ڪنهن اسٽور روم ۾ پيئي هئي؟ ڪنهن سيف ڊپازٽ سسٽم ۾ محفوظ ڪرايل هئي؟ تخليق ٿيڻ کان اڳ ظفر ڪاظمي جي تصوير ڪٿي هئي؟ عالم وجود ۾ اچڻ کان اڳ اها پينٽنگ، اها تخليق ڪهڙي ڪيفيت ۾ ۽ ڪٿي موجود هئي؟

انهن سمورن سوالن جو هڪئي جواب آهي تہ ايجاد ٿيڻ کان اڳ، وجود ۾ اچڻ کان اڳ، تخليق ٿيڻ کان اڳ آرٽسٽ ظفر ڪاظمي جي تخليق سندس سوچ ۾ موجود هئي. سندس تصور ۾ هئي. ساڳي طرح

اسين وجود ۾ اچڻ کان اڳ بي انت جي لامحدود ڪائناتن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي موجود هئاسين. هتي، جيئن تہ اشارو عظيم ترين خالق ڏانهن ڪيل آهي، تنهن ڪري مون سوچ ۽ تصور جو لفظ استعمال نہ ڪيو آهي. سوچ ۽ تصور بدران مون لفظ بي انت ڪتب آندو آهي. لا محدود ڪائناتون بي انت جو حصو آهن. بي انت کان سواءِ لا محدود ڪائناتن جو حوالو بي معنيٰ آهي.

گرمي جي شدت سبب ٻاڦ ٿي آسمانن ڏانهن اُڏامي وبل پاڻي ڦڙو ڦڙو ٿي، ڪڏهن مينهن ۽ ڪڏهن ماڪ ٿي سمنڊن ۽ دريائن ڏانهن موٽندو آهي، يعني، پنهنجي اصل ڏانهن ورندو آهي. اصل کان الڳ نہ برسات جي ڦڙن ۽ نہ ماڪ ڦڙن جو پنهنجو ڪو خود مختيار وجود آهي! برسات ۽ ماڪ ڦڙن کي پنهنجي اصل، پنهنجي منبع ڏانهن موٽڻو آهي. ساڳيءَ طرح اسان کي پنهنجي بي انت ڏانهن موٽڻو آهي. اسين بي انت جي لامحدود ڪائناتن جو حصو آهيون. اسان جو پنهنجو ڪو وجود ڪونهي. اسان کي پنهنجي اصل، پنهنجي بي انت ڏانهن لازمي طرح موٽڻو آهي. ۽ ڪُل سان ايڪي ۾ اچڻو اهي. اسين حق جو حصو آهيون. اسان کي هڪ نہ هڪ ڏينهن حق سان هڪ ٿيڻو آهي.

مضمون جي شروعات ۾ عرض ڪيو هيم تہ ايڪو وحدت احساس آهي. احساس کي حساب ڪتاب ۽ سائنس جي اصولن ۽ مول مٽن سان سمجهائي نہ سگهبو آهي. وحدت جي توصيف لاءِ نثر کان وڌيڪ نظم، شاعريءَ جي صنف مناسب آهي، لمحن، گهڙين جي شاعري نہ، بلڪ الهامي شاعري. احساس جي ہي صورت الهامي شاعري آهي:

**اکيون،**
**جن ۾ جهرٽا غمن جا سدائين رهن ٿا،**
**تن لاءِ**
**خوشيون پرايون، ۽**
**مسرت سان ٿمتار لمحا پرايا،**
**جن اکين ۾ اداسيون ڪجل ٿي رهن ٿيون،**
**پنبڻيون سدائين ٿي رهن ٿيون،**
**تن لاءِ،**

**ڏرتي پرائي، آسمان پيءِ پرايو.**

اها لمحن جي شاعري آهي. دل جي ڪيفيت سان دنيا جون ڪيفيتون ۽ موسمون وابسته هونديون آهن. دل اُداس ٿيندي آهي تہ دنيا تي فقط خزان جي موسم ڇانيل نظر ايندي آهي. الهامي شاعري لمحن جي قيد کان آزاد هوندي آهي. اهڙي شاعريءَ ۾ ابديت جو احساس هوندو آهي.

**تون اکين ۾ ٿي ويهہ،**
**تہ توکي واري ڍڪيان.**

**يعني:**

توکان سواءِ مان ڪجهہ نہ ڏسان ۽ نہ توکي ئي ڪو ڏسي سگهي. تنهنجي ۽ منهنجي وجود ۾ ڪو فرق نہ رهي. اسين ايڪي ۾، وحدت ۾ هڪ ٿي وڃون!

۽ هڪ منزل اهڙي بہ آهي جو، جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون!

آبُر کان الڳ ٿي پاڻيءَ جو ڦڙو جڏهن پنهنجي اصل، پنهنجي بحر ۾ وڃي ڪرندو آهي، تڏهن بحر سان ملي هڪ ٿي ويندو آهي ۽ هر طرف پاڻيءَ جي لامحدود موجودگيءَ کان سواءِ ڪيس ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿيندو آهي.

سچل سرمست جو سمورو ڪلام وحدت الوجود، يعني بي انت سان ايڪي جي واضح تشريح آهي. بي انت سان ايڪو يا وحدت الوجود احساس آهي، تنهن ڪري احساس جي وضاحت لفظن جي لامحدود ذخيري ۽ لفظن جي بامعنيٰ استعمال سان ٿيندي آهي. وحدت الوجود جي توصيف، توضيح ۽ تشريح لاءِ سچل سرمست وٽ لفظن جي ڪايا ۽ مايا آهي.

**”هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال“**

احساس جو سفر ڪڏهن تہ ساعت ۾ پورو ٿئي ۽ ڪڏهن سالن جا سال سفر جاري رهي. حق جي حقيقت سمجهہ ۾ ايندي آهي تہ هڪدم گهڙي پل ۾ ايندي آهي، ورنہ ورهيہ وهامي ويندا آهن، پر اسرار جو سِرو هٿ نہ ايندو آهي:

"ڪُلَ نہ پَيڙَءِ ڪا، اصولي اسرار جي."

اسرار! ڪهڙو ۽ ڇا جو اسرار؟ سچل سرمست روحاني طرح حلاج جو معتقد هو. منصور حلاج کي الاهي اسرارن جي اپٽار لاءِ سرمست واري وات مليل نہ هئي. هن وحدت الوجود کي سڏو سنئون انا الحق جي نعري سان واضح ڪيو آهي. ان وضاحت جي سچل سرمست لفظن جي بامعنيٰ استعمال سان تشريح ڪئي آهي:

پُٽيءَ ڄَڄَ نہ ڄُلُ، منجهہ تماشي نہ پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هُلُ،
پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، ونج حال حلاج جو.

تماشائي ٿيندين تہ حق جي حقيقت کي پهچي ۽ سمجهي نہ سگهندين. تون پاڻ تماشو ٿيءُ، هُل هنگامي جو حصو ٿيءُ. اصل سان ايڪي ۾ اچ. تڏهن توکي منصور حلاج جي احساس جي ڪُلَ پوندي.

"تون جا پائين موج، سا مڙيائي مهراڻ ٿي."

سچل سائينءَ جي ڪلام جو وڏي ۾ وڏو ڪمال اهو آهي جي وحدت ۽ وحدت الوجود جي احساس کي لفظن جي موسيقي ڏيئي ڇڏي اٿائين:

"جي فڪر کون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور"
"بي رنگيءَ مون رنگ، ظاهر ۾ پيو زنگ"
"دين ڪفر دل دام، ڏج مڙيوئي موج ۾"
سوز گداز ۽ غم، مڙيوئي معافي ٿيو
مار دمامين دم، عاشق انا الحق جو.

مٿيون شعر مها آتما گوتم ٻڌ جي "نرواڻ" جي بنهہ مخالف يا ابتڙ آهي. گوتم ٻڌ جي فلسفي موجب جڏهن انسان پاڻ کي ڏک ۽ تڪليفن جي پنجن سببن، حسد، ريس، طمع، نفرت ۽ انتقام کان آجو ڪري ٿو. تڏهن نرواڻ ماڻي ٿو يعني حق سان هڪ ٿئي ٿو. پر منصور حلاج ۽ سچل سرمست وٽ حقيقت برحق ابتڙ آهي. عاشق انا الحق، حقيقت ۽ حق سان ايڪي ۾ اچي، هڪ ٿي سوز گداز ۽ غم کان آجو ٿي وبندا آهن.

"ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله"

سچل وٽ لفظن جي موسيقي حيرت انگيز آهي:

"عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي."
"گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشق ڏسڻ ڪئون ڪاتي، رهندو پتنگ پياسي."
"ابليس جي وڏائي، هر سانس تي سوائي،
جيوڻ تہ دم پلائي، نہ تہ تحت نحس ناسي."
"پاڻ ئي پنهل آهيان، ڇاٽو ڪو نہ بيو
ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيچين پاڻ ڪيو."
"حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون."

وحدت الوجود. بي انت سان ايڪي جي احساس کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ڏکيو آهي. هرڪو ماڻهو اناالحق جو نعرو هڻي سَر سهائي نہ سگهندو آهي. ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا حق ۽ حقيقت جا متلاشي مس ملندا جيڪي وحدت الوجود جي وڳي ۾ نظر ايندا:

"جتي ماڻهن ميڙ آهہ، آءُ تِتي ناهيان،
سسي سنباهيان، پٺيءَ شاهہ حلاج جي."

---

"جي مجن تا آدمي سو نہ مجان مان،
ڪوئي آهيان آنءُ، جو ٻانهو ڪنهن جو نہ ٿيان."

حسين ابن منصور الحلاج وانگر سچل سرمست ڪثرت سان نہ، پر ڪٿي ڪٿي اناالحق، مان حق آهيان، مان سچ آهيان، مان ئي خالق آهيان جو کلي طرح، واضح نموني اظهار ڪيو آهي:

"ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻل، تون تہ آدم ناهين"

پر، ساڳي ڪافيءَ ۾ هڪدم ٻئي سٽ ۾ خالق ۽ مالڪ جي حاضر ناظر هئڻ جو ذڪر ڪيو اٿائين جنهن کي عام فهم سمجهاڻيءَ ۾ تضاد سڏي سگهجي ٿو. پر اصل ۾ تضاد ناهي:

"لڪو ٿو لاتيون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل!"

ڪافي جي ٻن بندن مان سوال ٿو اُٿي تہ آدم جيڪڏهن اصل ۾ آدم

ناهي ۽ خود ئي خالق آهي تہ پوءِ اها ڪهڙي هستي آهي جيڪا لڪل آهي، مخفي آهي، پوشيده آهي، پر لاتيون ۽ ٻوليون ٿي ٻولي جيئن باغ اندر بلبل!

اناالحق جي ڪيفيت وحدت الوجود کان مٿاهين مقام تي آهي. سچل سرمست حسين ابن منصور الحلاج کان بيحد متاثر هو. پر وجداني صوفيءَ وانگر سڀاجهڙو حق ۽ سچ جو متلاشي ۽ وحدت الوجود جو زبردست داعي هو:

"منصوري جي موج ۾ ٿو اناالحق الايان،
واديءَ ۾ وحدت جي، گهوري سِرُ گهمايان،
اعليٰ اعظم شان جي نوبت نينهن وڄايان،
ظاهر باطن هڪڙو آءٌ تا حڪم هلايان،
سچو سارو سچ ٿيو حڪمت هيءَ چلايان."

ڪافيءَ ۾ انا الحق جو اظهار منصور جي حوالي سان آهي. پر حلاج وانگر بيخود نہ آهي. ٻئي هنڌ ساڳي ڪيفيت ۾ چيو اٿائين:

"پاڻ ئي پنهل آهيان، ڄاڻو ڪونہ ٻيو
ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيچين پاڻ ڪيو."

اصل ۾ سچل جو سمورو ڪلام سوچ ويچار مان اُپري، مستيءَ ۾ پرجي، انا الحق ۽ وحدت الوجود جي درمياني ڪيفيت يا احساس جي اظهار جي شاعري آهي:

"جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراهہ،
احد احمد هڪڙو آهي پاڻ الله."

منصور حلاج جي جرئت کان پنهنجي دور جا وڏا وڏا عالم، صوفي ۽ درويش متاثر ٿيا هئا. جن ۾ فريدالدين عطار، شمس تبريزي، جلال الدين رومي ۽ سچل سرمست شامل آهن. حسين ابن منصور الحلاج پاڻ حضرت عيسيٰ. يسوع مسيح جي جرئت ۽ سوريءَ کي سينگار سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ واري ڪيفيت ۽ احساس کان متاثر هو. صلاح، يسوع مسيح جي ان قول کان ڏاڍو متاثر هو تہ جنهن مون کي ڏٺو تنهن خدا کي

ڏنو. انـــا الحق جي دعويٰ، حلاج جي صورت ۾ يسوع مسيح جي قول جي توسيع آهي. حلاج پنهنجي عقيدت ۾ ايتريقدر اڳتي وڌي ويو جو هن يسوع مسيح وانگر سوريءَ تي ساهہ ڏنو.

منصور ثاني جي لقب جو حقدار هئڻ جي باوجود، مُلن جي ڪوڙين فتوائن جي باوجود، سچل سرمست کي حلاج وانگر ڪڏهن بہ واجب القتل قرار نہ ڏنو ويو. ان جو سڀ کان وڏو سبب اهو هو جو سچل وحدت الوجود جي انتهائي مخفي ۽ باطني رمزن ۽ اسرارن جي انتها تائين پهچڻ جي باوجود ڪائنات کي خالق جي اولڙي ۽ اظهار جو واضح ثبوت مڃڻ کان انڪاري ٿي نہ سگهيو هو. هُن مينهن ۽ ماڪ ڦڙي کي سمنڊ جي امانت سمجهيو هو. اسين تخليق ڪار جي تخليق ۽ سندس تخيل جو ثبوت آهيون. اسين بي انت، وسيع وحدت جو ڪنهن ماڪ ڦڙي، مينهن ڦڙي وانگر حصو آهيون، پر خود سمنڊ نہ آهيون. وسڻ کان پوءِ، اسين، مينهن ڦڙن وانگر ڌرتي ۾ سمائجي ڌرتي ڏانهن ۽ بي انت سمنڊ ۾ ڪري سمنڊ جو حصو ٿي پنهنجو ننڍڙو وجود پنهنجي اصل ۽ وڏي وجود ۾ گم ڪري ڇڏيندا آهيون:

**"سڀ ڪنهن پار پرينءَ جو پرتو خوابون عين ڪلايو**
**وحدت مون، وو ڪثرت ڪيائين، رنگيءَ رنگ رچايو."**

خالق کي، تخليق ڪار کي، هر رنگ ۾، هر روپ ۾ ڏسڻ، پنهنجي وجود جي نفي ڪرڻ ۽ هر وجود ۾ سچ کي، حق کي پَسڻ ۽ پاڻ کي حاضر ناظر جو حصو سمجهڻ ۽ ان سان ايڪي ۾ اچڻ وحدت الوجود آهي:

**"حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تون ناهين."**

عِلم، عقل ۽ دانش جي انتها حيرت آهي، سچل سرمست جو ڪلام حيرت جو اظهار آهي. انا الحق بدران سچل سرمست بي انت سان ايڪي ۽ حق موجود جو وڏي ۾ وڏو داعي آهي:

**"يا تون آهين ذات ديوانو جو ڪيڏا ناهہ ناهين تو**
**ڪا ٿئين ملا قاضي تون، ڪا ٿئين سيد سڏائين تو**
**ڪا ٿئين مغ برهمڻ تون، ڪا ٿئين بانگ ٻڌائين تو**
**ڪا ٿئين مُنهن ۾ محراب، ڪا ٿئين تلڪ لائين تو**

**"ڪا ٿئين تسبيحان تون سورين، ڪا ٿئين جٽيان پائين ٿو."**

۽ اڳتي هلي ساڳي ڪافي ۾ چوي ٿو:

**"ڪا ٿئين ڏيئي شرعي فتوي، ڪا ٿئين منصور مارائين ٿو."**

مسلسل سوچ ۽ ويچار انسان کي آخرڪار وسوسن ۽ سودائن کان آجو ڪري، حقيقتن جي آئيني تان وهمن جي دز لاهي، حق آڏو آڻي بيهاريندا آهن. تڏهن انسان تي انيڪ راز افشان ٿي پوندا آهن:

**"صورت منجهان ٿي پي صورت، وچئون گرد اڏاڻي."**

۽ جڏهن وچئون گرد اُڏامندي آهي، آئينا صاف ٿيندا آهن، حقيقتون هموار ٿينديون آهن. تڏهن شاهه لطيف واري رمز سمجهه ۾ ايندي آهي تہ:

**"اندر آئينو ڪري، پرين سو پسيج"**

سچل سرمست جي هڪ ڪافيءَ جا ٻه بند گرد جي هٽي وڃڻ کان پوءِ سامهون ايندڙ صورت حال جي اظهار جي عڪاسي ڪن ٿا:

**"پاڻ پنهون آءٌ آهيان، اڙي پينر ٻلي ناهيان"**

۽ ٻئي ڪافيءَ ۾ چيو اٿائين:

**"ٻيائي سان ٿو ٻاهر ڳولين، نہ ٿئي پر بحر ۽ بن،**
**چهرا چوريءَ چليو ڏسين ٿو اٿئي سو چاند چمن."**

وحدت الوجود جي راز ۽ رمز کي سمجهڻ کان پوءِ اهڙيءَ ڪيفيت مان ٻہ گذريو هو جڏهن چيو هئائين:

**"ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر،**
**انهيءَ وائيءَ وَرُ ڪو سمجهي سچيڏنو چوي."**

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اُها ڪهڙي حقيقت آهي جنهن جي جيڪڏهن سرمست پرده داري ڪري ٿو ماٺ ڪري ويهي رهي ٿو. مشرڪ سڏائڻ جي مترادف ٿي پوي ٿو! ۽ جيڪڏهن حال حقيقت تان پردو کڻي ٿو راز افشان ڪري ٿو تہ ڪافر چورائي ٿو اهو ڪهڙو راز، ڪهڙي حقيقت آهي! اهو راز انا الحق نہ آهي، خودي يا حق ۽ سچ هئڻ

جي دعويٰ نہ آهي. اُهو راز احساس آهي بي انت جي ايڪي جو حقيقت سان هڪ ٿيڻ جو. اهو احساس تہ مان هن جو پرتو (پاڇو / اولڙو) آهيان، هن جو مظهر آهيان، تہ پوءِ منهنجي اندر منهنجي وجود ۾ هُن جو ئي ديرو آهي، هن ڪانسواءِ ٻيو ڪونهي، يعني وحدت الوجود جي مڪمل ڪيفيت، جيڪا روح تي طاري رهي ٿي:

**جو تو ڳولين يار، سو تان تو ۾ آهي!**
**ڏونگر ڪيڏا ڏورئين، ڇئو تون ڪني لاءِ؟"**

اڳتي هلي ساڳئي ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

**"دل واري خاني ۾، سندي جانب جاءِ."**

جانب جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي جنهن جي محبت سرمست جي من ۾ اڪ مچائي آهي! ڪو ڏس پتو، ڪا پهچاڻ!
هو حق آهي، حق موجود آهي، برحق آهي. هو هر هنڌ آهي، هر رنگ ۾، هر روپ ۾، هر ذات ۾، هر لات ۾ موجود آهي. ان احساس کي سرمست بار بار دهرايو ۽ ورجايو آهي:

**"ڪاٿئين ڏاڍو، ڪاٿئين هيٺو، ڪا ٿئين جوڙ جٿيا ٿو پائي،**
**ڪاٿئين ڪوري، ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين سيد سڏائي،**
**ڪاٿئين ڪافر، ڪاٿئين مومن، ڪاٿئين سوريءَ سر سهسائي،**
**ڪا ٿئين سامي، ڪا ٿئين انعامي، ڪاٿئين تلڪ لڳائي.**

اها عشق جي انتها آهي جنهن جي منزل وحدت الوجود جي احساس سان شناسائي آهي:

**"ورتم دڳ درد جو، تنهن سڀ ڪا وات وساري."**

۽ احساس سان شناسائيءَ ۽ حقيقت سان هڪ ٿيڻ ۽ بي انت سان ايڪي ۾ اچڻ ڪان پوءِ ٻيون سڀ واٽون وساري سالڪ حق جي هڪ ئي وات وٺي ٿو:

**"جن موجن چڙهياسي، لهرن لڙهياسي، انا الحق پڙهياسي،**
**ڪنيا هن خمار،**
**هي نعرو هنيائون، انا الحق پڙهيائون، نئي سر سلايائون،**

تيا گم غيار."

۽ اڳتي هلي چوي ٿو ساڳئي ڪافيءَ ۾:

"اها اعتباري، سوري جن سواري، عجب خوش خماري
ڪُٺن جي قطار،
ٿي منصوري مستي، ڪيئن گم هستي، هنيائين دوستي،
تپش جي ترار

ساڳي ڪافيءَ جا بند آهن:

"هنيائين هڪل هيءَ، وئي تان شڪل هيءَ، نہ حاجت
عقل هيءَ، جليا جلوه دار."

سچل سرمست پنهنجي سموري ڪلام ۾ وحدت الوجود جي احساس ۾ مدهوش ٿي اناالحق جي در تي بار بار دستڪ ڏيئي موٽي اچي ٿو ۽ احساس کي ابديت ڏئي ٿو:

"اثر اُهي عشق جا، اول وڃائي هوش،
سالڪ شڪ نہ سرها، گوندر ڏي ڪن گوش،
خلق الانسان علي صورت، پادشاهي پوش،
سچو سوريءَ وڃڻا جي، مُئي ۾ تيا مدهوش!"

# سيني ۾ سنگرام

سچل سمورو سچ، سمورو سون.

سچل سُرويچن جو سردار آهي. حق جو علمبردار آهي. هڪ دفعي چيائين،

**”سيني ۾ سنگرام، سچا سنياسن جي.“**

زمان ۽ مڪان جا ويچا ختم ٿي ويا. وقت عجب جا زنجير پائي بيهي رهيو. سچن سالڪن پنهنجا سر نيزي تي چاڙهي ڇڏيا. ابن الوقت گماشتن ۽ درٻارين ڪن لاتار ڪئي. ملن ڪان فتويٰ ورتائون. چيائون سچل مجذوب آهي، مست آهي، ملحد آهي، تڏهن تہ سيني ۾ سنگرام جون ڳالهيون ٿو ڪري!

گماشتن کي سچل جو جواب مليو

**”آهن ڪوڙيا ڪات جا، پڻ ڪاپڙي ڪي،**
**سر سنباهن سي، جنين ناتو ناٿ سان!“**

وٺ وٺان ٿي ويئي. چيائون، وڏو ڪو باغي آهي! شاعريءَ ۾ ڪات جون ۽ سر سنباهڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري. نوجوان نسل کي گمراهہ ٿو ڪري. ڪين بغاوت جو ڏس ٿو ڏئي. نہ ڇڏيوس. پڪڙيوس! ڪنهن صلاح ڏني، سيفٽي ايڪٽ قسم جي ڪنهن قانون ۾ قابو ڪيوس!

سيني ۾ سنگرام! جنگ جو ميدان! ڇا جي جنگ؟ حق ۽ باطل جي جنگ، باطن ۽ ظاهر جي جنگ، ذات ۽ صفات جي جنگ، حق ۽ ناحق جي جنگ، وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي جنگ، سوريءَ ۽ سچ جي جنگ، ڪات ۽ ڪنڌ جي جنگ!

پڇائي، سائين جو هڪ بيت آهي.

**”روزا ۽ نماز اي پڻ چڱو ڪم،**
**او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“**

پلٽا پلي پيا. منجهٽا منجهي پيا. حد بندين جا قيدي ڪجهہ سمجهي نہ سگهيا. جڏهن ڪنهن نتيجي تي نہ پهتا، تڏهن متئين بيت ۾ روحاني راز جي کوج لڳائڻ لڳا.

پٺائي سائينءَ جو بيت جتي ختم ٿئي ٿو ۽ فهم جي جنهن اشاري تي پورو ٿئي ٿو اتان سچل جو هڪ بيت شروع ٿئي ٿو. لطيف چيو

"روزا ۽ نماز اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي."

سچل چيو:

"ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي."

سمورو بيت هن ريت آهي.

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخن، پيرن، پنڊتن بيحد پلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي."

سچل سائينءَ جو بيت شاهہ سائينءَ جي فهم واري فلسفي جي سمجهاڻي آهي. ان سمجهاڻيءَ کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن بہ سمجهاڻيءَ جي محتاجي نہ رهي آهي. اهو فهم، جنهن ڏانهن لطيف سائينءَ اشارو ڪيو آهي، اُهو فهم سچ آهي. جنهن جي وضاحت سچل سائينءَ پنهنجي بيت ۾ ڪئي آهي. هتي سچل سائينءَ جنهن سچ جو ذڪر ڪيو آهي. اهو سچ سيني ۾ سنگرام کان مختلف نہ آهي. پٺ ڏٺيءَ جي هڪ بيت مان "مونا طور سينا" جي فلسفي جي وضاحت، سچل سائينءَ جي بيت ۾ "سيني ۾ سنگرام"، جي اشاري سان ڏنل آهي. فلسفو ساڳيو آهي. سلسلو ساڳيو آهي. فرق فقط ايترو آهي جو سچل سرمست اناالحق جو نعرو هڻي، سوريءَ کي سينگار سمجهي، صوفي طريقي جي ڪنهن بہ دستور کي مبهم نہ رکيو آهي. سچل سنڌ جو سڀ کان پهريون، سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان سرڪش شاعر آهي.

ڪنهن بزرگ مون کان پڇيو "ڪهڙو سبب آهي، جو اڄ تائين سچل جي عظمت کان انڪار ڪيو ويو آهي؟"

مون کيس جواب ڏنو "اهو ملو جنهن ٻه سئو سال اڳ سچل جي مخالفت ڪئي هئي، ۽ مٿس ڪفر جي فتويٰ ڏني هئي. سو ملو مئو ناهي. اهو ملو جيئرو آهي. هن هر دور ۾ سچ جي مخالفت ڪئي آهي. هن هر دور ۾ منصور، سرمد ۽ سچل تي پابنديون وڌيون آهن. عجب ته، اهو ملو هر دور ۾ اقتدار ۾ رهندو رهيو آهي." ■

1974

# سنڌ جو منصور

اڄوڪو ڪالم خيرپور مان لکي رهيو آهيان. اسلام آباد وينديهڪ ڏينهن لاءِ خيرپور ۾ ترسي پيو آهيان. خيرپور هونءَ ته تاريخي شهر آهي، پر خيرپور کي مان تنوير عباسيءَ جو شهر سڏيندو آهيان. ڪجهه شهر تمام وڏين هستين جي موجودگيءَ سبب اهم ٿي پوندا آهن. خيرپور شهر کي مان اهم ان ڪري سمجهندو آهيان ڇو جو اتي تنوير عباسي رهندو آهي. سنڌي ادب جو تمام وڏو ۽ وڏيءَ سوچ وارو شاعر آهي ـــ نئين روايت جو خالق آهي. ملندو ته اهڙي قرب سان ملندو ـ اهڙي پيار سان ملندو جو اهو احساس ئي ٿيڻ نه ڏيندو ته هو سنڌي ادب جو تمام وڏو ۽ اهم شاعر آهي. طبيعت جو نماڻو ۽ نهٺو ـ هميشه قرب پيو ونڊيندو! اڄ رات جو سچل سرمست جي درگاهه تان موٽڻ کان پوءِ ارادو پئي ڪيم ته تنوير عباسيءَ ڏانهن وڃان ته اينتري ۾ پاڻ اچي پهتو ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو. خيرپور ۾ ڊاڪٽري ڪندو آهي، تنهن ڪري بيحد مصروف رهندو آهي. پنهنجي مصروفيت مان وقت ڪڍي اسان سان ملندو آهي ـ حب ۽ سڪ سان ملندو آهي. ٻه ڪلاڪ کن اسان پاڻ ۾ ڪچهري ڪئي. ٻه ڪلاڪ ئي ادب ۽ موجوده حالتن تي ڳالهايوسين.

تنوير عباسيءَ سان ملڻ کان اڳ مان شام جو سچل سرمست جي درگاهه تي ويو هوس. سچل سرمست سنڌ جو پهريون ۽ سڀ کان وڏو باغي ۽ انقلابي شاعر آهي. مان ورهين کان پوءِ سندس درگاهه تي ويو هوس. اکين کي اعتبار نه پئي آيو. هر طرف ويراني هئي ـ اداسائي هئي. سنڌ جي سڀ کان وڏي انقلابي شاعر وٽ ڪوبه سلامي پرڻ نه آيو هو. ”سچو آهي سبحان ماڻهن ليکي آدمي ـ“ اتي آدمي نه هو. سچل اداس ۽ اڪيلو هو. اوقاف کاتي وارن سندس درگاهه ٻاهران چار بتيون هٽائي مٿس وڏو احسان ڪيو آهي! درگاهه جي در مٿان تڪ وارن ڪاريگرن جو ڪم ڪيل آهي. اُس جي پهرين ۽ پوين ڪرڻن ۾ سموري درگاهه

تجلا ڏيندي آهي. در مثان لڳل نندڙا نندڙا آئينا پتجي ويا هئا. مون کي ڏک ٿيو. دل کي جهوڳو آيو.

اسين سنڌي بنيادي طرح پير پرست آهيون. اسين انسان جي عظمتن جا پيدائشي منڪر آهيون. سچل بدقسمتيءَ سان پير نہ آهي. پير هجي ها تہ سنڌي کيس هڪ پل لاءِ هيڪلو نہ ڇڏين ها. دهلن ڏمالن سان سندس پيرو پيا پرين ها. ڪانئس پٽ پنن ها ـــ نوڪرين ۾ ترقيءَ جون دعائون گهرن ها ـ رشوت جي ڪيس مان ڇوٽڪاري جون دعائون گهرن ها. پر سچل پير نہ آهي. سچل فقط سچل آهي. سبحان آهي ـــ ماڻهن ليکي آدمي آهي. تنهن ڪري ماڻهن وٽ قدر نہ اٿس. ائين برابر آهي تہ سچل جي شاعريءَ ۽ ڪلام تي اڄ تائين مستند ڪم نہ ٿيو آهي. آغا صوفيءَ ويچاري سچل سان عقيدت جو اظهار ڪندي سندس رسالو شايع ڪرايو هو. جيڪو ڇپائيءَ ۽ فني لحاظ کان پيش ڪرڻ جهڙو نہ آهي. ”سنڌ صدين کان“ سيمينار لاءِ سچل تي مقالو تيار ڪرڻ لاءِ مون آغا صوفيءَ جي رسالي مان هڪ بہ تاريخي حوالو ڏنو هو جيڪو سيمينار ۾ غلط ثابت ٿيو. صوفي صاحب رسالي جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ ميران بائي ۽ بيبي رابع بصريءَ کي همعصر ڏيکاريو آهي ـــ جينوٽيڪ بنهي جي دور ۾ اٺ سئو سالن جو فرق آهي. صوفي صاحب کان پوءِ عثمان علي انصاريءَ سچل جي رسالي کي پيهر نظر مان ڪڍي ادبي بورڊ معرفت شايع ڪرايو. انهن ٻن ڪتابن يا ڪاوشن ۽ محنتن کان سواءِ سچل تي اڄ تائين ڪم نہ ٿيو آهي. سچل تي جيڪي بہ ڪتابڙا ۽ ڇوپڙيون شايع ڪرايون ويون آهن. انهن ۾ سچل جي عظمت تي لکڻ بدران ٻين شاعرن کي هيناهون ڪري سچل جو قد وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سچل سنڌ جو يگانو شاعر آهي ـ پهريون ۽ سڀ کان وڏو انقلابي شاعر آهي ـ هن جي ٻئي ڪنهن شاعر سان ڀيٽ ڪرڻ غلط آ... سچل ريس جو گهوڙو نہ آهي. سچل سنڌ جو منصور آهي ـــ ۽ منصورن جو قد وڌائڻ لاءِ ٻئي جي قد کي گهٽائڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي. هو بذات خود قداور هوندا آهن. ■

1977

# سيني ۾ صنم

سچل سائينءَ کي چيم، ”تون سمورو سچ آهين.“ سچل سائين خاموش رهيو.

چيم، ”سچل سائين، تون نسورو نور آهين.“ جواب نہ ڏنائين.

چيم، سچل سائين، تون روشنيءَ جو مرڪز آهين ـــ تجلي جو محور آهين.“

سچل سائينءَ جلال واري نگاهہ سان مون ڏانهن ڏٺو.

چيم، ”درازن ۾ اڄ وري ميلو متو آهي.“

شهنشاهہ عشق ڪجهہ نہ چيو.

ڪنهن مون کان پڇيو ”منصور ثاني خاموش ڇو آهي؟“

چيم،

**”سچل کي سدا، سيني ۾ صنم،**
**ڪونهيس ٻيو ڪو ڪم، پٿر جي پوڄا بنا.“**

سچل سائينءَ جي منهن تي مقدس مرڪ تري آئي. چيم، ”سچل سائين، تنهنجي خاموشي بي معنيٰ نہ آهي.“

تڏهن، سچل سائينءَ پهريون دفعو ڳالهايو. هن چيو.

**”ماڻ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪڇان تہ ڪافر،**
**انهيءَ وائيءَ ور، سمجهي ڪو سچو ڇوي.“**

ان وچ ۾ ڪجهہ عقيدتمند اتي اچي گڏ ٿيا.

هڪڙي عقيدتمند چيو، ”اسان کي خود شناسيءَ جو درس ڏيو سچل سائين.“ سچل سائين سواليءَ ڏانهن ڏٺو ۽ چيو،

**”جي تو ڄاتو پاڻ، تہ آءٌ ڪو ٻيو آهيان،**
**ڪندءِ غرق گمان، ڳهيلا انهيءَ ڳالهہ ۾.“**

هڪڙي ٻئي عقيدتمند سچل سائينءَ کان پڇيو "محبت جو مامرو ڇا آهي؟"
سچل سائينءَ وراڻيو

**"محبت جي مهراڻ مان، جي ملا ڇاش چکين،**
**تہ ڪنز قدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين،**
**رحل سڀ ستين، ملا مسجد ڪنڊ ۾."**

پوءِ، هڪ ٻيرسن عقيدتمند پڇيو "سائين، مون کي عبادت جي باري ۾ درس ڏيو"
سچل سائينءَ چيو

**"پاڻ پڙهج پاڻ ٻيهج، پاڻ ئي سجدو ڪج،**
**ٻول نہ ٻيو پائيج، ڪافر مومن هڪ ٿيو."**

ڪنهن عقيدتمند سچل سائينءَ کان پڇيو "انا الحق ڇا آهي؟"
سچل سائينءَ وراڻيو

**"جتي ماڻهن ميڙ، آءُ تتي ناهيان،**
**سِسي سَنياڻ، پنيءَ شاه حلاج جي."**

هڪڙي پريشان حال نوجوان چيو "مان وهمن گمانن ۾ گرفتار آهيان، مون کي سنسن مان آجو ڪر."
سچل سائينءَ وراڻيو

**"پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ،**
**الله الله ڇو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،**
**تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن،**
**ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو"**

تڏهن هڪ شخص هجوم مان وڌي، اچي سچل سائينءَ آڏو بيٺو هن چيو "انيڪ مذهب، ۽ مذهبن جا انيڪ فرقا - مان ڪهڙي واٽ وٺان؟"
سچل سائين چيو

"سمجهايو مان طالب تو کي، سچ اهو تي سارو
ارض سما ۾ واهہ وڃائج، عاشق نبهہ نغارو
نام چڏي بدنام ٿي اچ تون، لوڪ ڏسي سڀ سارو
سٽ سچل سامان صلح جو مار حقاني نعرو."

پوءِ، هڪ بيحد دکي انسان سچل سائينءَ کان پڇيو "دنيا دکن جو ديس آهي. دکن جي ديس ۾ رهڻ جو ڪو درس ڏي."

سچل سائينءَ چيو.

"مريد ڪرڻ جو خيال نہ رکجانءِ، عاشق ٿج نرالو
دين مذهب ڀوڙ ڀيائي، مست ٿرج متوالو
مان ۾ تون جي سودي اندر متان ڪيين ڏيوالو."

ان کان پوءِ سچل سائين اٿي بيٺو — هن معتقدن کان موڪلايو.
مون سچل سائينءَ کان پڇيو "ڪنهن ڏوراهين سفر جو سانباهو آهي؟"

سچل سائينءَ وراڻيو

"الستي آواز ڪو منهنجي ڪن پيو
هردي اندر هير جي، آهي ڪونہ بيو
مرليءَ مست ڪيو جوڳيڙن جي جيڏيون."

۽ پوءِ روشنيءَ جو محور روشنيءَ جي محور ڏانهن موٽي ويو. ■

1977

# ادب بابت خط

برادرم علي نواز وفائي،
ايڊيٽر، هفتيوار آزاد
ڪراچي

گذريل سال اوهان اسان جي ڪاليج جي مئگزين ڇپي هئي ۽ پوءِ منهنجو ادب لطيف "تنهائي" اوهان "آزاد" ۾ شايع ڪيو هو. دوستن جي پسند همت نه وڌائي ۽ سوچيم ته ٻيو ڪجهه به توهان کي شايع ڪرڻ لاءِ موڪليندس پر ڇا ڪيان، هن مشيني شهر ۾ پنهنجي تمنائن کي عملي جامو پهرائڻ تمام مشڪل آهي. امتحانن هر طرف کان لا پرواهه ڪري ڇڏيو ان ڪري جلد اوهان اڳيان پنهنجي نئين تحرير کڻي اچي نه سگهيس.

جيڪا ضرب مون کي به سال اڳ سنڌ جي ڪثير اشاعت رسالي جي ايڊيٽر هئين آهي، تنهن جا زخم اڃا تائين تازا آهن. ان ڪري پنهنجا افسانا ۽ آکاڻيون ٻين ايڊيٽرن ڏانهن موڪليندي منجهندو آهيان. مان نٿو چاهيان ته منهنجو هلندڙ قلم هڪ ٻي چوٽ کائي خاموش ٿي وڃي. منهنجو قلم ئي منهنجي زخمن جو مرهم آهي. مان ان مرهم کان پاڻ کي محروم ڪرڻ نٿو چاهيان.

يقين اٿم ته توهان جي دوربين نگاهن "تنهائيءَ" ۾ منهنجو لڪل غم ڏسي ورتو هو. ان ڪري ته توهان منهنجي همت افزائي ڪئي هئي. ۽ اڄ هن خط رستي افسانو نه، بلڪ سنڌي ادب جي باري ۾ دلسوز حقيقتون کڻي "آزاد" لاءِ حاضر ٿيو آهيان.

ڪجهه ڏينهن کان "هال ڪين" جي الميه ناولن جي ڳولها ۾ آهيان ايلفي ۽ بندر روڊ کان وٺي ڪراچيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جيڪي به

ن، انهن ۾ گھڙي ويس پر ناول نصيب نہ ٿيا. ان دوران ۾ هڪ ڏڪندڙ حقيقت سامهون آئي. انهن ڪتابن جي دڪانن تي هڪ بہ ي ڪتاب نظر نہ آيو ڪٿي بہ سنڌي رسالو نہ ڏٺم ۽ نہ ئي ڪنهن سنڌي اخبار تي نظر پئي. اڄ اسان جي ادب جي اهڙي زبون حالت ڇو آهي؟ ڇو سنڌي ادب اهڙي ڪسمپرسيءَ ۾ ڪراچي کي الوداع چئي رهيو آهي؟ ڇو اسان جو ادب حد ڪماليت تي پهچڻ کان اڳ ئي زوال ڏانهن لهي رهيو آهي؟ انهن سوالن جا جواب سنڌي ادب جا ابا ڏيئي سگھن ٿا، جي نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي ادبي ميدان ۾ ديرو ڄمائي ويٺا آهن. برادرم وفائي! انهن سوالن جا جواب سنڌي ادب جا اُهي حاسد ۽ بغض رکندڙ وڏا اديب ڏيئي سگھن ٿا، جيڪي نہ پاڻ ڪجھہ ادب جي بهبوديءَ لاءِ ڪن ٿا ۽ نہ ئي نوجوانن کي ان ڏس ۾ قلم آزمائيءَ جو موقعو ٿا ڏين.

اها خود ساختہ رهنمائن جي مهرباني آهي جو اڄ تائين سنڌي ادب ۾ دوستو وسڪي، ۽ وڪٽرهيوگو پيدا نہ ٿيا آهن. ۽ جيڪڏهن اجا بہ اک نہ کولي سين، ۽ نابينا ٿي انهن جي پٺيان هلندا رهياسين، تہ پوءِ قيامت تائين ٽالسٽاءِ ۽ ڪرشن چندر جهڙا عظيم فنڪار اسان جي ادب ۾ جنم وٺي نہ سگھندا.

ترقي پسند قومن جي ادب تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿيندو تہ سندن ادب Fiction ۾ مهارت حاصل ڪري ادبي افق کي هٿ لاٿو آهي. روسي ادب جي عالمگير شهرت ۽ مقبوليت جو سبب سندس تي لافاني ناول نگار ۽ افسانہ نويس، ميڪسم گورڪي، ليوٽالسٽاءِ ۽ دوستو وسڪي آهن. ادب جي انهن ٻن شعبن ۾ ترقي ڪري فرينچ ادب انگريزيءَ کان اڳ نڪري ويو آهي ساڳيو طريقو اختيار ڪري همعصر اردو ادب حيرت انگيز ترقي ڪري رهيو آهي ۽ انگ اکر ثابت ٿا ڪن تہ هر مهيني اردو ۾ ٽن سئون کان مٿي افسانا ۽ پنجويهن کان وڌيڪ ناول شايع ٿا ٿين.

ان جي برعڪس جيڪا اسان جي حالت آهي، سا ڪنهن کان بہ لڪل ڪونهي.

**گهــڙو پڳــو منـــڊ مـــئي وســيلا ويـــا،**
**تـهـان پــوءِ سـٽا، سـهـٽـي، سڏ مــيهار جا.**

خدا خدا ڪري جي سال ۾ ڏهہ ڪتاب ٿا عوام اڳيان اچن تہ انهن مان پنجن ۾ مغز منجهائيندڙ ۽ زماني جي هر وڌندڙ قدم کان پوئتي وک ورائيندڙ بلندين بدران پستين ڏانهن وٺي ويندڙ ادب هوندو آهي. ۽ باقي پنجن ڪتابن ۾، غير اهم تاريخون، گم نام مئلن جا قصا ۽ من گهڙت روايتون هونديون آهن.

**هڪ سٽي ٻيا سور ويا پٽيندا پاڻ ۾.**

خوب دل کولي ناول ۽ افسانہ نويسيءَ کي دلشڪستہ ڪيو ويو آهي. مان نقادن کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ جيڪڏهن ادب جي ترقيءَ جو دارومدار Fiction تي منحصر ڪونهي، تہ پوءِ ميڪسم گورڪي ۽ را بندر ناٿ ٽيگور ڪير هئا؟ ڇا موجوده صديءَ جا ٻہ عظيم ۽ حقيقت پسند فنڪار، سمرست مهام ۽ ڪرشن چندر، تحفہ تعويذن ۽ پيرن جي ڪرامتن جا قصا لکندا آهن؟ گهٽوئي پاڻ کي سمجهايان ٿو تہ.

ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، گهٽو ويسارا سپرين، پر حقيقتون هر دم روشن ڏينهن وانگر افشان ٿي اڳيان ٿيون اچن.

برادرم وفائي! هي دور ڪشمڪش جو آهي. هن وقت دنيا جا اديب معاشري جي اصلاح لاءِ لکي رهيا آهن. سوسائٽيءَ جي بيمار روح جي شفا لاءِ لکي رهيا آهن. تہ پوءِ اسان جا ليکڪ بہ ڇونہ سماج جي گندن ۽ ذليل رواجن ۽ رسمن خلاف قلم کڻن جنهن ۾ انسانيت سڏڪي سڏڪي دم ٽوڙي رهي آهي. ڀٽائي گهوٽ جو آواز نوجوانن جي ڪنن ۾ پهچي چڪو آهي تہ :

**سـتـا اٿـي جـاڳ نـنـڊ نـہ ڪـجـي ايـتـري،**

۽ هو پاڻ بہ محسوس ڪري چڪا آهن تہ.

**جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏکـا ڪري،**
**تـڏهـن ٽٽي کي، سـاٿ سـتـيـئـي ڇـڏيـو.**

پر اڪ ڪولڻ ڪان پوءِ، پنهنجي اڳيان ڪڪ ڪندڙ ۽ غير دلچسپ ادب ڏسي، وري منهن موڙي سمهي ٿا پون.

برادرم وفائي! سنڌي ادب جي اهڙي مسڪين حالت ڏسي دل خون جا لڙڪ ٿي وهائي. افسوس ٿو ٿئي ته اسان مفلس ٿي رهيا آهيون ۽ ڏک ٿو ٿئي ته اسان ڏتڙجي رهيا آهيون. پر اسان نوجوان ڇا ٿا ڪري سگهون. قمر شهباز جهڙو عظيم فنڪار ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ گمنام زندگي گذاري رهيو آهي. اسان پاڻ مجبور آهيون. پنهنجن جا ستايل ۽ پنهنجن جا ڌڪرايل ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا چوان ته :

**ڪلهي ڦاٽو ڪنجهرو مٿو اُگهاڙو**
**منهنجو ڪچاڙو ٻينر هن ٻنيور ۾.**
**(شاهه)**

توهان جي مصروفيت کي مد نظر رکي، پاڻ حاضر ٿي نه سگهيو آهيان.

توهان جو پنهنجو

1960

# ادبي روح رهاڻ

8 ـ آغا بلڊنگ
بارنس اسٽريٽ
ڪراچي ـ 3

برادرم وفائي!
پر خلوص عقيدتن سان

اڄ مان عرض ڪرڻ آيو آهيان تہ، اسان هر لحاظ کان ترقي ڪري رهيا آهيون. اسان جي ادب، تمدن ۽ ثقافت، ريتن ۽ رسمن سڀني ترقي ڪئي آهي. نہ فقط ايترو بلڪ اسان لٽي ڪپڙي، اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پڻ نوان نوان تجربا ڪري رهيا آهيون.

مون ڪي پنهنجي گذريل ٻن خطن جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ لکڻو آهي ۽ نہ ئي هن خط کي انهن ٻن خطن جو رد عمل سمجهان ٿو. اهي خط مون شايد انتقامي جذبي ۾ ڦٽڪندي ۽ لڇندي لکيا هئا. پر هي خط، سچ ٿو چوان برادرم وفائي، تہ برف جو پاٽي پي لکي رهيو آهيان. ڇو ڪ اٿم تہ ادبي ابن ۽ ٺيڪيدارن کي ٻچان نہ لڳندي ۽ هو ڪڏهن بہ منهنجي خط جي تپش ۽ سيڪ محسوس ڪري نہ سگهندا. پر جيڪڏهن گهڻي ڪوشش جي باوجود، سندن دليون منهنجي خط جي گرميءَ ۾ ٻوساتجڻ ۽ رجڻ لڳن، تہ عرض ڪندس تہ ڪين بہ برف جو پاٽي استعمال ڪرڻ گهرجي.

مٿين جملن کي گستاخي يا بي حرمتي تصور نہ ڪيو وڃي. ڇو جو مون جهڙو مسڪين ۽ بي پهچ ڪيئن ٿو اهڙي جرئت ڪري سگهي! هن خط ۾ تہ مون فقط ان ترقيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن تي ادبي ابن کي ناز ۽ ٺيڪيدارن کي فخر آهي. آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ڪڏهن ڪو چڙيو آهي! تہ پوءِ ڪو سبب ڪونهي جي ناخدا ناراض ٿين. سچ

۔ اسان کي فخر آهي پنهنجي ادبي ابن ۽ ٺيڪيدارن تي، جن جا سنڌي ادب تي هزارين نه لکين بلڪ ڪروڙين احسان آهن. ويچارن کي ڪيترو نه سنڌي ادب جو خيال آهي! اڄ سنڌي ادب جي سقيم حالت ڏسي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان چوٽيءَ جا اديب (جن کي مٿي تي چوٽي ڪونهي) ۽ اهل قلم (جن کي مان نااهل نه ٿو لکڻ چاهيان) بيچين ٿي اٿيا آهن. سنڌي ادب کي بنگالي ۽ اردو ادب سان ڪلهو هڻائڻ ۾ سندن ڪوششون مبارڪ جوڳيون آهن ۽ اسان نوجوان ته اجايو ادبي ابابيلن کي بدنام ڪري رهيا آهيون. اسان کي ائين ڪرڻ نه گهرجي.

خوامخواهه بهڪي رهيو آهيان. حاضر ٿيو آهيان ترقيءَ جو بيان ڪٿي ۽ لکي رهيو آهيان توهين ۽ تعريف جي تفاوت تي. اها به اسان سنڌين جي خاص خوبي آهي ته جلد بهڪي ويندا آهيون. ڳالهه هوندي نڪ جي ته حوالو ڏيندا سين ڪن جو. ان موضوع تي هڪ قصو ٿو ياد اچيم. هڪ دفعو سنڌي ادب جي نڪ تي پري محفل ۾ خوب آڪڙجي ڳالهائي رهيو هيم، ”ڳالهيون ڪندي نڪ جو عقل ويو ڦري“ تڪڙ ۾ چئي وينس ته سنڌي ادب کي هڪ نڪ، هڪ اک ۽ ٻه ڪن آهن. اها اٿو منهنجي لاپرواهيءَ جي انتها ـ ڇو جو مان سنڌي آهيان.

وري اصل موضوع کان هٽي رهيو آهيان. ها، ته برادرم وفائي، مان عرض ڪري رهيو هوس ته اسان ترقي ڪري رهيا آهيون. ڪيئن؟ ته جواب حاضر آهي. اسان پنهنجن گهرن مان بابا، امان، ادا ۽ اديءَ کي ڏڪاري ڊئڊي، ممي، ڀائيجان ۽ آپا کي آڻي رهيا آهيون. ان تحريڪ تي ڪيترن ادبي ابن جي خاندانن ۾ زور شور ۽ نهايت جوش و خروش سان عمل ٿي رهيو آهي. سچ به ته آهي. ترقيءَ جي تحريڪ ۾ ادبي ابن کي اڳيان رهڻ گهرجي! ڇو خوامخواهه ابن ڏاڏن جي ايجاد ڪيل اصولن کي چنبڙيا پيا هجون. ابا ڏاڏا به ڪهڙا. جي هر هلائيندا هئا. جن جي تن من ۾ سادگي هئي، غيرت ۽ عزت بہ ن جا زيور هئا. جن اخلاق کي ٻين خوبين تي ترجيح ڏني هئي ۽ جن جا در هميشه مهمانن لاءِ کليل رهندا هئا! اهي اصول آهن ته اسان جو ورثو پر ماڊرن سوسائٽيءَ ۾ انهن اصولن ۽ خوبين کي بيوقوفيءَ سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. بهتر آهي ته انهن کان پاسو

ڪيون ورنہ ترقيءَ ۾ رنڊڪ پوندي رهندي.

ترقيءَ جي ٻيو مثال حاضر آهي! سنڌي عورتن پڻ چست "اسڪرٽ" استعمال ڪرڻ شروع ڪيا آهن. ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ هنن پنهنجن فراڪن ۽ اسڪرٽ کي اڌ پنيءَ ۽ ڪي قدر اڳيان پڻ تراشڻ شروع ڪيو آهي. هتي پروڙ مارئيءَ کي هن مام جي، ۽ هتي سسيءَ کي سڏ هن سماج جي! ملاحظہ هجي برادرم وفائي تہ ترقي ٿي رهي آهي. ادبي ابا خوش آهن ۽ مان پڻ. مان اسڪرٽن جي فائدي ۾ آهيان. ڇوجو اول تہ انهن ۾ ڪپڙو گهٽ ٿو استعمال ٿئي. ٻيو تہ اسڪرٽ استعمال ڪرڻ سان گرمي گهٽ محسوس ٿيندي آهي ۽ ٽيون سڀ کان اهم نقطو تہ اسڪرٽن پائڻ سان حسن دوبالا ٿئي ٿو يعني هڪ اسڪرٽ پائڻ سان عورتن کي چار چنڊ لڳندا آهن. ڀل تہ بدن جون بيڊوليون يا هانيءَ ۾ ڪاني هجن: چار چنڊ ضرور لڳندن. رئي جي ضرورت اڄ تائين محسوس ٿي نہ سگهي آهي. رئي کي رسيءَ وانگر وڪوڙي ۽ ڪنڌ تي ويڙهڻ جو ڪهڙو مقصد آهي، ان جي شايد عمل ڪندڙن کي بہ خبر نہ هوندي. ها باقي ائين ڪرڻ سان سندن وار پريشان ٿيڻ کان بچي وڃن ٿا. پر هونءَ بہ مصنوعي زلف پريشان ڪرڻ جو اڄ ڪالهہ عام رواج آهي. پيشانيءَ تي رقص ڪندڙ ڇڳون چار نہ تہ بہ چنڊ ضرور لڳائينديون آهن. ادبي ابابيل مون سان ضرور متفق هوندا تہ اهي اهم نشانيون ترقيءَ جون آهن.

ڀنائي گهوٽ روحاني اکين سان ڏسي رهيو آهي تہ "نوريون" سانڊي وانگر رنگ ٽيون مٽائين. سندس آيتون برسر عام اڏامي رهيون آهن. ۽ ستين ست کي هوا ۾ اڇلايو آهي. ڇوجو ترقي ٿي رهي آهي، ۽ ميڪ اپ ان ترقيءَ جو راز آهي. اسان جون سياڻيون ۽ عقل ۾ اڪابر ٻڍيون دل کولي "ميڪس فيڪٽر" تي مهربان ٿي پيون آهن. برادرم وفائي! توهان پراڻين ۽ گنل موترن کي اسپري رنگ سان چمڪندي ۽ تجلا ڏيندي ڏٺو هوندو ۽ مون ڪراڙين کي دراز عمر جون جهريون لڪائڻ لاءِ ڇهري کي رنگن سان ٿڦيندي ڏٺو آهي. سچ ٿو چوان ادا وفائي، تہ ڪجهہ دير لاءِ پنجاهہ سالن جون پوڙهيون بہ ويهن سالن جون البيليون نظر اينديون

آهن. آهي ڪو دل جگر وارو جو ان حيرت انگيز ترقيءَ کان انڪار ڪري سگهي. ڪيئن! هينئر ته ادبي ابا به انڪار ڪري نه سگهندا.

اسان سنڌي ملهه به رفته رفته ترقي ڪري رهيا آهيون. اسان مردن به ”جينز“ پائڻ شروع ڪيون آهن. ڪالر کي ڪنڌ تي ڪڙو ڪرڻ فيشن آهي. آهيون ته جوان پر چيلهه لوڏي هلڻ نزاڪت آهي. ”ڪروڪٽ“ وار رکائي اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته اسان ولائتي آهيون ۽ پاڪستان ۾ پيدا ٿيڻ محض اتفاق آهي. ۽ جنهن وقت محفل ۾ ويهي اسان اصليت لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون (ته اسان سنڌي آهيون) ان وقت هڪ ورانگ سان ترقيءَ جا ڏهه ڏاڪا طي ڪري ويندا آهيون. اهڙي ترقي شايد ئي ڪڏهن ٿي هجي. ترقيءَ جي تيزي ڏسي ادبي ابا گدگد ٿيندا هوندا. ان ترقيءَ لاءِ ٺيڪيدارن خوب پاڻ پتوڙيو آهي. جيڪو ٻج انهن گهڻو اڳ ڇٽيو هو تنهن جو نتيجو اڄ سندن اڳيان آهي. خود ساخته سنڌي ادب جي رهنمائن ۽ ليڊرن نهايت ديده دليريءَ سان ۽ مستقل مزاج ٿي، پنهنجي نسل ۽ مستقبل جي معمارن کي سنڌي ادب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ کان بد دل ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان ضرب سان سندن حسرتون پوريون نه ٿيون، هتاڪ هنن پنهنجي اولاد کي هر ان جز کان جدا ڪري ڇڏيو جنهن ۾ سنڌي ساهت سمايل هئي. ۽ اڄ اسان نوجوان ان راهه تي رسي رهيا آهيون جيڪا سنڌي ادب جي محسنن تعمير ڪئي. منزل ويجهي آهي برادرم وفائي، جلد ادبي ابا پنهنجو ماڳ ماڻيندا. ادا، ڏسو ته ترقي ٿي رهي آهي!

ماشاءالله اها ترقي جاري رهي! ۽ جاري به ته آهي. جنهن ڪوٽ کي اڄ کان تيرهن سئو سال اڳ تعمير ڪيو ويو هو اڄ ان ڪوٽ جي فصيل کي اڃا به بلند ڪيو ويو آهي. بندياٽين کي بند ۾ رکڻ به ته ترقي آهي. سبحان الله، ترقيءَ جو انداز به ته ڏسو- انسانيت ته رهي درڪنار، مذهب کان به پاسو آهي. ستا سور ٿا جاڳن ادا وفائي، هنياءُ ٿو ڦاٽي هيءَ ترقي ڏسي، مان سهي نٿو سگهان.

سماجي ناسورن کي ڦٽو ڪري لهي اچي ادب تي. هڪ همراهه جو خيال آهي ته تقسيم هند کان پوءِ سنڌي ادب ۾ خاص ڪري ناولن ۽ افسانن حيرت

انگيز ترقي ڪئي آهي. سبب ۾ صاحب موصوف فرمايو تہ اڄ تائين سندس پنج افسانہ شايع ٿي چڪا آهن. سوچڻ جو انداز نهايت اوچو آهي!

هڪ ٻئي اديب سان (جنهن کي وسيع مطالعي جي دعوا آهي) ادب تي ڳالهائيندي جڏهن مون ڪيس ڪرشن چندر جو حوالو ڏنو تہ هڪدم لاپرواهيءَ سان چيائين. ”ڪرشن چندر ڪهڙو شڪارپور وارو جيڪو لکي در تي پڪوڙا وڪڻندو آهي“. برادرم، ڪرشن چندر جي وجود کان ناواقف، عظيم اديب اسان وٽ موجود آهن. اها ترقيءَ جي انتها آهي جنهن کان مون اڳ انڪار ڪيو هو. افسوس اٿم پنهنجي غلطيءَ تي!

هڪ ٻئي اديب ترقيءَ جي بچاءَ ۾ هڪ زوردار دليل پيش ڪيو تہ هو (پاڻ اديب صاحب) سنڌ جو مشهور اديب آهي، ظاهر ٿيو تہ سنڌي ادب ترقي ڪري رهيو آهي. لبيڪ يا ترقي!

هڪ دفعو گڏهہ کي سڱ ڄاوا هئا تہ سندس فوٽو ملڪ جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو هو. پوءِ ان گڏهہ دعويٰ ڪئي تہ گڏهن ترقي ڪئي آهي ڇوجو سندس فوٽو اخبارن ۾ آيو آهي. برادرم وفائي، ڏسندا وڃو ترقيءَ جو انداز!!! هڪ ڇوٽيءَ جي ليکڪ ۽ اديب نهايت فخر سان ڳالهائيندي مون کي ٻڌايو تہ سڄي سنڌ کي هن تي ناز آهي ڇوجو کيس مغربي يونيورسٽيءَ جي ڊگري آهي. مون ڪانئس اهو نہ پڇيو تہ حضرت ذرا ٻڌايو تہ مغرب جي اها ڪهڙي يونيورسٽي آهي جنتي سنڌي لٽريچر پڙهايو ويندو آهي. خاموشيءَ ۾ بهتري ڄاتم ڇوجو صاحب موصوف ڪهنہ مشق ۽ اهل قلم، مايہ ناز ليکڪ ۽ صاحب قلم، اديب ۽ نقاد، فاضل ۽ عالم، سنڌ جي ٽڙيل پکڙيل ادبي سرمايہ کي ميڙيندڙ ۽ سڀ کان وڏيڪ تہ اڃا تائين ”نوجوان“ آهي.

برادرم وفائي! پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر ڪراچي آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪتابن جا وڏا وڏا دڪان آهن. انهن دڪانن ۾ توهان کي سنڌي ناولن، افسانن ۽ مضمونن جي مجموعن جا لاتعداد ڪتاب نظر ايندا. خريدارن جي پيهہ تہ توهان بہ ڏٺي هوندي. دڪانن جي الماڙين، ڪبٽن ۽ ريڪس ۾ رکيل سنڌي ڪتاب بار بار مون کي ڦڪو ٿا ڪن تہ سنڌي ادب ترقي ڪري رهيو آهي ۽ تون ان امر کان انڪار ٿو

ڪرين. ۽ خريدارن جي پيهه شرمندو ٿي ڪري، تہ اي ادبي ابابيلن جا دشمن اسان سڀ سنڌي ناول ۽ افسانن جا مجموعا وٺڻ آيا آهيون. ڏسي ڪيتري دير ڪان اسان هن دڪان جي ڪلرڪ جو انتظار ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ سنڌي ڪتابن جو اڪيچار خزانو سمايل آهي. ڪراچيءَ جي هر دڪان جي اها حالت ترقيءَ جي قوي ۽ ڪليل دليل آهي. ٻارهن سالن کان سنڌي ڪتاب ڇپائيندڙ ڏسندا وڃن هي تماشو!!!

برادرم وفائي! ڪنهن ڏينهن توهان بہ مون سان گڏجي هلو تہ ٻہ چار سنڌي ناول خريد ڪيون. ورنہ دوست الزام لڳائيندا تہ سنڌي فقط انگريزي ۽ اردو ناول ئي وٺن ۽ ڪين سنڌي ناولن کان نفرت آهي.

**ٻڌي ٻاروچا ورين، هن عاجز جون آهون،**
**درد ٻريون دانهون، ڪري ٿي ڪافن ۾.**
**(سچل)**

توهان جو پنهنجو

1960

# ڪڏهن منجهہ ڪوٺن

حيدرآباد، سنڌ

پيارا طارق

هي خط بي انتها گُهٽ ۽ ٻُوسٽ جي احساس مان لکي رهيو آهيان. هي خط پابندين جي احساس مان لکي رهيو آهيان. هيءُ خط پريشاني ۽ پشيمانيءَ جي احساس مان لکي رهيو آهي. ڪوٺ آهن، ڪڙا آهن، ۽ مان توکي خط لکي رهيو آهيان.

هيءَ خط تنهنجي لاءِ آهي. هيءُ خط سهڻيءَ جي لاتعداد پڙهندڙن لاءِ آهي، جن سان تو منهنجي نمبر متعلق واعدا ڪيا. پر اُهي واعدا منهنجين ڪوتاهين سبب وفا ڪري نہ سگهيو آهين، مان ڏوهي آهيان، مون کي پنهنجي ڏوهہ جو اعتراف آهي.

گذريل ويهن ڏينهن ۾ جيڪي ڪجهہ مون سان ٿي گذريو آهي، سو توکان ڳجهو ناهي. گذريل ويهہ ڏينهن مون ذليل ۽ خوار ٿيندي گذاريا آهن. گذريل ويهہ ڏينهن مون توڪرون کائيندي گذاريا آهن. گذريل ويهہ ڏينهن مون انڌير نگريءَ ۾ ادب لاءِ انصاف ڳوليندي گذاريا آهن. ان عرصي ۾ جيڪي ڪجهہ منهنجي مشاهدي ۾ آيو آهي، ۽ جيڪي ڪجهہ مون سان ٿي گذريو آهي، ۽ گذري رهيو آهي، سو منهنجي ادبي زندگيءَ جي ميراث آهي. مان اها ميراث معاشري کي موٽائيندس. مان هيڪلو پنهنجي تجربي جو شاهد آهيان. مان ئي پنهنجي تجربي جي تلخين جو ڪاتب ٿيندس.

گذريل ويهن ڏينهن جي وٿ ــ پڪڙ منهنجن نظرين کي پختو ڪري ڇڏيو آهي. مون کي يقين ٿي ويو آهي تہ ايفرو ايشيائي، ۽ خاص ڪري سنڌ جي ليکڪن لاءِ تحرير جي آزاديءَ جي تمنا رڻ پٽ جو سفر آهي ـ

ڏکوين اهيڃاڻ، کُلهي ڦاٽو ڪنجرو
وچن گندر گڏيون، لوڪ نہ آڇن پاڻ،
سورن اسان ساڻ، نـنـڍيئي نيهہ ڪيـو.

عام طرح، سنڌي اديب غير تمند هوندو آهي، ۽ ادب جي اعليٰ قدرن جو پرستار هوندو آهي. هو ثنا خوانيءَ بدران قلم کي دل ۾ تنبي، هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويندو آهي، پر ادب جي تقاضائن کي نہ لڄائيندو آهي. گذريل ويهن ڏينهن ۾ رکي رکي منهنجي آڏو اهو ئي مسئلو ايندو رهيو آهي، تہ مان هميشہ لاءِ خاموش ٿي وڃان، يا پنهنجي ضمير ۽ ڌرتيءَ سان سچو رهي لکندو رهان، ۽ ان جي عيوض پنهنجي ڪٽنب سميت بيروزگاري، بک، ۽ افلاس جي اجگر آڏو ذبح ٿي وڃان! اهو مسئلو فقط منهنجو مسئلو ناهي. اهو مسئلو ايفرو ايشيا جي انهن سمورن ليکڪن جو مسئلو آهي، جيڪي ڪنهن بہ قيمت تي حالتن سان ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

طارق، مان اڃا جيئرو آهيان، پر منتشر ٿي ويو آهيان. مان پنهنجي وجود جا ٽڙيل پکڙيل حصا ميڙي رهيو آهيان. مان گم ٿيل، ۽ ڪومايل گلن جو تبسم ڳولي رهيو آهيان. مون کي سچل واري اٿانگي عشق جي تلاش آهي. زندگيءَ جي قدرن متعلق منهنجا ڪي پنهنجا نظريا آهن. انهن نظرين جي اظهار جو مون کي ويهين صديءَ جي سڌريل ۽ بين الاقوامي قانونن مطابق حق آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اڄ ڪلهہ حق جي تقاضا منهنجي خلاف سڀ کان وڏو الزام آهي. مون کي سڌو سنئون مصلحت جي سوريءَ تي لٽڪائڻ وارا قلندر لعل شهباز جي چوهن کي شرمندو ڪري رهيا آهن.

منهنجي خلاف جيڪو غبار اُٿيو آهي، سو لٿو ناهي. ڊيموڪليس جو خنجر، جيڪو ڪچي ڌاڳي ۾ منهنجي مٿان لٽڪايو ويو آهي، سو اڃا ٽٽو ناهي. منهنجا پساهہ جيڪي گذرندڙ هر گهڙيءَ سان گڏ ختم ٿي رهيا آهن، سي کُٽا ناهن. نہ مون پنهنجي سيني آڏو بچاءَ لاءِ ڪا ڍال جهلي آهي، ۽ نہ سنگينون پنهنجي جاءِ تان پري ٿيون آهن. نہ مون ڪا پناهہ ورتي آهي، ۽ نہ ئي گولي هلائڻ وارا پنهنجي هوڏ تان لٿا آهن.

منهنجا هٿ نٽيا آهن. مان انصاف جي ساهميءَ جي ڪاڻ ڪيڏي نٽو سگهان. مان هن وقت ٿامس ڪارلائل جي ٻڌايل لمحن جي پولار ۾ قابو آهيان. مان ٻہر جي وڻ هيٺان ويٺو آهيان، ۽ ڳاڙهن ٻيرن لاءِ واجهائي رهيو آهيان. مون کي ان شخص جي ڪهاڻي لکڻي آهي، جنهن نانگ ڦڻ ۾ مٺيان ڳولڻ جي بيوقوفي ڪئي هئي.

سهڻيءَ جو هيءُ، جولاءِ وارو پرچو نمبر ٿي نہ نڪتو آهي، تنهن لاءِ تنهنجي بدران مان سهڻيءَ جي پڙهندڙن کان معافيءَ جو طلبگار آهيان. مهربان پڙهندڙ منهنجين مجبورين ۽ روح تائين ڪڙو ڪندڙ آزمائشن کي محسوس ڪندي، مون کي بخشي ڇڏيندا. مان آگسٽ جي پرچي لاءِ توکي ڪجهہ ڪهاڻيون، مضمون ۽ انٽرويو ڏيندس. پر تون طارق، نمبر لاءِ ڪوبہ واعدو نہ ڪجانءِ. اسان سڀ لاٿا ناهن، ۽ واءُ جي سنوت جي ڪا سُڌ ڪونهي. ڪا خبر ڪونهي، تہ غوراب ڪڏهن، ۽ ڪهڙي ڪُن ۾ غرق ٿي ويندو.

تنهنجو

1973

# ڳوليان ڳوليان م لهان

منهنجا پيارا، منهنجا دلبر، نثار

ڪوبہ رشتو دل جي رشتي کان وڌيڪ مضبوط نہ ٿيندو آهي. قرب جي ڪنڊيءَ جي چڪ ڪوهن تان محسوس ڪبي آهي. اوهان جا قربائتا، پيارا ۽ حبدار خط مون کي ملندا رهيا آهن. هر دفعي اوهان جو خط پڙهي سوچيندو آهيان تہ اوهان کي خط جو مفصل جواب لکندس ـــ اوهان سان اندر جو حال اوريندس ــ دل جي شهر جو در کولي اوهان کي وستين جي ويراني ڏيکاريندس!

گهڻو اڳ ڪنهن انٽرويو ۾ مون کان پڇيو ويو هو تہ "تون لکندو ڇو آهين!" جواب تہ مون کي ياد ڪونهي، پر جواب جو مفهوم ياد آهي. جواب ۾ چيو هوم "تہ مان نڪمو ۽ ناڪارو شخص آهيان ـ منتشر خوابن جي سلسلي کي جوڙي ڪهاڻيون لکندو آهيان. لکڻ کان سواءِ مان ٻيو ڪو بہ ڪم ڪري نہ سگهندو آهيان. مون لکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي، تنهن ڪري مان لکندو آهيان." نثار، منهنجا دوست، ان جواب کي تحرير ڪئي، ۽ شايع ٿئي ڪي ورهيہ وهامي ويا آهن. ان جواب کان پوءِ مون کي جيڪي چوڻو هو سو تڏهن مان چئي نہ سگهيو هوس. ان جواب کان پوءِ مون کي جيڪي چوڻو هو سو اڄ چوندس.

مان اوهان کان هزار کن ميل پري آهيان. گذريل ٽن چئن سالن ۾ (هلال پاڪستان ۽ الفتح جي ڪالمن کان سواءِ) مان شايع نہ ٿيو آهيان ـ منهنجيءَ مسلسل خاموشيءَ انومانن ۽ افواهن جا ڪوهيڙا ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن تہ امر جليل ڏڄي ويو آهي ـ امر جليل نوڪري بچائڻ جي چڪر ۾ آهي ـــ وغيره. ڏڄڻ! نوڪري بچائڻ! مان عرض ڪري چڪو آهيان تہ مان لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم ڪري نہ سگهندو آهيان ـــ مان بدحواس آهيان ـ وحشتن جو ساٿي آهيان ـ خوابن لاءِ تعبيرن جو

۽ تعبيرن لاءِ خوابن جو متلاشي آهيان. مان جنهن ڏينهن لکڻ ڇڏيندس، ان ڏينهن خودڪشي ڪندس. ان ڳالهہ جو لوح محفوظ ۾ فيصلو ٿيل آهي. نثار منهنجا دوست، مون لکڻ ڇڏيو ناهي. لکي رهيو آهيان ــ مسلسل لکي رهيو آهيان، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ باقاعدي رسالن جي غير موجودگيءَ سبب شايع نہ ٿي رهيو آهيان. پر، اصل ۾ هڪ ٻيو سبب بہ آهي، جيڪو سڀ کان اهم آهي، اتم آهي، جو ڪٿي بہ شايع نہ ٿي رهيو آهيان ــ اڄوڪي خط ۾ مان اوهان سان ۽ اوهان جي پبليڪيشن جي پڙهندڙن سان ان سلسلي ۾ ڳالهائيندس.

مون ڪڏهن بہ ان دعويٰ سان نہ لکيو آهي تہ منهنجين تحريرن سبب سنڌ ۾ سماجي، معاشرتي، اقتصادي ۽ سياسي انقلاب ايندو. مون ڪڏهن بہ ان دعويٰ سان نہ لکيو آهي تہ منهنجين ڪهاڻين پڙهڻ سان سوچ جو نئون سلسلو شروع ٿيندو. مون فقط هڪ اميد جي سهاري لکيو آهي، تہ منهنجي تحرير ڪنهن جي مقدس هٿن تائين پهچندي هئي. ڪو منهنجيون ڪهاڻيون پڙهندو هو، ڪالم پڙهندو هو، ڪالمن ۾ اندر جو احوال ڏسندو هو! منهنجي هر تحرير جي هڪ هڪ سٽ هن لاءِ هئي، هن لاءِ آهي، ۽ هن لاءِ هوندي. ٽن ــ چئن سالن کان مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي ڪابہ تحرير هن جي مقدس هٿن تائين پهچڻ کان مجبور ٿي پئي آهي.

هن هڪ دفعي چيو هو، ”تون لکندو آهين، يا جادوگري ڪندو آهين!“

پڇيو هيم، ”ڪيئن.“

هن چيو هو ”تنهنجين ڪهاڻين ۽ ڪالمن ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي، پر تنهن هوندي بہ ماڻهو توکي پڙهندا آهن.“

مون سندس ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليندي چيو هو ”جادوگري هنن، تنهنجن مقدس هٿن ۾ آهي سنڌو. مان تنهنجي ڪري آهيان. مان تنهنجي لاءِ آهيان. تون جنهن ڏينهن مون کي پڙهڻ ڇڏي ڏيندينءَ، تنهن ڏينهن سمورو ڏيهہ مون کان منهن موڙي ڇڏيندو ـ سمورو طلسم ٽٽي پوندو.“

هڪ دفعي هڪ نامور اديب مون کان پڇيو هو.

”توهين شادي ڇو نہ ٿا ڪريو؟“

مون ان باري ۾ ٻئي ڏينهن سنڌوءَ سان ڳالهايو هو. آرٽس ڪائونسل جي لان تي اسان گلرنگ ڪان چانهہ گهرائي هئي. هن بنا کنڊ جي چانهہ جو ڪوپ ٿاهي منهنجي اڳيان رکيو. چيم، ”کنڊ تي راشن آهي، پر هوٽل جي کنڊ تي تہ راشن ناهي.“

چيائين، ”تنهنجي لاءِ کنڊ تي مڪمل بندش آهي. ٿلهو تي پيو آهين. نسيم ڪرل سان مقابلو ڪندين ڇا!“

چيم، ”کهاٽين ۾ جيڪڏهن نسيم ڪرل جو مقابلو ڪري نہ ٿو سگهان تہ گهٽ ۾ گهٽ ٿولهہ ۾ تہ نسيم ڪرل جو مقابلو ڪري سگهان ٿو.“

چيائين، ”ڪابہ جرح توکي کنڊ جي اڌ چمچي لاءِ مستحق ثابت ڪري نہ سگهندي.“

ڦڪي چانهہ پيئندي مون سنڌوءَ کان پڇيو. ”اسين شادي ڇونہ ٿا ڪريون.“

سنڌوءَ چيو ”ڇو جو اسين پنهنجي رشتي جي سموري سونهن کي بدصورتيءَ ۾ بدلڻ نہ ٿا چاهيون.“

چيم، ”هڪ ٻيو سبب بہ آهي، سنڌو.“

پڇيائين، ”ڪهڙو!“

چيم، ”اسين شاهہ لطيف جا سودائي آهيون. تون ۽ مان شاهہ لطيف جي هڪ بيت جو مفهوم آهيون ــ تشريح آهيون.“

پڇيائين، ”ڪهڙو بيت.“

چيم، ”ڳوليان ڳوليان م لهان، شال م ملان هوت.“

هوءَ اداس ٿي پيئي ــ ناريل جي وڻن ڏانهن ڏسڻ لڳي. خيالن ۾ وڃائجي ويئي. تڏهن، مون سندس اکين ۾ لڙڪ ترندي ڏٺا. ڪيس سڏ ڪيم، ”سنڌو.“

هن مون ڏانهن ڏٺو.

”ڇو سنڌو؟“

”ڪجهہ ڪونهي.“

”ڪجهہ تہ آهي.“

"بس ائين ئي."

پڇيم، "ان وقت جي اذيت جي باري ۾ پئي سوچين جڏهن تون ۽ مان ڪڏهن بہ ملي نہ سگهنداسين."

هڪ لڙڪ پنبڻين جو بند ٽپي سندس اکين مان وهي نڪتو. چيائين، "مان ان وقت جي اذيت سهي سگهنديس. پر تون مري ويندين — امر تون مري ويندين."

مان اڃا جيئرو آهيان، نثار (تعجب آهي)! مان توهان جي پبليڪيشن لاءِ لکندس. الاءِ ڇو محسوس پيو ڪريان، تہ ڪو وسيلو پيدا ٿي پوندو ۽ اوهان جي پبليڪيشن وارو پرچو ڪو مهربان هن جي مقدس هٿن تائين پهچائيندو. مان توهان جي پبليڪيشن لاءِ ضرور لکندس. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن فون ڪري پڇندي هئي، "ڪيئن آهين!"

مان چوندو هوس، "اڃا جيئرو آهيان."

توهان جي پبليڪيشن ۾ منهنجي هيءَ، يا ٻي ڪا تحرير ڏسي شايد هوءَ وري ڪٿان فون ڪري ۽ پڇي، "امر، ڪيئن آهين!"

۽ مان چوندس، "بس سنڌو جيئرو آهيان."

ماڻهو مون کان پڇندا آهن تہ سنڌو ڪير آهي؟ مان رازن مان نہ ڄاڻان. پر هوءَ منهنجيءَ زندگي جو سڀ کان پهريون، ۽ سڀ کان آخري راز آهي. مان سنڌوءَ جي باري ۾ فقط ايترو ٻڌائڻ جي قناعت ڪري سگهان ٿو تہ مان هن لاءِ لکندو رهيو آهيان، ۽ مان هن لاءِ لکندو رهندس.

مان پيغمبر نہ آهيان، تنهن ڪري ڪوبہ جبريل مون سان مخاطب نہ ٿيو آهي. مون جبريل سان ڳالهايو آهي — تہ هوءَ جتي بہ آهي، شل سندس دامن خوشين سان ٿمثار رهي، ۽ سندس اک آلي نہ ٿئي.

تنهنجو

1975

# ادبي خط

ايڊيٽر ٿـ ماهي مهراڻ

سائين

پڙهندڙن طرفان آيل خطن جي جواب ۾ ڪجهہ خط اهڙا بہ هوندا آهن، جن جو دائرو هڪ فرد تائين محدود ٿـ لڳندو آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي تہ جڻ اهي جواب شايع ڪرائي عام پڙهندڙن تائين پهچائجن. اهڙو هڪ پيو خط ڪالهہ لکيو اٿم. ٻنهي خطن جون فوٽو ڪاپيون موڪلي رهيو آهيان، "ادبي خط" جي عنوان سان شايع ڪري ڇڏيندا.

ـ جليل

ڀاءُ عبدالجليل مخدوم،

ورهين کان پوءِ يادگيريءَ لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان.

ڪراچيءَ ويل هوس. ڪالهہ موٽيو آهيان. اوهان جو خط پڙهي خوشي ٿي. خوشي ان لاءِ جو ليکڪ سان واضح نموني ۾ تفصيل سان ڳالهائجي. اهڙن خطن جا جواب مان ترت ڏيندو آهيان، ۽ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان.

ڀاءُ، هڪ لحاظ کان منهنجي بدنصيبي آهي، جو شهر ۾ ڄائس، شهر ۾ نپيس ۽ پليس، شهر ۾ ئي جوان ٿي پوڙهو ٿيس. لڳيم ٿو، آخري سفر تي پڻ شهر مان روانو ٿيندس. بدقسمتيءَ سان منهنجو مشاهدو شهرن تائين، ۽ شهرن جي وچين، هيناهين ۽ ڏتڙيل طبقي تائين محدود آهي. مان جيستائين متاثر نـ ٿيندو آهيان (ڪنهن واقعي يا ڪردار کان) تيستائين لکي نـ سگهندو آهيان. اهو ئي سبب آهي (شايد) جو مون تي اڪثر تنقيد ڪئي ويندي آهي تہ منهنجين ڪهاڻين جا ڪردار عام رواجي نـ هوندا آهن. مان سمجهان ٿو ائين برابر آهي. مان

جيڪڏهن ليڪڪ بدران آرٽسٽ هجان ها، تہ يقين ڄاڻو، صادقين وانگر انسان جي درد کي اظهار جي صورت ڏيڻ لاءِ سندس جسم مان ٽوهر ٽُٽي نڪرندي ڏيکاريان ها، ۽ سندس سسي سندس ئي هٿ تي بيٺاريان ها. مان مارا ڪاريءَ کي خودڪشيءَ جو اعليٰ ترين طريقو سمجهندو آهيان. مان جيڪڏهن فوٽو گرافر هجان ها تہ جيڪر ڊبل ۽ ملٽيپل ايڪسپوير واري فوٽو گرافي ڪريان ها، ۽ اسپيشل اِفيڪٽس لاءِ مختلف لينس استعمال ڪريان ها. ان احساس کي اوهين منهنجي وڏي ۾ وڏي خامي سڏي سگهو ٿا.

گهڻو اڳ، ڪنهن انٽرويو ۾ پڇيل هڪ سوال جو جواب ڏيندي چيو هوم تہ، لکڻ لاءِ جيڪڏهن مون کي رواجي حالتون مِلن ها تہ مان ڪڏهن بہ لکي نہ سگهان ها، مان فقط گُهٽ، ٻوسٽ، وٺ پڪڙ ۽ سينسر شپ واري غير معمولي ماحول ۾ لکي سگهندو آهيان، ۽ شدت سان لکي سگهندو آهيان. اتفاق جي ڳالهہ آهي جو گذريل پنجويهن سالن کان، جڏهن کان مان لکي رهيو آهيان، مون کي لکڻ لاءِ ڏانوَ وٽان ماحول مليو آهي.

دنيا جي جنهن بہ يونيورسٽيءَ ۾ ادب پڙهايو ويندو آهي، اُتي ڪهاڻيءَ ۽ ناول کي تخليقي ادب جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪهاڻي ۽ ناول جي صنف جا ليکڪ پنهنجين تحريرن ۾ اهڙن ڪردارن کي بہ تخليق ڪندا آهن، جنم ڏيندا آهن ۽ پيدا ڪندا آهن، جن جي باري ۾ پڙهڻ، يا ٻڌڻ سان اتساهہ، اميد، محبت، نفرت، بدلي ۽ در گذر ڪرڻ جهڙا بنيادي انساني جذبا واضح نموني ظاهر ٿي پوندا آهن، ۽ پنهنجي دور کي متاثر ڪندا آهن. جيئن آرٿر ڪوئيسلر جي ناول ”ڊارڪنيس آئٽ نون“ جو مرڪزي ڪردار روباشوف.

سمجهان ٿو مون ڏيڍ يا بہ سئو کن ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان پنجن ـــ ڇهن ڪهاڻين ۾ اسٽينوگرافرن، ڪلارڪن، ڪافي ۽ ريسٽورنٽ وغيره جو ذڪر آهي. غير سنجيده تنقيدن ۾، جن کي مان پنهنجي باري ۾ ٺٺوليءَ سان تشبيهہ ڏيندو آهيان، فقط اِنهن ڪهاڻين جو سرسري حوالو ڏنو ويندو آهي، جيئن اوهان پنهنجي خط ۾ ڏنو آهي. اهڙين تنقيدن ۾ اروڙ جو مست، زندگي هڪ ڪن، هن چار ۾، عشق ۽

انٽرويو موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان ۽ چريٽ وارين ڪهاڻين جو ذڪر يا حوالو نہ ڏنو ويندو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ لکيل، عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن، ٽئين دنيا، پنجين موسم، رني ڪوٽ جو خزانو وغيره جو بہ ذڪر نہ ڪيو ويندو آهي. انهن ڪهاڻين ۾ اسٽينو گرافر چوڪريون، ڪلارڪ، ڪافي ۽ ريسٽورنٽ وغيره وارو ماحول نہ آهي.

هر اُچاريل لفظ کي ٻڌندڙ ۽ هر لکيل لفظ کي پڙهندڙ ملي ويندو آهي. منهنجين تحريرن کي فقط اهڙن پڙهندڙن پسند ڪيو آهي، جن رستي جي پٿرن ۾ تاج محل ڏٺو آهي، ۽ سوريءَ کي سرويچن جو سينگار سمجهيو آهي. مون کي احساس آهي تہ منهنجن پڙهندڙن ۽ منهنجين تحريرن کي پسند ڪرڻ وارن جو تعداد تمام محدود آهي. مان محدود دائري ۾، محدود پڙهڻ وارن جو محدود ليکڪ آهيان.

ڪجهہ عرصي کان منهنجين تحريرن ۾ ايليمنٽ آف سُپر نيچرل، جنهن کي سنڌيءَ ۾ مافوق الفطرت چئبو آهي، داخل ٿي رهيو آهي، شايد معنائن کي وڌيڪ توسيع ڏيڻ لاءِ. ان سلسلي ۾ مان حوالو ڏيندس، ”عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن“، ۽ ”رني ڪوٽ جو خزانو“، وغيره جو. ”ٽيون وجود“ جهڙي ڀڄاڻي هڪ کان وڌيڪ دفعا مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺي آهي. دنيا ۾ اڃا بہ گهڻو ڪجهہ ۽ بي انتها حد تائين، ترقي پسنديءَ جي باوجود انسان جي عقل ۽ فهم جي دائري کان ٻاهر آهي. جنهن رات ڪراچيءَ ۾ منهنجي جيجل امڙ منهنجين ٻانهن مان آسمان ڏانهن پرواز ڪئي هئي، تنهن رات، سڪرنڊ ۾ اڌ رات ڌاري، ساڳئي وقت، بابا جاڳي پيو هو ۽ تهجد پڙهندي روئي پيو هو. منهنجي ننڍپڻ جو سنگتي، ساٿي ۽ سئوٽ، رفيق، ٽيهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ مون سان ملڻ آيو هو. شينهن جهڙو اورچ ۽ سگهارو. اسٽيشن تي ڇڏڻ ويو مانس. ياڪر پائي موڪلايوسين تہ روئي پياسين. مون محسوس ڪيو تہ ڪيس وري ڏسي نہ سگهندس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ روهڙيءَ مان فون آئي. رفيق اوچتو ئي اوچتو گذاري ويو. موت منهنجي لاءِ نہ فقط پُر اسرار آهي، پر هميشہ کان، خاص ڪري امڙ جي اُسهڻ کان پوءِ، تجسُس جو سبب رهيو آهي. ”ٽيون وجود“

۾ روپ جو اهڙي وقت اچڻ، جڏهن چاچا ذري گهٽ آخري سفر تي روانو ٿي چڪو هو "عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن" ۾ محرم علي جي موتي اچڻ کان وڌيڪ پُر اسرار نہ آهي. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ تجسس امڪان جي حد اندر آهي، ۽ ٻئي ڪهاڻيءَ ۾ تجسس امڪان جي حد کان ٻاهر آهي.

دعائون

اوهان جو

O

پيارا جئرام

اسلام آباد کان ٻاهر ويل هوس. موٽي آيو آهيان تہ اوهان جو قربائتو خط مليو آهي. جواب ۾ دير لاءِ دل ۾ نہ ڪندا.

اوهان پنهنجي خط ۾ ڪجهہ سوال پڇيا آهن. جواب لکڻ فرض سمجهان ٿو ۽ عرض ڪريان ٿو تہ منهنجو خط پنهنجي دوستن کي بہ پڙهائيندا. جن ايتري پيار ۽ غور سان مون کي پڙهيو آهي.

لاڳيتو ۽ مسلسل لکڻ سبب هر ليکڪ پنهنجي لکڻيءَ، پنهنجي تحرير ۽ پنهنجي اظهار لاءِ پنهنجو انفرادي انداز ۽ ڍنگ پيدا ڪري وجهندو آهي، جنهن ۾ سندس شعوري ڪوشش کي ڪوبہ دخل حاصل نہ هوندو آهي. ڪرشن چندر، هيمنگوي، بيدي، ۽ پُراڻي ڪلاسيڪي ادب مان پيرومل مهر چند آڏواڻي وغيره جو مثال ان سلسلي ۾ ڏيئي سگهجي ٿو. شاعرن ۾ اوهان ڏٺو هوندو تہ سچل ۽ شاهہ جو پنهنجو پنهنجو انداز آهي. اياز ۽ نياز همايونيءَ جو پنهنجو پنهنجو انداز آهي. مون کي پنهنجي اوڻائيءَ جو احساس آهي. هڪ اسٽائيل هئڻ سبب مان ڪجهہ پڙهندڙن کي ٻنهہ نہ وڻندو آهيان.

"دل جي دنيا" لکڻ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو هو تہ ڪهاڻي ختم ٿي ويندي آهي، پر ڪهاڻيءَ جا ڪردار ختم نہ ٿيندا آهن — چوتہ ڪهاڻين جو ڪو اهڙو سلسلو شروع ڪجي جنهن ۾ ڪردار ساڳيا هجن، پر ڪهاڻيءَ جو موضوع نئون هجي! اهڙي سوچ اچڻ کان پوءِ "زهر ۽ زندگي" لکي هيم. افسوس اٿم جو ان سلسلي کي جاري رکي نہ سگهيم. حياتيءَ وفا ڪئي تہ ان سلسلي کي هڪ دفعو ٻيهر شروع

ٽيندي ٽي وڃي.

ڪوڙهي جسم ۾ هڪ ڦٽ ڳولهڻ تہ مشڪل آهي، پر جتان وڏيڪ روڳ وهندو نظر وڃي اتي ڪپندي پيري مريديءَ جيڪي ويل وهايا آهن تن کي ڳولڻ لاءِ، سنڌ جي مرشدن جي تاريخ کولڻي پوندي، جن جي آستانن ۽ حجرن ۾ پينگ ۽ چرس ۾ مدهوش مريد سندن خدمت ۾ ليٽڙيون پائيندا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ هڪ مرشد سڳورو هندستان گهمي موٽيو آهي. جڏهن ڪيس هوائي جهاز مان لاٿائون ٿي تہ حضرت جا قدم نٿي کڄيا، شراب سند س اعصابن کي نابود ڪري ڇڏيو هو. اهڙا جڏا، پٽڪيل ۽ پليل، اندر جي اکين کان انڌا، جن کي خود روشنيءَ جي ضرورت آهي، سي ٻين کي ڪهڙي راهہ ڏيکاريندا ۽ ڪهڙي ماڳ اماڻيندا؟

سڀ ملامت مرشدن تي ناهي. رڍن وانگر مرد گڏ ڪرڻ لاءِ دماغ ۽ عقل جي ضرورت آهي. شابش آهي اهڙن مدارين کي جي پنهنجو جلوس پاڻ ڪڍائن ٿا. سچ پڇ تہ اهڙن دماغن کي داد ملڻ گهرجي، جيڪي اجتماعي طور تي عوام کي اُلو بنائيندا آهن.

پر اهي ٿانءِ پريا سانير جن کي صبح شام پنهنجي دولت ۽ ملڪيت، شان ۽ شوڪت، ۽ خاندان جو گهمنڊ ۽ غرور دامنگير رهندو آهي، انهن جيڪي انسانيت سان ظلم ڪيا آهن، تن جو مثال فقط اسلام کان اڳ عربن جي بد رسمن رواجن ۾ ملي ٿو.

خاندانَ دهل مثل آهن.

مچئون ٿا تہ جيئن وڏو دهل، تيئن وڏو سندس آواز! پر اسان کي اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ جيئن وڏو دهل تيئن اندر ۾ خالي. هڪ ٻي حقيقت جا دهلن جي باري ۾ مشهور آهي، سا آهي تہ وڏا دهل جهٽ ڦاٽي پوندا آهن.

پر جيستائين وڏا دهل ڦاٽن ۽ جيستائين وڏا خاندان خود ساختہ وڏائيءَ جي خوشفهميءَ ۾ مگن آهن، تيستائين سنڌ ۾ انسانيت پوين پساهن ۾ ڇڙيون هڻندي خاڪ ۾ ملي ويندي. اجهو ٻن ٽئن سالن جي ڳالهہ آهي. نواب شاهہ جي موني بازار مان مٽيءَ لٽيل جيپ ۾ هڪ وڏي خاندان جي ڇوڪري پنهنجي شيدي ڊرائيور سان ڀڄي ويئي. ٻڌوسين تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ وڏي خاندان وارن اثر رسوخ هلائي، پنهنجي

چوڪري واپس ورتي ۽ شيدي جوان کي گاجر واهه تي قتل ڪري ڇڏيائون قاتل اڃا تائين روپوش آهن!

سماجي افراتفري ۾ جيترا ظلم سنڌ جي سر زمين تي ٿين ٿا، تن جو مثال موجوده وقت ۾ ملڻ مشڪل آهي. قتل و غارت ۽ خون خرابيءَ جا هزارين مثال مهراڻ جي ماتريءَ ۾ ملندا.

ڪاش، اهي شخص جيڪي اسان کي اڻوجهه ۽ مسڪين تصور ڪن ٿا، هڪ دفعو اسان جو اصلي روپ ڏسن. اسان جي دل ۾ ليٽو پائي چنگيز ۽ هلاڪوءَ جا پاڇا ڏسن، ته هونئن کين خبر پوندي ته اسان ظالم، اسان سرڪش، اسان انسانيت کان باغي آهيون. اسان سنڌي آهيون.

سچي طلاطم جي پٺ ۾ اسان جي بد رسمن جو بي انت عرصو آهي. ان عرصي جي تاريخ ۾ جيترا ظلم سنڌ ۾ عورت تي ٿيا آهن، تن کي بيان ڪرڻ لاءِ تاريخن جا صفحا به ڪٽي پوندا. اڄ ڪالهه جيڪي واقعا پڄڻ پڄائڻ ۽ ڪارو ڪاريءَ جا ٿين ٿا، تن جا ٻه رخ آهن. هڪ رخ ڀيانڪ ۽ ڪارو آهي، ٻيو رخ حقيقتن جو مظهر ـــ هڪ رخ درد، ٻيو درد جو مرهم آهي. هڪ رخ رڇ ۽ ٻيو ڀني ڀني ڀيچ آهي. اهڙن پست سماجي حرڪتن جو هڪ رخ اسان جي سامهون اچي ٿو ۽ ٻيو لڪل رهي ٿو. جيڪو رخ سامهون آهي، تنهن ۾ اسان ڀچي ويل نياڻين جو گنهگار عڪس ڏسون ٿا، کين رسوا ۽ ڏڪاريل ڏسون ٿا. ٻئي رخ ۾ حقيقتون آهن. ۽ حقيقتون هميشه تلخ هونديون آهن. حقيقت هيءَ آهي ته اهي نياڻيون جن کي قدرت جي قانون ۽ انسانيت جي قدرن خلاف حويلين ۾ قيد ڪيو ويو ٿو سي هڪ ڏينهن موقعي ملڻ تي، آزاديءَ جي آواز تي لبيڪ چئي مجبور ٿي، بند خلاص ڪري، لامحدود ڪائنات جي ملامت سهڻ لاءِ نڪري پون ٿيون.

تصوير جا ٻه رخ آهن، هڪ طرف مسلسل ستم ۽ هتيا ڪند ٻئي طرف آزادي ۽ انسانيت جي بنيادي عقيدي، پيار جي چاهت آهي.

آزادي انسان جو پيدائشي حق آهي. ڳالهائڻ جي آزادي، خيالن جي پرواز ۾ آزادي، سوچڻ جي آزادي ۽ اخلاق جي حدن اندر ابابيل جي پرواز جهڙي آزاديءَ جي حصول جي تمنا انسان سان دامنگير رهي ٿي.

آزادي جي خواهش، امير توڙي غريب، سياڻو توڙي بيوقوف، عالم توڙي جاهل، سڀني ساهه وارن ۾ رواں دواں آهي. ان آزاديءَ لاءِ تاريخن جا صفحا معصومن جي خون سان رڱجي ويا. مظلومن جي آهه و زاريءَ سان ڀرجي ويا. هزارن جي دربدر زندگين جي ڪارهن سان ڪارا ٿي ويا. آزاديءَ جي تمنا جڏهن انفرادي دل ۾ پاسو اٿلائي، ته گهر تباهه ٿين. افراد جي دلين ۾ اٿل کائي، تہ خاندان تباهہ ٿين. ۽ جڏهن قومن جي دل ۾ جاڳي ته ملڪ ۽ دنيا جو امن تباهه! پر سڀ ڪجهہ لٽائڻ کان پوءِ جيڪو سرور آزاديءَ جي وصال ۾ آهي تنهنجي مقابلي ۾ تڪليفن جي پيڙا ڪابہ حيثيت نٿي رکي.

آزادي رومانوي شاعر جي تخيلي محبوبہ کان حسين، فنڪار جي رنگن کان وڌيڪ جميل ۽ ڪويءَ جي ڪويتا کان وڌيڪ مقدر آهي. سندس سڏ تي هزارن لبيڪ چيو آهي. سندس اشاري تي هن ڌرتيءَ جي ڇاتي پيادن جي پيرن هيٺان، گهوڙن جي سنبن هيٺان ۽ ٽينڪن جي ڦيٿن هيٺان چلجي ويئي. سندس آواز تي پانيپت ۽ مياڻي، برلن ۽ لينن گراڊ عراق ۽ شام جا ميدان، سرڪش جوانن جي فوجن سان ڀرجي ويا.

آزاديءَ ۾ جيڪا طاقت آهي، سا سج جي تپش کان تيز، چنڊ جي چانڊوڪيءَ کان نرم ۽ مهراڻ جي وهڪري جهڙي مانيٽي آهي.

اها ئي آزاديءَ جي خواهش آهي، پنهنجن جائز حقن جي حفاظت جي تمنا آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جون مظلوم نياڻيون، ڪهاڙين جي ڇانو ۾ بندوقن جي ڇاچن ۾ راتو واهہ "عمر ڪوٽ" کي ڪيري پڄي ٿيون نڪرن. اهائي آزاديءَ ۽ جائز حقن جي تمنا آهي، جنهن جي تلاش ۾ سنڌ جون بي آواز ۽ بيڪس نياڻيون هن هوشربا دنيا ۾ ڇولين ڇلڻ کان بہ ڪين ٿيون ڪيٻائن.

پوڙهو زميندار ڪجهہ جڙيون ٻوٽيون چکي ۽ ڇهي چار شاديون رچائيندو پر پنهنجي ڌيءَ جي خواهشن، تمنائن، امنگن ۽ قدرت جي اڻ ٽر قاعدي کي ڪچلي ڇڏيندو. حويلين جي پٺين کي وبهہ فوٽ اُڀو ڪري، ڪنهن ڪمري ۾ نياڻين کي پوري پنهنجي امارت، ڪوڙي شان ۽ شوڪت، جوئي عزت ۽ احترام جو دهل وڄائيندو آهي.

ڪان روڪي ٿي.

اسان بي حس آهيون.

اسان ساڪت ۽ جميل آهيون.

اسان جمود آهيون.

اسان جي تهذيب گنجو ٺڪر آهي ـ اسان ڪاهوءَ جو دڙو آهيون. هر دور ۾ اسان تي ظلم ٿيندا رهيا آهن. هر دور ۾ اسان ستم سٺا آهن. مسلسل نا انصافيون سهندي سهندي اسان پاڻ ظالم ۽ سنگدل ٿي پيا آهيون. اسان جي دل جمي وئي آهي. اسان محمد شاهه رنگيلي جا ساٿي آهيون.

حوس انسان جي اکين تي رنگين عينڪ چاڙهيندي آهي. شهوت پرست پاڻيءَ کي جام ۽ عورت کي رنڍي سمجهندو آهي. اڄ جن به شخصيتن جي هٿ ۾ سنڌ ي رواجن جي لڄ آهي، سي عياش، زاني، بزدل ۽ پست خيالن جا پتلا آهن. سنڌن زندگيءَ جو مقصد آهي لطافتون ۽ تراوتون! جنهنجي دل ۾ احساس ڪونهي، سو انسان به ڪونهي. حق تي هلڻ ڪنهن ڪنهن جو ڪم آهي، ڪوڙ جا ساٿي ڪوڙا!

اسان حق جا دشمن آهيون.

اسان ان حق ۽ انصاف جي حفاظت ڪري نه سگهياسين. جنهن جي لاءِ دنيا جا عظيم ماڻهو شهيد ٿيندا رهيا. اسان انهن جي قولن ۽ اقرارن کي نه پاڙي سگهياسين. جنهن جو وعدو دنيا جي وڏن ماڻهن ڪيو هيو. اسان پنهنجي جهالت سان عمر فاروق رضہ جي عظمت کي جهڪائي ڇڏيو آهي.

اڄ جڏهن هر طرف سماجي سجاڳيءَ جو سج اُڀريو آهي، اسان وٽ ساڳي اونده آهي. اڄ اسان جو ملڪ تمدن ۽ تهذيب جي راهن ۾ تيزيءَ سان وک وڌائي رهيو آهي، پر اسان پنهنجي پيانڪ ماضيءَ جي لٽ ۾ لٽيل آهيون. اسان منزل کان محروم آهيون. اسان جو ڪوبه ماڳ ڪونهي. اسان پليل ۽ پتڪيل راهي آهيون. سچل صحيح چيو هو ته:

**”پيرن، پنڊتن، بزرگن بيحد پلايا.“**

ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تي چپي چپي ته مداري ملندا. طاقت جون گوليون وڪڻڻ وارا ملندا ۽ سنڌ ۾ قدم قدم تي سڙيل ڳڙيل رواجن جا رکوالا ۽ ڪرامتن جي اوٽ ۾ عورتن جي عزت ۽ نادانن جا ننگ لٽڻ وارا

”گرو“ ملندا. سنڌ ۾ بہ تي لک قبرن وارا پير ۽ سوا لک ”الک“ نيم پاگل ۽ مجذوب ملندا. جن وٽ سوالين جي پيهہ ڏسي گند تي وينل مکين وارو منظر اکين آڏو اچي بيهندو آهي.

جڏهن انسان جو پاڻ مان ۽ خدا مان عقيدو نڪري ويندو آهي، تڏهن کيس خوفناڪ آفتون خواب ۾ ڏکائينديون آهن. تڏهن کيس هزارين سنڪا ۽ سنسا ستائيندا آهن. جڏهن غافل غفلت جي عميق گهراين ۾ گوتا کائيندو تڏهن کيس ڪک پن ۾ بہ ڪناري جي تصوير نظر ايندي آهي.

اسان سنڌي پنهنجي اڻجاڻائيءَ ۽ ڪوتاهہ نظريءَ ڪري جڏهن بہ ٿاٻا کائيندا آهيون، تڏهن اسان ونجهہ بنا ٻيڙيءَ وانگر، سڌو اچي ڪاني ڪرامتن جي ڪن ۾ ڦاسندا آهيون.

ڪراچيءَ ۾ موٽرون ائين، جيئن مٽي ۾ وار. پر سائي شور ليٽ ڪير وساري سگهندو! ٻيون بہ موٽرون سنڌ مان ڪراچيءَ ۾ ڪهي اينديون آهن. پر ان موٽر کي خاص خصوصيت آهي. ان ۾ اهي عورتون بہ اينديون آهن، جن کي دماغ ۾ دولت ۽ امارت جو نشو طاري هوندو آهي. جيڪي زندگيءَ جا طويل لمحا پکن ۾ گذاري اوچتو ئي اوچتو ڪنهن رنگيلي زميندار جي ملڪيت تي قبضو ڪري وٺنديون آهن. اهي عورتون مرد کي سنيالڻ بدران کيس وڏيڪ بدراهہ ڪنديون آهن. اهڙين عورتن جي موجودگي ۾ عورت جو درجو ڌتڪار جي لائق هوندو آهي ۽ شايد اهو ئي سبب آهي، جو لاشعور ۾ عورت لاءِ لڪل نفرت کي مرد اهڙي ئي نموني پروان چاڙهيندو آهي، جيئن اڄ ڪالهہ سنڌ جا وڏا گهراڻا ”مارئن“ کي ڪوٽن ۾ قابو ڪري رکندا آهن.

اهڙن گهراڻن لاءِ ڇوڪريءَ جي شادي ڏوهہ آهي... گناهہ آهي. ڇو جو کين پنهنجي ضمير ۾ ڪنڊو چڀيل آهي، تہ عورت فقط راند يڪو آهي، رات جي ساٿي آهي. ڇوجو هنن دولت جي آڌار تي عورت کي ايترو تہ ذليل ڪيو آهي، جو سندن ئي نظر ۾ سندن عورتن جي عزت ڪري پيئي آهي. اهڙن خاندانن جي پاڙ ۽ پشت ۾ بدڪارين ۽ بدفعل پريل هوندا آهن. اسلام دنيا کي انسانيت جي روشني ڏني. ان روشنيءَ جي ڪرڻن ۾

عربستان جون برايون ڏوبي وبون. پر اسان! اسان ڪربلا جي واريءَ وانگر بي رحم ۽ تتل آهيون. هڪ سوال سنڌ جي قدامت پرست پيرن ۽ گهراڻن جي دل ۾ گرز ٿي لڳندو ته ڇا رسول اڪرم صہ پنهنجن نياڻين کي نہ پرڻايو هو؟

مٿين عنوان ۾ زير بحث سر زمين سنڌ جي پير پرستي بہ اچي وڃي ٿي. هڪ طرف سماجي افراتفري آهي ۽ ٻئي طرف پيرن وارا وڄايا آهن. هن اقتصادي ۽ معاشي بحران ۾ جڏهن هر طرف زندگيءَ جي قدرن کي عام رواجي سطح کان مٿيرو ڪٽڻ جا جتن ٿي رهيا آهن، اسان سنڌي اڃا بہ قبر پرست، موالين ۽ مجذوبن جا مريد ٿيا پيا تڳئون. جيڪا ٿوري گهڻي بچت آئي ويل ڪم لاءِ پاسيري رکڻ گهرجي، سا ڪاني ڪرامتن جي مدارين جي پيٽ ۾ دفن ٿيندي رهي ٿي. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي منهن ۾ سنڌي سماجها ٻوٿ لتڪائي نہ گهر جا ۽ نہ گهاٽ جا ٿا رهن. پيرن جي چار اڳ بہ مضبوط هئي ۽ اڄ بہ مضبوط آهي. ڏسڻ ۾ تہ ائين ٿو اچي تہ دنيا ترقيءَ جون منزلون طي ڪندي، ماڳ کي وڃي رسندي، پر سنڌي سماجها ڪنهن ديواني جي درشن ۾ وقت سان ظلم ڪندا رهندا.

جنهن قوم کي وقت جو قدر ڪونهي تنهن کي پنهنجي بلندي جو فڪر بہ دامنگير نہ رهندو. اهو ئي سبب آهي جو اسان وقت کي نڪرائي وقت جي توهين ڪندي دنيا جي سڀ کان پنتي پيل قومن مان هڪ ٿي پيا آهيون. اسان جي تهذيب موهن جو دڙو آهي. اسان کنڊر ۽ ويرانيون آهيون. اسان ماضي جي دز آهيون. جن حرڪتن ڪري اسان تنزل طرف ڌڪجي ويا هئاسين، اڄ بہ انهن عادتن جا حامل آهيون. اسان ان ۾ ئي خوش آهيون تہ دنيا اسان کي سماجهي قوم سمجهي ٿي. سماجهي اڪر پويان اسان جي خاموش تاريخ جا غير اهم صفحا آهن. سماجهي اڪر پويان اسان جون زنگ آلود تلوارون آهن. اسان کي مچڻو پوندو تہ اسان پاٽيپت جي ميدان جي مٽي نہ ڏٺي آهي. هڪ هوشوءَ کان سواءِ اسان ڪو بہ اهڙو جوڌو جوان پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون جنهن جو نالو ڪڻندي اسان کي ڪا خوشي محسوس ٿئي ـ يا جنهن جو نالو ۽ سندس

پيرن جا در پنندا آهيون.

هڪ انسان ٻي انسان کان خانداني شان، دولت ۽ امارت جي زور تي برتر ٿي نٿو سگهي. انسان جي عظمت اخلاق ۾ آهي. انسان جي عظمت علم جي عميق مطالعي ۾ آهي. انسان جي عظمت انسانيت جي خدمت ۾ آهي. اهوئي انسان رهبر ٿي سگهي ٿو جنهن وٽ آئيني جهڙي دل ۽ ماڪ ۾ ڌوتل عادتون آهن. ڇا اسان جا پير اخلاق جا سرچشما آهن؟ اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪاني ڪرامتن جا صاحب شرابي، چرسي، جواري ۽ عياش هوندا آهن. ڪجهه ظاهر ظهور حرڪتون ڪن، ۽ ڪجهه پنهنجين مريداڻين تي هٿ صفا ڪندا رهندا آهن. اخلاق ۽ انسانيت جي ان ذليل موڙ تي بيٺل سنڌي جيڪڏهن اڄ به سجاڳ نه ٿيا ته پوءِ اسان جو رهيل کهيل وقار به وڃائجي ويندو. هر قوم اسان تي لعنت موڪليندي.

جيڪڏهن اسان سنجيدگيءَ سان غور ڪيون ۽ پنهنجين اوڻاين تي نظر وجهون، ته هوند معلوم ٿي سگهندو ته اسان جي پستيءَ، جهالت، غربت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جا ڪارڻ ڪرامتي پير آهن. جن اسان کي زندگيءَ جي هر موڙ تي، هر دفعي لٽيو آهي، ڦريو آهي. اسان کي جاهل رکي، اسان جي لا علميءَ جو فائدو ورتو آهي. پير پرستي اسان جي جهالت جو کليل ثبوت آهي. ■

1961

# موت جو آواز

اڄ بہ وچ هندستان ۾ خزان جا سڪل پن حسرت ۽ مايوسيءَ سان مغل شهنشاهن جي مقبرن ۾ رلندا رهندا آهن. اڄ بہ آسمان جي اکين مان ماڪ جا موتي لڙڪ ٿي وهندا آهن ۽ اڄ بہ سرد باهہ ۾ جلندڙ چنبڊ شاهجهان ۽ سندس اولاد جي حسرت ناڪ موت تي انهن جا مقبرا ڏسي اداس ٿي ويندو آهي.

تاج محل جي خالق کي خواب و خيال ۾ بہ نہ هو تہ هڪ ڏينهن هو اينتري ڪسمپرسيءَ ۾ موت جي آواز تي لبيڪ چئي هن دنيا مان ڪوچ ڪندو. اها ڪهڙي نہ هيبت ناڪ رات هئي جڏهن شاهجهان جو ساهہ نڪري رهيو هو ۽ جهان آرا پرنم نگاهن سان پيءُ جي آخري سفر لاءِ تياري ڏسي رهي هئي. شاهجهان هٿ جي اشاري سان ڌيءَ کي سامهون واري دري کولڻ لاءِ چيو. جهان آرا دري کولي ۽ شهنشاهہ پوبون دفعو پنهنجين وسامندڙ اکين سان تاج محل ڏٺو ۽ هن جي ذهن ۾ ممتاز محل جي تصوير اجاگر ٿي ـ هن سوچيو اڄ رات آڪاش جا ستارا, تاج محل مان هڪ عورت جي آهہ و زاري ٻڌندا. ممتاز جا سڏڪا ٻڌي وڻن جا پن سڪي ويندا ۽ ٻن حسين اکين مان وهندڙ لڙڪ ڏسي آسمان بہ روئي پوندو.

شاهجهان منهن ورائي ڌيءَ کي ڏٺو. جهان آرا جي اکين ۾ ساوڻ جون گهٽائون پريل هيون پر هوءَ ڪنهن اڻ ڄاڻ جذبي جي زير اثر خاموش هئي ۽ پوءِ اوچتو هن پيءُ جي سيني سان لڳي قلعي جي در و ديوار کي رئاري ڇڏيو. شاهجهان پنهنجو ڪمزور هٿ جهان آرا جي منجهيل وارن تي ڦيريو. جهان آرا جي اکين مان وهندڙ لڙڪ ڪجهہ دير لاءِ رڪجي ويا ۽ پوءِ جڏهن هن پيءُ جي زرد منهن ۾ نهاريو تہ هن کي ٻہ وساميل چراغ نظر آيا. مسافر پنهنجي آخري سفر تي روانو ٿي چڪو هو.

پيءُ جي حسرتناڪ موت کان پوءِ ڪنهن بہ جهان آرا کي کلندي نہ ڏٺو ۽ نہ ئي وري هن جي ڪومايل چپن تي مرڪ موٽي. اڄ بہ جڏهن

دنيا جا سياح دهليءَ جي ديوارين وٽان لنگهندا آهن ته، هنن کي هڪ سنگمرمر جي سفيد قبر نظر ايندي آهي، جنهن جي پٿر جي عبارت پڙهي، هو اداس ٿي ويندا آهن.

”پل ته هي گاهه هڪ دکي دل، مسڪين، ۽ ٽڪرايل مٽيءَ جي قبر کي ڍڪي ڇڏي. هن قبر ۾ هندستان جي شهنشاهه شاهجهان جي ڌيءَ جهان آرا دفن آهي.“

طاقت ۽ حڪومت جي حرص ۾ تلوارون مياڻن مان نڪري آيون. سڳا ڀائر هڪ ٻئي جي برخلاف سينه سپر ٿي بيٺا ۽ هندستان جي سرزمين وڏي ڀاءُ دارا کي ننڍي ڀاءُ اورنگزيب هٿان اجمير وٽ شڪست کائيندي ڏٺو. شاهه جهان جي نور نظر پوريءَ ريت تباهه ۽ برباد ٿي، ڪڇ جي ڦورن وٽ پناهه ورتي. سندس رفيق حيات زندگيءَ جا زخم سهندي گذاري وئي ۽ هينئر سڄي دنيا ۾ فقط هڪ ڌيءَ دارا جي ساٿي ۽ همدرد هئي. ڦورن جي سردار مڪاريءَ سان دارا کي اورنگزيب جي حوالي ڪري ڇڏيو.

دهليءَ جي عوام وسندڙ اکين سان ولي عهد دارا کي ذليل ۽ رسوا ٿيندي ڏٺو. جڏهن هن کي ليڙون ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهرائي دهليءَ جي گهٽين مان گهمايو ويو ته اوچتو ماڻهن جي هجوم مان هڪ نوجوان ڇوڪري روئيندي رڙندي هن ڏانهن ڊوڙي آئي. سپاهين بي درديءَ سان ڇوڪريءَ کي چڙيل وارن کان وٺي پري ڪري ڇڏيو ۽ دارا حسرت ۽ مجبوريءَ سان ڌيءَ کي ڏسي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ جڏهن دارا جلاد اڳيان گردن جهڪائي ته هن جي دل ۾ سڀ خواب ۽ تمنائون دم ٽوڙي چڪيون هيون. جلاد جي تلوار دارا جي ڪنڌ تي ڪري، ان وقت سج ٻڏي ويو. شفق جي سرخي ۾ هڪ مجروح پيءُ جو خون ملي ويو ۽ ان رات دهلي جي ماڻهن پنهنجن گهرن ۾ چراغ روشن نه ڪيا.

اورنگزيب جي خون ۾ ٻڏل تلوار سندس باغي ڀاءُ شجاع خلاف چمڪي. شجاع جا ارمان به ڪنوڻ ۾ جلي ويا. سڀ ڪجهه جنگ ۾ هارائي، هو اراڪان ڏانهن ڀڳو. محلن جو پاليل بي يارو مددگار بيابانن ۾ ڀٽڪندو ڏٺو ويو. ان دک درد جي درياءَ ۾ هڪ عورت هن سان ساڻ هئي، جنهن سک سانت ۾ پڻ سندس ساٿ ڏنو هو. هن وفا جي پتليءَ کي، ڪمزور زخمي ۽ ناتوان شجاع سان گڏ جبلن جي ڪاهين ۾ لهندي ڏٺو

ويو جنني موت سندن انتظار ڪري رهيو هو.

شاهجهان جو ننڍو ۽ زنده دل فرزند مراد، قيدخاني جي تاريڪ ڪنڊ ۾ خاموش ويٺو هو. منگهه مان ايندڙ روشني هن جي ڪمزور جسم تي پئجي رهي هئي ۽ هن جو چهرو اونده ۾ هو. شاهجهان کي پنهنجي معصوم شرارتن سان ڪلائيندڙ ۽ ممتاز جي لاڏلي مراد جو پٿر جي پٿين کان سواءِ ڪو به ساٿي ڪونه هو. ڪجهه دير کان پوءِ هڪ سپاهي لاپرواهيءَ سان هن جي سامهون ماني اڇلي. پر مراد پنهنجي جاءِ تان نه چريو. سپاهي هن کي ڪلهي کان وٺي لوڏيو ۽ مراد جو لاش سخت پٿر جي فرش تي ليٽي پيو. منگهه جي روشنيءَ ۾ انسانيت ڏٺو ته هڪ ياءُ تخت جي لالچ ۾ بئي جون اکيون ڪيڏرائي چڏيون هيون.

زماني ڪڏهن به اورنگزيب عالمگير کي آرام سان سمهندي نه ڏٺو. هر وقت هڪ بيچيني هن سان دامنگير رهندي هئي ۽ پوءِ جڏهن موت جو آواز اورنگزيب جي ڪنن ۾ آيو ته هن پنهنجي غلطين ۽ گناهن جو اعتراف ڪندي شهزادي اعظم کي لکيو:

"مان بيحد ڪمزور ٿي چڪو آهيان. مون کي ياد آهي ته مان جڏهن ڄائو هوس ته گهڻائي ماڻهو منهنجي چوگرد موجود هئا. پر اڄ جڏهن مان مري رهيو آهيان ته ڪوبه منهنجي قريب ڪونهي. مون دنيا ۾ پاڻ سان ڪجهه به نه آندو هو ليڪن اڄ پاڻ سان لاتعداد گناهه کڻي ٿو وڃان. نٿو ڄاڻان ته خدا وٽ مون کي ڪهڙي سزا ملندي، پر پڪ اٿم ته الله معاف ڪندڙ ۽ مهربان آهي."

ٻئي خط ۾ ڪام بخش کي لکيائين:

"مان پاڻ لا محدود گناهن جو ڪاروان ساڻ ڪري الله ڏانهن وڃي رهيو آهيان. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي به ڪم ڪيا. جهڙو بين سان برتاءُ ڪيو ۽ غلطيون مون کان سرزد ٿيون آهن انهن جو نتيجو پاڻ سان ساڻ کڻي ٿو وڃان."

ان وقت هن دعا لاءِ هٿ کنيا پر زبان هن جو ساٿ نه ڏنو ۽ پوءِ جڏهن جاه و حشمت ۽ شان و شوڪت جو چراغ وسامي ويو ته ڪجهه دير لاءِ آڪاش جي دامن تان ستارا به گم ٿي ويا. ■

1961

# سکر ۾ هڪ سنڌيءَ سان ملاقات

ڪنهن ڪم سانگي سکر ويو هئم.

سکر سنڌين جو شهر آهي. سنڌي، جيڪي روڙ آهن، ڏڏ آهن، آرام پسند ۽ سست آهن. مهراڻ جون موجون سکر کي پسائيندڙيون رهيون آهن، پر سنڌين جا سڪل ذهن صدين کان ٺوٺ آهن. سنڌوءَ جي رواني سنڌين جي خيالن ۾ نوان لاڙا آڻي نه سگهي آهي. سندن سوچ ۽ ويچار جو معيار عربن جي جهالت واري زماني سان ملندڙ جلندڙ آهي. مروتيل مُڇ سندن شان ۽ عورت جي مجبوري سندن آن جي ڪسوٽي آهي.

اهڙي ئي هڪ سنڌيءَ سان پنهنجي دوست جي آفيس ۾ ملاقات ڪيم. مشين سان تراشيل سندس ڏاڙهي مڇ خطرناڪ حد تائين وڏي نه هئس، پر تڏهن به چڱا چوکا سندس رعب ۾ ريڙهيون پائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. مٿي تي ڪراڪولي ٽوپي، جسم تي بوسڪيءَ جي قميص ۽ ويڪري ڪالر وارو ڪوٽ. پاجامي نما پتلون ۽ پيرن ۾ زريءَ سان پشاوري چمپل پيل هئس. ها، اکين تي عينڪ به هئس. ائين نه هو ته ڪا نظر گهٽ هئس، پر عينڪ فقط ان ڪري چاڙهي هئائين جيئن ڏسڻ ۾ پڙهيل ڳڙهيل نظر اچي. بدقسمتيءَ سان هئو به پڙهيل ڳڙهيل.

مان جنهن وقت آفيس ۾ پهتس، ته ڪنهن ڳوڙهي مسئلي تي خوب گرما گرم بحث هلي رهيو هو. عليڪ سليڪ ۽ تعارف کان پوءِ ٻيهر بحث ڇڙيو. آفيسن ۾ ڪم بدران بحث هلندا رهندا آهن، اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. ڪراچيءَ جي آفيسن ۾ ٿوالن جهڙا آفيسر ۽ ڪلارڪ ڪاريون شيروانيون پائي ايندا آهن. پان چٻاڙيندا ۽ شمع معمه حل ڪندا آهن. منهنجي دوست جي آفيس ۾ بحث هلي رهيو هو تعجب نه ٿيم.

بحث جو موضوع هو اسلام ۾ چئن شادين جي اجازت! مرزا، جيڪو ساڳي آفيس ۾ ڪم ڪندو آهي، تنهن ٽيبل تي وزني مڪ

وھائيندي چيو:

"اڙي ميان, اسلام چئن شادين جي اجازت ڏني آھي, تہ ان سان ھڪ سخت شرط بہ شامل ڪيو آھي."

سنڌيءَ قوم جي Specimen پنھنجي ڪرا ڪولي ٽوپي نڪ تي رکندي چيو. "شرط! ڪھڙو شرط؟"

"تہ چئني زالن سان ھڪ جھڙو برتاءُ ڪجي." مرزا جواب ڏنو ۽ داد وٺڻ لاءِ اسان ڏانھن ڏٺائين. پر ھو صاحب بہ مجڻ وارو نہ ھو. سنڌي ھو ڏاند گاڏيءَ جھڙو قدامت پسند ھو. وراڻيائين:

"ان شرط ۾ ڇا ھي؟ آسان آھي."

"واھ" مرزا ذري گھٽ رڙ ڪئي. "ھڪ انسان لاءِ اھو ناممڪن آھي تہ ھو پنھنجن چئن زالن سان ھڪجھڙو برتاءُ ڪري."

"ڇو ناممڪن آھي؟"

"ڇو جو انسان فطرتا ڪمزور آھي."

"ڪيئن؟"

"اڙي ميان, ڏنو نہ اٿئي, تہ ھڪ ماءُ جنھن کي چار پٽ ھوندا آھن, سا منجھائن ھڪ کي وڌيڪ چاھيندي آھي. چاھڻ بہ برتاءُ ڪرڻ ۾ شامل آھي. جيڪڏھن ماءُ پنھنجي اولاد سان ھڪ جھڙو برتاءُ ڪري نٿي سگھي تہ پوءِ اھو انسان لاءِ قطعاً ناممڪن آھي تہ ھو پنھنجن زالن سان ھڪ جھڙو برتاءُ ڪري."

سکر جو سنڌيءَ باھہ ٿي ويو - ان عينڪ جا شيشا اگھندي چيو

"عورت سان موچڙي جھڙو برتاءُ ڪجي - ھڪ جُتي کسي تہ ٻي آڏجي."

"عورتن ۾ مائرون ۽ ڀينرون بہ تہ ھونديون آھن."

"حد ڪان تہ نہ وڌ مسٽر مرزا - مان زالن, يعني جوئرن جي ڳالھہ ڪري رھيو آھيان."

"ھا, ھا, انھن ۾ ڪي ڪنھنجون ڌيئر ھونديون, ڀينر ھونديون, مائر ھونديون."

"تون تہ يار ڳالھہ کي ئي ڦيرائي وئين - ڳالھہ ھئي برتاءُ جي."

"برابر" مرزا وراڻيو. مان ۽ منھنجو دوست, ٻنھي جي بحث کي صبر

سان ٻڌي رهيا هئاسين ــ سنڌي صاحب وراڻيو.

"مون کي چار زالون آهن، مان چئني سان هڪ جهڙو برتاءُ ڪندو آهيان."

"ڪيئن؟"

"هڪ جهڙا وڳا وٺندو آهيان، هڪ جهڙا چمپل ۽ هڪ جهڙيون سڳيون."

"واهه واهه" منهنجي زبان مان ازخود نڪتو.

"هڪڙي ماروٽ آهي، ٻي ڀڦاڻ، ٽين ماسات ۽ چوٿين سئوٽ."

"واهه واهه"

"رات جو موٽان ته ٻه پانهن ۾ ٻه ٽنگن کي زور ڏينديون آهن. ڪجهه دير کان پوءِ جنهن جي مرضي پوندي آهي، سا ترسندي ۽ ٻيون وڃي پنهنجي بسترن تي ڪرنديون آهن."

"سبحان الله"

"سائين" هينئر هو صاحب اسان سان مخاطب ٿيو. "سنڌي عورتون آهن سياڄهيون ۽ نماڻيون، اصل چون چان نه ڪن ـــ سچو ڏينهن جانورن وانگر وهنديون آهن، پر ٻڙڪ به نه ڪڇنديون آهن."

"الله صبر جي توفيق ڏئين." منهنجي دوست چيو.

"ها سائين" هن وراڻيو ــ "مون رکيو به ڪرڙي نظر ۾ اٿن، مجال آهي جو اک کڻن ــ اجا تائين رئي بدران اجرڪ اوڍينديون آهن ـــ جن چئن ڄڻين ۾ ڄايون ۽ نپيون، تن مان نڪري مون تائين آيون آهن ـــ منهنجي ڄڻين مان نڪري قبرستان وينديون."

اسان سڀيئي Specimen صاحب جي بيان تي حيرت ۽ اچرج مان ڏانهس ڏسڻ لڳاسين. هن عجيب فخر سان ٽمٽار لهجي ۾ چيو.

"اجا نه ريڊيو ڏٺو اٿائون ۽ نه ريل گاڏي."

"سنڌي عورتون آهن نه، تڏهن." مرزا چيو.

"ها، مان ساڻن موچڙي جهڙو برتاءُ ڪندو آهيان، مار به دل تي ڏيندو آهيان، پر هڪ جهڙي، ڪنهن کي به گهٽ يا وڌ نه، هڪ جيتري."

"ها سائين، ويچاريون سنڌي عورتون آهن نه!"

هو صاحب وچڙ لاءِ اٿي بيٺو ـــ مرزا کي اک هڻندي چيائين ـــ "اسان تہ ٻاهر ئي ڪائي پي ڏءُ ڪندا آهيون."

هو هليو ويو.

منهنجي دوست ڪان رهيو نہ ٿيو ۽ چيائين ـــ "۽ هنن جي عورتن کي راهڪ ڪڙمي ۽ نوڪر چاڪر ڪائي پي ڏءُ ڪندا آهن."

"اڙي ميان بس ڪر" مرزا منهنجي دوست جي وات تي هٿ رکندي چيو ـــ "ٻڌي نہ وٺي."

"ڀل ٻڌي وٺي، ڇا ڪندو؟"

"سنڌي آهي، اجايو ڪارو ڪاريءَ جي چڪر ۾ چٽني زالن کي ماري وجهندو."

"۽ قانون؟"

"قانون هنن لاءِ ڪونهي." مرزا ورائيو ـــ "پر هن بدبخت جون چارئي عورتون نهايت شريف ۽ پاڪدامن آهن. ڪنهن بہ سندن نہ آواز ٻڌو ۽ نہ پلئہ ڏٺو آهي."

"ائين چئہ نہ تہ هن حضرت سندن وجود کي نابوت ڪري ڇڏيو آهي." منهنجي دوست تلخ لهجي ۾ ورائيو.

"ائين ئي ڪٿي سمجهہ."

سامهون سنڌو ڇوليون ماري رهيو هو. اورئينءَ پرتي، ڪائين ۽ سنڌن سان ڀريل هڪ ڏاند گاڏي چيڪاٽ ڪندي ٿي ويئي. ■

1962

# اگهيو ڪائو ڪڇ ...

(ساليانو مخزن چانڊوڪي - اين جي وي گورنمينٽ هاءِ اسڪول - ڪراچي)

هن مخزن کي پيش ڪندي نہ منهنجين اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪ لڙي آيا آهن ۽ نہ ئي فرط مسرت کان منهنجو قلم ڪنبي رهيو آهي. مان روايتن جو قائل نہ آهيان، تنهن ڪري جيڪي ڪجهہ لکي رهيو آهيان، سو ايڊيٽوريل ناهي.

جڏهن هِن اسڪول ۾ پڙهندو هئس، تڏهن بہ مخزن نڪرندي هئي. اڄ جڏهن ساڳي اسڪول ۾ ماستر ٿي موٽيو آهيان تڏهن بہ مخزن نڪري رهي آهي ۽ منهنجي وڃڻ کان پوءِ بہ نڪرندي رهندي، تنهن ڪري ڪو عجب ڪونهي جو هِن سال پڻ مخزن ڇپجي رهي آهي. هنن مضمونن کي توهان تائين پچائڻ ۾ نہ مون فرهاد جيان جبل تڪيا ۽ نہ ئي يوري گاگارين وانگر چنڊ کي چوگرد ڦريس. مون آيل مضمونن کي فقط ڪٺو ڪيو آهي، آسمان مان تارا ڪين لاٿا اٿم. هي رسالو اسڪولي ٻارڙن جو آهي، داد ۽ تحسين ڪين ملڻ گهرجي.

عرض ڪري چڪو آهيان تہ مان ريتن رسمن جو قائل ناهيان. تنهنڪري هميشہ نئين واٽ، نئين لاٽ ۽ نئين جدت جي آرزو ڪئي اٿم. ان تمنا ۾ ڪجهہ وڃايو اٿم تہ ڪجهہ پلئہ بہ پيو اٿم — ڪجهہ ڪويو/ وڃايو اٿم تہ ڪجهہ پاتو بہ اٿم. ڏيٺي ڪجهہ حاصل ڪيو اٿم. الاءِ ڪيستائين زندگيءَ جي ويٺا مان گيت گونجندا رهندا. ڪير ڄاڻي الاءِ ڪڏهن زندگيءَ جو آواز لامحدود شور ۾، گوڙ ۽ گهمسان ۾ گم ٿي وڃي! جيڪي جهول ۾ اٿم سو پنهنجن ننڍڙن دوستن آڏو آڻي رکان ٿو.

**نفرت:**

نفرت آگ آهي — باهہ آهي، آتش آهي. ضمير جو موت نفرت، روح جو زوال نفرت. هي شعلا جتي جاڳن، جنهن دل ۾ جنم وٺن، تنهن

ڪي جلائن، سڄي ماحول کي به جلائن. نفرت آتش نمرود آهي، هڪ دفعو جلڻ کان پوءِ ڪيس ڪوبه اُجهائي نه سگهيو آهي. هِن نفرت سيسيءَ جي شيديءَ تي گولي هلائي. هِن نفرت آفريڪا جي وطوسيءَ کان نفرت ڪرڻ سيکاري. هِن نفرت انسان کي الله جي گهر ۾ گهڙڻ کان روڪيو. هن نفرت قاتل جو روپ ڌاري لياقت جو خون وهايو ــ ڪينيڊيءَ تي گولي هلائي. جدا جدا وقتن ۾ جدا جدا روپ ڪي عظمت جي بلندين تي پڄائي ٿو. انسان جي وجود جو سنڌس زنده رهڻ جو ۽ سنڌس همه گير ڪوششن جو ناخدا آهي، ضمير. ضمير انسان کي اشرف المخلوقات سڏائڻ جو حقدار بڻائي ٿو. جڏهن آدمي اخلاق جي قدرن کي ٺڪرائي ۽ لطيف احساسات کي پليدان ڪري ضمير جو خاتمو آڻي ٿو تڏهن سنڌس اشرف المخلوقات هئڻ جي دعويٰ خود بخود ختم ٿي ٿي وڃي ۽ انسان وحشانيت ۽ حيوانيت جي اونداهي اوڙهه ۾ پورجي ٿو وڃي.

اسان جي جنم سان اسان جو ضمير جنم ٿو وٺي. اسان سان گڏ وڌي ۽ ويجهي ٿو ــ ڏسي ۽ سڪي ٿو. سنڌس پوشاڪ آهي روح جي پاڪائي. سنڌس مڪان آهي جو ڪنڌڙ آئيني جهڙي دل. سنڌس اکين ۾ حڪمت ۽ حليمائي جي جوت آهي ۽ سنڌس هٿ ۾ انصاف جي ساهمي. اونده ۾ ضمير اسان جي مشعل راهه ۽ اڪيلاين ۾ اسان جو ساٿي آهي. ضمير گناهه ۽ انسان جي وچ ۾ پيت آهي. ضمير انسان ۽ جرم جي وچ ۾ پالو آهي. ضمير لا محدود قوتن جو مالڪ آهي. پر ڪيستائين؟ جيستائين توهان سنڌس وجود کي برقرار رکندا ــ سنڌس پوشاڪ لاهي ڪيس الف اُگهاڙو نه ڪندا ــ دل جو آئينو پرزا پرزا نه ڪندا ۽ سنڌس اکين ۾ ظلم و ستم جا تير نه وهائيندا. ضمير کي زنده رهڻ ڏيو جيئن توهان جو وجود هن ڌرتيءَ تي بار ٿي نه پوي.

**اسڪول:**

اسڪول فقط آلجبرا جا فيڪٽر، انگريزيءَ جي ايڪسرسائيز ۽ ٻه ٽي سبق سکڻ جي جاءِ ناهي. اسڪول درسگاهه آهي اخلاق جو سٺين سٺين عادتن ۽ وڻندڙ روش جو. اسڪول، منهنجي قريب عظمت جو مرڪز ۽ انسانيت جي اڻ ميي قدرن جو سنگم آهي. اسڪول جو وقار

اجتماعيت ۾ آهي، تنهن ڪري اسڪول سڀ کان اول تنظيم ۽ بلند عزائم سيکاري ٿو.

اسڪول فقط ٻن قسمن جي شاگردن لاءِ هوندو آهي. اول اُهي جيڪي اسڪول ۾ پڙهڻ خاطر ايندا آهن. ڪجهه سکڻ ۽ ڪجهه پرائڻ ايندا آهن. ٻيو اُهي شاگرد جي پنهنجن رانديبن، ليڪن ۽ بحثن سان اسڪول جو نالو جرڪائيندا آهن. اسڪول انهن لاءِ ڪونهي جيڪي اسڪول کي محض تفريح گاهه سمجهي، پنهنجي والدين جي عزت ۽ شرافت کي ذليل حرڪتن سان نابود ڪندا آهن. اهڙا شاگرد پاڻ تي بار پنهنجي والدين تي بار اسڪول تي بار ۽ سڄي قوم تي بار هوندا آهن. سچ ڪڪرن ۾ لڪي پيو ته کهڙي ڪم جو! گهوربو اُهو سون جيڪو ڪن چني.

**هيءَ مخزن:**

هيءَ مخزن ٻارڙن جي آهي. هن ۾ ليک به ٻارڙن جا آهن. ميٽرڪ جي شاگرد اقبال جتوئي خط لکي پڇيو آهي ته، چو گذريل سال سندس هڪ به مضمون مخزن ۾ نه آيو. پنهنجي ننڍي دوست ۽ شاگرد کي جواب عرض رکان ٿو ته، ادا، تنهنجي مضمون بدران شايد ڪنهن استاد صاحب جو مضمون ڇپجي ويو هوندو. هن سال ڪنهن به استاد مضمون ڏيڻ جي آڇ نه ڪئي ۽ نه ئي مون کانئن ڪجهه گهريو. چڱو ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ شاگردن کي پنهنجو پورو پورو حق ته ملي سگهيو!

جيئن مضمون مليا هئم تيئن توهان اڳيان آڻي رکيا اٿم. ڪنهن به مضمون يا ليک سان هٿ چراند نه ڪئي اٿم. اصلي حالت ۾ مضمون ان ڪري ڏنا اٿم جيئن سنڌي ادب جو ايندڙ نسل پينگهي ۾ پڌرو ٿي پوي. جيڪڏهن ڪو مضمون چورايل ثابت ٿيو ته ان ۾ منهنجو ڏوهه نه رهندو. مان مسڪين ماستر آهيان، پوليس وارو ناهيان. منهنجو ڪم مخزن کي ترتيب ڏيڻ آهي، چوريون پڪڙڻ نه. ادب جو ساگر اونهو مان ڪيستائين موتي ۽ ماڻڪ شيشن کان ڌار ڪندس.

**ادبي مجلس:**

شاگردن لاءِ گهڻي چاهه مان سنڌي ادبي مجلس جو انعقاد ڪيو

هئم. گھٽيون ئي اميدون وابستہ ڪيون هئم ــ گھڻن ئي حسرتن کي جنم ڏنو هئم. پر ويري ٿي واءُ جنهن ڪڪائون تاج محل ڊاهي ڇڏيو. دل جو شيشو پرزا پرزا ٿي ويو ۽ ان سان گڏ پاڻ ئي پنهنجن هٿن سان پنهنجي تشڪيل متائي ڇڏيم. مجلس کان منهن موڙيم ۽ هڪ اونهو گهاءُ کڻي ٻيو مشاهدو ماڻيم. مان انسان ذات لاءِ پيار جو متلاشي رهيو آهيان. پيسجي ويس جڏهن پنهنجي ئي سامهون حسد، نفرت، حقارت ۽ ڪيني جا ڪُنَ ڏٺم. مجلس ۾ هڪ ليڪ جي ٻي ليڪ سان هلت ڏسي، سوچيان ٿو تہ ڪوڙهہ سچ پچ لا علاج مرض آهي.

**ڳالھ پراڻي ٻيهر:**

شاهہ ڀٽائي سنڌ جو عظيم شاعر آهي: ان حقيقت کان ڪير انڪار ڪري سگهندو! ٻيتن جو بادشاهہ ڀٽائي، وائيءَ جو شهنشاهہ شاهہ لطيف، حقيقتن جو همراز آهي گھوٽ لطيف سائين. سندن تخيل جي پرواز لامحدود بلندين کي ڇوهي ٿي، جڏهن چون ٿا:

**"ڳوليان ڳوليان، مَ لهان، شال مَ ملان هوت،**
**من اندر جي لوچ، ملڻ سان مائي ٿئي".**

پنهنجي ماڳ کان منهن موڙڻ، پنهنجين تمنائن کي نا تمام ڪرڻ، حسرتن کي خاڪ ۾ ملائڻ محبوب کان ويراڳي ٿيڻ ۽ پنهنجي ئي آتر ويلا کي سيني ۾ سانڍي سڄي عمر سوگوار ٿي درد کي اپنائڻ، جنهن ۾ هلڪي هلڪي پيڙا جي لوچ هجي، تنهنجو ڏَسُ سڀ کان اول شاهہ صاحب ئي ڏنو هو.

حضرت موسيٰ جبل طور تي چڙهي خدا سان هم ڪلام ٿيو هو. پر پٽ ڏٺي مونن ۾ منهن وجهي مشاهدو ماڻيو تہ:

**"مونا طور سينا سدا سنياسين،**
**فڪر فرهي هٿ ۾ ماٿ مطالع ڪن."**

بس، انهن ٻن سٽن ئي شاهہ صاحب کي لازوال شهرت، مرتبو ۽ عظمت و احترام جو مالڪ بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن چيو اسان هم ڪلام چو ٿيون، اسان سنياسي فڪر جي فرهي کڻي ماٿ ۾ محبوب جو

مشاهدو ماڻيندا سين.

اسان سڀ سر نوايون ٿا تنهنجي آڏو گهوٽ پٿائي،
ڇا اسان وٽ فقط شاهہ صاحب ئي آهي؟

اهو سوال مون کان پڇيو ويو هو. اڄ ساڳيو سوال مان توهان کان پڇان ٿو ـ ۽ اِهو پڻ، تہ ڇا اسان وٽ سچل ۽ سامي، بيدل ۽ بيڪس ناهن؟

**مخزن جا مضمون:**

نئين اُسرندڙ ليکڪن جا ليک جتي جتي ختم ٿيا آهن، اُتي سنڌي ادب جي برک اديبن جي شهہ پارن مان "موتي ۽ مثال" جي عنوان سان چونڊ نثر جا حصا ڏنا اٿم. هن مخزن ۾ توهان کي سپاٽي جا ليکڪ اڄ جي اديبن سان پير ۾ پير ملائيندا ڏسڻ ۾ ايندا. اهو ان ڪري ڪيو اٿم جيئن اُسرندڙ اديب ڪهنہ مشق اديبن جي طرز تحرير، لفظن جي بيهڪ، خيال جي گهرائي، رواني ۽ فڪر جو مطالعو ڪري سگهن.

هن مخزن ۾ افسانا، مضمون ۽ نظم سنڌي ادب جي ايندڙ نسل جو آئينو آهن. ڪجهہ جذباتي آهن تہ ڪجهہ جذبات کان خالي. ڪجهہ روايتي آهن تہ ڪجهہ غير روايتي. جيڪو حال حبيبان هو، سو پيش پريان.

**اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موت ٿي،**
**پلئہ پايو سچ، آچيندي لچ مران.**

1964

# اديب ٿيڻ جا ڪجھ راز ۽ رمزون

ننڍو هجي يا وڏو، جوان هجي يا پوڙهو گڏهه هجي يا گهوڙو، هر ڪنهن کي اديب ٿيڻ جي تمنا هوندي آهي. گهوڙن تي ماڻهو سوار ٿيندا آهن، ۽ ماڻهن تي اديب ٿيڻ جو ڀوت سوار هوندو آهي. گهوڙن کي (۽ ڀن گگدامن کي پڻ) سوار چهبڪ سان ڪتيندا آهن ۽ اديبن کي نقاد پنهنجي تنقيد جي لڪڻ سان لوئيندا آهن. اڳ، انگريز سرڪار (مائي باپ) جي ڏينهن ۾ جانورن تي ايڏو ظلم نه ٿيندو هو انصاف جو دهل وڄندو هو ڀڪري شينهن جي ساهيڙي هوندي هئي ۽ هندو مسلمان ساڳي هوٽل ۾ ماني کائيندا هئا، وڏيرا عملدارن جا بوٽ پالش ڪندا هئا ۽ عملدار انگريز سرڪار (مائي باپ) جي مسڪا پالش ڪري خان صاحب ۽ خان بهادر ٿي ويندا هئا.

هت اسان نه جانورن جي مجبوريءَ تي ڪجھ لکنداسين ۽ نه ئي خان بهادرن جي وفاداريءَ تي. اسان فقط اديب ٿيڻ جا راز ۽ رمزون بيان ڪنداسين. اڳتي هلي، جيڪي به راز ۽ رمزون بيان ڪيون وينديون، تن ۾ وڏن وڏن ڪهنه مشق اديبن جا آزمايل نسخا موجود آهن. جنهن به ڀاءُ يا ڀيڻ جي تمنا هجي، سو هن نسخي کي غور سان پڙهي، دل سان هنڊائي، ته انشاالله دل جي مراد ماڻيندو ۽ ڪجھ ئي ڏينهن ۾ انسان مان اديب ٿي پوندو ۽ هڪ ٻئي کان زور شيون ڪلڻ شروع ڪندو.

هرڪو اديب زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ناڪام محبت ڪندو آهي، ۽ پوءِ سڄي عمر عورتن جي "برادري" خلاف توتڙي وڄائيندو آهي. تنهن ڪري توهان کي به جڳائي ته زندگيءَ ۾ هڪ منڍي ٽنڊي ناڪام محبت ڪري، سڄي عمر لاءِ مرد جي مجبوريءَ جي نمري ڳائيندا رهو. ائين ڪرڻ سان توهان جي چهري تي اديبن جهڙي سنجيدگي پيدا ٿيندي. جهڙي تهڙي سنجيدگيءَ جو ڪم ڪونهي. سنجيدگي اهڙي ته پختي هجي جو جيڪر وڏا وڏا چهرا به ڪل ۾ ويڙهجي وڃن. سنجيده ۽ رنجيده

شڪل توهان جي اديب ٿيڻ جي علامت آهي. ان لڪ مان لنگهڻ کان پوءِ توهان کي ڪڙڪ سليماني چانهه سان دل رکڻي پوندي. قديم زماني ۾ سليماني چانهه فقط جن ۽ راڪاس پيئندا هئا. پر هن دور ۾ اديب پيئندا آهن. اهڙي چانهه پيئڻ جهاد کان گهٽ ڪونهي.

توهان کي پنهنجي شخصيت نمايان رکڻي پوندي، ڇو جو توهان کي اديب ٿيڻو آهي. اديبن جي ڏاڙهي وڌيل ۽ وار اٿيا هوندا آهن. وڏا اديب ٻتوئان وار رکائيندا آهن، ۽ مغز جي خشڪي دور ڪرڻ لاءِ رات جو گهر جي ياتين کان لڪي لڪي پنج باداميون کائيندا آهن. جن کي باداميون کائڻ جي توفيق نه هوندي آهي سي بوهي منگ (جيڪي پولڙا کائيندا آهن) چباڙيندا آهن. اديبن لاءِ اکين ۾ اداسي هئڻ به لازمي آهي. اکين ۾ اداسي پيدا ڪرڻ جا به طريقا آهن: هڪ ته صبح جو اکين مان چپيون (يا پچيون) نه ڪڍو. ٻيو ته آگر تي سرمو ڪٽي اکين جي چوگرد زور سان مهتا ڏيو. ڪاري شيڊ ڪري اکيون خود بخود ڏرا ڏنل ڏسڻ ۾ ايندييون. ان عمل کي انگريزيءَ ۾ ميڪ - اپ چوندا آهن. توهان کي ڪپڙا به نرالا ۽ انفرادي پائڻا پوندا. ڪوشش ڪري ڪتان به ڪاڌي هٿ ڪيو. ڪاڌيءَ جو ڪپڙو اڪثر جيلن ۾ ٺهندو آهي، تنهن ڪري ڏسڻ ۾ مجرمن جهڙو ايندو آهي ۽ هٿ لائڻ سان جهڙو ريگمال پر توهان کي ته ڪاڌيءَ جا ڪپڙا پائڻا آهن. هاٿي اچو ته ڏسئون، ته اديب صاحب ۽ سنگت سات جي محفل ۾ ڪهڙي روش اختيار ڪندا آهن. اميدوار اديبن کي گهرجي ته هو وڏن وڏن اديبن (قد بت ۾ نه) جي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو غور سان جائزو وٺن.

ڪنهن به محفل ۾ اديب صاحب جي سجاٽپ هيءَ آهي ته جڏهن ڪنهن لطيفي تي يار ٽهڪ ڏيندا ته هو صاحب آهه ڀريندو. گنڀير گفتگو هلندي ته هو صاحب اوٻاسيون ڏيندو. مذهب جي ڳالهه نڪرندي ته هو حضرت بيزار نظر ايندو. مطلب ته ادي سائين جو سڄو وجود محفل ۾ دالچينيءَ جهڙو هوندو آهي. اول ته ڳالهائيندو نه. پر جي ڳالهائڻ ۾ اچي چتو ته پوءِ فقط ڦٽڦٽي (يعني موٽر سائيڪل) سندس مقابلو نه ڪري سگهندي. اڏ محفل مان اٿي وڃڻ به سندس خاص ادا آهي. محفل هيٺين ڪمري ۾ هوندي ته هو صاحب هڪدم ٻاهر نڪري ويندو ۽ در

ٻاهران پير جي آڱوٺي سان مٽي کوٽيندو. مٽي نہ هوندي تہ ڇپر ٻُجو گاهہ پٽيندو (ڪائيندو نہ). محفل مٿين ڪمري ۾ هوندي تہ هلندي ڪچهري مان اٿي بالڪونيءَ ۾ اچي ويهندو. رات هوندي تہ تارا ڳڻيندو ۽ جي ڏينهن هوندو تہ موٽرن جا نمبر نوٽ ڪندو. مطلب تہ هر ممڪن طريقي سان پنهنجي شخصيت مان نهايت الميہ طرز عمل جو اظهار ڪندو. ان لاءِ اميدوار اديب حضرت کي سخت پريڪٽس يعني مشق ڪرڻي پوندي. الميہ اداڪاري وڏن اديبن جو خاص مشغلو آهي. تنهن ڪري توهان کي بہ دنيا جي وڏن وڏن الميہ اداڪارن جهڙوڪ مارلين برانڊو، دليپ ڪمار، مانتگو مري ڪلفٽ وغيره جون فلمون نهايت غور سان ڏسڻ گهرجن، جيئن وقت آهر توهان سندن نقل و حرڪت جي بخوبي ڪاپي ڪري سگهو.

اديب ٿيڻ لاءِ نالو مٽائڻ بہ نهايت ضروري آهي. نالو مٽائڻ جا ٻہ سبب آهن. اول تہ اهي اديب نالو مٽائيندا آهن، جن جي ادبي تبديليءَ جي گهر ۾ سخت مخالفت ٿيندي آهي. اهڙا نوجوان اديب پيءُ جي مار ۽ وڏي ڀاءُ جي ٺونشن کان جان بچائڻ لاءِ پنهنجو نالو بدلائي ڪنهن مخفي نالي سان قلم آزمائي ڪندا آهن. نالي مٽائڻ جو ٻيو سبب آهي، پنهنجي دقيانوسي نالي ۾ رومانيت پيدا ڪرڻ. ڪجهہ نالا ادب ۾ ڪوڙي باداميءَ وانگر ٺوڪاريا وبندا آهن، مثال طور: ڪدن، ڦندڻ، ليمو، آچر، سومر وغيره. اهڙا نالا ادب لاءِ سخت بي ادب آهن ۽ ڪوتي پيسي وانگر ڪڏهن بہ هلي نہ سگهندا. تنهن ڪري، ان کان اڳ جو توهان ڪا قيمتي فائونٽن پين (جهڙوڪ: پارڪر، شيفر، پيليڪان وغيره) وٺي لکڻ تي سندرو ٻڌو، تنهن کان اڳ توهان کي پاڻ لاءِ نهايت ئي روماني نالو تجويز ڪرڻ گهرجي. نالو اهڙو هجي جنهن ۾ درد و الم جي جهلڪ نمايان هجي. ڪجهہ هن طرح جو نالو هجي: برباد، ناڪام، ناشاد، زخمي، قتيل وغيره.

جيڪڏهن توهان کي چوٽيءَ جو اديب ٿيڻو آهي تہ پوءِ سخت عشقي يا روماني افسانا لکڻ شروع ڪيو. عشقي افساني جي فارمولا لکڻ کان اڳ اسان لفظ ”چوٽيءَ“ جي وضاحت ڪنداسين. چوٽيءَ مان مراد عورتن جي چوٽي (يعني پوني ٽيل) نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن يتيم جي ٺوڙهي ٽڪڻ تي لهرائيندڙ چوٽيءَ سان هن لفظ جي ڪا ماٺي آهي.

ادب ۾ لفظ ”چوٽيءَ“ جي معنيٰ گنجي ٽڪر جي چوٽي آهي، جنهن کي اهميت نہ هئڻ سبب ڪنهن بہ ابدمند هلاري ۽ شرپا تن سنگهہ فتح ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. هيٺ اسان روماني افساني جي فارمولا بيان ڪيون ٿا.

روماني افسانن ۾ هڪ هيروئن، هڪ هيرو ۽ هڪ ولين يعني بدمعاش هوندو آهي. سنڌي ادب ۾ هيروئن کي نائڪا ۽ هيرو کي نائڪ چئبو آهي. انگريز سرڪار (مائي باپ) جي ڏينهن ۾ نائڪ، پراڻي ۽ وفادار پٽيوالي کي سڏبو هو. آزاديءَ کان پوءِ نائڪ (پٽيوالو) ڪليڪٽر تہ ٿي نہ سگهيو پر افسانن جو هيرو نائڪ ٿي پيو آهي. اِهي ادب جا پيچيده مسئلا آهن، في الحال اسان کين پرپرو رکي، روماني افساني جي فارمولا جو راز فاش ڪيون ٿا.

هيرو ۽ هيروئن کي محبت ڪرايو. يا تہ ننڍپڻ گڏ گذاريو اٿائون جو جوانيءَ ۾ هڪ ٻئي لاءِ حيران پريشان آهن، يا هيرو هيروئن کي بس اسٽاپ، ريلوي اسٽيشن، سئنيما (انهن مان ڪنهن بہ هڪ هنڌ) تي بيٺل ڏسي مٿس اکن چڪن ٿي پوي. مطلب تہ، ڪيئن بہ ڪري هيرو ۽ هيروئن جو پاڻ ۾ عشق ڪرايو. لڪي ڇپي ملن. ڪڏهن سمنڊ جي ڪناري واريءَ جي دڙن تي ۽ ڪڏهن تارن ڀريل رات ۾ ملندا رهن. مائٽن کان اک بچائي باغ ۾ ملن. محبت جي جيت جدائي آهي. تنهن ڪري ولين يعني بدمعاش کي ان محبت ڀريل دلين جي وچ ۾ ديوار يعني پٽ ڪري بيهاريو. ولين ڏاڍو مشتنڊو هوندو آهي ۽ هيرو نهايت ئي ڳيرو يعني ٺاهوڪو. بدمعاش هيروئن کي هيرو کان کسي کڻي ويندو. هيرو کي ڪاوڙ لڳندي. بدمعاش جي پيڇو ڪندو. آخر ۾ هيروئن کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو جي نہ، تہ هيروئن سميت آپگهات ڪندو. پر ڪامياب ڪهاڻي (چوٽيءَ جي) اها آهي جنهن ۾ هيروئن بدمعاش سان ٺهي وڃي ۽ هيرو کي بي وفائي جو داغ ڏئي.

اهڙا عشقي افسانا جيتوڻيڪ چوٽيءَ جا اديب لکندا آهن، پر تڏهن بہ شروع شروع ۾ شايع نہ ٿيندا. افسانا شايع ڪرائڻ بہ پنهنجي جاءِ تي نهايت ئي مشڪل ۽ مشيني ڪم آهي. هت اسان اميدوار اديبن جي عام فائدي لاءِ اهي طريقا بيان ڪيون ٿا، جن کي اختيار ڪرڻ سان

سندن افسانا هڪ ٻئي پٺيان شايع ٿيندا رهندا.

سڀ کا اڳ اديب کي ڪنهن بہ رمز سان رسالي جي ايڊيٽر سان دوستي ڳنڍڻ گهرجي. ايڊيٽر صاحبان آسانيءَ سان هٿ اچڻ جا ناهن. ڏاڍا هوشيار ۽ سياڻا هوندا آهن. پر توهان بہ پنهنجو بارود تيار رکو. ڪجهہ مهينا سندس رسالي جي تعريف ۽ ايڊيٽوريل جي ثنا ۾ لفظن جا راڪيٽ ڇڏيندا رهو. توهان جا اهڙا خط رسالي ۾ شايع ٿيندا. توهان جو نالو پڙهندڙن تائين پهچي ويندو. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ايڊيٽر صاحب تي نازل ٿيو. پاڻ سان سير کن مٺائي بہ کنيو وڃجو. اهڙي شيرين يعني مٺي نموني توهان جو تعارف ٿيو. ڪجهہ ڏينهن رکي پنهنجو شهپارو (افسانو) خوب عطر هڻي کيس ڏياري موڪليو. انشا الله توهان جي پهرين ڪوشش ڪامياب ويندي. پهرين افساني شايع ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ٻن چئن دوستن ۽ ان رسالي جي ايڊيٽر کي هڪ زوردار ڊنر ڏيو. اهڙي نموني پنهنجي دوستي ۽ ياري ايڊيٽر سان وڌائيندا رهو. گنجي ٽڪر جي چوٽيءَ تي پهچڻ جو سڀ کان سولو طريقو اهو ئي آهي. توهان جو دوست ايڊيٽر دوستيءَ جي پت رکڻ لاءِ هر مهيني وڏي اهتمام سان توهان جا افسانا شايع ڪندو رهندو. اها ڪا اعتراض جوڳي ڳالهہ ڪونهي. جيئن وڏن وڪيلن جي ڪاميابيءَ جو دارومدار جج صاحب جي دوستيءَ تي هوندو آهي، تيئن اديبن جي ڪاميابي بہ ايڊيٽر جي دوستيءَ تي منحصر آهي. ڪڏهن بہ نہ سوچجو تہ جنهن معاشري ۾ وڪيل جج جو دوست آهي اتي انصاف ڪڏهن بہ پلئہ نہ پوندو ۽ جنهن ادب ۾ اديب ايڊيٽر جو دوست آهي، اتي سٺو ۽ صحتمند ادب ڪڏهن بہ پيدا نہ ٿيندو. اهي ڳالهيون قديم زماني جون آهن، جڏهن نہ جج هوندا هئا، نہ رسالن جا ايڊيٽر!

جيئن جيئن توهان جي دوستي ايڊيٽر سان گهاٽي ٿيندي ويندي، تيئن تيئن توهان گنجي ٽڪر جي چوٽيءَ کي ويجها پوندا ويندا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ايڊيٽر صاحب توهان کي ڦيرائي ڦيرائي چوٽيءَ طرف اچلائيندو. توهان بابت لکندو: ”هن پرچي ۾ پڙهو سنڌي ادب جي انٽليڪچوئل اديب جي ڪهاڻي.“ پوءِ توهان جي نالي سان لقبن جو پڇ ڳنڍيجي ويندو: ”سنڌي ادب جو اڪيلو افسانہ نگار“، ”عظيم ليکڪ“ وغيره.

ايڊيٽر صاحب ته پنهنجو فرض نڀايو. هاڻي توهان تي ڇڏيل آهي ته پاڻ کي اهڙن لقبن جي لائق ثابت ڪريو. اهو ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. ادب ۾ ڪجهه نالا فقط فيشن طور استعمال ٿيندا آهن. توهان کي اهڙن اديبن جا نالا ۽ سندن مشهور تصنيفن جي لسٽ ياد هئڻ گهرجي. (ضروري ناهي ته توهان سندن ڪتاب ڏسويا پڙهو). هاڻي پڙهندڙن تي رعب ويهارڻ لاءِ توهان پنهنجين لکڻين ۾ ادبي فيشن جا نالا ۽ وزني ڪتابن جا حوالا ڏيڻ شروع ڪيو. مثال طور، پنهنجي افساني جي نائڪا (هيروئن) جي باري ۾ لکو ته. ”هوءَ ٽالسٽاءِ جي ايناڪرنينا جهڙي هئي.“ ظاهر آهي ته توهان خواب ۾ به ٽالسٽاءِ جو ناول ايناڪرنينا نه ڏٺو هوندو. اهڙي نموني پيا به ڪجهه نالا آهن جيڪي ادب ۾ wash_n_wear وانگر استعمال ٿيندا آهن. ۽ توهان جي وسيع مطالعي جي ثابتي ڏيندا. (جيتوڻيڪ توهان انهن ليکڪن کي پڙهيو به نه هوندو). انهن مان ڪجهه نالا هي آهن: ٽالسٽاءِ، ٽئگور، وڪٽر هيوگو سمر سٽ ماهم، موپاسان، ٿامس هارڊي، ميڪسم گورڪي وغيره.

توهان کان اڪثر سوال پڇيو ويندو ته توهان جو پسنديده ليکڪ ڪير آهي؟ جواب ۾ مٿين آفت ليکڪن مان ڪنهن به هڪ جو نالو ۽ سندس ڪتابن جي فهرست ٻڌائي وجو.

ڪجهه بي ادب توهان جي ادبي ڪاميابي تي ساڙ کائيندا. جڪ کائيندا ۽ توهان کي ڪنهن روزاني اخبار ۾ (جنهن کي شايع ڪرڻ لاءِ خبرون نه ملنديون هونديون) گاريون ڏيندا. اهڙن اپوجهن جي نادان حرڪت توهان لاءِ فائدي واري ثابت ٿيندي. توهان جي شهرت وڌندي رهندي. توهان جي ناموس کي روز به تي چنڊ لڳندا رهندا. جن توهان جا شهپارا (ان لفظ جو ”نمڪ پارا“ سان ڪو به تعلق ڪونهي) نه پڙهيا هوندا، تن جي دل ۾ توهان جي لکڻين کي پڙهڻ جي تمنا جاڳندي.

اسان جيڪو نسخو بيان ڪيو آهي، سو وڏن وڏن ڪهنه مشق اديبن جو آزمايل آهي ۽ انشا الله اميدوار ۽ اسرندڙ اديبن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. نوٽ: اڇن اجرن ڪپڙن، سٺي صحت ۽ وسيع مطالعي کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هي نسخو افسانه نگار، ناول نويس ۽ شاعر اميدوار استعمال ڪري سگهن ٿا. ■

1965

# اليگزينڊر سولز هنستن

ظلم، بي انصافي، انڌير خلاف ڪهاڻيون، ڊراما، ۽ ناول لکڻ جي ڏوهہ ۾ روسي اديب اليگزينڊر سولز هنستن کي جلاوطن ڪيو ويو آهي.

مشهور قانوندان ۽ عالم جارس ميڊيو ڊيف جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج ڪندي سولز هنستن 15 جون 1970ع تي اختياريءَ وارن کي چتاءُ ڏيندي لکيو: ”ذهين ماڻهن کي عذاب ڏيئي سندن روح فنا ڪرڻ اهڙوئي ڏوهہ آهي، جهڙو گيس چيمبر ۾ ڪنهن کي چيچلائي مارڻ. اهي ڏوهہ هرگز بخشيا نہ ويندا، ۽ تاريخ جي هر دور ۾ ننديا ويندا. ظلم ڪرڻ وقت ان انتها کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي، جتي پهچڻ کان پوءِ انسان ۽ آدم خور ۾ فرق باقي نہ رهندو آهي، جيڪڏهن ڪو ان خام خيال ۾ مبتلا آهي، تہ طاقت جي زور تي اقتدار ۾ رهي سگهجي ٿو تہ اهڙو شخص حقيقت ۾ پنهنجي ضمير جي آواز کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.“

سولز هنستن جو چتاءُ ادب ۾ بهادريءَ ۽ سچ لاءِ جاکوڙ جو يادگار مثال آهي. اهو چتاءُ سقراط، سرمد ۽ منصور کان وٺي مارٽن لوٿر ڪنگ، پسترناڪ ۽ سولز هنستن تائين انسان ذات جي ذهني آزاديءَ لاءِ مسلسل جدوجهد جي هڪ ڪڙي آهي.

شاهہ لطيف جي سر سامونديءَ ۾ هڪ بيت آهي:

**”اونهي ۾ اُهري جڏهن جي وئا،**
**سانداري سمونڊ جي نهوڙي نئا،**
**وڃي تت پئا، جت نهايت ناهہ ڪا.“**

ان بيت ۾ اونهي جي اسرارن جيڏي وڏي ۽ اونهي معنيٰ آهي. عميق جو انت لهڻ وارا، جڏهن ظلم ۽ ستم جا سمنڊ ڇاڇولين ٿا. تڏهن سندن جستجو جي ڪابہ حد، ڪابہ سرحد موجود نٿي رهي! مسلسل ۽ لاڳيتي جدوجهد! جاکوڙ! ”هڻ پالا، وڙهہ پاڪرين، آڏي ڊال م ڊار ـــ“ ان سلسلي

۾ آمريڪي شيدين جي انقلابي اڳواڻ مارٽن لوٿر ڪنگ هڪ دفعي چيو هو "اسان جي جدوجهد اصل ۾ روشنيءَ جي اوندهه خلاف جدوجهد آهي ـ انصاف جي ظلم خلاف جدوجهد آهي." ڪجهه عرصي کان پوءِ مارٽن لوٿر ڪنگ کي گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيائون.

مارٽن لوٿر ڪنگ انسان ذات جي آزاديءَ ۽ عزت لاءِ صدين کان هلندڙ جدوجهد ۽ جاکوڙ جي هڪ ڪڙي هو. سندس موت کان پوءِ اُها جاکوڙ اُها جدوجهد ختم نه ٿي آهي. اليگزينڊر سولز هنسٽن ساڳي جاکوڙ جو سلسلو آهي ـ

"سانداري سمونڊ جي نهوڙي نئا"

روسي اديبن جي چوٿين ڪانفرنس ڏانهن 16 مئي 1967 تي پنهنجي خط ۾ سولز هنسٽن هڪ هنڌ لکيو هو "ادب بندش کي قبول نه ڪندو آهي. ادب پابندين جي قيد ۾ اُسري نه سگهندو آهي. اهو ادب. جيڪو پنهنجي معاشري جي عڪاسي نٿو ڪري، ماڻهن جي ڏک سور ۽ خوف جو اظهار نٿو ڪري، ۽ ايندڙ انديشن کان آگاهه نٿو ڪري، اهڙو ادب ڪنهن به صورت ۾ ادب سڏائڻ جو حقدار ٿي نٿو سگهي."

اڳتي هلي، سولز هنسٽن کي جڏهن ليکڪن جي يونين مان خارج ڪيو ويو، تڏهن 12 نومبر 1969ع تي هن يونين جي سيڪريٽريٽ ڏانهن پنهنجي خط جي آخر ۾ لکيو "اظهار ـ مڪمل اظهار جي آزادي معاشري ۽ ملڪ جي صحت لاءِ لازمي آهي. جو شخص، اظهار جي آزاديءَ جو حامي ناهي، سو حقيقت ۾ پنهنجي وطن سان سچو ناهي. اظهار جي آزاديءَ کان منڪر هميشه ذاتي مفاد کي ترجيح ڏيندو آهي. وطن کي اظهار جي آزاديءَ کان محروم رکڻ وارا اصل ۾ وطن جا خيرخواهه ناهن. هو وطن جي مرضن لاءِ علاج ڳولڻ بدران، مرضن کي لا علاج ڪرڻ جي ڪڍ لڳل آهن."

سولز هنسٽن کي انسان ذات لاءِ عزت ۽ آزاديءَ جو اونو هو. هن کي پنهنجي وطن سان عشق هو. ان الزام ۾ کيس پنهنجي وطن کان جلاوطن ڪيو ويو ـ "سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا." ◘

1974

# ادب ۽ نعريبازي

"ميڪسم گورڪيءَ جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟"

"ادب ۾ نعريبازي ڪندو هو. جڪ ماريندو هو."

"پلا دوستو وسڪي؟"

"بڪواس لکندو هو. فقط نعريبازي."

"۽ چارلس ڊڪنس جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿئي؟"

"ادب ۾ سياست لکندو هو. فرينچ ريو وليوشن جون ڳالهيون ڪندو هو. نعريبازي ڪندو هو."

"البرٽ ڪاميو؟"

"وڏو شر پسند هو. لکندو هو ته وڙهندو به هو. اصل ڪٽر نعريباز اديب هو."

"۽ سارتر؟"

"وڏو بدمعاش آهي. اديب ٿي ڪري ملڪ جي سياست ۾ عملي حصو وٺندو آهي. فرانس جي نعريباز اديبن جو بابو آهي. ادب ۾ اِنگزستينشلزم جون ڳالهيون ڪندو آهي."

"چڱو پلا، هيمنگوي جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟"

"هو اديب نه، پر داداگير هو. باڪسنگ، ۽ بل فائيٽنگ جو مداح هو. سول وار ۾، ۽ مهاڀاري جنگ ۾ حصو ورتائين. زخمي ٿيو. اديب گوريلو نه هوندو آهي. هو شودو لکڻ سا گڏوگڏ وڙهندو به هو."

"بورس پلسترنڪو جي باري ۾ ڪهڙو رايو اٿئي؟"

"هو پيدائشي نعريباز اديب هو. سياسي ادب لکڻ سبب جيل ڪاتيائين، تڪليفون ڏٺائين. آخر ۾ عذاب سهندي مري ويو."

"۽ اليگزينڊر سولزهنستن جي لاءِ ڪهڙو رايو اٿئي."

"سمورن ناولن ۾ سياست جي اُپٽار ڪئي اٿائين."

وڏو بڪواس ۽ نعريباز ليکڪ هو. مون سندس به ناول، "ڪينسر وارڊ،"

۽ "ون ڊي ان دي لائيف آف ايوان." پڙهيا آهن. سياست سان ڀرپور آهن."

"۽ پلا. آرٿر ڪوئيسلر جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟"

"هن ڪان وڏيڪ نعريباز ناول نويس انگريزي ادب ۾ اڄ تائين پيدا ئي نہ ٿيو آهي. لکندو هو. سياست ۾ حصو وٺندو هو. ۽ گوريلن سان ڪم ڪري، گستاپو سان وڙهندو هو. سندس ڪتاب. "اسڪم آف دي ارٿ" پڙهي ڏس!"

"۽ جيمس بالڊون؟"

"آمريڪا جو شيدي ناول نويس! وڏو نعريباز آهي. فقط ڏتڙيل شيدين جي حقن لاءِ سياسي ڪهاڻيون. ۽ ناول لکندو آهي، ڏوڙ پائيندو آهي."

"ڪرشن چندر جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿئي؟"

"اردو ادب ۾ نعريباز ادب جو ابو آهي. وڏو بدمعاش آهي. ورهاڱي جهڙي سياسي موضوع تي ناول ۽ افسانا لکيا اٿائين. بڪواس ڪئي اٿائين."

"۽ روح رهاڻ رسالي جي باري ۾ ڇا ٿو چوين. جنهن تي 1968ع ۾ مارشل لا حڪومت بندش وڌي هئي؟"

"وڏو بڪواس ۽ واهيات رسالو هيو سياسي ادب سان ڀريل هوندو هو. ون يونٽ خلاف ڪهاڻيون ۽ شعر ڇاپيندو هو. سنڌي ماڻهن ۾ سياسي شعور ۽ حقن لاءِ جدوجهد جو جذبو جاڳائيندو هو. اصل. نعريباز سان ڀريل هوندو هو. منهنجا سائين."

"اوهان جي خيال موجب ادب ۾ سياسي موضوع تي لکڻ. نعريبازي آهي؟"

"بلڪل نعريبازي آهي. اهڙي ادب کي ادبي اوسر ۾ هرگز شمار نہ ڪجي."

"ان لحاظ کان، يعني نعريبازي جي ليبل هيٺ اوهان ويهين صديءَ جو ڪل ڪيترو ادب خارج ڪري ڇڏيندا؟"

"گهٽ ۾ گهٽ اسي سيڪڙو!" ■

1974

# ڪرشن چندر جو بيج ناٿ

مون گھڻو اڳ ورهاڱي جي موضوع تي ڪرشن چندر جو ناول "غدار" پڙهيو هو. ان ناول کي پڙهڻ، دردناڪ تجربي مان گذرڻ برابر آهي. ڪرشن چندر نظرياتي ادب لکيو آهي. "غدار" سندس تخليق جو عروج آهي. ورهاڱي جي موضوع تي، "غدار" سان ڪلهو هڻندڙ جيڪڏهن ٻيو ڪو ناول لکيو ويو آهي" تہ اهو خوشونت سنگهہ جو انگريزي ناول Train to Pakistan آهي. ان سلسلي ۾ افسانن جو ذڪر ڪبو. تہ منٽو جو افسانو "ٽوبا ٽيڪسنگ" اتاهون نظر ايندو.

ڪجهہ سال اڳ، ڪرشن چندر جي ناول "غدار" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو وليرام ولڀ ڪيو هو. ۽ خوشقسمتيءَ سان "غدار" جي سنڌي ترجمي جو مهاڳ مون لکيو هو. ان طرح، مون کي ٻہ ــ چار دفعا "غدار" پڙهڻ ۽ دردناڪ تجربي مان لنگهڻ جو موقعو مليو آهي.

ناول "غدار" جي مرڪزي ڪردار جو نالو بيج ناٿ آهي. مرڪزي ڪردار کي ايڏي تہ مهارت ۽ فنڪاريءَ سان لکيو ويو آهي، جو جيڪي ڪجهہ بيج ناٿ سان ٿي گذري ٿو، تنهن جو عذاب پڙهندڙ پنهنجي روح ۾ محسوس ڪري ٿو. ناول جي پڇاڙيءَ ۾ بيج ناٿ لاشن جي انبار مان هڪ ٻار کي ڪڍي وٺي ٿو جيڪو اتفاق سان جيئرو آهي. ٻار کي هنج ۾ کڻي بيج ناٿ روشنيءَ جو سفر شروع ڪري ٿو. هن ناول ۾ ٻار آئينده جي علامت آهي. ٻار کي هنج ۾ کڻي، بيج ناٿ جو سج ۽ روشنيءَ ڏانهن سفر، انساني تاريخ ۾ معاشرتي اوسر، ۽ خودشناسائيءَ ڏانهن اشارو آهي. انسان وڍجي، ڪٽجي، ولوڙجي منزل ڏانهن وڌندو رهندو، هلندو رهندو.

ڪالهہ مون اخبارن ۾ يونيسيف (Unicef) جو اشتهار ڏٺو هو. هڪ آفريڪي ٻار ڏٻرو ۽ بيمار، ويرانين ۾ ويٺو هو ۽ اُجهاميل اکين سان

پولار ۾ نهاري رهيو هو. اشتهار جي هيٺان لکيل هو – هيءَ ٻار اوهان جي مدد جو مستحق آهي. هن جي مدد ڪريو. مدد ڪريو! عجيب جملو هو. مون اڳ ۾ اهو جملو ان اشتهار هيٺان پڙهيو هو پر ايڏو عجيب ۽ ٺٺولي ڪندڙ محسوس نہ ٿيو هو. آفريڪي ٻارن جي امداد لاءِ اپيل يونيسيف ڪئي آهي. ۽ يونيسيف جون آفيسون اتي آهن، جتي بم آهن، راڪيٽ آهن، ٽينڪون ۽ توبون آهن! اشتهار جي هيٺان جيڪڏهن اهو لکيل هجي ها، تہ هن ٻار ڪي لولو ڏيو يا گولو، تہ جملو وڌيڪ معنيٰ وارو محسوس ٿئي ها.

ٻارن کي اسرائيل رانديڪا ڏنا. رانديڪن ۾ بم هئا. يونيسيف جو خواب اسرائيل پورو ڪيو جنهن ٻار گڏيءَ کي ٻاڪر پاتو، سو ٻار موت جي هنج ۾ هليو ويو.

مان ڪرشن چندر جو بيج ناٿ نہ آهيان. منهنجيءَ هنج ۾ جيڪو ٻار هيو، سو منهنجيءَ هنج مان لهي ويو آهي. مان لاشن جي انبار مان سفر ڪري رهيو آهيان، پر منهنجي هنج خالي آهي. مان ڪرشن چندر جو بيج ناٿ نہ آهيان. ■

1974

# ذڪر منٽو جي هڪ ڪهاڻيءَ جو

اڄ مون کي مرحوم سعادت حسن منٽو جي هڪ ڪهاڻي ”نيا قانون“ دل تي تري آئي آهي.

ان ڪهاڻيءَ ۾ 1942ع واري دور جو ذڪر ڪيل آهي، جڏهن هندستان جي عوام جي انگريز سامراج خلاف نفرت ۽ بغاوت عروج تي پهتل هئي. سياسي شعور رکندڙ پڙهيل ڪڙهيل طبقو ته ڇڏيو مزور ۽ هاري به انگريز خلاف حقارت جو علم کڻي ميدانن، رستن، گهرن ۽ گهٽين ۾ ڪاهي پيا هئا. جن کان جلسن جلوسن، ۽ انگريزن جي ديسي پڳهاردار فوج ۽ پوليس سان وڙهڻ نه پڄندو هو سي پاڻ ۾ ڪچهريون ڪري انگريزن خلاف پنهنجي ڏڪار ۽ نفرت جو اظهار ڪندا هئا. ان ڪهاڻيءَ جو سمورو پس منظر سياسي آهي. بيحد طاقتور ۽ سهڻي ڪهاڻي آهي، (اها ٻي ڳالهه آهي، ته اسان جا هٿ ٺوڪيا سنڌي نقاد ان ڪهاڻيءَ کي نعريبازي سڏيندا.)

ڪهاڻي ”نيا قانون“ جو مرڪزي ڪردار هڪ ٽانگي وارو آهي، جنهن کي انگريزن لاءِ بي انتها نفرت آهي. هو ڪنهن جي واتان ٻڌي اچي ٿو ته هندستان لاءِ ”نئون قانون“ ٺاهيو ويو آهي، جنهن مطابق هندستان جي عوام کي اڳ کان وڌيڪ بنيادي حق ڏنا ويا آهن. هو اها خبر پنهنجن ساٿي ٽانگي وارن کي ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو ته هو هينئر انگريزن کي ڪٽ ۾ نه آڻيندو ۽ کين ڏسي رهندو. ڪجهه دور انديش دوست کيس صلاح به ڏين ٿا، ته مولائي مڙي وڃ. ڪجهه به نه بدليو آهي، ڪوبه نئون قانون نه ٺهيو آهي. مات ڪري ويهي رهه ــ غريب آهين، مارجي ويندين!

پر ٽانگي وارو جنوني هو سو ڪٿان ٿو مات ڪري ويهي. هڪڙي انگريز عملدار کي ٽانگي ۾ ويهارڻ کان انڪار ڪيائين. انگريز باهه ٿي

ويو ـ هن خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو تہ ڪڏهن ڪو ڪارو هندستاني ڪيس ٽانگي ۾ چاڙهڻ کان انڪار ڪندو! هن لڪڻ کڻي ڦيهي رکيو. ٽانگي وارو بہ انگريز تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. اهڙي ڌمال ڪيدي ٿيندس جو پوليس وارا ڊوڙندا آيا. ۽ انگريز بهادر کي بچائي ٽانگي واري کي ٿاڻي تي وٺي ويا. ٽانگي واري گهٽيون ئي رڙيون ڪيون، تہ بابا نئون قانون نهيو آهي. انگريزن جو زور ٽٽو آهي! پر ٿاڻي تي ڪنهن بہ سندس ڳالهہ کي اهميت نہ ڏني. موچڙا هڻي لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيائونس.

مان سوچيان ٿو منٽو جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪڏهن سنڌ جي هاريءَ جي وڏيري جي ظلم ۽ ستم خلاف بغاوت جو ذڪر ڪيل هجي ها ۽ ان ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ٽانگي واري بدران ڪو هاري هجي ها. ۽ اُهو هاري ڪنهن وڏيري کي ٻڌئي ڏيڻ کان انڪار ڪري ها. تہ پوءِ ڪهاڻي آخر ۾ ڪهڙو تاثر ڇڏي ها! ■

1974

# البرٽ ڪاميو

”اديب جو ڪم نهايت ڏکيو ۽ مشڪل آهي. اصولي طرح هو انهن جو خدمتگذار نه ٿيندو جيڪي تاريخ جوڙيندا آهن. هو لازمي طرح فقط انهن کي ڪم ايندو ۽ انهن جي خدمت ڪندو جيڪي تاريخ جا تابع آهن، يعني عام ماڻهو. جيڪڏهن هو ائين نٿو ڪري ته پوءِ ڪيس پنهنجي فن کان محروم ٿي هيڪلو رهڻو پوندو. ظلم ۽ تشدد جي فوجن جا هزارين لکين ماڻهو سندس تنهائي دور ڪري نه سگهندا. ان حد تائين جو هو خود به ظالمن جي نقش قدم تي هلڻ جي خواهش ظاهر ڪري. دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾، مصيبتن ۾ گرفتار ڪنهن قيديءَ جي خاموشي هڪ ليکڪ کي ڏونڌاڙي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، ته هو ان مظلوم جي خاموشيءَ کي پنهنجي فن ذريعي پڙاڏي ۾ بدلائي ڇڏي.“

مٿيون پيراگراف البرٽ ڪاميو جو آهي. اهو رايو هن ڊسمبر 1957ع ۾ ادب جو نوبل پرائيز وٺندي اسٽاڪ هوم ۾ پنهنجيءَ تقرير دوران ڏنو هو.

دنيا جو هر ڪو سجاڳ اديب، شاعر ۽ مصور پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪندو آهي. هو جيڪي ڪجهه پنهنجي وقت ۾ ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي، تنهن کي پنهنجي فن ۾، پنهنجين تحريرن ۾ موضوع طور استعمال ڪندو آهي. ڪوبه فرض شناس اديب معاشري ۾ ايندڙ تبديلين کان منهن موڙي فقط عشق ۽ محبت جا قصا نه لکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سموري دنيا ۾ اڄوڪي ادب جا خاص موضوع سياست، ۽ مذهب، ۽ فرض ۽ فراريت آهن.

اسان جي ملڪ ۾ ادب جا قدر ڪابه واضع شڪل وٺي نه سگهيا آهن. اسان جي ملڪ ۾ ادب جا وڏا پارکو اديب ۽ عالم نه، بلڪه پوليس ۽ سي آءِ ڊيءَ وارا آهن. البرٽ ڪاميو جي تقرير جو حصو جيڪو مون مٿي نقل ڪيو آهي، سو جيڪڏهن ڪنهن سنڌي اديب جو لکيل هجي

ها، تہ مٿس ڪات ڪهاڙا ڪچي وڃن ها.

اسٽاڪ هوم واري تقرير ۾ اديب جي فرض بابت ڪاميو هڪ هنڌ چيو:

"زندگيءَ جي هر دور ۾ هڪ اديب، پل تہ مشهور هجي يا مشهور نہ هجي، ظلم سبب خاموش هجي، يا عارضي طرح آزاد هجي، مٿس لازم آهي تہ معاشري جي جذبن، اميدن، ۽ خواهشن جي عڪاسي ڪري جيڪڏهن ڪو اديب پنهنجين ذميدارين کي قبول ڪري ٿو. تہ پوءِ هو بنيادي طرح پاڻ کي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ ٻن اهم فرضن کي بہ قبول ڪري ٿو. اُهي آهن، سچ جي خدمت ۽ آزادي جي خدمت."

ڪاميو جي چوڻ مطابق هڪ سجاڳ اديب جا ٻہ بنيادي فرض آهن. هڪ، سچ جي خدمت. ۽ ٻيو آزاديءَ جي خدمت. مون کي فخر آهي، تہ سنڌي اديب فرض شناس آهي؛ سنڌي شاعر فرض شناس آهي. جو ڏکئي کان ڏکئي ماحول ۾ اڄ تائين سچ ۽ آزاديءَ جي خدمت ڪندو رهيو آهي. سنڌي اديب اڄ تائين ڪڏهن بہ حالتن سان ٺاهہ نہ ڪيو آهي. هن جيڪي ڏٺو آهي، جيڪي محسوس ڪيو آهي، سوئي قلمبند ڪيو آهي. اسان جي سنڌي اديب جي ڪنهن نظريي، يا رائي تي اعتراض تہ ٿي سگهي ٿو، پر ان کي غلط ثابت ڪري نہ ٿو سگهجي. ان ساڳئي تقرير ۾ ڪاميو هڪ هنڌ چيو:

"اسين اديب پل تہ ڪيترائي ڪمزور ڪٿي چونہ هجون، اسان جي اعليٰ ظرفي ٻن فرضن جي پورائي ۾ آهي. هڪ تہ اسين جيڪي ڄاڻون ٿا، ان جي باري ۾ ڪوڙ نہ ڳالهايون، ۽ ٻيو تہ ظلم جي مخالفت ڪريون. ■

1975

# ڪردارن جي ڪهاڻي

اج ادب ۾ ڪردارن جو ذڪر ڪبو.

ادب ڪان نا آشنا، جيڪي افساني ۽ مضمون ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهندا آهن، ۽ افساني کي بہ مضمون سڏيندا آهن، سي تخليقي ادب جي ڪردارن کي اديب جو مافي الضمير سمجهندا آهن. يعني ڪردارن ۾ اديب کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مثال طور، ڪنهن افساني ۾ جيڪڏهن ملحد جو ذڪر آهي، يعني ڪردار آهي، تہ ادب ڪان نا آشنا شخص ملحد جي ڪردار ۾ خود اديب جو عڪس ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ڪميونسٽ جي ڪردار کي ليکڪ سان تشبيهہ ڏيندو. ان قسم جي غلط فهمي خاص ڪري تڏهن ادب ڪان نا آشنا جي ذهن ۾ پيدا ٿيندي آهي، جڏهن ڪا ڪهاڻي يا ناول ضمير متڪلم ۾ لکيل هوندي آهي. يعني ڪهاڻي "مان" واري ڪردار جي چو طرف پکيڙيل هوندي آهي. مون سٺ ـ سٽر کن ڪهاڻيون، ضمير متڪلم ۾ لکيون آهن. ڪو نا آشنا نهايت ئي بيوقوف هوندو جو مون کي سٺ ـ سٽر ڪهاڻين جي ڪردارن سان ڀيٽيندو. خاص ڪري اهڙا ڪردار جيڪي نفسياتي ڇيد مطابق هڪٻئي کان بنهہ مختلف آهن.

ادب ڪان نا آشنا، جن کي بدقسمتيءَ سان ادب جي ڇنڊ ڇاڻ جو شوق پيدا ٿي پوندو آهي، سي ضمير متڪلم ۾ لکيل ڪهاڻين کي ليکڪ جي آتم ڪهاڻي سمجهي ويهندا آهن.

جيڪڏهن ائين ڪرڻ ويهجي، تہ پوءِ خبر پوندي تہ سمر سيٽ ماهم گهٽ ۾ گهٽ پنج ـ ڇهہ سئو کن پنهنجيون آتم ڪهاڻيون لکيون آهن. اهڙي طرح هيمنگوي پڻ ضمير متڪلم ۾ ڪهاڻيون لکندو هو ـــ ان جو مطلب ٿيو تہ هيمنگوي بہ ٽي ـ چار سئو کن پنهنجيون آتم ڪٿائون لکيون آهن. پر، ائين ناهي. هڪ ليکڪ پنهنجي تخليقي

عمل لاءِ يعني ڪهاڻين يا ناولن لاءِ ڪردارن جي چونڊ ڪندو آهي. انهن ڪردارن جو باقاعدي جائزو وٺندو آهي، ۽ پوءِ انهن ڪردارن تي مبني ناول يا ڪهاڻي جي پيڙهه رکندو آهي. ٻيو ليکڪ پنهنجي ناول يا ڪهاڻيءَ لاءِ ڪو واقعو، حادثو يا تجربو کڻندو آهي، جنهن ۾ لازمي طرح ڪي نه ڪي ڪردار هوندا آهن، ۽ پوءِ هو پنهنجيءَ ڪهاڻي يا ناول جي اوسر ڪندو آهي.

اهڙا پارکو ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هوندا، جيڪي هيمنگوي جي ڇهه-ست سئو افسانن ۽ چوبهه ڪن ناولن کي پڙهڻ کان پوءِ چئي سگهن ته ٻيلي هيمنگوي اسان کي پنهنجي ناول ”فيئر ويل ٽو آرمس“ ۾ هينريءَ جي ڪردار ۾ محسوس ٿيو. يا پنهنجي ناول ”فار هوم دي بيل ٽالس“ جي مرڪزي ڪردار رابرٽ جارڊن جي ڪردار ۾ محسوس ڪيو.

ڏاڍو ڪل جهڙو سوال آهي، ته شيڪسپيئر کي آٿيلو جي ڪردار ۾ ڳولجي، يا اينٽونيءَ جي ڪردار ۾!

هر ڪو ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ لاءِ منتخب ڪيل ڪردارن جو نفسياتي جائزو وٺندو آهي. سندس ڪردار پنهنجي ذهني لاڙي مطابق عمل ڪندا ڳالهائيندا آهن. هڪڙي ملحد ڪردار کان مذهب جي اهميت بابت مڪالما ڳالهرائي نه ٿا سگهجن. هڪ لچو لفنگو ڪردار ڪنهن عورت لاءِ شائسته گفتگو نه ڪندو. هڪ چور تبليغ نه ڪندو. ڏاڙيل اخلاقي درس نه ڏيندو. ان قسم جا ڪردار جڏهن به ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن پنهنجي نفسياتي ۽ ذهني اوسر مطابق ڳالهائيندا آهن. ادب کان ناآشنا اهڙي گفتگو پڙهي، ڇرڪي اٿندا آهن، ۽ ان گفتگو ۾ ليکڪ جو مافي الضمير، يعني نيت جو دخل ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خدا شل سنڌي ادب جي حال تي رحم ڪري. ◘

1975

# تنقيد ۽ ادبي وٿ وٺان

ادب تي معياري ۽ ڪارائتي تنقيد تمام ڏکيو ڪم آهي. ادب جي چندچاڻ هر ڪنهن جو ڪم ناهي. مثال طور، ڪنهن افساني تي فقط اهڙو شخص تنقيد ڪرڻ جو حق رکي سگهي ٿو، جنهن گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ ـ ٻه سئو ڪن دنيا جا معياري افسانا پڙهيا هجن. فقط اهو شخص حليم بروهيءَ جي طنزيہ ۽ مزاحيہ افسانن جي باري ۾ چئي سگهندو تہ، ”انهن افسانن مان ادب ۾ ڪهڙو واڌارو ٿيو آهي“. جنهن وليم سيروبان کي نہ پڙهيو هوندو، جنهن ٽربر کي نہ پڙهيو هوندو، جنهن مارڪ ٽيئن کي نہ پڙهيو هو، جنهن شفيق الرحمان ۽ رشيد ڀٽيءَ کي نہ پڙهيو هوندو.

ذاتي پسند ۽ ناپسند کي تنقيد سڏي نہ ٿو سگهجي. ڪوشش جي باوجود مان ٿامس هارڊيءَ کي بنهہ پسند ڪري نہ سگهيو آهيان. پر، ان جو اهو مطلب ناهي تہ ٿامس هارڊي ڪو گهٽ درجي جو اديب آهي. ٿامس هارڊيءَ کي پڙهڻ ۽ پسند ڪرڻ وارن جو ڳاڻاٽو لکن ۾ وڃي نڪرندو. ٿامس هارڊيءَ جي باري ۾ منهنجيءَ ناپسنديدگيءَ کي تنقيد سڏي نہ ٿو سگهجي.

سنڌي ادب ۾ تنقيد، چندچاڻ ۽ ادبي وٿ وٺان جو معيار بلڪل ذاتي پسند ۽ ناپسند تي منحصر هوندو آهي. بدقسمتي سان ڪو اهڙو صاحب، جيڪو ڪنهن عهدي تي هجي ۽ ڪيس ڪو ڪن ۾ ڀڻڪو پئجي وڃي تہ فلاڻي اديب جو فلاڻو افسانو فحش آهي. ۽ ان افساني سبب اسلام خطري ۾ پئجي ويو آهي، ۽ نظريہ پاڪستان جا بنياد لڏي ويا آهن، تہ اهو صاحب رد عمل جي صورت ۾ ان اديب تي عذاب نازل ٿيندو ۽ اديب جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندو. صاحب کي گهڻو ئي سمجهائبو تہ يا حضرت! ان افساني جهڙا ڪيترائي افسانا اڳ شايع ٿي چڪا آهن، ۽ پوءِ بہ دنيا ڏيکي جي سگ تي آرام سان بيٺي آهي، پر صاحب نہ مڃيندو.

صاحب کي چئبو تہ قبلا منٽو جا افسانا ”ٺنڍا گوشت“، ”کول دو“، ۽ ”ٽوبا ٽيڪ سنگهہ“ پڙهي ڏسو. ڪرشن چندر جو ناول ”غدار“، ۽ سندس افسانا ”پشاور ايڪسپريس“ ۽ ”برهمڻ“ پڙهي ڏسو. خوشونت سنگهہ جو ناول ”ٽرين ٽو پاڪستان“ پڙهي ڏسو (جيڪو پاڪستان ۾ عام جام وڪامي رهيو آهي)، ۽ ساڳئي موضوع تي غلام عباس، خواجہ احمد عباس، راجندر سنگهہ بيدي، مرحوم رئيس احمد جعفري ۽ عصمت چغتائيءَ جا افسانا پڙهي ڏسو. ساڳئي موضوع تي قرت العين حيدر جا ناول ”آگ ڪا دريا“، ”سيتا هرڻ“، ”چٽني“، ”اسير تو بدلا هوا زمانا تها“، پڙهي ڏسو. افڪار جو ”خدا نمبر“ پڙهي ڏسو. علامہ اقبال جو ”شڪوه “پڙهي ڏسو جنهن ۾ هن خدا کي هرجائي سڏيو آهي. پر صاحبن وٽ وقت ڪٿي آهي! هو تہ چمڪي تي بندوق ڇوڙيندا آهن!

ڪنهن سنڌي اديب جو افسانو يا افسانا صاحبن کي رڳو ان ڪري ڇرڪائي وجهندا آهن، جو صاحبن جديد ادب ۽ ادب ۾ جديد لاڙن ۽ تقاضائن متعلق ڪڏهن بہ ڪجهہ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي تڪليف نہ ورتي آهي. جنهن ”کول دو“، ”ٽوبا ٽيڪ سنگهہ“، ”ٺنڍا گوشت“، ۽ ”برهمڻ“ جهڙا افسانا ۽ ”غدار“ ۽ ”آگ ڪا دريا“ جهڙا ناول پڙهيا آهن، سو اسان جا افسانا پڙهي هرگز نہ ڇرڪندو، اٽلندو اسان تي تنقيد ڪندي چوندو تہ، پٽ ڏاڍو دير سان سجاڳ ٿيا آهيو! اهڙن موضوعن تي اڳ گهڻو ڪجهہ لکجي چڪو آهي!

مان واسطيدارن کي عرض ٿو ڪريان، تہ سنڌ ۾ ادب جي جديد تقاضائن ۽ رجحانن متعلق هڪ اعليٰ سيمينار سڏايو وڃي. مون کي يقين آهي، تہ اهڙو سيمينار موجوده افراتفريءَ ۾ ادب جي بيش بها خدمت انجام ڏيندو ۽ ادبي مسئلن کي حل ڪندو. ■

1975

# سياسي ادب

چون ٿا، تہ ادب ۾ سياست جو وري ڪهڙو ڪم ـ جيڪي افسانا سياسي پس منظر سان لکيل هوندا آهن، سي لازمي طرح اعتراض جوڳا هوندا آهن!

مٿئين منطق مطابق افسانن ۾ فقط عشق ۽ محبت جون آڪاڻيون هئڻ گهرجن ـ راز و نياز جا قصا هئڻ گهرجن ـ يعني افسانن ۾ فقط هڪ مسئلو هئڻ گهرجي تہ ڇوڪري جي ڇوڪريءَ سان ۽ ڇوڪريءَ جي ڇوڪري سان پنهنجي پسند مطابق شادي ڪيئن ٿئي! پر، ان مسئلي ۾ بہ حد بنديون آهن. هو بہ ئي هرڪو ڪم مائٽن جي مرضيءَ مطابق ڪندا.

جيڪڏهن ان جي برخلاف ڪم ڪندا تہ افسانو فحش سمجهيو ويندو. مطلب تہ ملڪ ۾ پيچڻ پچائڻ، آبرو ريزين ۽ ناجائز ٻارن جي ڄمڻ ۽ ڄمڻ شرط مارڻ جهڙا واقعا بنهہ ڪونہ ٿا ٿين. افسانہ نگار هتڙادو اهڙا واقعا گهڙي ناهي پڙهندڙن آڏو پيش ڪن ٿا!

ادب پنهنجي معاشري جي ماڻهن جي ڏکن ۽ خوشين، اميدن ۽ مايوسين، لڙڪن ۽ مرڪن، فتح ۽ شڪست، ۽ امن ۽ جنگ جي عڪاسي ڪندو آهي ـ ترجماني ڪندو آهي. هاڻي سوال ٿو اٿي، تہ ڇا سياست اسان جي معاشري لاءِ نہ آهي؟ ڇا هڪ معاشري ۾ رهندڙ ماڻهو سياست ۾ حصو نہ وٺندا آهن؟ ڇا سياست جي چوپڙ تي ڇڱن ڇڱن جا لاهہ نڪري نہ ويندا آهن؟ جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ سياست کي ادب کان ڪيئن ڌار ڪري سگهجي ٿو!

ويهين صديءَ ۾ جيڪو وڏو ادب پيدا ٿيو آهي، سو بنا امتياز جي سياسي پس منظر ۾ لکيل آهي. ڇا هيمنگوي اسپيني جنگ متعلق ناول نہ لکيو آهي؟ ڇا اسٽائين بيڪ جنگ جي پس منظر ۾ ناول ۽ افسانا نہ

لکيا آهن؟ ڇا سارتر ۽ ڪاميو جو سمورو ادب سياسي نہ آهي؟ ڇا آرٿر ڪوئيسلر جو سمورو ادب سياسي نہ آهي؟ ڇا پيسترناڪ ۽ سولز هنستن جو سمورو ادب سياسي نہ آهي؟ ڇا گورڪيءَ جو سمورو ادب سياسي نہ آهي؟ آمريڪا جي شيدي اديب جيمس بالڊون جو ادب سياسي نہ آهي؟

سموري دنيا ۾ سٺو ۽ وڏو ادب سياسي پس منظر سان شايع ٿي رهيو آهي. اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ ڪرشن چندر ۽ خوشونت سنگهہ سياسي ادب پيدا ڪري رهيا آهن.

جڏهن سڄي جنگ ۾ اهم ادب سياسي پس منظر سان لکجي رهيو آهي، تہ پوءِ ڏنڊا ۽ ٻاٺا فقط سنڌي ادب خلاف ڇو؟ سنڌي اديبن ۽ ادب خلاف ڏنڊا ۽ ٻاٺا فقط تڏهن ڪٽي سگهجن ٿا، جڏهن پاڪستان ۾ سارتر، ڪاميو ڪوئيسلر، پيسترناڪ، سولزهنستن، بالڊون، گورڪي ۽ ڪرشن چندر جي ڪتابن تي باقاعدي بندش پئجي وڃي. انهن اديبن جا ڪتاب جيستائين پاڪستان ۾ وڪرو ٿيندا رهندا، تيستائين سنڌي ادب تي اعتراض بي معنيٰ آهي.

هر دور ۾ موجوده نسل پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ امانتون ۽ فيصلن جو تت ڇڏيندو آهي. اسان جو ايندڙ نسل اسان جي موجوده نسل جي احڪامن کي عجب سان ڏسندو. اسان جو ايندڙ نسل سوچيندو تہ اهي ڪير هئا، جن سنڌي ادب جي اوسر کي ٻنجو ڏيئي ڇڏيو؟ اهي ڪير هئا جن سنڌي ادب جي اعليٰ معيار کي سطحي تنقيدن ۽ ڇنڊڇاڻ سان جهاتڪو ڪري ڇڏيو؟ مون کي پڪ آهي، ڪين سوال جو جواب لهڻ ۾ دير نہ ٿيندي. ■

1975

# جيمس بالڊون

آمريڪا جي تخليقي ادب مان جيڪڏهن پنجن وڏن همعصر اديبن جا نالا ڳڻايا وڃن، تہ منجهن هڪ نالو جيمس بالڊون جو ضرور ايندو.

جيمس بالڊون شيدي اديب آهي. عمر پنجاهہ ـــ پنجونجاهہ سال هوندس. سوين افسانا، ڏهہ ـ ٻارهن ناول ۽ ڪيترائي معياري مضمون لکيا اٿائين. سندس موضوع آمريڪي معاشري ۾ سياسي، سماجي، تهذيبي ۽ ثقافتي مسئلن بابت هوندا آهن.

دنيا جو ڪو ملڪ مسئلن کان آزاد نہ هوندو آهي ـ پوءِ ڀل تہ ڪو ملڪ ڪٽي اشتراڪي ڇونہ هجي، يا سرمائيداري نظام جو پيروڪار هجي! مسئلا هر ملڪ ۾ هوندا آهن ـــ ۽ مسئلن کي گهٽو ڪري هر ملڪ ۾ منهن ڏنو ويندو آهي. ڪي ملڪ اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي مسئلن کي منهن ڏيڻ بدران مسئلن کان منهن موڙڻ جي غلطي ڪندا آهن. هو مسئلن جي بنيادي سببن کي سمجهڻ بدران مسئلن کي ڀنجو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙين حالتن ۾ نتيجو نيوٽن جي اصولن مطابق ٿي نڪرندو آهي ـ عمل جو رد عمل ٿيندو آهي.

جيمس بالڊون مسئلن بابت ڏاڍا وزندار رايا ڏنا آهن. اسين سندس راين سان اختلاف ڪري سگهون ٿا. پر سندس راين کي پڌڻ ۾ ڪو جوکو ڪونهي. ٿي سگهي ٿو جيمس بالڊون جي تحريرن مان ڪا راهہ نظر اچي وڃي، جيڪا پڙهندڙن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي!

آمريڪا ۾ اڇن ـ ڪارن جي نسلي فرق بابت هڪ هنڌ جيمس بالڊون لکيو آهي، ”آمريڪا ۾ شيدين جو مسئلو آهي، پر ان مسئلي تي تمام خراب نمونې لکيو ويو آهي. دڪان خراب نمونې لکيل ڪتابن سان ستيا پيا آهن. اهي ڪتاب اسان جي روايتي رويي تي اثرانداز ٿين ٿا. سندن اثر سنو بہ آهي، ۽ خراب بہ آهي. هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾

منهنجو رايو آهي تہ شيدين جي مسئلي بابت بدنيتيءَ بدران نيڪ نيتيءَ جي ضرورت آهي.“

اڳتي هلي، هڪ هنڌ لکي ٿو ”هڪ ليکڪ لاءِ لازمي آهي تہ هو مسئلي کي سطحي طرح ڏسڻ بدران، مسئلي جي تهہ ۾ لهي وڃي.“

پنهنجي ڪتاب Notes of a Native son ۾ هڪ هنڌ جيمس بالڊون لکيو آهي، ”تہ نسلي فرق جي مسئلي تي نہ اچڻ ۽ نہ ئي ڪارڻ حقيقت پسندي جي نگاهہ سان ڪڏهن ڏٺو آهي يا پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو ماضيءَ ڏانهن ڏسڻ لاءِ تيار ناهن. مان سمجهان ٿو اِهو ماضي ئي آهي، يا ماضيءَ بابت معلومات ئي آهي، جنهن سان حال کي موافق ڪري سگهجي ٿو. ماضيءَ کي جيستائين پرکڻ جي ڪوشش نہ ڪبي، تيستائين ماضي پيانڪ محسوس ٿيندو.“

ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ جيمس بالڊون لکيو آهي، ”مان نٿو سمجهان تہ آمريڪا ۾ نسلي فرق جي مسئلي تي تاريخ، روايت، تهذيب ۽ اخلاقي قدرن کان جدا ٿي ڪو ڪارگر بحث ڪري سگهجي ٿو.“

جيمس بالڊون جو مطلب هي آهي تہ ڪنهن بہ مسئلي کي سمجهڻ لاءِ تاريخ ۽ روايتن جي پس منظر ۾ بحث ڪرڻ لازمي آهي. ماضيءَ کي نظر انداز ڪري، مسئلي جو حل ڪيي نٿو سگهجي.

مٿئين ڪتاب ۾ جيمس بالڊون هڪ هنڌ لکيو آهي، ”مون کي آمريڪا سان بي انتها محبت آهي، تنهن ڪري مون کي حق آهي تہ مان لاڳيتو مٿس تنقيد ڪندو رهان.“ ■

1975

# سونهري اصول

آغا محمود نالي ڪنهن مصور ڪراچيءَ ۾ آپگهات ڪيو. سندس موت جي خبر اخبارن ۾ پڙهي، مان مري ويس. ڪجهہ دير ڪان پوءِ مان وري جيئرو ٿي پيس. مون جهڙا گدڙ پنهنجي مستقل موت کان اڳ حياتيءَ ۾ هزارين دفعا مرندا آهن. ۽ مرڻ ڪان پوءِ هزارين دفعا جيئرا ٿي پوندا آهن. آغا محمود جي مرڻ جي خبر پڙهي مان مري ويس. ڪجهہ دير ڪان پوءِ مان جيئرو ٿي پيس، ۽ اچوڪو ڪالم لکڻ ويهي رهيس.

آغا محمود کي مان نہ سڃاڻان. سمجهان ٿو مرحوم نوجوان هو. اچوڪي دستور کان اڻ واقف هو. شايد جذباتي هو- تنهن ڪري اندر جي اُڌمن کي عقل جي رانديڪن سان ريجهائي نہ سگهيو. مري ويو. ريل جي پٽي تي ليٽي پيو. ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. وڃي ويو. بيحس، بيدرد، ٻوڙي ۽ گونگي معاشري ۾ پنهنجي احتجاج جي صدا ڇڏي ويو! بيوقوف هو. نادان هو. اڻڄاڻ هو. کيس خبر نہ هئي، تہ فنڪارن، اديبن ۽ مصورن جي موت کان اڳ ۽ سندن موت کان پوءِ اسان جي معاشري ۾ ڪنهن بہ صدا جي وجود کي تسليم نہ ڪيو ويندو آهي.

اسان جي معاشري ۾ مصورن فنڪارن، اديبن، شاعرن، ۽ صحافين لاءِ زنده رهڻ جا بنيادي اصول ايجاد ڪيا ويا آهن. انهن اصولن تي عمل ڪرڻ ۾ سندن بهبودي آهي، ۽ انهن اصولن سان انحراف سندن موت!

مٺان ڀيو ڪو آغا محمود آپگهات جو ارادو ڪندو هجي، تنهن ڪري، مان فنڪارن ۽ اديبن لاءِ زنده رهڻ جا بنيادي اصول مختصر نموني بيان ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

ڪنهن بہ مصور لاءِ لازمي آهي تہ وڏيون مڇون رکائي ۽ پنهنجي چوطرف سهڻين ڇوڪرين جو جهرمٽ گڏ ڪري. ڪنهن صحافيءَ کي ڪارائي پيئاري پنهنجي باري ۾ تعارفي مضمون لکائي. ان کان پوءِ

اميرن، وزيرن کي پنهنجيون تاهيل ڪجھ تصويرون مڙهائي، تحفي طور پيش ڪري. ان مرحلي کان پوءِ ڪنهن بہ آرٽس ڪائونسل يا گيلريءَ جي صاحبلوڪ کي فنڪار لاءِ در بند ڪرڻ جي همت نہ ايندي. فنڪار جي، مصوريءَ جي معيار مطابق ڪهڙي حيثيت آهي؛ ان کي ڪوبہ نہ ڏسندو! ڪونہ ڪو وڏو صاحب ريشمي فيتو ڪپي، سندس تصويرن جي نمائش جو افتتاح ڪندو. آغا محمود انهن اصولن تي نہ هليو. معاشري جي ناقدريءَ کان مايوس ٿيو. ريل جي پٽي تي ليٽي پيو. وڃي ويو.

اِهي اصول منهنجا آزمايل آهن. مثال طور، مان صدر اسڪندر مرزا جي دور ۾ اسڪندر مرزا جي تعريف ۾ مضمون لکندو هوس. ۽ پنهنجي جريدي ۾ سندس تصويرون ڇاپيندو هوس. ۽ قلم جي عظمت جا قسم کڻندو هوس. ان کان پوءِ جڏهن ايوب خان اقتدار ۾ آيو تڏهن ايوب جي ساراهہ جا ڍڪ پريندو هوس. ۽ تڏهن بہ قلم جي عظمت جو قسم کڻندو هوس. ايوب ويو. يحيٰ خان طاقت ۾ آيو. مون سندس ساراهہ ۾ سرخيون پري ڇڏيون. کيس قوم جو بچائيندڙ سڏيم. ۽ قلم جي عظمت جو قسم کڻندو رهيس. يحيٰ ويو. اڄ ڪلهہ مان موجوده دور جي حاڪمن جي شان ۾ قصيدا لکي رهيو آهيان. ۽ قلم جي عظمت جو قسم کڻي رهيو آهيان. ان اصول تي هلندي مان هميشہ سرخرو ٿيو آهيان. يقين ڪريو. ماڻهن جو حافظو ڪمزور ٿيندو آهي هو اسان جي ماضيءَ کي هميشہ وساري ڇڏيندا آهن. ۽ فقط زمان حال جو شڪار ٿيندا رهندا آهن.

مان وڏو ڪوڙو ۽ ڏٺئي آهيان. اها منهنجي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. مان صدر اسڪندر مرزا کان وٺي، ويندي صدر فضل الاهيءَ تائين، هر دور ۾ پڙهندڙن کي يقين ڏياريندو رهيو آهيان تہ مان سچ جو پرستار آهيان ــ سچ جو پرچارڪ آهيان.

تاريخ جي هر دور ۾ جنهن بہ سچ جو ساٿ ڏنو آهي، تنهن تڪليفن جو منهن ڏٺو آهي. مون ڪڏهن بہ تڪليفن جو منهن نہ ڏٺو آهي. هر دور ۾ مزي ۾ رهيو آهيان. هيرا ڦيري ڪندو رهيو آهيان. ماڻهن جي ڪمزور حافظي جو فائدو وٺي، مان هميشہ سچ سان ساٿ نڀائڻ جي

دعويٰ ڪندو رهيو آهيان. بس، هڪ ڳالهہ ڪان ڊڄندو آهيان، تہ ماڻهو ڪنهن ڏينهن منهنجي جريدي جا گذريل شمارا شل ڏسي نہ وٺن! ڊڄندو آهيان، تہ هو منهنجي جريدي ۾ اسڪندر مرزا، ايوب خان ۽ يحيٰ خان جون تصويرون ۽ منهنجا ايڊيٽوريل ڏسي ۽ پڙهي نہ وٺن! الله ۾ آسرو اٿم! رب سٺائي ڪندو!

جيڪو بہ اديب، شاعر، صحافي، ۽ فنڪار سونهري اصولن تي عمل ڪندو، سو آغا محمود وانگر ريل هيٺان وڍجي نہ مرندو، بلڪہ هر دور ۾ مزا ماڻيندو. ◘

1975

# اياز تي ألرون

اديب ٻن قسمن جا ھوندا آھن. ھڪڙا اديب دلير ۽ بھادر ٿيندا آھن، ۽ پنھنجن خيالن کي شجاعت سان بيان ڪندا آھن. ھو ملن مولوين ۽ معاشري جي دقيانوسي قدرن جي جاھل ٺيڪيدارن کان نہ ڏڄندا آھن. ھو بيمار ۽ ڪوڙھي معاشري جي مرضن جي وڏي واڪ نشاندھي ڪري ويندا آھن. ھو روايتن کان بغاوت ڪندي نہ ڪيٻائيندا آھن. ھو مرندي مري ويندا آھن، ڦاسيءَ جي تختن جو سينگار ٿيندا آھن، پر حق جي، سچ جي ۽ روشنيءَ جي ڳالھہ لکڻ کان نہ مڙندا آھن. اھڙا اديب وڏا اديب ٿيندا آھن. دنيا کين عزت ۽ قدر جي نگاھہ سان ڏسندي آھي.

دنيا جي وڏن اديبن سختيون سٺيون آھن — تڪليفون برداشت ڪيون آھن. ھو جيلن ۾ ويندا رھيا آھن – ڦاسيءَ جي تختن تي چڙھندا رھيا آھن – روشنيءَ کي پنھنجي سر جو نذرانو ڏيندا رھيا آھن. سندن ڪتاب ۽ تحريرون ضبط ٿينديون رھيون آھن. اھڙا اديب وقت تي پنھنجي عظمت جي ڇاپ ھڻي ڇڏيندا آھن. ھنن جي باري ۾ سڄي ملڪ ۾ چوٻول ھلندو رھندو آھي – ھنن متعلق قراردادون پاس ڪيون وينديون آھن. سندن ھر فعل ۽ عمل جو جائزو ورتو ويندو آھي. وڏن اديبن جي ھڪ سڃاڻپ اھا بہ ٿيندي آھي، جو سندن مخالف ۽ ويري کين نظر انداز ڪري نہ سگھندا آھن، وڏن اديبن جي ٻي سڃاڻپ اھا بہ ٿيندي آھي جو جاھل، جٽ، ڄسا ۽ ڄامڙا ھنن متعلق فتوائون صادر ڪندا آھن.

ٻئي قسم جي اديبن ۾ مون جھڙا سطحي ۽ معمولي سرت سمجھ وارا اديب شامل ھوندا آھن ھو ذات کان وانجھيل، بنيادي طرح اٽپڙھيل، اندران بلڪل خالي ۽ ذھني طرح ٻوڪ ٿيندا آھن. سندن ڪوٺڙين ۾

معجزن جي ڏندڪٿائن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿيندو آهي. هو ادب ۾ محض تگڙمبازيءَ سان پنهنجي وجود کي برقرار رکي سگهندا آهن. ان گروپ جا ڪجهہ اديب مذهب کي ادب جي نالي ۾ استعمال ڪندا آهن ۽ ان هيراڦيريءَ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري وٺندا آهن. هنن وٽ مذهب کي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو آهي. هو جيڪڏهن مذهب کي استعمال ڪرڻ جي چالاڪي نہ ڪن، تہ هوند ڪين پڙهڻ وارو هڪ چٽو بہ جيڪر ملي نہ سگهي!

اڄڪلهہ الاءِ ڪيترا ٽنون ٽوپڻ پيدا ٿي پيا آهن، جن وٽ مذهب مسڪين کي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. انهن مان ڪي سبيل آهن، ڪي حافظ آهن، ڪي موسيٰ آهن، ڪي ظهير آهن ۽ ڪي ٻوگر آهن ــ ۽ الاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڄامڙا. رجعت پسنديءَ جي گٽرن جا ڪيڙا آهن، جيڪي مذهب غريب کي تلوارون ۽ نيزن تي ڪٽي ادب ۾ هنبوچيون هڻڻ لاءِ نڪري پيا آهن.

مٿئين گروهہ مان هڪ چٽي جو نالو آهي عبدالڪريم عابد. سندس سموري عمر اياز جي قد گهٽائڻ ۾ گذري ويئي آهي هن ”افريشيا“ نالي هڪ غير معروف ۽ رجعت پسندن جي نئين هفتيوار پليندي ۾ شيخ اياز خلاف پنهنجي پست ذهنيت جو مظاهرو ڪندي ذوالفقار علي ڀٽي کي چيو آهي تہ سائين توهان جا صلاحڪار بلڪل بيوقوف آهن. مان عقلمند آهيان. منهنجي ڳالهہ کي پٿر جو ليڪو سمجهيو. مان افلاطون ثاني آهيان. مان ٿو توهان کي صلاح ڏيان تہ سنڌ يونيورسٽيءَ مان شيخ اياز کي هٽايو ۽ اتي رجعت پسندن ۽ جماعت اسلاميءَ جي حوارين جي مرضيءَ ۾ صلاح سان ٻيو ڪو وائيس چانسلر مقرر ڪيو. ڏسجي تہ ڪڏهن ٿو عبدالڪريم عابد کي وزيراعظم جو خاص صلاحڪار مقرر ڪيو وڃي!

جيڪي بہ رجعت پسند شيخ اياز خلاف ڳالهائي رهيا آهن، تن شيخ اياز کي نہ پڙهيو آهي، ۽ نہ ئي ڪين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماحول جي سڌ آهي. مون کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لاءِ بيحد عزت آهي، عقيدت آهي. مان ڪين علم ۽ تاريخ جي اينسائيڪلو پيڊيا مڃيندو ۽

سڏيندو آهيان. پر صاحب ڊاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٿهڪندڙ نئين نسل کي سنڀالي نہ سگهيو. شاگرد سندس ضابطي کان ٻاهر هئا. ڊاڪٽر صاحب هميشہ پنهنجا پلئو شاگردن جي سياست کان آجا رکندو آيو. موجوده دور ۾ ڪوبہ وائيس چانسلر "واچ ٽاور" ۾ ويهي شاگردن کي ضابطي هيٺ آڻي نہ ٿو سگهي. وائيس چانسلر کي شاگردن ۾ ويهي سندن مسئلن کي سمجهڻو آهي، ۽ سندن مسئلن کي حل ڪرڻو آهي. اهڙي طرز عمل لاءِ وائيس چانسلر اهڙو هجي جيڪو شاگردن لاءِ اوپرو ۽ اجنبي نہ هجي. شيخ اياز سموري پاڪستان ۾ واحد شخص آهي جيڪو سنڌ جي شاگردن ۾ هر دلعزيز آهي. هو شاگردن ۾ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي. هو سنڌ جي نوجوان نسل لاءِ اوپرو ۽ ڌاريو نہ آهي. هو نوجوانن لاءِ سونهو آهي، روشنيءَ جو مينار آهي.

عبدالڪريم عابد ۽ سندس جماعتي چيلا چا ٿا چاهين! هو چاهين ٿا تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان حڪومت ناهہ ڪرڻ بدران Show down ڪري. هٿيارن پنوهارن سان جهنجهي ڪنهن اوپري ۽ غير معروف شخص کي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو وڃي ۽ شاگردن جي احتجاج تي شاگردن کي گولين جو نشانو بڻايو وڃي. شاگردن کي جنگ تي آماده ڪيو وڃي. جماعتي ٽڳن جي اها اسڪيم اسان کان لڪيل نہ آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ناپر آڻڻ بدران هو چاهين ٿا تہ شاگردن کي ڇيڙيو وڃي. ڪو رجعت پسند وائيس چانسلر مقرر ڪيو وڃي، ۽ جيڪڏهن ڪو هنگامو ٿئي تہ شاگردن کي ٽينڪن سان ماريو وڃي!

جماعت اسلاميءَ جا آدمخور بنگال جو ڊرامو سنڌ ۾ ڪيڏڻ جون خونخوار تياريون ڪري رهيا آهن. کين لغام ڏنو وڃي. ■

1976

# ڪرشن چندر جو لاڏاڻو

اڄ (8 مارچ 1977) ريڊيو پاڪستان ۽ آل انڊيا ريڊيو تان خبر ڏني اٿائون تہ ڪرشن چندر لاڏاڻو ڪيو آهي ـ ڪرشن چندر مري ويو آهي. چون ٿا تہ اها خبر سچي آهي پر، اهو بہ سچ آهي تہ سچ ڪڏهن نہ مرندو آهي. ڪرشن چندر سراسر سچ هو. ڪرشن چندر سچائيءَ جو علمبردار هو. ڪرشن چندر سچائيءَ جو راڪو هو. سچ هميشہ زنده رهندو آهي. ڪرشن چندر زنده آهي. ڪرشن چندر ڪڏهن نہ مرندو.

سچ ڇاهي؟ سچائي ڇاهي؟ اوندهہ کي اوندهہ چوڻ سچ آهي. ظلم کي ظلم سڏڻ سچ آهي. ڦوروءَ کي ڦورو لکڻ سچ آهي. ڪوڙ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ سچ آهي. ڍوهہ کي ڍوهہ ۽ فريب کي فريب ڄاڻڻ سچ آهي. ڪرشن چندر گذريل 45 سالن جي ادبي زندگيءَ ۾ ادب تفريح لاءِ تخليق نہ ڪيو هو. هن سچ ۽ سچائيءَ جي روشنيءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ادب کي خلقيو هو. سندس هڪ هڪ افسانو ۽ هڪ هڪ ناول سچ ۽ سچائيءَ جي اصولن جو شاهد آهي. پنهنجي ناول ”غدار“ ۾ هڪ هنڌ ڪرشن چندر لکيو آهي ـ ”مرڻ واري جي زبان تي خدا جو نالو هو تہ مارڻ واري جي زبان تي بہ خدا جو نالو هو.“

ڪرشن چندر جو ناول ”غدار“، ورهاڱي جي تاريخ آهي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي. اهو ناول نہ فقط هندستان ۾ برداشت ڪيو ويو پر ان ناول کي دنيا جي 28 ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ان ناول ۾ ڪرشن چندر مذهبن جي نالي ۾ ٿيندڙ ظلمن جو ذڪر ڪندي توازن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر توازن رکي نہ سگهيو آهي. اهو ڄاڻندي بہ، تہ هو هندستان جو شهري آهي، ۽ هندو معاشري جو فرد آهي، هن پنهنجي ناول ۾ سکن ۽ هندن جي ظلم کي ڀرپور نموني لکيو آهي. ننڍي ڪنڊ ۾ ان قسم جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ان قسم جي ادبي

تخليق لاءِ ليکڪ جو ذهني طرح آزاد هئڻ ضروري آهي. ڪرشن چندر آزاد هو- هو نہ هندو هو نہ سک هو نہ مسلمان هو نہ عيسائي هو. ڪرشن چندر بنيادي طرح انسان دوست اديب هو- سچائيءَ جو علمبردار هو. سچ سان محبت ڪرڻ وارا سچائيءَ جي روايت کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ، روايت ۽ رسم جا پابند نہ هوندا آهن. ڪرشن چندر جو مذهب سچائي هو. سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي جيڪو پورو نہ لٿو تنهن کي هن بنا ڪنهن رعايت جي پنهنجين ادبي تخليقن ۾ ڏنو ڪري وڌو آهي.

ڪرشن چندر جي هڪ افساني جو نالو "برهمڻ" آهي. ان افساني کي ورهاڱي جي فسادن جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. هڪ هندو فسادن دوران هڪ مسلمان کي ماري، ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري گٽر ۾ اڇلائي، هڪ هوٽل ۾ اچي ٿو. هوٽل واري کان کائڻ لاءِ ڪجهہ گهري ٿو. هوٽل وارو کيس گوشت جو ٻوڙ ڏئي ٿو. اهو هندو گوشت ڏسي ڪاوڙجي پوي ٿو ۽ پليٽ هوٽل واري جي منهن تي هڻندي چوي ٿو— "خبر اٿئي، تہ مان برهمڻ آهيان، ۽ گوشت کي هٿ نہ لائيندو آهيان!"

ڪرشن چندر ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ جو باني هو. هو فقط اردوءَ جو افسانہ نگار نہ هو. هو آفريڪا ۽ ايشيا جي ڏتڙيل عوام جو افسانہ نگار هو. ڪرشن چندر ويهين صديءَ جي اهم اديبن مان هڪ هو. ڪرشن چندر جو ادب ظلم ۽ انڌير جي هنياءَ ۾ سچ جي ٻرڇيءَ مثل آهي. ڪرشن چندر جو ادب اوندهہ ۾ روشنيءَ مثل آهي. چون ٿا تہ ڪرشن چندر گذاري ويو آهي – پر ڪرشن چندر زنده آهي. ڇو جو سچ ڪڏهن نہ مرندو آهي. ■

1977

# مذهب جي نالي ۾

سعادت حسن منٽو جا ڪجهه افسانا ورهاڱي وارن فسادن جي پس منظر ۾ لکيل آهن. انهن افسانن مان هڪ افساني ۾ پيچ ڏاهه جي ڪارروايئن دوران هڪ شخص لاهور ۾ گنگارام جو مجسمو پيچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي – ان دوران پوليس جي گولي لڳڻ سبب اهو شخص زخمي ٿي پوي ٿو. کيس علاج لاءِ گنگارام هاسپيٽل آندو وڃي ٿو.

ڪرشن چندر جي جڳ مشهور ناول ”غدار“ ۾ سوين ڪردارن جو ذڪر آيو آهي. انهن ڪردارن مان ڪجهه ڪردار هندستان کان پاڪستان، ۽ پاڪستان کان هندستان ويندي سرحد وٽ هڪ پل پار ڪندي پاڻ ۾ ملن ٿا. انهن ڪردارن ۾ ٻه ڇٽا موچي آهن — هڪ هندو آهي، ۽ ٻيو مسلمان آهي. ٻئي غريب آهن — مسڪين آهن، ۽ پاڻ ۾ گهاٽا يار رهي چڪا آهن. ياڪر پائي پاڻ ۾ ملن ٿا — وڇڙڻ کان اڳ موڪلائين ٿا – ۽ چون ٿا، ”اسين ماضيءَ ۾ ٻه موچي هئاسين — بوٽ ڳنڍيندا هئاسين – مستقبل ۾ ٻه موچي رهنداسين، بوٽ ڳنڍينداسين. پوءِ اسين ڇو هڪٻئي کان وڇڙي رهيا آهيون – اسين ڇو جلاوطن ٿي رهيا آهيون.“ ڪردارن جي مڪمل گفتگو تہ مون کي ياد ناهي — پر مفهوم اهو ئي اٿن، جيڪو مٿي لکي آيو آهيان.

ڪرشن چندر ۽ منٽو جي ادب مان حوالا ان ڪري ڏنا اٿم، جو ٻئي ڇٽا تمام عظيم افسانہ نگار آهن — ۽ سندن ادب جو اهم ۽ وڏو حصو ورهاڱي جي فسادن جي پس منظر ۾ لکيل آهي. هو ننڍي کنڊ جي بدترين فسادن جا عيني شاهد آهن. هنن جيڪي ڪجهه ڏٺو محسوس ڪيو ۽ تجربي ۾ آندو سو پنهنجي ادب ۾ قلمبند ڪيو آهي. ورهاڱي جا فساد ٻنهي طرفن کان مذهب جي نالي ۾ ڪرايا ويا هئا. فسادن ۾ اُهي غريب مارجي ويا، لٽجي ويا، جيڪي ٺيڪيدارن هٿان استعمال ٿيا.

ٻنهي ڌرين، يعني هندن ۽ مسلمانن کي استعمال ڪندڙ مذهب جا ٺيڪيدار مال ملڪيت سميت سلامتيءَ سان سرحدون پار ڪري ويا. مذهب جا هندو ٺيڪيدار هندستان ۾ ڪروڙ پتي ٿي پيا ۽ مذهب جا مسلمان ٺيڪيدار پاڪستان ۾ اڏجي ويا. جيڪي غريب مسڪين مارجي ويا، سي وساريا ويا. ٻنهي ڌرين جي مئلن ۾ ورلي ڪو ملان، يا پنڊت شامل هو.

اهو فسادن جو فلسفو آهي. غريب ۽ مسڪين جا ٻار يتيم ٿيندا آهن. توهان ورلي ٻڌو هوندو تہ فسادن دوران ڪڏهن فساد ڪرائيندڙ دونهيدار تقرير ڪري، ابوجهن کي پڙڪائي، فسادن جي باهہ دکائي پنهنجي عاليشان ڊرائينگ روم ۾ وڃي ويهندو آهي، ۽ مالٽي جي رس جون چسڪيون ڀريندو آهي، ۽ ٻاهر رستن تي غريب شخص بي مقصد پنهنجو رت وهائيندو آهي، ۽ پنهنجن ٻارن کي يتيم ڪرائيندو آهي. فسادن مان جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهہ هٿ حاصل ٿيندو آهي، سو ڊرائينگ روم ۾ مالٽي جي رس جون چسڪيون ڀريندڙن کي حاصل ٿيندو آهي. فسادن ۾ تباهہ ٿيل شخص اڳ کان وڌيڪ تباهہ حال ٿي ويندا آهن.

اسين عقيدي جا مسلمان، ۽ روايتن جا پابند آهيون. اسين مذهب جي تعليم بدران تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل آهيون. ■

1977

# ديسي اديب

عام طرح شڪايت ٻڌبي آهي تہ اسين ديسي اديب سٺو ادب پيدا ڪرڻ جي قابل نہ آهيون ـ اسان جو ادب دنيا جي ٻئي ادب جي ڀيٽ ۾ اڇاترو ۽ بي اثر آهي! ان سلسلي ۾ جڏهن بہ ڪنهن صاحب ڪان سندس پسنديده اديبن جا نالا پڇيا ويندا آهن، تڏهن هو صاحب بنا هٻڪ جي اهڙن عالمگير اديبن جا نالا ڳڻائي ويندو آهي، جن جا نالا هينئر فقط فيشن طور مٿئين طبقي جي صاحبلوڪن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. مون کي پڪ آهي تہ صاحبلوڪن انهن اديبن جي هڪ بہ تحرير نہ پڙهي هوندي ــ پر اهي نالا جيئن تہ ادب ۾ سند آهن، تنهن ڪري انهن نالن جو ذڪر ضرور ڪندا آهن. انهن نالن مان ڪجهہ نالا هي آهن ـ ٽالسٽاءِ، گورڪي، گوگول، ترگنيف، موپاسان، سارتر وغيره. ان قسم جي اديبن جا لاڳيتو نالا ٻڌڻ ڪان پوءِ (خاص ڪري انهن جي واتان جن کي ادب سان ڪابہ دلچسپي نہ آهي) مان سوچيندو آهيان تہ ڇا آفريڪا ۽ ايشيا جي قومن اڄ تائين ڪي بہ اديب پئدا نہ ڪيا آهن! مان سوچيندو آهيان، تہ ائين ڇو آهي جو اُهي قومون جيڪي اقتصادي ۽ معاشي طرح مجبور آهن، سي قومون اقتصادي ۽ معاشي مدد وانگر ادب لاءِ بہ آسودين قومن ڏانهن ڇو ڏسنديون آهن! ڇا هندستان، نيپال، سري لنڪا، برما، فلپين، ويٽنام، وغيره ۾ اهم ادب پيدا نہ ٿيو آهي! ڇا پاڪستان ۾ اهم ادب پيدا نہ ٿيو آهي! ڪٿي ائين تہ ناهي، جو اُهي قومون جيڪي اقتصادي ۽ معاشي طرح مجبور هونديون آهن، سي سٺو ادب پيدا ڪرڻ جي قابل نہ رهنديون آهن! يا، نفسياتي طرح اسين سڪين قومن جي بالادستي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پيا آهيون! مون کي لڳي ٿو تہ آسودين ۽ ڏتڙيل قومن جي وچ ۾ هڪ قسم جي نفسياتي جنگ هلي رهي آهي، جنهن ۾ ڏتڙيل قومون پنهنجي معاشي بدحاليءَ

سبب سکين قومن کي ذهني برتريءَ جي علامت سمجهي ويٺيون آهن.

مان هتي، هڪ ڪالم ۾، پنهنجي اديبن جي فيشن جي طور تي استعمال ٿيندڙ اديبن جي نالن سان پيٽ ڪرڻ مناسب نہ ٿو سمجهان. هونءَ بہ فنڪارن، اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي پنهنجي شخصيت هوندي آهي، تنهن ڪري فنڪارن، اديبن ۽ شاعرن جي پيٽ ڪرڻ بي معنيٰ عمل آهي. مان اچوڪي ڪالم ۾ انهن حالتن جو مختصر نموني ذڪر ڪندس جن حالتن ۾ موجوده سنڌي اديب لکي رهيو آهي.

ادب اسان وٽ معاشي ۽ اقتصادي مدد جو ذريعو نہ ٿي سگهيو آهي. يورپي اديب هڪ ڪتاب لکي سڄي عمر ان جي ڪمائيءَ مان عيش جي زندگي گذاريندو آهي. ان جي ابتڙ، اسان جو ديسي اديب پيٽ گذاري لاءِ ادب تي نہ ڀاڙيندو آهي. ديسي اديب پيٽ پالڻ لاءِ ڪٿي نہ ڪٿي نوڪري ڪندو آهي. مالي پريشانين سبب هو ذهني طرح بہ پريشان رهندو آهي. هو جن وٽ نوڪري ڪندو آهي، تن کي ادب سان وير هوندو آهي. جڏهن بہ ديسي اديب جي ڪا شي شايع ٿيندي آهي تڏهن صاحب سڳورا ڪن ڪڙا ڪندا آهن — يعني نوڪري بہ ڪري رهيو آهي، ۽ لکڻ جهڙو ڪڏو ڪم بہ ڪري رهيو آهي! اهڙين حالتن ۾ لکڻ وارو اديب هيسيل ۽ ڊنل ڊنل رهندو آهي، ۽ سندس ان طرح جي ذهني ڪيفيت جي جهلڪ سندس تحرير ۾ بہ نظر ايندي آهي.

ادب تي اک رکڻ وارا ادارا بيحد ظالم، بي مروت، علم ادب کان وانجهيل، ۽ موقعي پرست آهن. هنن پنهنجين انتقامي ڪارروائين سبب ديسي اديب کي عام طرح ۽ سنڌي اديب کي خاص طرح ڊيڄاري ڇڏيو آهي. جن ادب کي رت ست ڏنو اهي اڄ جيلن ۾ پيا آهن. اهڙين حالتن ۾ لکڻ معجزي کان گهٽ نہ آهي. اسين سنڌي اديب لکڻ جي ناليءَ ۾ معجزو ڪري رهيا آهيون، ورنہ ادب ۽ اديب کي ناس ڪرڻ لاءِ يارن وسان گهٽايو نہ آهي. ■

1977

# ادبي فراڊ

دنيا جو مشهور افسانه نگار ۽ ناول نويس ارنيسٽ هيمنگوي خودڪشي ڪئي هئي. هن پنهنجي شڪاري رائيفل سان پنهنجي ڪاڏيءَ هيٺان گولي هلائي پنهنجو انت آندو هو. هيمنگوي منافق نه هو. هن ڪرستانن جي معاشري ۾ پاڻ کي ناستڪ يعني ملحد ظاهر ڪيو هو. ڪيس ڪرستانن جو وڏي ۾ وڏو ليکڪ ٿيڻ جو شوق نه هو. هن جي نينهن جو ناتو انسانيت سان پيل هو. تنهن ڪري هيمنگوي جا افسانا فقط ڪرستانن جا افسانا نه آهن. هن جا افسانا سموري جڳ جا آهن — سموري جڳ جي ڏکايل، ٿڪل، منتشر ۽ جدوجهد ڪندڙ انسانن جا افسانا آهن. ليکڪ لاءِ لکڻ جي مڪمل آزادي بيحد ضروري آهي. جنهن به معاشري ۾ ليکڪ تي طرحين طرحين جون پابنديون پيل هجن، تنهن معاشري ۾ هيمنگوي پيدا نه ٿيندا آهن — تنهن معاشري ۾ فقط ايم اسلم پيدا ٿيندا آهن.

خودڪشيءَ کان ڪجهه عرصو اڳ هيمنگوي کي اهو چوندي ٻڌو ويو هو ته، "دنيا ۾ منهنجي اچڻ جو مقصد ختم ٿي چڪو آهي." سندس اشارو ان تخليقي جمود ڏانهن هو جنهن جي ڪري هو 1954ع کان 1960ع تائين ٻن افسانن کان سواءِ ڪجهه به لکي نه سگهيو هو. هيمنگوي جي باري ۾ اهو پڻ تحريري طور چيو ويو آهي ته هن هڪ دفعي پنهنجي دوست هوچنر کي چيو هو ته "منهنجن افسانن ۽ ناولن جا ڪردار جهڙي نموني موت جي منهن ۾ ڪاهي پوندا آهن ۽ موت کي پنهنجي مٿان حاوي ٿيڻ نه ڏيندا آهن. تهڙي نموني مان به موت کي پنهنجي مٿان حاوي ٿيڻ نه ڏيندس — مان جڏهن ۽ جنهن وقت چاهيندس پنهنجيءَ مرضيءَ سان پنهنجو انت آڻيندس — مان موت جو انتظار نه ڪندس."

مون کي هيمنگوي جي موت تي بحث ڪرڻو ناهي. هو تمام وڏو ليکڪ هو. ڪيس جهڙي نموني پسند آيو هن پنهنجو انت آندو. مان پتڪڙو انسان ايڏي وڏي شخص جي باري ۾ ڪا به ٽيڪا ٽپڻي ڪري نه سگهندس. هيمنگوي جي وفات کان پوءِ سندس شخصيت بابت ڪجهه ڪتاب ظاهر ٿيا. انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ چوپول هوچنر جي ڪتاب "پاپا هيمنگوي" جي باري ۾ ٿيو. ان ڪتاب ۾ هوچنر هيمنگويءَ سان پنهنجي گهري دوستيءَ جو ذڪر ڪيو. دوستيءَ دوران هن هيمنگوي سان جن موضوعن تي بحث مباحثو ڪيو انهن جو احوال هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو. هن دعويٰ ڪئي ته هيمنگوي جي وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ هو ساڻس گڏ هيو.

هوچنر جي ڪتاب ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ اها گفتگو آهي، جيڪا مختلف موضوعن تي هيمنگوي ۽ هوچنر جي وچ ۾ ٿيل آهي. ان گفتگو ۾ هيمنگوي موت، زندگي، محبت، جنسي تعلقات، جدوجهد، ۽ ان قسم جي ٻين موضوعن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اها گفتگو ايڏي ته اثرائتي ۽ وڻندڙ آهي جو پڙهندڙ کي جڪڙيو ڇڏي. پڙهندڙ ائين سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي ته هو جڻ هيمنگوي کي ڪنين ٻڌي رهيو آهي.

گذريل سال آمريڪا ۾ مون فلپ ينگ جي مضمونن جو ڪتاب "ٿري بيگز فل" پڙهيو. ان ڪتاب ۾ هڪ مضمون هوچنر ۽ سندس ڪتاب بابت آهي. اهو مضمون حيرت انگيز آهي. فلپ ينگ هيمنگوي جي ڪتابن مان مثال ڏيندي ثابت ڪيو آهي ته هوچنر جو ڪتاب جڙتو آهي – هن هيمنگوي سان ڪنهن به قسم جي گفتگو نه ڪئي آهي — هوچنر جي ڪتاب ۾ هيمنگوي سان ڏنل گفتگو هوچنر هيمنگوي جي افسانن ۽ ناولن مان ڪئي آهي. جنهن به افساني يا ناول ۾ هيمنگوي موت، زندگي، محبت، جدوجهد بابت ڪردارن معرفت گفتگو ڪئي آهي، اُها گفتگو هوچنر پنهنجي حوالي سان پنهنجي ڪتاب "پاپا هيمنگوي" ۾ ڏني آهي. ■

1977

# چارلس ڊڪنس

"اها هڪ حيرت انگيز حقيقت آهي تہ هرڪو انسان پنهنجيءَ ذات ۽ شخصيت ۾ ٻئي انسان لاءِ پراسرار آهي ـ تجسس جو سبب آهي."

مٿيون جملو چارلس ڊڪنس جي ناول ٻن شهرن جي آکاڻي (A tale of two cities) جي باب ٽئين ۾ هڪ هنڌ آيل آهي.

چارلس ڊڪنس جنهن غربت، افلاس، مايوسي ۽ غم ۾ جدوجهد ڪندڙ ڪردارن جون آکاڻيون لکيون آهن، 1812ع ۾ برطانيہ جي هڪ ننڍڙي شهر لينڊ پورٽ ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ نيوي آفيس ۾ معمولي ڪلارڪ هو. ڊڪنس بيحد حساس ۽ جذباتي هو. تنگدستيءَ ۽ افلاس هن کي ننڍپڻ کان سوگهو ڪيو هو. بي پناهہ تخليقي قوت سبب ڊڪنس صحافت ۽ ادب ڏانهن لاڙو رکيو ۽ پنهنجين تحريرن ۾ ڪمال فنڪاريءَ سان تنگدست، غريب ۽ مظلوم ماڻهن جي بيحد چٽي نموني عڪاسي ڪئي.

چارلس ڊڪنس جي تحريرن جي فهرست تمام طويل آهي. عام طرح سان ڊڪنس جي ٻن ناولن جو اهميت سان ذڪر ڪيو ويندو آهي ـ "آليورٽويسٽ" ۽ "ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ". سندس هڪ ناول "ٻن شهرن جي آکاڻي" جنهن جي ٽئين باب مان مٿي حوالو ڏنو اٿم، نقادن جي بي رحم تنقيد جو نشانو ٿيندو رهيو آهي. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ، جڏهن ادب ۾ نوان تجربا ڪيا ويا، نئين روايتن جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو ادب ۾ اظهار کي اهميت وارو مقام ڏنو ويو، تڏهن نقادن جي بي رحم تنقيد جو سلسلو ختم ٿيو ۽ سئو سال اڳ لکيل ڊڪنس جو ناول "ٻن شهرن جي آکاڻي" دنيا جي اهم تخليقي ڪارنامن ۾ شامل ٿي ويو. مان نہ ٿو سمجهان تہ هينئر، موجوده دور ۾ اهڙو ڪو ظالم نقاد هوندو جيڪو "ٻن شهرن جي آکاڻيءَ" کي تنقيد جو نشانو بنائڻ جا سانپاها ڪندو.

ناول "ٻن شهرن جي آکاڻي" فرانسيسي انقلاب جي پس منظر ۾ لکيل آهي - پر ناول جا ڪردار ڊڪنس جا تخليق ڪيل آهن. ڪجهه نقاد گهڻو اڳ ان فني نقطي تي اعتراض ڪندا رهيا. هنن جي اعتراض موجب ڪنهن بہ تاريخي ناول ۾ حقيقتن پٺاندڙ اصلوڪا ۽ حقيقي ڪردار آڻي سگهجن ٿا. سندن تنقيد موجوده دور ۾ بي معنيٰ آهي. موجوده دور ۾ انيڪ ناول حقيقي ۽ تاريخي پس منظر ۾ لکيا ويا آهن، پر انهن ناولن جا ڪردار تخليقي آهن. مثال طور ڪرشن چندر جو ناول "غدار". ڪرشن چندر جو ناول ورهاڱي جي خوني تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. پر ناول جا سمورا ڪردار تخليقي آهن - (تخليقي ڪردارن کي فرضي ڪردار بہ چيو ويندو آهي - پر مان هتي لفظ تخليقي استعمال ڪندس). تاريخي پس منظر ۾ بيشڪ ڪردار تخليقي هوندا آهن، پر واقعا حقيقي هوندا آهن، ماحول حقيقي هوندو آهي.

ڊڪنس اصل ۾ ٿامس ڪارلائل جي ڪتاب "فرانسيسي انقلاب جي تاريخ" (History of the French Revolution) کان بيحد متاثر ٿيو. هن ڪارلائل جي ڪتاب مان پنهنجي ناول لاءِ تاريخي مواد هٿ ڪيو - ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ پنهنجو نهايت اهم ناول "ٻن شهرن جي آکاڻي" لکي پورو ڪيو.

اها ڳالهہ 1859ع جي آهي. ان ناول ۾ بيپناهہ ادبي خوبيون آهن. پر خاص طرح سان ناول جي شروعات بيحد دلپذير، جاذب ۽ اثرائتي آهي. مون پنهنجي مختصر ۽ محدود مطالعي ۾ اهڙي قسم جي شروعات فقط روسي ناول نويس ۽ شاعر بورس پيسترناڪ جي ناول "ڊاڪٽر زهواگو" ۾ پڙهي آهي. هر ڪنهن پڙهندڙ کي پنهنجي پسند جا ليکڪ وڻندا آهن. هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ مون کي هال ڪين جي ناولن جي شروعات ڏاڍي وڻندي آهي (هال ڪين منهنجو پسنديده ناول نويس آهي). پر، تنهن هوندي بہ مان ورائي ورائي چارلس ڊڪنس جي ناول "ٻن شهرن جي آکاڻيءَ" جي شروعات ڏاڍي چاهہ وچان پڙهندو آهيان. مان سمجهان ٿو اوهان دوستن منجهان ڪيترن ڄڻن "ٻن شهرن جي آکاڻي" جي شروعات پڙهي هوندي، ۽ اوهان کي ياد بہ هوندي. عين عقيدت

سبب اڄ مان ”ٻن شهرن جي آکاڻي“ جي شروعات جو پهريون پيراگراف ترجمو ڪري رهيو آهيان.

”اهو وقت پنهنجي دور جو بهترين وقت هو اهو وقت پنهنجي دور جو بدترين وقت هو ـــ اهو زمانو عقلمنديءَ جو زمانو هو اهو زمانو بيوقوفن جو زمانو هو ـ اهو عهد اعتقاد جو عهد هو اهو عهد بي اعتقاديءَ جو عهد هو ـ اها روشنيءَ جي موسم هئي، اُها اونده جي موسم هئي ـــ اُها مند اميدن جي بهار هئي، اُها مند مايوسين جي سرءُ هئي ـــ سڀ ڪجهه اسان جي اڳيان آڏو هو ڪجهه به اسان جي آڏو نه هو.“

چارلس ڊڪنس 1870ع ۾ گذاري ويو. ■

1977

# رسول ميمڻ

منهنجي هٿ ۾ سنڌي افسانن جو هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪل هڪ سئواٺ صفحا آهن. ڪتاب جي زرد سرورق تي ڏرتيءَ جي درد مان اُڀي ٿيل ٻانهن "امن جي نالي" آسمان جي وسعتن سان وچي لڳي آهي ـ هٿ ۾ امن ۽ آشتيءَ لاءِ سپاسنامو ۽ ٻہ اڏامندڙ ڳيرا!

مان حيرت، اچرج ۽ تجسس وچان ڪتاب ڏانهن ڏسي رهيو آهيان. منهنجو ننڍڙو منڙو دوست اياز گل جيڪڏهن قرب ڪري هيءَ انمول ڪتاب مون کي پٽرن جي شهر اسلام آباد ۾ نہ موڪلي ها، تہ منهنجي ذهن جون غفائون نئين سچ جي روشنيءَ کان جيڪر محروم رهن ها. هيءَ ڪتاب پڑهڻ کان پوءِ مان پاڻ کي ان ننڍڙي نينگر وانگر نوبنو محسوس ڪري رهيو آهيان جنهن دنيا جي گولي کي ڍڳي جي سڱ تان لاهي پنهنجي هٿ تي ڪٽڻ جو خواب ڏٺو آهي. مان خوش آهيان ـــ بيحد خوش آهيان. ائين لڳيم ٿو چڻ استائين بيڪ يا ڪرشن چندر جي چونڊ افسانن جو ڪتاب پڙهي اٿيو آهيان. هيءَ ڪتاب سنڌي تخليقي ادب جو هڪ معجزو آهي ـ هڪ اهم ڪارنامو آهي. مان نقاد سڳورو نہ آهيان، تنهن ڪري ڪتاب جي مصنف کي ڪنهن بہ قسم جو سرٽيفڪيٽ نہ ڏيندس. مان فقط پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪندس. هيءَ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ مون پنهنجيءَ دل جي ويران شهر مان هڪ اهڙي نوجوان کي لنگهندي ڏٺو آهي جنهن وٽ جذبي جي سچائي آهي ـ جنهن وٽ احساس جي اظهار لاءِ اسلوب جو سوايو آهي.

هن ڪتاب جي مصنف جو نالو آهي رسول ميمڻ ۽ سندس افسانن جي ڪتاب جو نالو آهي "امن جي نالي".

ٻاويهن سالن جو نوجوان رسول ميمڻ ان شهر جو آهي، جنهن شهر مولائي شيدائي، شيخ اياز رشيد ڀٽي ۽ فتاح ملڪ کي جنم ڏنو آهي. اهڙن قداورن جي وچ ۾ ذات ۽ ڏانءَ سان جهنجهيل هيءَ نوجوان وڏيءَ

هاڻيءَ ڪانيءَ سان پيدا ٿيو آهي. سندس ڪتاب "امن جي نالي" منهنجن ٻن يارن جي نالن جي وچ ۾ سينڊوچ ٿيل آهي. شروعات ۾ ڪتاب جو پيش لفظ رشيد ڀٽيءَ لکيو آهي: ۽ ڪتاب جي پڇاڙيءَ تي رسول جو تعارف منهنجي دلبر دوست فتاح ملڪ ڪرايو آهي. نئين ٽهيءَ جا نوجوان اسان جي عزت افزائي ڪندا آهن جو اسان کان پنهنجي ڪتاب جو تعارفي صفحو يا پيش لفظ لکائيندا آهن. ورنه، مون محسوس ڪيو آهي ته اسان جي نوجوان ليکڪن جي نئين ٽهي سنڌي ترقي پسند ادب جي روايت موجب بيحد سجاڳ، حساس، ذميدار، حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار ۽ ادب جي اعليٰ قدرن کان آگاهه آهي. مان نثو سمجهان ته رسول ميمڻ، رفيق سومري، خليل قاضي، سليم ڪورائي، رزاق مهر، زيب، ۽ ٻين نوجوانن کي ڪنهن به قسم جي تعارف وغيره جي ضرورت آهي. هو بيپناهه ذات سبب معروف ٿي چڪا آهن، ۽ سنڌي ترقي پسند ادب جي واڳ سنڌن هٿ ۾ آهي.

رشيد ڀٽي ۽ فتاح ملڪ جهڙن ٻن وڏن نالن جي وچ ۾ سينڊوچ ٿيڻ جي باوجود رسول ميمڻ مون کي بيحد قداور محسوس ٿيو آهي. مون کي ائين لڳو آهي، ڄڻ ٻن قداورن ٽئين قداور جو تعارف ڪرايو آهي. مون هڪ دفعو سندس ڪتاب پڙهيو آهي. مان رسول جو ڪتاب ورائي ورائي پڙهندو رهندس. هن ڪتاب ۾ مون کي زندگيءَ جي گم ٿيل قدرن جي ڳولا، زخمي ٿيل انسانيت لاءِ مرهم، ۽ اوندهه لاءِ روشنيءَ جي مقدس آدرش جو احساس ٿيو آهي.

رسول ميمڻ امن جو پيغامبر آهي. رسول انسانيت جي مرٽينگ جسم ۾ نئون روح ڦوڪيندڙ مسيحا آهي. رسول اسان ارڏن، سودائين، ۽ سچائيءَ لاءِ متلاشي قافلي جي مسافرن جو نئون ساٿي آهي. ڪالم لکڻ کان اڳ سوچيو هيم ته ڪتاب جي سونهن جون سپيون کولي اوهان کي حوالن سان رسول جي سوچ ۽ ذات جا موتي ڏيکاريندس. پر، محسوس ڪريان ٿو ته ائين ڪرڻ ممڪن ناهي ـ سمورو ڪتاب، ۽ ڪتاب جو هڪ هڪ لفظ ۽ جملو هن ڪالم ۾ اتارڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي. اوهين ڪتاب پڙهي ڏسو ۽ ليکڪ کي، سندس سچائي کي، سندس ذات کي محسوس ڪريو. ■

1977

# الف ليليٰ

پهرين دفعي الف ليليٰ جو طويل داستان مون تڏهن پڙهيو هو، جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس. تڏهن الف ليليٰ جو داستان ۽ ان داستان ۾ جنن، ڀوتن ۽ راڪاسن جا قصا پڙهي سياڻجي ويندو هوس. جنن، ڀوتن، ۽ راڪاسن سان وڙهي، شهزادن جو قيدن ۽ قلعن کي ڪيرائي، شهزادين کي آزاد ڪرائڻ واريون آکاڻيون پڙهي، خوش ٿيندو هوس. تڏهن، جنن ۽ ڀوتن، ۽ راڪاسن جو مفهوم سمجهه ۾ نه ايندو هيو. تڏهن الف ليليٰ جي تهه تائين پهچي نه سگهندو هوس. الف ليليٰ کي شهزادن جي جانبازيءَ ۾ بهادريءَ جو داستان سمجهي لطف اندوز ٿيندو هوس.

ٻئي دفعي الف ليليٰ جو داستان تڏهن پڙهيو هوم جڏهن سنڌي ادب ۾ پابنديءَ سان لکڻ شروع ڪيو هوم. لکڻ سان گڏوگڏ پڙهڻ لازمي آهي. ذهن ڌرتيءَ مثل آهي. آسمانن مان ابر، ۽ علم جا موتي نه ملندس، ته سڪي ٺوٺ ٿي ويندو. ڪجهه پيدا ڪري نه سگهندو. تڏهن، جيڪي ڪتاب هٿ ڪندو هوس، پڙهي پورا ڪري ڇڏيندو هوس. شروع شروع ۾ سنڌي ۽ عام رواجي ادب ۾ ڇنڊ ڇاڻ نه ڪندو هوس. هيڃي بار وانگر پڙهندو ويندو هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ الف ليليٰ جو قصو ٻيهر پڙهيو هو.

مون الف ليليٰ جي داستان کي جنن ۽ راڪاسن، ۽ شهزادن درميان ويڙهه ۽ ڇڪتاڻ جو رواجي داستان نه سمجهيو. ماحول جي ٻوسٽ الف ليليٰ جي داستان کي وسعت ڏيئي ڇڏي. داستان جون باطني معنائون ظاهر ٿيڻ لڳيون. مون محسوس ڪيو ته الف ليليٰ جي داستان ۾ جن، ۽ راڪاس، شهزادا ۽ شهزاديون فقط ڪردار نه آهن. اهي سڀئي علامتون آهن. جن ۾ راڪاس ڏاڍ ۽ ظلم جي علامت آهن. شهزادا حسن ناصر، ۽ هيمو ڪالاڻي جي علامت آهن. هر ان شخص جي علامت آهن جنهن

ڏاڍ ۽ ظلم آڏو سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. شهزاديون علامت آهن آزاديءَ جي اظهار جون، سچ جون، روشنيءَ جون ۽ ساجهه جون.

ادب ۾ علامت ڪي هن صديءَ جي ايجاد چيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ ائين نہ آهي. ادب ۾ علامتون تڏهن کان مروج آهن، جڏهن کان انسان اظهار لاءِ ادب جو سهارو ورتو. ان لحاظ کان ديو مالائي قصا بہ علامتون آهن. ايراني قصن ۾ ذوهڪ جو ڪردار ظلم ۽ ناانصافيءَ جي علامت آهي. هو ايران تي حڪومت ڪندو هو. سخت گير، ۽ ظالم هو. ماڻهن جو ساهہ سڪائي ڇڏيو هئائين. هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺائين تہ فريدون نالي هڪ نوجوان ايران ۾ پيدا ٿيندو ۽ هو سندس (ذوهڪ) انت آڻيندو. ذوهڪ ڏاڍو پريشان ٿيو. هن ايران ۾ موجود هر هڪ مرد کي مارائڻ جو حڪم ڏنو. ظلم جڏهن انتها تي پهتو تڏهن گواهہ نالي هڪ ڏنار ماڻهن کي چمڙي جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪيو. ان وچ ۾ فريدون جو پيءُ ذوهڪ هٿان مارجي ويو. فريدون جي ماءُ فريدون کي لڪائي ايران مان نڪري ويئي. ان وقت فريدون جي عمر ٻہ مهينا هئي. گواهہ پنهنجي ساءِ ذوهڪ سان جنگ جوٽيندو آيو. نيٺ فريدون جوان ٿيو. هو گواهہ ڏنار سان آزاديءَ جي جنگ ۾ شامل ٿيو ۽ آخر ۾ ذوهڪ ظالم کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان قصي ۾ مون ڏنار گواهہ جي ڪردار کي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف عوامي تحريڪ طور محسوس ڪيو آهي. فريدون، ٿامس ڪارلائل جي فلسفي مطابق هيرو آهي، جيڪو مخصوص وقت تي پيدا ٿيندو آهي، ۽ تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيندو آهي. ■

1977

# ليکڪ ۽ سرحدون

ڪجهه مهينن کان هندستان جا ليکڪ هڪ ٻئي جي ڪڍ لاڳيتو پاڪستان اچي رهيا آهن. سٺي ڳالهه آهي. هونءَ به هڪ ليکڪ خيالن ۾ وسعت سبب بين الاقوامي شهري هوندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي جو جيڪي اديب انگريزيءَ ۾ لکندا آهن، يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيندا آهن، سي بين الاقوامي شهرت جا مالڪ ٿي پوندا آهن. ننڍي کنڊ، هندستان ۽ پاڪستان جا ليکڪ انگريزيءَ ۾ نه لکندا آهن، ۽ نه ئي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيندا آهن. جيڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اديب انگريزيءَ ۾ لکندا آهن، سي سڄيءَ دنيا ۾ سڃاتا ويندا آهن. ٽيگور تمام وڏو اديب هو، شاعر هو. پر بنگاليءَ جو هڪ ٻيو ليکڪ سرت چندر چيٽرجي ڪنهن به صورت ۾ ٽيگور کان گهٽ نه هو. ٽيگور وڏو زميندار هو. انگريزي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهيو هو. تنهن ڪري انگريز اديبن، نقادن ۽ ايڊيٽرن سان لهه وچڙ ۾ هو. کيس نوبل انعام مليو. سرت چندر چيٽرجي پرائمري ماستر هو. اسڪول وقت تي پهچڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ مان صبح جو 4 لڳي روانو ٿيندو هو. فقط بنگاليءَ ۾ لکندو هو. تنهن ڪري بنگال تائين محدود آهي.

ڳالهه پئي ڪيم هندستاني اديبن جي جيڪي لاڳيتو پاڪستان اچي رهيا آهن. گذريل مهيني رام لعل آيو هو. رام لعل افسانه نگار آهي. پاڪستان ۾ اردو اديبن عام طرح، ۽ ڪراچيءَ ۾ خاص طرح سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. اخبارن ۾ رام لعل تي مضمون لکيا ويا. رام لعل جي اعزاز ۾ جيڪي تقريبون ڪيون ويون، اخبارن ۽ رسالن انهن تقريبن جا مفصل احوال ڏنا.

رام لعل جي وڃڻ کان پوءِ جگن ناٿ آزاد اچ ڪلهه پاڪستان آيل آهي. کيس اڪيڊمي آف ليٽرس سرڪاري طرح گهرايو آهي. سنو

رجحان آهي. سياستدان قومن ۾ نفرتون ۽ تفرقو وجهندا آهن. سياستدان قومن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏيندا آهن. اديب ۽ شاعر قومن کي هڪ ٻئي جي قريب ڪندا آهن. اديب ۽ شاعر محبتون ۽ الفتون ونڊيندا ۽ وراهيندا آهن. تنهن ڪري اديبن ۽ شاعرن جو اچڻ وڃڻ چاهتن جي پرورش ڪندو.

ڪجهه عرصو اڳ (ڏهاڪو کن سال اڳ) ڪجهه سنڌي اديب هندستان کان پاڪستان آيا هئا ته ڪجهه اخبارن هاءِ گهوڙا لائي ڏني هئي. ڪجهه مخصوص رسالن ۾ ان قسم جا مضمون لکيا ويا هئا، جن ۾ صاف طرح لکيو ويو هو ته سنڌي اديب اکنڊ ڀارت يا سنڌوديش ٺاهڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. انهن رسالن ۽ اخبارن جي پروپئگنڊا جو ان وقت جي حڪومت نوٽيس ورتو. پڳهاردار محڪمن، جن جو ڪم ئي الزامن جون فهرستون ٺاهڻ آهي، رپورٽون تيار ڪيون. وٺ وٺان ٿي ويئي. نتيجو اِهو نڪتو جو هندستان جي سنڌي اديبن وري پاڪستان جو رخ نه ڪيو.

سنڌي ادب جو چڱو خاصو حصو هندستان ۾ تحرير ٿي رهيو آهي. رسالا ۽ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن. اهو ممڪن نه آهي جو سياسي اختلافن سبب هڪ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ ادب کي ٻئي ملڪ ۾ رد ڪيو وڃي. ڪرشن چندر جا جيترا پڙهندڙ هندستان ۾ آهن، ان کان وڌيڪ پڙهندڙ پاڪستان ۾ آهن. سنڌي ادب جا تمام سٺا اديب هندستان ۾ آهن — نارائڻ شيام، پوپٽي هيرا ننداڻي، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، گنوسامتاڻي، ارجن، واسديو ۽ انهن کانسواءِ سدا حيات ڪوي ماسٽر چندر ۽ پروفيسر رام پنجواڻي وغيره. اهي سڀ آرٽسٽ آهن. فنڪار آهن. انهن لاءِ ٻه در کوليا وڃن. ڪين اچڻ ڏنو وڃي. مان يقين سان لکي سگهان ٿو ته لڇمڻ ڪومل ۽ مان نه اکنڊ ڀارت ٺاهي سگهنداسين، ۽ نه ئي ڪي ٻيو. اسين خوابن جا مسافر محبت ونڊيندا آهيون — چاهتون وراهيندا آهيون. اسين عشق جا راڪا آهيون. پيار تي لبيڪ چوندا آهيون. ■

1980

# آزاديءَ کان پوءِ
# سنڌي ڪهاڻي جو جائزو

پنهنجين ڪهاڻين جو جائزو وٺڻ، اها حرڪت ناجائز آهي. ٻين جي ڪهاڻين جو جائزو وٺڻ، ان جو حق مون کي ڪونهي. مان نقاد نه آهيان، ڪهاڻيڪار آهيان. افسانا لکندو آهيان. جيڪي ڪجهه لکندو آهيان سو نقادن لاءِ نه، بلڪ پاڻڪن لاءِ لکندو آهيان. نقادن پنهنجي تخريبي تنقيد سان ليکڪ ناهيا ناهن، بلڪ ڊاهيا آهن. پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار هرڪو ڪري ٿو. اها تنقيد ناهي. William Faulkner هڪ دفعو نقادن جي باري ۾ چيو هو: ”نه هو مجبور آهن. ليکڪن جا محتاج آهن. جيستائين ساهت ۾ ڪجهه لکيو نه ويندو تيستائين نقاد پنهنجي تنقيد جا تير هلائي نه سگهندا.“ فاڪنر جو رايو پٿر تي ليڪو آهي. پڙهندڙ ئي ليکڪ جا پارکو آهن. سندن پسند ليکڪ جي ليک جي ڪسوٽي آهي.

مان هت فقط انهن ڏار ائن جي باري ۾ ڳالهائيندس جتان ڪهاڻيون ڪهڪشان جي تارن وانگر ترنديون ايندڙيون آهن. انهن واقعن جي باري ۾ لکندس جتان Inspiration جو آبشار وهي نڪرندو آهي. هيءَ زندگي مسلسل حادثن جو اڻکٽندڙ سلسلو آهي. هت هڪ ڪهاڻيءَ کان پوءِ ٻي ڪهاڻي جنم وٺندي آهي.

ڪراچيءَ جي جناح اسپتال ۾ هڪ ستن سالن جي ڇوڪري آندائون. سڄو سرير باهه ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو هئس. جسم ۾ فقط ساهه هلي رهيو هئس. ڊاڪٽرن پلاسٽڪ سرجري لاءِ عوام کي عرض ڪيو. سوين انسانن هڪ ٻارڙيءَ جي زندگي بچائڻ لاءِ قطارن ۾ اچي بيٺا. انهن ۾ هندو هئا، مسلمان هئا، اڇي چمڙيءَ وارا انگريز ۽ ڪاري کل وارا شيدي هئا. هڪ ٻارڙيءَ جي زندگيءَ بچائڻ لاءِ سيني پنهنجي پنهنجي جسم جي کل ڏني. ڊاڪٽرن ڪامياب آپريشن جو اعلان ڪيو. هندن ۽

مسلمانن، اچن ۽ ڪارن پاڻ ۾ ڳرانڙيون پاتيون. خوشيءَ ۾ نعرا هنيائون. پاڪر وجهي هڪ ٻئي کي مسرت ۾ ڦيرائڻ لڳا سيني جو مقصد هڪ هو_ پارٽيءَ جي زندگي.

تين ڏينهن اُها ڇوڪري مري ويئي.

اڄ تائين اُهو لوڏو وساري نہ سگهيو آهيان. هر روز لکين انسان مرن ٿا. پر ڪجهہ موت اسان جي دل ۾ نہ وسرندڙ ياد ڇڏي ويندا آهن. ڇوڪريءَ جو موت سوين انسانن جي ارمانن ۽ اميدن جو موت هو.

اسڪول ۾ مون سان گڏ ابوبڪر پڙهندو هو. شرارتي هو. هڪ ڏينهن هيڊ ماستر کيس سگريٽ ڇڪيندي ڏسي ورتو. اسيمبليءَ ۾ سيني جي سامهون ڪن کان جهلي چماٽ وهائي ڪڍيائينس. ابوبڪر پنهنجي بي عزتيءَ جي بدلو وٺڻ لاءِ چيو_ "توهان بہ تہ سگريٽ ڇڪيندا آهيو."

هيڊ ماستر ڪاوڙ ۾ باهہ ٿي ويو. ابوبڪر کي اسڪول مان رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيائين اُهو هيڊ ماستر ڪجهہ سالن کان پوءِ ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر ٿي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو. هينئر روهڙيءَ ۾ پنهنجو ڪاليج کوليو اٿائين.

اڄ نوڪر گلي، جاپاني روڊ ۽ نيپيئر روڊ تي ابو دادا جي نالي جي ڏاڪ وينل آهي. ابوبڪر ڪراچيءَ جي سينيمائن جو Black King آهي. اٿ ڏهہ خون بہ ڪيا اٿائين. ڪڏهن ڪڏهن ملندو آهي تہ ڏاڍي عزت سان پيش ايندو آهي. هڪ دفعو مليو تہ چيو هئائين، "هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور پڪڙبس، ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪندس. هيڊ ماستر منهنجي هڪ غلطي معاف ڪري ها تہ مان هزارين گناهہ نہ ڪيان ها."

جيڪو انسان گناهہ جو اعتراف ڪري ٿو، تنهنجو ضمير هميشہ بيدار ۽ بيچين رهي ٿو. عقل ۽ اکين هوندي بہ اسان پاپ ۽ پيچ جي وچ ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهيا آهيون هيڊ ماستر صاحب هڪ ڪاليج جو مالڪ ۽ پرنسپال آهي. عزت اٿس، ناموس اٿس. ابوبڪر، منهنجو دوست، خوني آهي، بليڪ ڪنگ آهي. نہ عزت اٿس، نہ ناموس.

مان اهڙن ڪردارن جو جائزو وٺندو آهيان. کين ڳولي ڦولي، جاچيندو آهيان. گناهہ کان پوءِ جيڪي انسان اعتراف ڪن ٿا، پڇتائن

تا، سي منهنجا هيرو آهن، نائڪ آهن. ڪين سيني سان لڳائي سانڍيندو رهندو آهيان. سندن هار ۾ جيت جو پهلو تلاش ڪندو آهيان.

آمريڪا جي بدنام باڪسر سني لسٽن جنهن رات غمگين اڪين واري فلائڊ پيٽرسن کي Knock_out ڪيو هو تنهن رات، تمام دير سان، اوهائيو هائي – وي تي هڪ ڪار پرپرو تي بيٺي. هنجهس جيڪو نوجوان ويٺو هو تنهن جي منهن تي نقلي ڏاڙهي مڇون لڳل هيون. اوچتو پهرو ڏيندڙ سارجنٽ پنهنجي جيپ ڪار جي پويان روڪي ۽ نوجوان جي منهن تي ٽارچ جي روشني وڌائين. سارجنٽ حبشي نوجوان کان لائسنس گهريو. پر هو لائسنس شڪاگو ۾ وساري آيو هو. انڪار ڪيائين ته سارجنٽ چيس –

”مان توکي گرفتار ڪندس“

نوجوان پنهنجي نقلي ڏاڙهي لاهي ڇڏي-

”تون ڪهڙي قسم جو ايڪٽر آهين؟“

نوجوان نقلي مڇون ۽ بيرٽ ٽوپي هٿ ۾ ڪري سارجنٽ ڏانهن نهاريو.

”تون فلائڊ .......“

”ها مان فلائڊ پيٽرسن آهيان. اڄ رات مون شڪست کاڌي آهي، ڇا هينئر به مون کي هارائڻو پوندو؟

”نه نه، ائين نه ٿيندو“

فلائڊ پيٽرسن ٻه دفعا سني لسٽن کان هارايو آهي، پر تنهن هوندي به پيٽرسن منهنجو هيرو آهي. عظيم انسانن جي ظاهري هار سندن جيت ٿي پوندي آهي. راڻي پرتاب سنگهه کي تاريخ جي صفحن ۾ ايتري ئي اهميت ملندي رهندي، جيتري اشوڪ ۽ جابر اورنگزيب کي ملندي رهي آهي. هو هارائيندا ناهن. بلڪ هميشه جي جيت کي اپنائڻ لاءِ ڪجهه دير جي شڪست کي ڳلي لڳائيندا آهن.

نيشنل ٿيئٽرس جي هڪ ڊرامي ۾ بهترين پرفارمنس جو انعام مليو هئم. ميڪ اپ روم ۾ آيس ته ڊرامي جي نائڪا ميڪ اپ اُتاري رهي هئي. سندس دل رکڻ خاطر چيم –

”پرواهه نه ڪر. ٻئي دفعي توکي انعام ملندو.“

آئيني جي عڪس مان نهاريندي وراڻيو هئائين ـ
"مان انعام لاءِ نہ، پيٽ پالڻ لاءِ ڊرامن ۾ ڪم ڪندي آهيان."
سندس جواب ۾ جيڪو درد هو غم ۽ ڏک هو تنهن کي وساري نہ سگهيو آهيان. هيري جي ڪڻ ڪنهن لاءِ سجاوٽ، ڪنهن لاءِ زهر قاتل. مون رستي جي پٿرن ۾ تاج محل ۽ تتل تاري جي لاٽ ۾ لکين نکٽ ڏٺا آهن.
لائبريريءَ کان موٽندي، نشاط سينيما جي سامهون روز هڪ ڪراڙي شخص کي ڏسندو هئس. وڻ کي ٽيڪ ڏيئي پوسٽرن کي گهوريندو هو. ڪپڙا معمولي هوندا هئس. ائين لڳندو هئم ڄڻ چڱا ڏينهن ڏسڻ کان پوءِ مصيبتن جي جار ۾ وچي ڦاٿو هو. اڌ رنگ جي بيماريءَ ۾ ساڄو پاسو ٽنگ ۽ ٻانهن سميت مارجي ويو هئس. هڪ ڏينهن رهيو نہ ٿيو. ڪجھ پيسا ڪڍي ڏانهس وڌايم. پنهنجي لڪڻ جي سهاري سڌو ٿي بيٺو ـ ڪنبندڙ آواز ۾ سختي پيدا ڪندي چيائين ـ
"مون کي خيرات ٿو ڏئين. خبر اٿئي مان ڪير آهيان؟" هڪ دم هٽي بيٺس. لڳم، ڄڻ سندس ايمان ڪيو هئم. هن لرزندڙ پير سان وک وڌائيندي چيو ـ
"مان هندستان جو مشهور ايڪٽر صادق علي آهيان. مون چندر موهن، پرٿوي راج ۽ سهراب مودي جهڙن فنڪارن سان ڪم ڪيو آهي. ديوڪاراني مونسان هيروئن ٿي ايندي هئي. اڄ تون مون کي بيکاري سمجهي دان ٿو ڏين".
هو پنهنجو شان برقرار رکندو، قدم قدم تي لڏندو لمندو اڳتي وڌي ويو. نشاط ۾ پراڻي فلم "پڪار" هلي رهي هئي. صادق عليءَ جي جوانيءَ واري فوٽي جو وڏو پوسٽر لڳل هو. اهڙن ڪردارن جي جائزي ۾ ڪهاڻيون اجاگر ٿينديون آهن.
الاءِ ڇو فقط اهي ڪهاڻيون پسند ڪندو آهيان جن ۾ conflict جو جز هوندو آهي. شايد ان ڪري جو conflict ـ ڇڪتاڻ ۾ زندگي آهي ـ جيون جي ساگر جون لهرون آهن. ڇڪتاڻ پوءِ ڀل تہ ٻن انسانن جي وچ ۾ هجي ـ هڪ مجبور شخص ۽ سماج جي وچ هجي، مون کي متاثر ضرور ڪندي. ڪنفلڪٽ کي هر هڪ روپ رنگ ۾ پسند ڪندو آهيان ـ پوءِ اها ڇڪتاڻ ڇونہ ڪٿي انسان جي بغاوت ۽ قدرت جي ڏمر

جي وچ ۾ هجي، ضمير ۽ نفس جي خواهش جي وچ ۾ هجي، منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويندي. گناهہ ۽ ثواب جي ڇڪتاڻ، پاپ ۽ پيچ جي ڇڪتاڻ ۽، جرم ۽ سزا جي ڇڪتاڻ ۾ ڪهاڻي ڪلا لاءِ لامحدود ۽ وشال ڪائنات آهي.

مان پنهنجين ڪهاڻين تي ڪجهہ بہ نہ لکندس پنهنجين ڪهاڻين تي ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهيان. جيڪڏهن ڪو سوال پڇندو آهي تہ پڳهرجي ويندو آهيان. مان وهمي آهيان، سنڪو آهيان. سمجهندو آهيان تہ پنهنجي فن تي ڳالهائڻ ۽ ٻي جي فن تي تنقيد ڪرڻ سان پنهنجو فن ڪمزور ۽ ٿڪل ٽٽل ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ڦوندڙ ۾ پرجي وڏيڪ ڳالهائيندس تہ Integration ساٿ ڇڏيندي رهندي ۽ فن تخليق ڪرڻ بدران سياست تي تقرير ڪرڻ جو ڪڏو جذبو جاڳي اُٿندو. ٽرڙائي ۽ show off ڪلا جو موت آهي. ڏاڙهي وڌائي، وار اٽيا ڪري، ڪڇ ۾ ڪتاب ڪٽي ڪافي هائوس ۾ ويهڻ ۽ ڪنهن جي ڳلا ڪرڻ سان پنهنجو فن جاڳندو ناهي، بلڪ هميشہ لاءِ سمهي پوندو آهي. فن جي باري ۾ ڳالهائبو ناهي، فن display ڪبو آهي. فنڪار پنهنجي فن جي تعريف ۽ ٻئي جي فن جي ڳلا ڪڏهن بہ نہ ڪندو، ڪڏهن بہ تنقيد جو تخريبي پهلو پيش نہ ڪندو. هو فقط پنهنجي پسند ظاهر ڪندو آهي.

ڪهاڻي لکڻ بيحد ڏکيو ڪم آهي. ڪنهن وقت لفظ ڪونجن جي قطار وانگر اُڏامندا ايندا آهن، ۽ ڪنهن وقت آڪاش جي تارن وانگر دور. ڪهاڻي ذهن ۾ ڪروٽون بدليندي رهندي آهي، پر جملا ڪيس جهتي نہ سگهندا آهن. خيال ڪنهن وقت ٽٽل مالها جي موتين وانگر منتشر، تہ ڪڏهن سانوڻ جي وسڪاري وانگر وبجها. هڪ ڪهاڻيءَ کي پاڻڪ تائين پهچڻ ۾ جن مرحلن مان لنگهڻو پوي ٿو تنهنجي خبر ڪنهن ليکڪ کي ٿي هوندي. مختلف مصيبتن جا ڪنڊا سندس راهن ۾ وڇايل هوندا آهن. مائٽن جي پٽ سٽ ۽ رولاڪ دوستن جي اچ وڃ هن لاءِ پريشانيءَ جو باعث آهي. لکڻ لاءِ اڪيلائي گهرجيس، پر گهر نڊيو آهي. پر جيڪڏهن هٿ پير هٽي ڪهاڻي لکي بہ ورتائين تہ سڀ ڪان وڏي رنڊڪ سامهون اچي بيهندس — ايڊيٽر جي

پسند. ايڊيٽر کي ڪهاڻي پسند نہ آئي تہ ڄڻ سموري محنت بيڪار. ايڊيٽر جي پسند مان ڪيس پار پوڻو آهي. لاتعداد ۽ بي انت رنڊڪن ۽ مرحلن مان نڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪهاڻي پاٺڪ تائين پهچي سگهي ٿي. ايترين مصيبتن کي منهن ڏيڻ جي سرت پاڻ ۾ نہ ساري، ڪيترائي ليکڪ، جن ۾ لکڻ جي لامحدود ڏات هوندي آهي، ادبي ميدان مان نڪري ويندا آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو آزاديءَ کان پوءِ سالن ۾ مشڪل سان ڪو هڪ نئون نالو ساهت ۾ ساهہ کڻڻ لائق ٿئي ٿو. نہ تہ اُهي ئي لاتون اُهي ئي چگهہ.

آزادي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا لاڙا آيا آهن، ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ڪهڙا رنگ اپنايا آهن، مان تن جي اپنائامي نہ ڪندس. هونءَ ئي ان موضوع تي سنڌي ادب ۾ ٻہ گروهہ پيدا ٿي پيا آهن. هڪڙا اُهي آهن جن سنڌي ڪهاڻيءَ جي موجوده وجود کي لوئيو آهي، ننديو آهي. ڪين اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ فحاشي ۽ اُگهاڙپ نظر آئي آهي، ٻئي گروهہ اڄ جي ڪهاڻيءَ کي جديد ۽ جديد تقاضائن سان ڀرپور سڏيندي سندس رکشا ڪئي آهي. مان ان اجائي ۽ بيڪار بحث ۾ پوڻ نٿو چاهيان. مان ايترو سو ضرور چوندس تہ آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي ٻن حصن ۾ وراهجي ويئي آهي. هڪ ڪهاڻي هند ۾ ۽ هڪ سنڌ ۾ لکي وڃي ٿي. ٻئي سڏائڻ ۾ سنڌي آهن. پر ٻولي مختلف اٿن. هڪ هندي ۽ سنسڪرت ۾ لڙهي رهي آهي ۽ ٻي اردو ۽ فارسيءَ ۾ ٻڏي رهي آهي. اها وڇوٽي وڌي رهي آهي ــ تيزيءَ سان، تمام تيزيءَ سان. اهو وقت پري ڪونهي جڏهن هند جي سنڌين کي سنڌ جي ڪهاڻي، ۽ سنڌ وارن کي هنن جي سنڌي ڪهاڻي سمجهہ ۾ نہ ايندي. اِها آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سڀ کان وڏي چوٽ هوندي. سنڌي ٻوليءَ جون اکيون تيڏيون ٿي وينديون. مٿس ڌاريون ٻوليون ڪلنديون. علاج؟ علاج لاءِ مغز مارڻو پوندو!

ڪوشش اها ڪئي اٿم تہ نہ پنهنجين ڪهاڻين جو ۽ نہ ٻين جي ڪهاڻين جو جائزو وٺان. پر تنهن هوندي بہ جيڪي ڪجهہ لکي ويو آهيان سو جائزو ٿو ڀانئجي. ڪهاڻي ڪلا جي ٽيڪنڪ جي ڳالهہ ڪئي اٿم تہ پنهنجي محبوب ليکڪن جا نالا بہ ضرور کڻندس.

ڪرشن چندر کي ايتري ئي احترام سان پڙهندو آهيان جيترو Ernest Hemingway ۽ William Cardwel Erstin Saroyen ڪـــي.
هنن ٺٺهي ڪهاڻي ڪلاڇي گهڙيل اصولن کي ٽوڙي ڦوڙي، هڪ انوکي نرالي ۽ دل ۾ گهر ڪندڙ اسٽائيل ۽ ٽيڪنڪ کي وجود ۾ آندو. ڪهاڻيءَ کي محدود دائري مان ڪڍي لامحدود ڪائنات ۾ چڙهي ڏنو اٿائون. سير ويان انتها پسند آهي. اڄ هو Plotless ڪهاڻين جو خالق آهي. ناول نگار Hall Caine کي پوڄڻ جي حد تائين پسند ڪندو آهيان ـ Victor Hugo کان ٻه وڌيڪ انساني فطرت کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ تتولڻ جي بي انداز قوت جيڪا هال ڪين ۾ آهي سا ورلي ڪنهن ۾ ليندي. انسان جي اندر ۾ سڌو سنئون جهاتي پائي وٺندو آهي.
هن ليک جي منڍ ۾ لکيو هئم ته پنهنجين ڪهاڻين تي ڳالهائڻ پسند نه ڪندو آهيان. جيڪڏهن ڪو اسرار ڪندو آهي ته پاڻ کي سخت الجهن ۾ محسوس ڪندو آهيان ۽ جان ڇڏائڻ جون ترڪيبون تلاش ڪندو آهيان. T.S. Eliot جون Cocktail Party ۾ چيل سٽون ذهن ۾ اُڀري آيون آهن ـ

Half the harm that is done in this world
Is due to the people who want to feel important.
They do not mean to do harm – but the harm does not interest them.

Or they do not see it, or they justify it
Because they are absorbed in the endless struggle
To think well of themselves.

مون کي ڪوبه حق ڪونهي ته پنهنجين ڪهاڻين جو جائزو وٺان.انسان آهيان. فطرت جو غلام آهيان. پنهنجين ڪهاڻين جو جائزو وٺندس ته پاڻ کي اهم محسوس ڪندس. مان T. S. Eliot واري harm کان پڄڻ چاهيان ٿو. دور رهڻ چاهيان ٿو. ■

1965

# ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي

اڄوڪي ڳڻجاڻيءَ ۾ آخرڪار ڳالهه ڪبي ڪهاڻيءَ جي، يعني افساني جي، يعني شارٽ اسٽوريءَ جي، پر ان کان اڳ مان ڪجهه ٻيون ڳالهيون ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. اوهين مرضيءَ جا مالڪ آهيو. اضافي ڳالهين کي اوهين وٺيو ته تمهيد سڏي سگهو ٿا، يا اهڙين ڳالهين کي مهاڳ جو نالو به ڏيئي سگهو ٿا. پر مان ائين نه ڪندس. اضافي ڳالهيون هن مضمون جو حصو آهن. ائين سمجهو ته جيڪي ڪجهه اڳتي هلي مون کي چوڻو آهي ان جي پيڙهه آهن. اضافي ڳالهيون ڪٿان شروع ٿي ڪٿي ختم ٿينديون، ان باري ۾ مون کي ڪا خبر ڪونهي. ڪهاڻيءَ بابت ڳالهه ڪٿان شروع ٿيندي، ان سنڌي يعني حد بنديءَ بابت به مون کي ڪا خبر ڪونهي. اهي منهنجا اوگڻ آهن. مان جڏهن به ڪا ڪهاڻي شروع ڪندو آهيان تڏهن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي بابت نه سوچيندو آهيان. هن مهل به مان ساڳي ذهني ڪيفيت مان گذري رهيو آهيان. مون کي خبر ڪونهي ته ڪهاڻيءَ بابت اڄوڪي ڳالهه ٻولهه جو انت ڪيئن ٿيندو ۽ ڪٿي ٿيندو!

اوهين هن وقت جيڪي پڙهي رهيا آهيو يا منهنجي واتان ٻڌي رهيا آهيو. سا، "ڪي نوٽ ايڊريس key note address ناهي. اڄوڪي سيمينار جو انتظام هلائڻ وارن کان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اهو ئي بنيادي فرق ٿيندو آهي هڪ تخليقڪار ۽ هڪ اسڪالر يعني هڪ عالم جي رويي ۾. عالم ۽ اسڪالر "ڪي نوٽ ايڊريس" زباني، ڪلامي ۽ تحريري طور بيان ڪري سگهندا آهن. اسان جهڙا جڙتو ڪهاڻيون گهڙيندڙ موت جي گولي ۾ موٽر سائيڪل هلائي وجي پار پوندا آهن. ۽ رات جي ماني شينهن جي ڪل پاتل گدڙسان کائي، سرڪس جي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي سيليوٽ هڻي هليا ويا ويندا آهن. اوهان پاڻ

سياڻا آهيو. منهنجي ڳالهہ سولائيءَ سان سمجهي سگهيا هوندا. مان پڄاڻيءَ بابت شعوري طرح نہ سوچيندو آهيان. پڄاڻي انسان جي وس ۾ نہ هوندي آهي. فقط شروعات انسان جي وس ۾ هوندي آهي. سفر جو سانگو ڪري اسين چاتل اڻچاتل راهن ۾نڪري پوندا آهيون. ڌڪا ٿاپا کائيندا آهيون جهرن جهنگن ۾ منجهي مرندا آهيون. جبلن ٽڪرن ۾ واٽ وڃائي ويهندا آهيون. ۽ آخرڪار گدڙن جو کاڄ ٿي ويندا آهيون. اهو ضروري ناهي تہ هر ڪو مسافر سوچيل سمجهيل پڄاڻيءَ تي پهچڻ کان اڳ گدڙن جو کاڄ ٿي وڃي. ڪجهہ مسافر سوچيل سمجهيل پڄاڻيءَ تي پهچڻ کان پوءِ گدڙ کي ڪهي، سڄي پڄائي کائي ڇڏيندا آهن.

موليءَ جيئن ماڻهوءَ کي مختلف شڪليون، نڪ نقشا، منهن مهانڊا ۽ رنگ ڍنگ ڏنو آهي، تيئن ماڻهوءَ کي لکڻ پڙهڻ جو الڳ الڳ ڏانءُ ڏنو آهي. ڪهاڻي فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ جي رٿيل فارمولائن مطابق نہ لکبي آهي. پر، اوهان کي اهڙا انيڪ ليکڪ ملي ويندا جيڪي لکڻ کان اڳ ڪهاڻيءَ جو خاڪو ناهي سامهون رکندا آهن ۽ پوءِ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪندا آهن. خاڪي ۾ ڪهاڻيءَ جو منڍ، جسم يعني بادي، ڪلائيميڪس ۽ پڄاڻيءَ بابت نوٽ ورتل هوندا آهن. ڪيترائي ليکڪ ڪلائيميڪس ۽ پڄاڻيءَ کي ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏيندا آهن. لکڻ لاءِ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ هر ليکڪ کي پنهنجو ڏانءُ، پنهنجو انداز ۽ پنهنجو طريقو هوندو آهي.

مان لاڳيتو لفظ ڪهاڻي استعمال ڪري رهيو آهيان. ڪهاڻيءَ مان منهنجو مطلب افسانو يا شارٽ اسٽوري ناهي. مون لفظ ڪهاڻيءَ کي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. ٽيليويزن، ريڊيو ۽ اسٽيج ڊرامي ۾ ڪهاڻي هوندي آهي. ناول ۾ ڪهاڻي هوندي آهي. اخبار يا رسالي لاءِ لکيل ڪنهن سياسي يا غير سياسي واقعي جي انويسٽيگيٽو رپورٽ ۾ ڪهاڻي هوندي آهي. ويندي جو اوهين پنهنجي گرل فرينڊ کي جيڪو خط لکندا آهيو ان ۾ بہ ڪهاڻي هوندي آهي. هڪ انسان جي زندگي، جنم کان سندس موت تائين، مرڪزي ڪهاڻي هوندي آهي، جنهن مان حالتن پٽاندڙ ننڍڙيون ننڍڙيون انيڪ ڪهاڻيون ڦٽي نڪرنديون آهن. ڪهاڻيءَ جي اهميت جو

اندازو اوهين هن حقيقت مان لڳائي سگهو ٿا جو سمورن مذهبن جا ڪتاب ڪهاڻين تي مبني آهن. سيني ڪتابن ۾ قصا آهن، ڪٿائون آهن. هر ملڪ جي انفرادي تاريخ کان وٺي انسان ذات جي مجموعي تاريخ تائين، هر تاريخ هڪ دور جي عروج ۽ زوال جو قصو آهي. ويندي جو سائنسي ايجادون به ڪهاڻيءَ وانگر دلچسپ، ڇرڪائيندڙ تجسس پيدا ڪندڙ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ هونديون آهن.

آگاهه آهيان ته اجوڪو سيمينار سنڌي ڪهاڻيءَ بابت آهي، پر مون پنهنجي ڳالهه ٻولهه جو دائرو ويڪرو ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ مون وٽ سبب آهي. فزڪس، فزڪس هوندي آهي، فزڪس پاڪستاني، هندستاني، ايراني يا يوناني نه هوندي آهي، ڪيمسٽري، ڪيمسٽري هوندي آهي. ڪيمسٽري هندو، مسلمان، عيسائي، يهودي نه ٿيندي آهي. ساڳي طرح ڪهاڻي، ڪهاڻي هوندي آهي، سنڌي، هندي، اردو، انگريزي، روسي، فرانسيسي ۽ اهڙين انيڪ ٻولين ۾ لکڻ جي باوجود ڪهاڻيون بنيادي ماپن ۽ پيمانن ۾ هڪجهڙيون هونديون آهن. بس، رڳو ٻين ٻولين ۾ تحرير ڪيل ٻين ملڪن ۽ معاشرن جي پس منظر ۾ لکيل هونديون آهن. ڪلاشنڪوف ڪنهن سنڌيءَ جي هٿ ۾ اچڻ سان غليل نه ٿي پوندي آهي. سنڌيءَ ۾ لکڻ سان ڪهاڻي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ لکيل ڪهاڻين کان افضل يا ابتر نه ٿيندي آهي. ۽ اهو به ضروري ناهي ته انگريزيءَ ۾ لکيل هر ڪهاڻي سٺي هجي.

اسان سنڌين ۾ پاڻ پڏائڻ جو ڏاڍو پراڻو مرض آهي. 1843ع ۾ سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ آيل انگريزن مان هڪ انگريز، شايد رچرڊ برٽن پنهنجين يادگيرين ۾ سنڌين جي پاڻ پڏائڻ واري خصلت جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته، "چار پنج سنڌي پاڻ ۾ گڏ ٿيندا، هٿ ۾ ڪٺ ڪاڏل ڳن پڳل ڪهاڙي هوندن ته پاڻ کي لشڪر سڏائيندا." لهاڙ ۾ اسان جي انتها جو اندازو اوهين ان مان لڳائي سگهو ٿا جو اسين سينو ٺوڪي اڊائي ٽن ڪلاڪن وارين دٻي ۽ مياڻيءَ جي ويڙهه کي ٻن مهاڀاري جنگين سان ڀيٽيندا آهيون. پهرين عالمي جنگ ۽ ٻي عالمي جنگ.

ائين ممڪن ناهي ته سنڌ جي تاريخ ۾ هيرو يعني نائڪ پيدا نه

ٿيو هجي. ٿامس ڪارلائل جي جڳ مڃيل ٿيئري آهي تہ هيرو هر دور ۾ پيدا ٿيندو آهي، پر ماحول ۾ ناپر، لاتعلقي ۽ لاپرواهي ڪيس اڀري اچڻ جو موقعو نہ ڏينديون آهن. اهڙيءَ ريت نامناسب ماحول سبب هيرو اڻ ڄاتل، اڻ سڃاتل، اڻ ڳايل هتان هليو ويندو آهي. مان جڏهن سنڌين جي روين ۽ روايتن ۾ ليئو پائي ڏسان ٿو، تڏهن ٿامس ڪارلائل جي ٿيئريءَ ڪانسواءِ بہ ڪجهہ ٻيا سبب مون کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن جي ڪري اسان سنڌ جي تاريخ ۾ آٿينٽڪ يعني مستند هيرو، سواءِ هڪ ٻن مثالن جي لهي نہ سگهيا آهيون. عين ممڪن آهي تہ هڪ ٻن مثالن وارن هيروز ڪي وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا هجن، يا قول ٻولن جي صورت ۾ اسان کي ڏيئي ويا هجن، جيئن هوشو شيديءَ جو مشهور جملي "مرويسون، سنڌ نہ ڏيسون"، پر اهڙين ايڪڙ ٻيڪڙ ڪٿائن کان اڳتي تاريخ گونگي شاهد وانگر خاموش آهي. متجسس نسل پڇندا رهيا آهن تہ اڙي بابا، "مرويسون، سنڌ نہ ڏيسون" کان علاوه بہ تہ هوشوءَ ڪجهہ ڳالهايو هوندو؟ ڪجهہ چيو هوندو؟ يا "مرويسون، سنڌ نہ ڏيسون" سندس پهريون ۽ آخري جملي هو ۽ ان کان پوءِ گذاري ويو هو؟ هوشوءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، سنڌ جي نامياچار لاءِ هن ڇا ڇا ڪيو؟ اسان کي ان باري ۾ تفصيل سان ڪا خبر ڪونهي.

اجوڪو سيشن تاريخي تحقيق يا تاريخ ۾ تحقيق متعلق ناهي. پر تاريخ، ٻين صنفن وانگر، يعني، سياست، جاگرافي، سائنس، نفسيات، اقتصاديات، تهذيب، تمدن وغيره وانگر ادب جي لپيٽ ۾ ايندي آهي. تنهن ڪري هڪ ٻن حوالن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ مون تاريخ جو ورق ورايو آهي. هوشو هڪ جملو ڳالهائي، "مرويسون، سنڌ نہ ڏيسون"، تاريخ ۾ هڪ هيرو واري حيثيت ماڻي ويو آهي. پر ان کان پوءِ ايندڙ دورن کان وٺي موجوده دور تائين جن چيو "سنڌ ڏيسون، سر نہ ڏيسون"، انهن کي تاريخ ۾ ولين، ڌوهي، ننگ ۽ روسياه سڏي نہ سگهيا آهيون. پر اهو ڪم سنڌي ادب ۾ ڪيو ويو آهي. اها ڪا نئين روايت ناهي. دنيا جي هر ملڪ، هر ٻوليءَ ۾ سياسي پس منظر ۾ ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن ۽ لکجي رهيون آهن ۽ شايع ٿي رهيون آهن. اهڙي ادب کي دنيا ۾

"لٽريچر آف ريزسٽنس" يعني "مزاحمتي ادب" جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ۽ مڃيو ويندو آهي. اهڙي ادب کي سنڌ ۾ حقارت سان نعريباز ادب. يا ٺلهو نعريبازي سڏيو ويندو آهي. خشونت سنگهه جو سمورو ادب، خاص طرح سان سندس ناول "اي ٽرين ٽو پاڪستان"، ڪرشن چندر جو ناول "غدار". منٽو جو افسانو "ٽوباٽيڪ سنگهه"، آرٿر ڪوئيسلر جا ناول، خاص ڪري "ڊراڪ نيس اٽ نون"، سمورو روسي ادب گورڪي، ڊوسٽو وسڪيءَ کان وٺي اليگزينڊر سولزهنسٽن ۽ بورس پيسٽرناڪ تائين، انهن ۾ فرار ٿيل روسي اديب جرزي ڪاز نسڪي جيڪو آمريڪا ۾ رهي ٿو ۽ لکي ٿو اچي وڃي ٿو سنڌي ۾ جاءِ والارڻ لائق ناهن. مون کي اوچتو ڪاميو ۽ سارتر جو خيال آيو آهي، انهن کي ڪهڙي کاتي ۾ رکنداسين؟

هيرو کي سڃاڻڻ ۽ سندس اپري، سامهون اچڻ واري ٿامس ڪارلائل جي ٿيئري سنڌ لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿي سگهي آهي. سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون، خاص ڪري 1947ع کان وٺي، بد کان بدترين ٿي رهيون آهن. سياسي، معاشي ۽ اقتصادي افراتفريءَ ۾ اسان ڪنهن بہ هيرو کي اپري، سامهون ايندي نہ ڏٺو آهي، سواءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي، پر بدنصيب هو جو نہ سهو ۽ تنگ دل سنڌين جي معاشري ۾ پيدا ٿيو تنهن ڪري ٿامس ڪارلائل جي ٿيئريءَ مطابق هيرو ورشپ واري حيثيت ماڻي نہ سگهيو. ذوالفقار علي ڀٽو جيڪڏهن ڪنهن ساڄهہ وند ملڪ ۾ معاشري ۾ جنم وٺي ها، ۽ حڪومت هٿان مارايو وڃي ها. تہ اڄ ذوالفقار علي ڀٽو ان ملڪ جي ماڻهن لاءِ انقلاب جي علامت هجي ها. گهر گهر پوڄيو وڃي ها.

سنڌ ڏاڍي نياڳي آهي جو تاريخ جي هر دور ۾ ڏکن مٿان ڏک، دوکن مٿان دوکا ۽ فريبن مٿان فريب کائڻ جي باوجود هوش ۾ نہ آئي آهي. ڪٽ ڪاڏل ڪهاڙي ڪٽي اسين پاڻ کي لشڪر سڏائيندا آهيون. ذوالفقار علي ڀٽي جي مقابلي ۾ جنهن بہ شخص کي سنڌين هيرو سڏي سامهون آندو، کيس ٽوٽيون ٽنيا ڏيئي مٿاهون ڪيو سو زيرو ثابت ٿيو.

ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجو پاڻ، اوچتو ئي اوچتو هيرو ٿي اسان جي

آڏو نہ آيو هو. لا ابالي، من موجي نوجوان کان وٺي فيلڊ مارشل ايوب خان جي وزارت ۾ شامل ٿي، پنهنجي ذهانت سان آمر جا هٿ مضبوط ڪرڻ کان وٺي، اقوام متحده جي ايوانن ڪي پنهنجي يادگار تقرير سان لوڏي ڇڏڻ، تائين هو ملڪ جي جمهوري قوتن آڏو هڪ ڊڪٽيٽر جو ايلچي ٿي ايندو رهيو. ذوالفقار علي ڀٽو وات ۾ چاندي ۽ سون جا چمچا کڻي پيدا ٿيو هو ۽ زميندارائي ۽ جاگيرداڻي ماحول جي عيش عشرتن ۾ پليو نپيو ۽ وڏو ٿيو هو. پر هن جي وجود ۾ آگاهي ۽ ساڃاهہ جي جوت جلي رهي هئي. آمريت جي تاريڪ راهن ۾ ڪيس اندر جي اجالي نئين وات تي وجهي ڇڏيو. ڪيس نئين سر زندگي شروع ڪرڻ ۽ منزل طرف وڌڻ جو اتساهہ مليو. مان وري بہ ورجايان ٿو تہ اڄوڪو سيشن تاريخ تي تحقيق جو ناهي پر ڇا ڪجي جو ادب پنهنجي ذات ۾ ڪائنات وانگر وشال آهي جنهن ۾ تاريخ کي نظر انداز ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ لکيل يا ترتيب ڏنل ڪتاب ”اف آئي ايم اسيسنيٽيڊ“ ڪنهن بہ بيسٽ سيلر ناول يا ڪهاڻين جي ڪتاب کان گهٽ متاثر ڪندڙ ناهي. ڪتاب ۾ تخليقي ادب جهڙي ڇڪ آهي، ڪشش آهي، ڪتاب جي هڪ هڪ سٽ هڪ هڪ جملو دل ۾ گهر ڪري ويهي رهڻ جهڙو آهي. ستاويهہ اناويهہ سال گذري وڃڻ جي باوجود ڪتاب جا نوان ايڊيشن پيا شايع ٿين. سبب ساڳيو آهي جنهن جو ذڪر مان مٿي ۾ ڪري آيو آهيان. ”اف آئي ايم اسيسنيٽيڊ“ ۾ ڪهاڻي آهي، ايليمينٽ آف اسٽوري، تجسس آهي، پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ مواد آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پڙهندڙ ڪتاب جي پهرين صفحي کان لاشعوري طور تي ليکڪ جي سفر ۾ شامل ٿي، آخري صفحي تي وڃي دنگ ڪري ٿو.

ڪهاڻي ڪٿڻ يا ڪهاڻي ٻڌائڻ فن آهي، آرٽ آهي. ڏات آهي، اها ڏات ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ مان ملي نہ سگهندي آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ انگريزيءَ، سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ايم اي ڪرڻ وارا ڪهاڻيون لکن ها، ناول لکن ها. وڏي تپسيا، چلا ڪڍڻ ۽ جهر جهنگ جهاڳڻ کان پوءِ گيان ڌيان جا در انهن لاءِ کلي پوندا آهن جن

جي اندر ۾ ذات جي چٽنگ اڳوات پئي تمڪندي آهي، اها ڳالهه مون ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ وارن لاءِ ڪئي آهي. ورنه خالص ڪهاڻيءَ جو عنصر اوهان کي هر سٺي تحرير ۾ نظر ايندو آهي. يا ڪٿي ائين چوان ته هر سٺي تحرير ۾ ڪهاڻيءَ جو عنصر موجود هوندو آهي. سٺين صحافتي رپورٽن ۾ ڪهاڻيءَ جو انداز هوندو آهي. عدالتي ڪيسن بابت "پي ايل ڊي". "پاڪستان لا ڊائجيسٽ" ڪهاڻين جو ڪتاب لڳندو آهي، ڪي ايل گابا جو ڪتاب "ناناوتي مرڊر ڪيس" مڪمل ناول آهي، جيتوڻيڪ ڪتاب انڊين نيول آفيسر، سندس زال ۽ قتل جي واردات جو سچو پچو پيرائي ۾ بيان ٿيل قصو آهي.

اوائلي دور جو انسان ڪنهن ڪان غارن ۾ رهڻ سکيو؟ ڪيئن مٿس چقمق جي ٻن پٿرن کي گهي باهه ٻارڻ جو راز ڪليو جنهن کي اڄوڪي دور ۾ اگنيشن سڏيو وڃي ٿو ۽ جنهن جي آڌار تي انسان آسمانن تي راڪيٽ ۽ ميزائل چاڙهي ڇڏيا آهن؟ ڦيٿي جي ايجاد جنهن جي آڌار تي مڪينيڪي دنيا جو وهنوار هلي رهيو آهي؟ جيتوڻيڪ اهي سائنسي ڳالهيون آهن، پر ڪهاڻيءَ جي عنصر سان ڀرپور آهن. مولانا روم جي "مثنويءَ" جا ڇهه واليوم پڙهي ڏسو هر واليوم ۾ اوهان کي پڙهڻ لاءِ انيڪ ڪهاڻيون ملنديون. شاهه لطيف جو سچو سمورو رسالو لوڪ ڪهاڻين جي رازن رمزن ۽ آفاقي اسرارن جو منظوم ڪتاب آهي.

اوهين ڪنهن به موضوع تي لکيل ڪتاب جا ورق ورايو. ميٿميٽڪس کي ڇڏي، اوهان کي ڪتاب ۾ ڪهاڻيءَ جو عنصر ملندو. جيڪڏهن ڪتاب ۾ ڪهاڻيءَ جو عنصر موجود نه هوندو ته ڪتاب جي تحرير ٻسي، ڦڪي ۽ غير دلچسپ هوندي. اوهين رائيٽ ڀائرن بابت ڪتاب پڙهي ڏسو جن هوائي جهاز ۾ اڏامڻ جو ڪامياب تجربو ڪري ڏيکاريو هو. هنن کان اڳ انسان جي اڏامڻ وارين ڪوشش جا قصا پڙهي اوهين حيران ٿيندا جنهن ۾ اڏامڻ جا بيشمار جنوني جبلن جي چوٽين تان ڪري پرزا پرزا ٿي ويا. ان قسم جون انيڪ ڪهاڻيون پڙهي اوهين تپرس ۾ پئجي ويندا ۽ سوچيندا ته پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ ۽ خوابن جي تڪميل لاءِ انسان ڪجهه به ڪري سگهي ٿو ويندي جو

پنهنجي جان بہ ڏيئي سگهي ٿو. تمنا جي تڪميل لاءِ انسان سرحدون مقرر نہ ڪندو آهي، ۽ نہ ئي ٻين پاران ٻيهاريل سرحدن جي پرواهہ ڪندو آهي. جنون جي انتها نہ هجي ها تہ پوءِ مجنون پيدا نہ ٿين ها. ۽ انسان اڄ بہ غارن ۾ رهي ها.

ڪهاڻيءَ جو عنصر جيڪڏهن سائنس، ٽيڪنالاجي، اينٿرا پالاجي ۽ آرڪيالاجيءَ جهڙن مضمونن لاءِ لازمي آهي تہ پوءِ ڪهاڻيءَ جو عنصر خود ڪهاڻيءَ يعني افسانوي، ناول ۽ ڊرامي لاءِ ڪيتري قدر نہ اهم هوندو! مان اوهان کي نئين ڳالهہ نہ پيو ٻڌايان. اهي عالمي اصول آهن ۽ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ تخليق ٿيندڙ ڪهاڻين ۽ ناولن ۽ ڊرامن سان لاڳو آهن. سياست ٻولين ۾ ويڇا وجهي سگهندي آهي، پر مقرر ٿيل ٽيڪنيڪي اصولن سان هٿ چراند ڪري نہ سگهندي آهي.

انگريزي ادب يورپ خاص ڪري انگريزي ۾ لکيو ويندو آهي ۽ آمريڪا ۾ بہ. انگريز پنهنجي ادب کي انگلش لٽريچر سڏيندا آهن. پر آمريڪي پنهنجي انگريزي ادب کي انگلش لٽريچر نہ چوندا آهن. هو پنهنجي ادب کي سڏيندا آهن ايمريڪن لٽريچر. ٻنهي ملڪن جي انگريزي ادب ۾ هڪ بنيادي فرق آهي. آمريڪي انگريزي ادب، آمريڪي تهذيب ۽ تمدن جي پس منظر ۾ لکيل آهي. اهو فرق قدرتي آهي، نيچرل آهي. ڪنهن بہ ملڪ ۽ ملڪ جي ڪنهن بہ خطي ۾ تحرير ٿيندڙ ادب، ڪردارن کان علاوه خود ليکڪ جي روين، رجحانن، زندگيءَ ۽ موت ڏانهن لاڙن، طبيعت ۾ ابهرائپ، ماڻاڻ، سختگيري ۽ پنهنجي فن سان مڪمل وابستگيءَ جا اولڙا ڏيکاريندو آهي.

سياسي اٿل پٿل، ڏڦير، تشدد ۽ ورهاڱا تهذيبن ۽ تمدن کي، ريتن ۽ رسمن کي، ٻوليءَ جي هيئت کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيندا آهن. ان ڳالهہ جو واضح مثال هندستان ۽ هندستان جو ورهاڱو آهي.

مان ڪوشش ڪندس تہ هندستان جي ورهاڱي بابت ڳالهائيندي پاڻ کي ادب تائين محدود رکان. مان ورائي ورائي چئي چڪو آهيان، مڃي چڪو آهيان تہ اچوڪو سيشن ڪهاڻي متعلق آهي. ادب متعلق آهي. تاريخ يا سياست بابت ناهي. پر، ڇا ڪجي! ادب جو دائرو

ايتريقدر تہ وڏو ۽ وسيع آهي جو هر اهو عمل جيڪو انساني زندگيءَ تي اثرانداز ٿئي ٿو يا انساني زندگيءَ کي متاثر ڪري ٿو اهڙي عمل جو ادب جي دائري کان بچي وڃڻ يا ٻاهر رهڻ ممڪن ناهي. تنهن ڪري، مان ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۽ پاڪستان ۾ پيدا ٿيندڙ سنڌي ۽ اردو ادب جو ذڪر ڪندي سياسي تاريخ جا ڪجهہ حوالا ڏيندس.

هيڏي ساري هندستان جو ٻٽوارو ورهاڱو مٺ ماڻهن جي چوڻ تي ڪيئن ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ اهو نج تاريخي ۽ سياسي سوال آهي. اجوڪي سيشن ان اهم سوال تي ڳالهائڻ لاءِ مناسب ناهي. تنهن ڪري اسين پاڻ کي هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان ٺهڻ تائين محدود رکنداسين. ان لاءِ سببن جي ڇنڊڇاڻ نہ ڪنداسين.

هندستان جي ورهاڱي ۾ لکين مرد، عورتون ۽ ٻار مارجي ويا، برباد ٿي ويا. اڄ تائين دنيا جو ڪوبہ ادارو ايڏي ساري قتل و غارتگريءَ جا مستند انگ اکر ظاهر ڪري نہ سگهيو آهي سمورا انگ اکر انومانن، اندازن ۽ ڏُڪن تي ٻڌل آهن. ان سلسلي ۾ وڏو هاڃو پاڪستان ۾ تعليم ڪاتي ڪيو آهي. تعليم ڪاتي طرفان تيار ڪرايل تاريخ ۾ هر سطح تي ٻاراڻي درجي کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين ٻارن کي ذهن نشين ڪرايو ويو آهي تہ پاڪستان ناهڻ لاءِ لکين مسلمانن جان جي قرباني ڏني هئي. اهو بنهہ غلط ۽ سراسر ڪوڙ آهي. آل انڊيا مسلم ليگ جي دستاويزن ۾ ڪٿي بہ لکيل ڪونهي تہ جيڪڏهن هزارين مسلمان جان جي قرباني نہ ڏني تہ پاڪستان ٺهي نہ سگهندو. هندستان قديم تاريخ کان وٺي هندن ۽ هندو تهذيب وارن جو ملڪ هو. اسان مسلمانن کي هندستان ۾ آئي کي پنج ڇهہ سئو سال ٿيا هئا جيتوڻيڪ ان کان وڌيڪ اٽڪل ست اٺ سئو سال مسلمانن اسپين تي حڪومت ڪئي هئي. اسپين ۾ مسلمانن جو جڏهن زوال آيو تہ هنن سيپريٽ هوم لينڊ فار دي مسلمز آف اسپين جي گهر نہ ڪئي هئي. پر، هندستان ۾ جڏهن مسلمانن جي حاڪميت جو زوال آيو تڏهن هنن سيپريٽ هوم لينڊ فار دي مسلمز آف انڊيا جو نعرو بلند ڪيو.

اوهين پاسي واري پلاٽ مان هڪ انچ زمين جو ڦٻائي، پنهنجي

پلاٽ سان شامل ڪري، جاءِ ناهرائي ڏسوا زميندارن ۽ ٽبيلن وچ ۾ گراٽ جيتري زمين ٽڪر لاءِ ورهين جا ورهيہ رتو ڇاڻ هلندي آهي. نسلن جا نسل گراٽ جيتري زمين لاءِ وڙهندا رهندا آهن. هڪبئي کي ماريندا ۽ مرندا آهن. هندستان جو ورهاڱو معمولي ڳالهہ نہ هئي. هڪ هزارين سال پراڻي ملڪ جو چوٿون يا پنجوڻو حصو ڪٽي ڌار ڪيو ويو هو. فساد تہ هر حال ۾ ٿيڻا هئا ۽ ٿيا. فساد ايڏا تہ هيبتناڪ هئا جو فقط ٻہ سال اڳ ختم ٿيل ٻي مهاڀاري جنگ جون تباهہ ڪاريون ۽ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي اڇلايل ايٽم بمن جي قيامت دنيا کان وسري ويئي. انهن فسادن ۾ اڻڳڻت هندو، مسلمان ۽ سک مارجي ويا. هندو، مسلمان ۽ سک عورتون بي آبرو ٿيون، ٻارن کي ڳترا ڳترا ڪيو ويو. اهو ٻانور ڪرائڻ تہ انهن فسادن ۾ فقط مسلمان مئا هئا، سراسر غلط آهي. پاڪستاني حاڪمن کي اهڙي قسم جي تاريخن کي سڌارڻو پوندو ورنہ پاڪستان جو هر هڪ نسل سينن ۾ نفرت کڻي ۽ دماغ ۾ حقارت ڀري ڪامندو رهندو. اهو ٻيڻ الڳ موضوع آهي جنهنجو اجوڪي سيشن سان ڪو واسطو ڪونهي. پر، هڪ لحاظ کان ان موضوع جو اجوڪي سيشن سان سڌو سنئون واسطو آهي، جو ورهاڱي ۽ فسادن جي موضوع تي بيشمار ڪهاڻيون، ناول، ڊراما ۽ ٻيو ادب نندڙي کنڊ جي مختلف ٻولين، خاص طرح سان بنگالي، هندي، مرهٽي ۽ اردوءَ ۾ لکيو ويو آهي. هتان لڏي ويل اصلي سنڌين هندستان ۾ ورهاڱي جي موضوع تي دل کولي لکيو.

ورهاڱي هڪ ئي ٻوليءَ ۾ سرحد جي آرپار تحرير ٿيندڙ ادب ۾ سنڌا وجهي ڇڏيا. ان حوالي سان مان سرسري طور ٻن ٻولين جو ذڪر ڪندس. هڪ اردو ۽ ٻي سنڌي. ورهاڱي کان اڳ اردو سڄي هندستان جي ٻولي هئي. هندستان جي کنڊ ڪڙڇ ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي، البتہ ان ٻوليءَ کي اردوءَ بدران هندستاني سڏيو ويندو هو. اسين ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ هندستاني ڳالهائيندا هئاسين. بمبئي، ڪلڪتي ۽ لاهور ۾ هر سال سوين فلمون هنديءَ ۾ ٺهنديون هيون. سڄي هندستان ۾ هلنديون هيون. خلقڻ واري تنگدل ماڻهو خلقڻ ۾ ڪا ڪنجوسي نہ ڪئي آهي. اردوءَ جي عالمن ۽ اڪابرن اردوءَ ۾ خالص فارسي ۽ عربي

لفظ ۽ محاورا شامل ڪيا. ساڳيءَ ريت هندستانيءَ ۾ عالمن ۽ اڪابرن نيٺ هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ وجهڻ شروع ڪيا، اڳ ڳالهائڻ مهل خبر پئجي نه سگهندي هئي ته ڳالهائڻ وارو اردوءَ ۾ پيو ڳالهائي يا هندستانيءَ ۾ پيو ڳالهائي. فقط لکڻ مهل هندستاني گهڻو ڪري هندي صورتخطيءَ ۾ ۽ اردو فارسي صورتخطيءَ ۾ لکي ويندي هئي.

سياست پليگ پکيڙي، مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا. ليڊرن جي روپ ۾ نڳن بيحد ياڳ پلايا. هيڏو سارو هندستان ياڳا ٿيو. ويڇا وڌيا. نفرتن جا ٻج پوکيا ويا. وڻ وڏي اونداهو جهنگ ٿي پيا. جهنگ ۾ ڪيني، ڪدورت ۽ حقارت جا نانگ، بلائون ۽ بگهڙ رت پيئڻ لاءِ آتا ٿي پيا. هندستان مان اردوءَ جا تڏا پٽجي ويا. هندستان کي وراهڻ واري تحريڪ اردوءَ ۾ هلائي هئائون، تنهن ڪري ورهاڱي کان پوءِ اردو هندستان ۾ مان مرتبو وڃائي ويٺي. اها ٻولي، جيڪا سڄي سموري هندستان جي ٻولي هئي، سا اتي ڌتڙيل مسلمانن جي ٻولي ٿي رهجي ويئي آهي. اڄوڪي هندستان ۾ لکيل ۽ پاڪستان ۾ لکيل اردو ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ ۽ لهجي ۾ اوهان کي واضح فرق محسوس ٿيندو. جيتوڻيڪ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان ٻنهي ڪهاڻين ۾ ڪو فرق ڪونهي.

اصلوڪا سنڌي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي هندستان هليا ويا. هنن سان گڏ سنڌ جو سلڇڻو سڌريل، پڙهيل، ڪڙهيل ۽ اروچ مڊل ڪلاس به هتان هليو ويو. جن جو سڌو سنئون تعلق ست هزار سال پراڻي موهن جي دڙي واري سڀيتا، تهذيب ۽ تمدن سان هو، سي هتان هليا ويا. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ کوليل لائبريريون ريڊنگ روم، ڌرم شالائون، خيراتي اسپتالون، موسيقيءَ جون منڊليون، راڳ رهاڻ جا مرڪز اسڪول ۽ آشرم بند ٿي ويا. سکي، ستابي ۽ سڌريل سنڌ ويران ٿي ويئي. اجڙجي ويئي. موجوده سنڌ ڪنهن به حوالي سان اها سنڌ ناهي جيڪا سنڌ ورهاڱي کان اڳ هئي. 1947 کان پوءِ پيدا ٿيل نسل کي ڪيئن قائل ڪجي ته ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ کي ننڍڙو لنڊن ڇو چيو ويندو هو؟ ڇو شڪارپور جو شهر هندستان جي بي انتها سهڻن شهرن ۾ شمار ٿيندو هو؟

سنڌ مان لڏي ويندڙ اصلوڪن سنڌين کي پنهنجي نئين وطن هندستان ۾ پاڻ مجرائڻ ۾ دير نہ لڳي، هندستان جي هڪ سئو ڏهہ ڪروڙ آباديءَ ۾ سندن تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر بہ نہ آهي. پر، هنن هندستان جي ٽريڊ، ڪامرس، انڊسٽري ۽ بزنس ۾ شاناٽتي ساک، مان ۽ مرتبو حاصل ڪري ورتو آهي. سندن انيڪ ڪارنامن ۾، هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مڃتا وڏو ڪارنامو آهي. هندستان ۾ ڪافي اهڙيون قومون رهن ٿيون جن جو تعداد ڪروڙن ۾ آهي، پر سندن ٻوليءَ کي سرڪاري سطح تي مڃتا مليل ناهي. هندستان ۾ سنڌين جو تعداد رڳو لکن ۾ آهي، اٽڪل چاليهارو لک ڪن آهن. پر هنن سنڌيءَ کي اهو ٿي مرتبو ڏياريو آهي. جيڪو مرتبو مختلف اسٽيٽس ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولين کي مليل آهي. بنگالي، گجراتي، مرهٽي وغيره. سنڌيءَ ۾ اخبارون اٿن، رسالا اٿن، ڪتاب لکجن، ڪتاب ڇپجن، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي پڙهن ۽ پڙهائن.

سٺ سال انساني تاريخ ۾ پل تر جيترا هجن، پر شخصي سطح تي سٺ سال ڊگهو عرصو آهي. انهن سٺ سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ ۾ لهجو بدلجي ويو آهي. ڪيترائي لفظ مذڪر مان مونث ۽ مونث مان مذڪر ٿي پيا آهن. ڪجهہ فيشن طور ۽ ڪجهہ مجبوريءَ سبب. ٻاهريان لفظ سنڌيءَ ۾ مروج ٿي ويا آهن. ٻولي، ڪنهن بہ تحرير جو جامو هوندي آهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جامي تي ٻين ٻولين، خاص طرح سان اردوءَ جا پيوند لڳي ويا آهن.

ساڳيءَ ريت هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جامي تي وڏي انگ ۾ ڳالهائجندڙ ٻين ٻولين جهڙوڪ هنديءَ جا پيوند لڳي ويا آهن. سرحد جي ٻنهي پاسي سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکجي رهيون آهن. پڙهجي رهيون آهن. پر، ٻنهي طرف تخليق ٿيندڙ ڪهاڻين تي پنهنجي ماحول ۽ معاشري جا ٻوليءَ جي روپ ۾ ايترا تہ پيوند لڳي ويا آهن جو سرحد جي ٻنهي پاسي تخليق ٿيندڙ ڪهاڻي هڪٻئي لاءِ اجنبي ٿيندي پيئي وڃي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪو ترت تدارڪ نہ ڪيو ويو تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي اهڙو وقت بہ ڏسڻو پوندو جو سرحد جي ٻنهي پاسي هڪٻئي

جون تحريرون پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سنڌي، هندي ۽ اردو ڊڪشنريون کولي، سامهون رکٽيون پونديون. دوري يا وڏندڙ ويڇوٽيءَ جو مسئلو ان لاءِ بہ گنڀير هو جو ٻنهي ملڪن جي ليکڪن کي لکڻ لاءِ هڪٻئي کان ٻنهہ مختلف مواد ۽ موضوع ملي رهيا آهن. هڪ ملڪ ۾ جمهوريت آهي، قانون جو احترام آهي، ۽ عدالتن تي ماڻهن کي اعتبار آهي. ٻئي ملڪ ۾ نہ جمهوريت آهي، نہ آئين آهي، نالي ماتر قانون جو ٽڪي جيترو احترام ناهي ۽ عدالتن تان ماڻهن جو اعتبار کڄي ويو آهي. ماحول ۾ ان انتها جو فرق هئڻ سبب ٻنهي طرف عام ماڻهوءَ کي سامهون ايندڙ مونجهارا ۽ مسئلا بہ ٻنهہ مختلف آهن.

ذات ۽ ڏانءُ ليکڪ کي الاءِ ڪٿان ملندو آهي. پر لکڻ لاءِ ليکڪ مواد پنهنجي معاشري مان ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تان کڻندو آهي. ليکڪ ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما لکندي لکندي مري ويندا آهن. هنن جي جاءِ ٻيا ليکڪ اچي والاريندا آهن. اهو سلسلو ازل کان هليو هو ۽ ابد تائين هلندو رهندو. ليکڪ کي لکڻ جو اتساهہ ڏيڻ لاءِ ماحول مان ملندڙ مواد ۾ ڪا ڪمي نہ آئي آهي. ڪنهن بہ قسم جي مادي يا روحاني ترقي انسان جي باطني ۽ ظاهريءَ جو وجود کي فنا ڪندڙ مسئلن جو حل ڏيئي نہ سگهي آهي. هر طرح جي ترقيءَ جي باوجود انسان اڪيلو تنوائي، مايوس يا جنوني ٿيندو ٿو وڃي. ڪهاڻي ان ڏينهن پيدا ٿي جنهن ڏينهن انسان پيدا ٿيو هو. ڪهاڻي ان ڏينهن پنهنجو پاڻ مري ويندي جنهن ڏينهن دنيا جو آخري ماڻهو مري ويندو. ڪهاڻي مرڻ واري اصطلاح ڪجهہ سئو سالن کان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيڻ وارن نووارد سنڌين جي ايجاد آهي. ان قسم جو مايوس ڪندڙ اصطلاح مون ٻي ڪا ٻولي ڳالهائڻ وارن جي واتان ڪڏهن ڪو نہ ٻڌو آهي. اهو مسئلو نووارد سنڌين جو آهي جن 1947ع کان پاڻ مڃائڻ بدران، پاڻ وڃائڻ واري خصلت ۾ پنهنجو ثاني نہ ڇڏيو آهي. نووارد سنڌين جا پنهنجا انيڪ قبائلي مسئلا آهن، جن هنن کي اڄ تائين هڪ ٿيڻ نہ ڏنو آهي. جهيڙن جهٽن کان علاوه هڪ ٻئي جا ترا ڪيڻ نووارد سنڌين جي مخصوص سڃاڻپ ٿي پيئي آهي.

جيستائين هڪ ٻه سنڌي جيئرو آهي، پوءِ ڀل ته ڪٿي هو اصلوڪو سنڌي هجي يا نووارد سنڌي هجي، سنڌي ڪهاڻي جيئري رهندي، ڇو جو ڪهاڻي ڪميونيڪيشن آهي ۽ ڪميونيڪيشن هر انسان جي ضرورت آهي. ڪهاڻي هنر آهي ۽ هنر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جاري رهندو آهي. مووي ڪيميرائن اچڻ سان اسٽل ڪيميرائون ٺهڻ بند نه ٿيون آهن. ٽيليويزن جي اچڻ جو فلم انڊسٽريءَ تي تر جيترو به اثر نه ٿيو آهي. اٽلي ۽ آمريڪا، هندستان، جاپان ۽ چين ۾ فلمن ٺهڻ جو تعداد وڌي ويو آهي.

آئنسٽائن جي مرڻ کان پوءِ سائنسي ايجادن ڪي ٻنجو نه آيو آهي. سقراط جي مرڻ کان پوءِ به فلسفو نه مئو آهي. مائيڪل اينجيلو جي مرڻ کان پوءِ حقيقي آرٽ ۽ مجسمه سازيءَ جو فن فنا نه ٿيو آهي. پڪاسو جي مرڻ کان پوءِ تجريدي آرٽ ختم نه ٿيو آهي. هيمنگوي جي مرڻ سان آمريڪي ڪهاڻيءَ جو خاتمو نه ٿيو آهي. ڪرشن چندر جي مرڻ کان پوءِ اردو ڪهاڻيءَ جو انت نه آيو آهي. خليل جبران جي مرڻ کان پوءِ صوفياڻي پيرائي ۾ ڳالهه ٻڌائڻ جو هنر موڪلائي نه ويو آهي. اڄ تائين ڪو اهڙو انسان دنيا ۾ نه آيو آهي، جنهن جي اسهڻ سان هن وايو منڊل جو ڪائنات جو ڪاروبار هڪ گهڙيءَ لاءِ بيهي رهيو هجي.

اسين مري وينداسين، سنڌي ڪهاڻي نه مرندي ■

2008

# ورهاڱي جو محشر

هڪ سوال جي جواب ۾ ڪرشن چندر چيو هو ”منهنجي ڪاميابي جو راز شايد ان ڳالهه ۾ پوشيده آهي جو مان پنهنجين تخليقن ۾ موجوده مسئلن کي کڻندو آهيان ۽ انهن مسئلن کي سادي نموني پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جيئن رواجي پڙهندڙن کي به ڪهاڻي سمجهه ۾ اچي سگهي.“
ڪرشن چندر جي غير معمولي مقبوليت ۽ عالمگير شهرت جو سڀ کان وڏو سبب به اهو ئي آهي جو هو پنهنجي تحرير ۾ ساديءَ کان ڪم وٺندو آهي ۽ عام پڙهندڙن کي ڪڏهن به نظر انداز نه ڪندو آهي. سندس ڪهاڻين، ناولٽ ۽ ناولن جا ڪردار به اسان منجهان هوندا آهن ۽ اسان وانگر عام رواجي هوندا آهن. ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جا ڪردار جيتوڻيڪ ڏتڙيل ۽ چيڀاتيل، ٿڪل ۽ ٽٽل، وڌيل ۽ وياڪل هوندا آهن، پر تنهن هوندي به سندن اُجهايل اکين ۾ مستقبل جي روشني ۽ سکل چپن تي اميدن جي اڻ لکي مرڪ هوندي آهي. بلونت سنگهه جي هڪ سوال جو جواب ڏيندي ڪرشن چندر چيو هو ”منهنجي ذهن ۾ ڏکن ۽ ڏاکڙن جا ڏگها پاڇا ايندا آهن، پر مان انهن کي ايد جي روشنيءَ سان پري ڪندو آهيان، ڇوته انسان جو آئيندو روشن آهي.“ ڪرشن چندر کي پنهنجو مخصوص ۽ منفرد لکڻ جو ڍنگ آهي. هو پنهنجي تحرير ۾ طنز ۽ مزاح کان ڪم وٺندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن طنز ۽ مزاح ۾ فرق نه رکندو آهي ۽ ڪمال خوبيءَ سان مرڪ ۽ لڙڪ گڏي زندگيءَ جو حقيقي رخ پيش ڪندو آهي. سندس ڪهاڻيون، ناولٽ ۽ ناول زندگيءَ جي ترجماني ڪندا آهن. سندس لکيل هڪ لفظ ۽ جملي جي منفرد معنيٰ ۽ مقصد هوندو آهي. هو عالمگير امن جو حامي ۽ مذهب جي نالي ۾ پيدا ڪيل نفرت جو جاني دشمن آهي. پنهنجي ان نظريي جوا ظهار ڪرشن چندر لاتعداد ڪهاڻين، ناولٽ ۽ ناولن ۾ ڪيو آهي، پر

جنهن طاقت ۽ اثر سان مذهب جي نالي ۾ پيدا ڪيل نفرت کي هن "غدار" ۾ ننديو آهي، تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

ناول "غدار" جو پس منظر 1947ع وارو خوني زمانو آهي، جڏهن، دين ڌرم جي نالي ۾ انسانيت کي اگهاڙو ڪري، ملڪي حوس جي چوواٽي تي سندس عزت لٽي ويئي هئي. دوستيءَ شرم وچان خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. اخلاق آپگهات هو. نفرت جي شيطان هڪ هٿ ۾ تلوار ٻئي هٿ ۾ ويد کڻي ڌرتيءَ کي لتاڙي ڇڏيو هو. ان افراتفريءَ واري دور جي قاتلن ۽ مقتولن جي باري ۾ ڪرشن چندر لکيو آهي، "مرندڙ جي زبان تي پوڀون نالو خدا جو هو ۽ ماريندڙ جي زبان تي به خدا جو نالو هو ۽ جيڪڏهن مرندڙ ۽ ماريندڙ جي مٿان، تمام پري، مٿي ڪو خدا هو ته بنا شڪ جي بيحد ستم ظريف هو."

ناول "غدار" ۾ ڪرشن چندر سياسي چوپڙ کي بلڪل رد ڪري، رڳو انهن مظلوم انسانن جي ڪهاڻي لکي آهي، جن کي ازل کان مذهبي جنون جي صليب تي ۽ سياسي سرحدن جي ديوارن تي لٽڪائي نفرت جي تيرن سان ڇٽيو ويو آهي. هن ناول جو مرڪزي موضوع آهي نفرت خلاف احتجاج.

ڪرشن چندر جي لامحدود تخليقي قوتن هن ناول ۾ فن جي انتهائي بلندين کي ڇهي ورتو آهي. ٽيڪنڪ جي لحاظ کان هي ناول ڪرشن چندر جو عظيم ناول آهي. هن خودڪلامي (Monologue and Soliloquy) علامتن (Symbols) تخليل جي پرواز منظر ڪشي ۽ سهڻين تشبيهن ۽ ٽهڪندڙ استعارن (Metaphor) کان ڪم وٺي ناول "غدار" جي گرفت کي ايتري قدر ته مضبوط ڪري ڇڏيو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي ساڳئي وقت مهاجر ۽ سرنارٿي، هندو ۽ مسلمان، ظالم ۽ مظلوم قاتل ۽ مقتول محسوس ڪرڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. هن ناول جا ڪجهه حصا شعوري وهڪري (Stream of Consciousness) ۾ لکيل آهن ۽ بيحد اثرائتا آهن. ناول جي انهن حصن ۾ مرڪزي ڪردار بيج ناٿ جي ذهني ۽ نفسياتي اوسر کي ڪرشن چندر فنڪاريءَ سان چٽيو آهي. هڪ هنڌ، هنسن کي ڏسي بيج ناٿ کي خيال ٿو اچي ته، "اڄ انسان جي دنيا ۾ گگهه اونده آهي، نسورو ظلم آهي، سخت تنگ نظري

آهي. مون کي پنهنجن پرن تي ويهاري پاڻ سان وٺي هلو هنسو.“

هترادو تهذيب جي کوکلائپ تي ڀرپور وار ڪرڻ لاءِ ڪرشن چندر بيج ناٿ جي ذهني ڪشمڪش ۽ انتشارگي پڙهندڙ آڏو پيش ڪيو آهي. بيج ناٿ جڏهن فسادين کان جان بچائڻ لاءِ ڪمند جي پوک ۾ گهڙي پوي ٿو ۽ اوچتو پنهنجي ڪتيءَ کي ڪڏ ايندي ڏسي ٿو تڏهن دل ئي دل ۾ ڪتيءَ کي چوي ٿو ”تون تہ ڪتي آهين، توکي ڪهڙو ڊپ، تون انسان ٿورئي آهين، جو توکي جان جو خوف هجي. هي سڀ تہ تهذيب جون ڳالهيون آهن، وڏن وڏن مذهبن ۾ اخلاقن جا جهڳڙا آهن. شڪر ڪر جو تون غير مذهب، جاهل ۽ بي اخلاق آهين. شڪر ڪر جو اڄا توکي اها ڄاڻ ڪونهي تہ مذهب ڇاهي ۽ تون ڪنهن مسجد، مندر ۽ گرجا ۾ نہ ويئي آهين. تو ڪڏهن آزاديءَ جو مفهوم نہ سمجهيو آهي. ڪڏهن ڪنهن سياسي ليڊر جي تقرير نہ ٻڌي اٿئي. شڪر ڪر تہ تون ڪتي آهين، انسان ناهين.“

ناول ”غدار“ ذهني انتشار، ڪشمڪش ۽ جدوجهد جي چار ۾ قاتل بيج ناٿ جي فرار جو ناول آهي. سندس ڳوٺ جتي هو ۽ سندس ابا ڏاڏا صدين کان رهندا آيا هئا، ورهاڱي وقت پاڪستان جي حصي ۾ اچي ٿو. ڳوٺ ۾ فساد ٿئي ٿو ۽ هندن ۽ سکن کي پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي ڀڄڻو پوي ٿو. ڀڄندي ڀڄندي بيج ناٿ سان جيڪي ڪجهہ وهيو واپرايو آهي، جيڪي بہ کيس ذهني ۽ روحاني صدما رسيا آهن، سي ڪرشن چندر پنهنجي خدا داد في قوت ۽ تخيل جي پرواز سان هن ناول ۾ قلمبند ڪيا آهن. هي ننڍڙو ناول نہ رڳو مظلوم انسانن جي بي انت ڏکن سورن جو داستان آهي، پر ورهاڱي جي خوني تاريخ تي هڪ قوي هيڪل شاهد پڻ آهي. بيج ناٿ ٻڌائي ٿو ”منهنجي چئني طرف لاش ئي لاش پيا هئا. ڪراڙن جا لاش، جوانن جا لاش، عورتن جا لاش، ٻارن جا لاش، اُبتا لاش، سنبا لاش، اوڪڙون لاش، جن جا ڏڙا اگهاڙا هئا. جن جا هٿ سيتجي ويا هئا. لاش، جن جون اکيون کليل هيون. لاش، جن جون اکيون بند هيون، لاش جن جي هٿن ۾ ڪير جون بوتلون هيون. لاش، جيڪي زندگيءَ جو سمورو زهر پي ويا هئا ۽ هميشہ لاءِ سمهي پيا هئا.“

ڪرشن چندر عظيم ليکڪ آهي. هڪ ليکڪ کي ڪهڙي ڳالهہ

لکڻ گهرجي ۽ ڪهڙي نہ لکڻ گهرجي، تنهن باري ۾ هو هميشہ خبردار رهندو آيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جملو پورو نہ ڪرڻ سان يا جملي مان ہہ چار لفظ ڪيڏي ڇڏڻ سان ڪهاڻيءَ جي مخصوص ماحول ۾ جيڪو تاثر پيدا ٿيندو آهي، سو مڪمل جملي يا لفظن جي غير ضروري وڌاءَ سبب زيان ٿي ويندو آهي. هن ناول ۾ ان قسم جا ڪيترائي مثال ملندا جي قابل ليکڪ فنڪاريءَ سان جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو آهي يا جملي مان ڪجهہ لفظ ڪيڏي ڇڏيا آهن. شرنارٿين جي ڪيمپ ۾ بيج ناٿ هڪ هنڌ هندو جوانن جي قطار ڏسي، قطار ۾ بيٺل هڪ شخص کان پڇي ٿو "ڇا هتي راشن ملي ٿو؟"

جوان کلي جواب ڏيئي ٿو "ها، هتي سيڪس (Sex) جو راشن ملي ٿو."

"مطلب؟"

جوان چوي ٿو "هڪ مسلمان ڇوڪري هٿ چڙهي ويئي آهي، اسان سندس بي عزتي ڪري رهيا آهيون."

اُن هيبتناڪ منظر ۾، قطار ۾ بيٺل هڪ هڪ هندو نوجوان اندر وڃي ٿو ۽ مسلمان ڇوڪريءَ جي عصمت لٽي ٿو. ڇوڪريءَ جي تڪليف، ايذاءَ، ڏک ۽ مجبوريءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪرشن چندر نامڪمل جملي کان ڪم ورتو آهي، جنهن ڪري اُن منظر جو ڇهاءُ رجيل لوهہ وانگر پڙهندڙ جي روح مان پار ٿي وڃي ٿو. بيج ناٿ مسلمان ڇوڪريءَ جا ايلاز ٻڌي ٿو "او ياءُ، او ادا منهنجا ڀائڙا، مان تنهنجي ڀيڻ آهيان."

مٿين اڌوري جملي کان پوءِ ڪرشن ان بدنصيب ڇوڪري جي باري ۾ ڪجهہ نہ لکيو آهي. ڪجهہ نہ لکي، هن ڇوڪريءَ جو ڪردار پڙهندڙن جي ذهن تي هميشہ لاءِ نقش ڪري ڇڏيو آهي.

ڪرشن چندر عالمگير نظرين جو حامي آهي. عالمي امن ۽ انسان جو روشن آئيندو سندس دائمي فڪر آهن. سندس هر ڪهاڻي ۽ هر ناول مان اهڙا اشارا ملندا رهن ٿا جن مان اهو ثبوت ملي ٿو تہ ڪرشن چندر بنيادي طرح ڏتڙيل انسانن جي سلامتي ۽ بهبوديءَ جو علمبردار آهي، کيس ان ڳالهہ سان واسطو ڪونهي تہ ڏتڙيل انسان هندو آهي يا

مسلمان، سک آهي يا عيسائي. هن ڏتڙيل انسانن جي حمايت لاءِ دين ڌرم کي پٺتي ڇڏي ڏنو آهي. هن ناول ۾ هڪ هنڌ پچ پچان ۽ افراتفريءَ جي دوران بہ سنگتي ياڻ ۾ ملن ٿا. منجهائن هڪ هندو آهي ۽ ٻيو مسلمان، ٻئي موچي آهن. ياڪر يائي ملن ٿا ۽ روئن ٿا. مسلمان موچي چوي ٿو "ويني ويني زماني کي ڇا ٿي ويو نٿو هي ڇا ٿي ويو اسان جلنڌر ۾ بہ بوٽ ڳنڍيندا هئاسين، لاهور وجي بہ بوٽ ڳنڍينداسين. هي جهيڙو ڇا جو آهي."

دنيا جي جديد ادب ۾ ٻار (Child) کي آئيندي جي علامت (Symbol) طور استعمال ڪيو ويو آهي. ٻار تنهن ڪري اڄوڪي ادب جو لازمي حصو ٿي پيو آهي. ڪرشن چندر ٻار جو ڪردار علامتي انداز ۾ پنهنجن لاتعداد ڪهاڻين ۽ ڪجهہ ناولن ۾ بہ استعمال ڪيو آهي. ان ڏس ۾ سندس ڪجهہ مشهور تصنيفون آهن. "دادر پل ڪي بچي"، "چوراهي ڪا ڪونٽا"، "راني"، "ڪالا سورج"، "پالنا"، "ايراني پلاءُ"، "آسمان بناني والا"، "ميري يادون ڪي چنار"، "پگوان ڪي آمد" وغيره. ان لحاظ کان ناول "غدار" جي پڇاڙي پنهنجي ساءِ ادب جو مثالي حصو آهي جنهن ۾ ٻيج ناٿ هڪ مسلمان ٻار کي سيني سان لڳائي، لاشن مٿان لنگهندو پکڙجندڙ روشنيءَ ڏانهن هليو وڃي ٿو.

ٻيج ناٿ ماضيءَ جي خوشحالي ۽ حال جي بدحاليءَ جي وچ ۾ وچڙيل ذهين طبقي جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن کي مستقبل ۾ امن ۽ پيار جي تلاش آهي. ٻيج ناٿ جي ٻانهن ۾ ٻار انسان ذات جي روشن آئيندي جي علامت آهي ۽ آسمان مان ڦٽندڙ روشني سچ آهي، جنهن جي آڏو هٽرادو نفرتن جي اوندهہ کي شڪست کائيندي ڏيکاريو ويو آهي.

ناول "غدار" ۾ زبردست طاقت آهي، بيپناهہ قوت آهي. لفظ لفظ پنهنجي جاءِ تي معنيٰ سان ڀرپور آهي. منجهس ايڏو تہ زور آهي جو پٿر جهڙا روڏ ۽ برف جهڙا سرد ذهن بہ ناول جي آتش آڏو رجي ميڻ ٿي ويندا. ڪو اهڙو پڙهندڙ نہ ملندو جيڪو هن عظيم ناول جي اٿل کان پاڻ ڪيڏائي سگهندو. ناول "غدار" پڙهڻ کان پوءِ هرڪو سوچڻ تي مجبور ٿي پوندو تہ هندستان ۽ پاڪستان جا عوام، جيڪي مانيءَ جا محتاج، بي گهر، اُگهاڙا ۽ بيمار آهن، تن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت جو ٻج

ڪنهن چٽيو آهي ۽ ڇو چٽيو آهي؟ ڇا ان نفرت سان ڏتڙيل انسانن جا مسئلا حل ٿي سگهندا؟ ڇا هڪ ٻئي لاءِ نفرت جا ڪورا سيني ۾ ساندي ٻنهي ملڪن جا ماڻهو جيئرا رهي سگهندا ۽ پنهنجي شخصي آزاديءَ سان گڏ پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آزادي برقرار رکي سگهندا؟ ناول "غدار" جي باري ۾ ڪرشن چندر لکيو آهي تہ، "هن ناول مان منهنجو مقصد ڇا آهي؟ نفرت؟ هر گز نہ. مان پاڪستان جي آزاديءَ ۽ سلامتيءَ جو خواهشمند آهيان تہ هندستان جي سلامتيءَ جو پڻ. مان چاهيان ٿو تہ ٻئي ملڪ جدا، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آزاد ۽ خود مختيار رهن ۽ هڪٻئي جي ڀلائي چاهين، تہ جيئن، ننڍي کنڊ جي غريب ماڻهن جا مسئلا حل ٿي سگهن."

ڪرشن چندر جي عمر 54 سال آهي. تعليم انگريزيءَ ۾ ايم . اي ۽ ايل. ايل. بي تائين حاصل ڪئي اٿائين. شروعات ۾ آل انڊيا ريڊيو ۾ نوڪري ڪيائين، جيڪا سندس دل وٽان نہ هئي ۽ آخر ڇڏڻي پيس. هن وقت ڪرشن چندر هندستان جي فلمي صنعت سان وابستہ آهي ۽ فلمن لاءِ ڪهاڻيون، مڪالما وغيره لکندو آهي. کيس لکڻ سان جنون جي حد تائين چاهہ آهي. سندس اٺ سئو کن ڪهاڻيون ۽ چوويهہ کن ناول شايع ٿي چڪا آهن، جن مان اڪثر ڪهاڻين ۽ ناولن جا ترجما دنيا جي سيني سڌريل ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن.

ناول "غدار" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪري اداري ادب نو سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافو ڪيو آهي. هن ناول جو ترجمو نوجوان ڪهاڻيڪار وليرام ولڀ ڪيو آهي. وليرام ولڀ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اردو ادب ۾ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ هن وقت سنڌيءَ ۾ ايم . اي ڪري رهيو آهي. ■

1968

هيءُ مهاڳ ڪرشن چندر جي حياتيءَ ۾ لکيو ويو هو.

# روايت جي ابتڙ

هڪ همعصر جڏهن پنهنجي دور جي ٻئي همعصر کي قبول نہ ڪندو آهي، تڏهن سندس ڪتاب جو مهاڳ لکندو آهي. پر، مون ماهتاب جي ذات کي هميشہ قبول ڪيو آهي. ان وقت بہ مان سندس فني قابليت جو قائل هوس، جڏهن هوءَ ماهتاب منور عباسيءَ جي نالي سان لکندي هئي، ۽ اڄ پڻ آهيان، جڏهن هوءَ ماهتاب محبوب جي نالي سان لکي رهي آهي. تنهن ڪري، ماهتاب جي ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ ڪوبہ مناسب سبب منهنجي سمجهہ ۾ اچي نہ سگهيو آهي.

عام حالتن ۾ ڪوبہ هوشمند شخص پنهنجي همعصر جي ڪتاب جو مهاڳ نہ لکندو آهي. جيڪڏهن لکندو آهي، تہ ڪيس پنهنجي مٿي تي هڪ عدد چبرو وبنل محسوس ٿيندو آهي، جيڪو کيس خوامخواهہ افلاطون هئڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا رکندو آهي. مون پنهنجي مٿي تي ڪنهن بہ قسم جي چبري کي ويهڻ نہ ڏنو آهي. منهنجو رشتو ڌرتي سان آهي، ڌرتيءَ جي ماڻهن سان آهي. مان ماهتاب جي ڪتاب جو مهاڳ ان ناتي لکي رهيو آهيان، جو هوءَ ڌرتيءَ جي ماڻهن جون ڪهاڻيون لکندي آهي. عام ماڻهن جون ڪهاڻيون لکندي آهي. سمجهہ ۾ ايندڙ سادي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيون لکندي آهي.

مهاڳ، دستور موجب، ڪتاب جي مواد تي لکيو ويندو آهي. پر مان، ان دستور جي خلاف ورزي ڪندي ڪتاب جي مواد تي نہ لکندس. ماهتاب جون ڪهاڻيون چپجنديون رهيون آهن. ڪيس پڙهندڙن جو وڏو حلقو آهي. مان پنهنجو رايو پڙهندڙن تي مڙهڻ نہ ٿو چاهيان. مان هميشہ ان حقيقت جو قائل رهيو آهيان، تہ نقاد ۽ مهاڳ لکندڙ کان وڌيڪ عام پڙهندڙ اهم آهي، جنهن جي ڪري ۽ جنهن جي وسيلي ليکڪ زنده رهي ٿو، اُڀري ۽ اُسري سگهي ٿو. مان، تنهن ڪري ڪتاب جي مواد تي

ڪجھ نہ لکندس.

ٻارهن - چوڏهن سال اڳ جي ڳالهہ آهي! تڏهن ماهتاب جون ڪهاڻيون "نئين زندگي" رسالي ۾ پابنديءَ سان ڇپجنديون هيون، ۽ مان پنهنجي ڪا ڪهاڻي نئين زندگي رسالي جي صفحن تي ڏسڻ لاءِ سڪندو هوس. مان رسالي جي ايڊيٽر کي پابنديءَ سان ڪهاڻيون موڪليندو هوس ۽ هو ڏاڍي پابنديءَ سان ڪهاڻيون موٽائي موڪليندو هو.

ماهتاب جون ڪهاڻيون "نئين زندگي" رسالي ۾ ڏسي مان خار کائيندو هوس. مون کان جڏهن برداشت ٿي نہ سگهيو تڏهن مون هڪ هفتيوار اخبار ۾ ماهتاب جي ڪهاڻي، "نئين زندگي" رسالي جي ايڊيٽر ۽ رسالي جي پاليسيءَ خلاف نجمہ شيرين جي نالي سان تنقيدي خطن ۽ مضمونن جو سلسلو شروع ڪيو. مخفي نالي سان لکيل منهنجن خطن ۽ مضمونن پڙهندڙن ۽ ماهتاب جي صحت تي ڪو اثر ڇڏيو يا نہ، تنهن باري ۾ مون کي ڪابہ خبر ڪانهي. باقي ڪجھہ پڙهندڙن کي منهنجو مخفي نالو نجمہ شيرين ڏاڍو وڻي ويو. هنن مون کي ايترا تہ عشقيہ خط لکيا، جو مجبور ٿي مون کي نجمہ شيرين جي نالي سان لکڻ جو تنقيدي سلسلو ختم ڪرڻو پيو.

مون پنهنجي اصلي نالي، امر جليل، سان جلاوطن ٿي لکڻ جو فيصلو ڪيو. ان عرصي ۾ مون محسوس ڪري ورتو هو تہ ٻئي همعصر تي تنقيد ڪرڻ ۽ ساڙ ڪائڻ سان پنهنجي حصي ۾ ڪروڌ کان سواءِ ڪجھہ نہ ٿو اچي. مون هندستان جي سنڌي رسالن ۾ پابنديءَ سان لکڻ شروع ڪيو ۽ سالن تائين منهنجي تحرير سنڌ لاءِ سڪندي رهي.

مقصد سان سچائيءَ جو درس مون کي ماهتاب وٽان مليو. عام عورت جي سچائي، وهمن، سنسن ۽ دقيانوسي روايتن خلاف جنگ جوٽڻ ماهتاب جي ڪهاڻين جو مقصد آهي. سندس طنز جو زهر ڪنهن ڪنهن وقت ايڏو تہ ڪڙو هوندو آهي، جو پڙهندڙ ماهتاب جي تحرير جي تلخي پنهنجي روح ۾ محسوس ڪندو آهي.

1947ع کان پوءِ، سنڌي ادب جي تخليقي ادب ۾ فقط ماهتاب ئي

آهي جنهن پابنديءَ سان مسلسل ۽ لاڳيتو لکيو آهي. مسلسل ۽ لاڳيتو لکڻ سنڌي ادب لاءِ بلڪل نئين روايت آهي. ان روايت گهٽڻ ئي نقادن کي چرڪائي ڇڏيو آهي. سنڌي تخليقي اديب جي ادبي عمر پنجن کان ڏهن سالن جي وچ ۾ هوندي آهي. دنيا جي ٻين ٻولين جي اديبن جي ادبي عمر پنجويهن کان پنجاهه ۽ سمر سيٽ مهام جي معاملي ۾ ستر سال آهي. ان لحاظ کان ماهتاب سنڌي تخليقي ادب ۾ لاڳيتو ۽ مسلسل لکڻ جي پيڙهه وڌي آهي.

ماهتاب ضدي ۽ پنهنجن فيصلن جي پابند رهي آهي. مان سمجهان ٿو هن جڏهن کو سنڌي ادب ۾ لاڳيتي ۽ مسلسل لکڻ جي پيڙهه وڌي آهي، تڏهن ان کي پختو بہ ضرور ڪنديءَ ۽ لکندي رهندي.

تمام گهٽ پڙهندڙن کي خبر هوندي تہ ماهتاب منهنجي ڀيڻ آهي. نہ فقط ايترو هوءَ منهنجي پياري دوست محبوب شيخ جي گهرواري پڻ آهي. ٻئي زال مڙس زور آور آهن. منهنجي مٿي تي چهرو ويهاري چيائون تہ، ”هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لِکُ“. مون چهرو اُڏاري ڇڏيو پر سندن حڪم ٽاري نہ سگهيس. تنهن ڪري، هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو اٿم، سو مهاڳ ناهي. ■

1973

# مهاڳ- جيڪو اصل ۾ امهاڳ آهي

ڪنهن بہ ڪتاب جو مهاڳ گهڻو ڪري ٽن قسمن جا ماڻهو لکندا آهن – مصنف جا دوست، رٽائر ڪيل اديب، ۽ نقاد – مصنف جي دوست طرفان لکيل مهاڳ ۾ مصنف جي رازن تان پردو کنيو ويندو آهي، ۽ پڙهندڙن کي مصنف جي مخفي زندگيءَ سان روشناس ڪرايو ويندو آهي. مثال طور فاضل مصنف ننڍپڻ ۾ ڪهڙي رنگ جي نڪر پائيندو هو– اسڪول ۾ ماستر هٿان مار کائيندو هو يا نہ – بيحد جذبات هئڻ سبب هن گهڻا دفعا عشق ڪيو ۽ هر دفعي عشق ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ خودڪشيءَ جو پروگرام ٺاهيندو رهيو پر خودڪشي ڪرڻ کان اڳ ڪنهن ٻي محبوبا سان ملندو رهيو. اهڙي طرح فاضل مصنف جي زندگيءَ کي موڙ ملندو رهيو ۽ هن آخرڪار سنڌي ادب کي نئون موڙ ڏنو وغيره. گذريل ويهن سالن ۾ سنڌي ادب کي ايترا تہ موڙ مليا آهن، جو سمورو سنڌي ادب مڙي ويو آهي. هينئر ڪ سان لکي نٿو سگهجي تہ سنڌي ادب ڪڏهن ۽ ڪيتري عرصي لاءِ سڌي سنوت ۾ هلندو رهيو هو. گهٽ ۾ گهٽ اسان تہ سنڌي ادب کي فقط موڙ کائيندو ڏٺو آهي.

مان رفيق سومري جو دوست نہ آهيان. اسين پاڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ مليا آهيون. تنهن ڪري خدا ٿو ڄاڻي تہ مون کي رفيق سومري جي مخفي زندگيءَ جي باري ۾ ڪا خبر ڪونهي. مون کي خبر ڪونهي تہ هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن، ڇو ۽ گهڻا دفعا عشق ڪيو آهي. هن جي زندگيءَ کي ڪڏهن موڙ مليو ۽ ان موڙ سبب هن سنڌي ادب کي ڪيئن موڙ ڏنو.

رٽائر ڪيل اديب طرفان لکيل مهاڳ ۾ ڪتاب جي مصنف بابت گهٽ ۽ خود رٽائر ڪيل اديب بابت وڌيڪ مواد هوندو آهي. رٽائر ڪيل اديب پنهنجي دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور سڏيندو آهي، ۽ ان کان پوءِ کيس سنڌي ادب ۾ اونده نظر ايندي آهي.

رٽائر ڪرڻ کان پوءِ اديب ٻين مصنفن جي ڪتابن جا مهاڳ لکي

خوش ٿيندو آهي. اهڙن مهاڳن ۾ رٿائر ڪيل اديب، ڪتاب جي مصنف کي آئيندي جي اميد سڏيندو آهي، ۽ اڳتي هلي مصنف لاءِ پنهنجي جاءِ والارڻ جي پيشنگوئي ڪندو آهي. اهڙي طرح سموري مهاڳ ۾ رٿائر ڪيل اديب ڪتاب جي مصنف کي چيلو ۽ پاڻ کي گرو يا واهه گرو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اسان جو سنڌي اديب عالم شباب ۾ ئي سببن ڪري ادب تان رٽائر ڪندو آهي. ڏهه- ٻارهن افسانا لکڻ کان پوءِ هو پاڻ کي ادب تي اٿارٽي سمجهڻ لڳندو آهي، ۽ وڌيڪ ڪجهه لکڻ مناسب نه سمجهندو آهي. هو ڏهن – ٻارهن افسانن سان ادب جو سمورو سمنڊ جهاڳي ويندو آهي. ٻيو سبب، اديب کي چڱي موچاري نوڪري ملي ويندي آهي. اسان جي معاشري ۾ ماڻهو آزاديءَ سان چوري ڪري سگهي ٿو. آزاديءَ سان ڌاڙا هڻي سگهي ٿو. آزاديءَ سان خون ڪري ۽ ڪرائي سگهي ٿو. آزاديءَ سان سمگلنگ ڪري سگهي ٿو- آزاديءَ سان عصمت فروشي ۽ جوا جا اڏا هلائي سگهي ٿو – پر، آزاديءَ سان لکي نٿو سگهي. لکڻ سبب جان جو جوکو ۽ نوڪريءَ لاءِ رولو پيدا ٿي پوندو آهي. عالم شباب ۾ ادب لاءِ مرڻ ڪا مبارڪ ڳالهه ڪونهي. تنهن ڪري اسين عالم شباب ۾ ادب تان رٽائر ڪندا آهيون، ۽ ڪباب کائيندا آهيون. باقي رهي شاديءَ جي ڳالهه! اول ته سنڌي اديب جي شادي ڏاڍي ڇڪتاڻ ۽ ڪشمڪش کان پوءِ ٿيندي آهي. سنڌي اديب جيڪڏهن افسانا نگار آهي، پوءِ سمجهو ته ڇڙ اشتهاري ملزم آهي. مون کي خبر ڪونهي ته رفيق سومري جي شادي ٿيل آهي، يا نه – هڪ اشتهاري ملزم جي حيثيت ۾ رفيق جي شادي نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن ستارن جي گردش سبب رفيق شادي ڪيل آهي، ته پوءِ سندس زندگي نه فقط عبرتناڪ بلڪ وحشتناڪ گذرندي هوندي. تخليق جو عمل غم، تڪليف، اضطراب ۽ بيچينيءَ مان جنم وٺندو آهي. زال ازدواجي اصولن پٽاندڙ رفيق حيات هوندي آهي، هوءَ رفيق افسانا نگاري ٿيڻ پسند نه ڪندي آهي. هوءَ خوشيءَ جي تلاش ۾ اشتهاري ملزم جي اصلاح ڪندي آهي، ۽ ڪيس ادب کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ۽ ان ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيندي آهي.

اهڙي صورتحال ۾ اديب ويچارو عالم شباب ۾ شادي ڪرڻ کان

پوءِ ادب تان هٿ کڻندو آهي، ۽ پوءِ پيندين. ڪريلن ۽ واڱڻن جا تازا نرخ ياد ڪندو آهي. مون سان اهڙي ڪابہ ويڌن ناهي، تنهن هوندي بہ رفيق جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

نقاد ويچارا جيئن تہ ڪوبہ تخليقي ڪم ڪري نہ سگهندا آهن، تنهن ڪري تخليقي ادب تي تنقيد ڪرڻ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻندا آهن. هو تنقيد ڪرڻ کان سواءِ مختلف ادبي سرٽيفڪيٽ بہ ورهائيندا آهن ـ مثال طور فلاڻو اديب ٻوليءَ جو شهنشاهہ آهي ـ فلاڻو اديب تشبيهن جو وزيراعظم آهي ـ فلاڻو ليکڪ استعارن جو پرڏيهي وزير آهي، مون کي خبر ڪونهي تہ رفيق سومرو نقادن کان ڪجهہ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، يا نہ. ان سلسلي ۾ مان رفيق سومري کي بد دعا ڏيندس تہ خدا کيس نقادن کان پنهنجي پناهہ ۾ رکي، ۽ کيس يڪسوئي ۽ ڀرپور اپياس سان لکڻ جي توفيق عطا ڪري.

شروعات ۾ عرض ڪيو اٿم، تہ ٽن قسمن جا ماڻهو ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکندا آهن ـ مصنف جا دوست، رٽائر ڪيل اديب ۽ نقاد. مان رفيق سومري جو لفظي معنيٰ مطابق دوست نہ آهيان ـ مان رٽائر ٿيل اديب بہ ناهيان ـ ۽ خوشقسمتيءَ سان نقاد بہ ناهيان، پر تنهن هوندي بہ رفيق سومري جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکي رهيو آهيان. مان رفيق جي ڪتاب لاءِ جيڪي ڪجهہ لکي رهيو آهيان، سو مهاڳ نہ آهي. جڏهن ڪهاڻي لکي نہ سگهبي آهي، تڏهن اڪهاڻي لکبي آهي. ۽ جڏهن مهاڳ لکي نہ سگهبو آهي، تڏهن اَمهاڳ لکبو آهي. روايتن پٽاندڙ مهاڳ ۾ ليکڪ جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا ويندا آهن. پر مان جيئن تہ مهاڳ نہ پر اَمهاڳ لکي رهيو آهيان، تنهن ڪري ساراهہ بدران رفيق جي اوڻائين جو ذڪر ڪندس ـ گڻن بدران اوگڻ ڳڻيندس. تعريف بجاءِ رفيق جي گلا ڪندس.

رفيق سومري جي اوڻاين جي شروعات ڪريان ٿو سندس پابنديءَ سان لکڻ جي ڏوهہ سان! رفيق پابنديءَ سان لکي رهيو آهي ـ لاڳيتو لکي رهيو آهي. اها سندس وڏي ۾ وڏي اوڻائي آهي. اسين سنڌي ڪوبہ ڪم پابنديءَ سان نہ ڪندا آهيون، ۽ رفتار ۾ ڪميءَ کي مات ڪندا آهيون، پر رفيق سومرو روايتن کان باغي آهي. هو مسلسل لکي رهيو

آهي، ۽ ويچاريءَ ڪميءَ جو ڪم خراب ڪري رهيو آهي. ادب کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ رفيق کي ان علت کان آجو ٿيڻو پوندو. سال ۾ هڪ افسانو لکڻ ڪافي آهي. سال ۾ جڏهن هڪ افسانو لکبو آهي، تڏهن اهو افسانو نقادن ۽ رتائر ڪيل اديبن کان لازمي طرح شاهڪار افساني جي سند حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ اهو هڪ افسانو سنڌي ادب کي نئون موڙ بخشيندو آهي.

مون غور سان رفيق سومري جا افسانا پڙهيا آهن. هو مون کي ٻوليءَ جو شهنشاهه ته ڇڏيو ٻوليءَ جو مختيار ڪار به محسوس نه ٿيو آهي. سندس ٻولي سادي، سلوڻي، عام ماڻهن جي ٻولي آهي – اديبن جي ٻولي نه آهي. اها سندس ٻيو نمبر خامي آهي. سنڌي ادب ۾ عوام جي نه، بلڪ خواص جي ٻولي لکبي آهي. جيڪا ڪڏهن به روز مره جي گفتگوءَ ۾ ڪتب نه ايندي آهي. رفيق پنهنجن افسانن ۾ عام رواجي ٻولي استعمال ڪئي آهي، جيڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي، سندس ان خطا کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

اُهي افسانا (ڪهاڻيون) جن جا ڪردار انڌا، ٻوڙا گونگا هوندا آهن، ۽ ڏاڍڻ ذريعي مصنف جي آڱرين سان ٻڌل هوندا آهن ۽ سندس اشارن تي هلندا آهن، سي افسانا سنڌي ادب ۾ اهميت واري جاءِ والاريندا آهن. رفيق جي ڪهاڻين جا ڪردار خودسر، خودمختيار ۽ جيئرا جاڳندا آهن. هُنن کي ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي ٻولي، پنهنجو لهجو ۽ پنهنجو انداز آهي. هن ڪتاب ۾ شامل افسانن ۾ رفيق جي تخليق ڪيل ڪردارن ڳالهايو آهي. خوب ڳالهايو آهي. هن ڪردارن جي اوسر لاءِ ڪامينٽريءَ کان ڪم نه ورتو آهي. ليکڪ افساني جي ڪردارن بابت جيستائين رننگ ڪامينٽريءَ نه ڏيندو، تيستائين سندس افساني کي سنڌي ادب ۾ سنجيدگيءَ سان قبول نه ڪيو ويندو. ان لحاظ کان عمر قريشي پاڪستان جو بهترين افسانا نگار آهي. هن پنهنجي ڪامينٽري ۾ حنيف محمد جي هڪ هڪ حرڪت کي ڪمال جي فنڪاريءَ سان بيان ڪيو آهي. حنيف هينئر بيٽ مٿي ڪئي آهي. سندس ڪاٻو پير اڳتي وڌيو آهي. هن جو ڪنڌ ساڄي ڪلهي ڏانهن جُهڪي ويو آهي. هو تيزيءَ سان ايندڙ بال کي غور سان

ڏسي رهيو آهي. بال حنيف کان اڏ وال ڪن اورتي ڪريو آهي. حنيف ڪاٻو پير اڳتي ڪري بال کي بيٽ سان ڏڪ هنيو آهي — چونڪو سڄو اسٽيڊيم تاڙين سان گونججي رهيو آهي. رفيق جي ڪهاڻين ۾ مون کي ان قسم جي ڪامينٽري نظر نہ آئي آهي. اها رفيق جي سنگين غلطي آهي.

رفيق وٽ جذبي جي سچائي آهي، موجوده دور ۾ جذبي جي سچائيءَ جو قدر نہ ڪيو ويندو آهي. سماجي، سياسي ۽ معاشرتي افراتفريءَ سبب جيڪو ذهن معاشري جي تاريخ مرتب ڪري رهيو آهي. رفيق ان ذهن کي قلمبند ڪيو آهي. ان قسم جي حرڪت ادب ۾ ڪارگر نہ ٿيندي آهي. ان قسم جي حرڪت کي ادب ۾ نعري بازي سڏيو ويندو آهي. رفيق جي ڪهاڻين جا ڪردار پريشان، توائي، ضدي، لاپرواهہ، باغي ۽ ڏکي آهن. اهڙن ڪردارن جي ترجمانيءَ کي سنڌي ادب ۾ نعريبازي سڏيو ويندو آهي. اهڙن ڪردارن جي عڪاسي دنيا جي ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي ادب ۾ ڪري سگهجي ٿي، پر سنڌي ادب ۾ هرگز نہ. اهو سونهري اصول آهي. رفيق سومري ان سونهري اصول جي خلاف ورزي ڪئي آهي.

رفيق سومري جي انيڪ اوڻاين جي وڏيڪ کوجنا مان مناسب نٿو سمجهان. اوهين سنڌس افسانا پڙهڻ شروع ڪيو. ۽ سنڌس اوڻاين کي هڪ هڪ ڪري محسوس ڪندا وجو.

مهاڳ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو اٿم، سو مهاڳ ناهي. لفظي معنيٰ مطابق مان رفيق جو سنگتي ناهيان، رٽائر ٿيل اديب بہ نہ آهيان، ۽ خدا جي فضل، ڪرم ۽ رحم سان نقاد بہ ناهيان؛ تنهن ڪري رفيق جي ڪتاب لاءِ مهاڳ بدران امهاڳ لکي ويو آهيان. ■

1977

# امهاڳ

ڪنهن بہ ڪتاب جو مهاڳ گهڻو ڪري رٽائرڊ اديب لکندا آهن. مان لکڻ تان رٽائرڊ نہ ٿيو آهيان. مان هڪ ٿهيءَ کان ٻيءَ ٿهيءَ تائين نوجوانن جو همعصر آهيان ـــ لکي رهيو آهيان. ڪتابن جا مهاڳ رٽائرڊ اديبن کانسواءِ بزرگ اديب بہ لکندا آهن. مان عمر جي لحاظ کان لهندڙ سج ۾ شاهہ بلوط جو پاڇو آهيان. مان موهن جي دڙي جو ٻڍل چوواتو آهيان. مان اروڙ جي شڪست آهيان. پر، مان بزرگ نہ آهيان. مان محبت جو ليکڪ آهيان. مان ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي محبت کان جدا ٿيل آهيان، ان جدائيءَ کي مون جسم کان جان جي جدائي وانگر محسوس ڪيو آهي ـــ دل جا داغ روشن آهن. وقت جي دز تصور جي آئيني ۾ ڪنهن جو عڪس لٿي نہ سگهي آهي. مون ڪيس پنهنجي وجود ۾ ساهہ وانگر محسوس ڪيو آهي. حياتيءَ جي وحشتن ۾ ڪا گهڙي اهڙي نہ گذري آهي جو خيالن جا غوراب ياد جي سمونڊ تان واپس وريا هجن. هوءَ جتي بہ آهي، جيئن بہ آهي منهنجي قوت آهي ـــ منهنجي همٿ آهي. هوءَ منهنجي روشني آهي. هوءَ منهنجي بصيرت آهي. اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي تقدير جا ڪاتب نہ هئاسين، تنهن ڪري جدائيءَ جي ريکا ڊاهي نہ سگهياسين، منهنجي تحرير جو هڪ هڪ لفظ هن لاءِ آهي ـــ هڪ هڪ جملو هن لاءِ آهي. مون هن لاءِ لکيو آهي، مان هن لاءِ لکندو رهندس. مون هڪ دفعي ڪيس چيو هو "منهنجو آواگان ۾ يقين آهي. مان تاريخ جي هر دور ۾ تنهنجي لاءِ جنم وٺندو رهندس سنڌو، مجبورين ۽ پابندين جي باوجود مان توسان محبت ڪندو رهندس توکي چاهڻ جي باوجود تو کان جدا ٿيندو رهندس."

محبت جا ليکڪ بزرگ نہ ٿيندا آهن. تنهن ڪري مان رسول جي ڪتاب جو مهاڳ نہ لکندس. مان رسول جي حوالي سان ادب ۾ اولڙن جو

ذڪر ڪندس.

دنيا جي هر ڪا تخليق درد مان جنم وٺندي آهي. تخليقي عمل جي درد مان لنگهندي ڪجهہ عرصي تائين فنڪار کي سنئين واٽ وٺ نہ ڏيندي آهي. ان مونجهاري چڱن چوکن فنڪارن کي ماري وڌو آهي. مون رسول جا افسانا غور ۽ چاهہ سان پڙهيا آهن. مان اهو نہ چوندس تہ رسول کان اڳ ڪنهن بہ اهڙا سٺا افسانا نہ لکيا هئا! ۽ رسول کان پوءِ ڪوبہ اهڙا سٺا افسانا نہ لکي سگهندو. اها ننگي منافقت ٿيندي. رسول کان اڳ سٺا افسانا لکيا ويا آهن! ۽ رسول کان پوءِ بہ سٺا افسانا لکيا ويندا. تاريخ جي تسلسل کي ڪابہ طاقت روڪي نہ سگهي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل رسول جي شاعريءَ جو ڪتاب "اوشا جي آشا" پڙهڻ کان پوءِ شدت سان محسوس ڪيو اٿم تہ رسول بنيادي طرح Fiction جو ليکڪ آهي. ڪهاڻيءَ جي فن ڏانهن سندس لاڙو شاعراڻو آهي. سندس سوچ شاعراڻي آهي. سندس اظهار جو طريقو شاعراڻو آهي. سنڌي ادب ۾ تمام گهٽ اهڙا اديب آهن جن کي نظم ۽ نثر تي هڪجهڙي قدرت حاصل آهي. في الحال اهڙن ٻن اديبن جا نالا دل تي تري آيا آهن ــ هڪ لڇمڻ ڪومل ۽ ٻيو قمر شهباز.

رسول کي سٺن افسانن جي ڏات مليل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل افسانن جي باري ۾ ڪابہ راءِ ڏيئي، مان اوهان جي راءِ لاءِ تضاد جو سبب پيدا نہ ڪندس.مان فقط ايترو چوندس تہ رسول جا افسانا غور سان، توجهہ سان ۽ همدرديءَ سان پڙهيا وڃن. رسول جا افسانا انهن جي سمجهہ کان بالاتر آهن جن جي عقل ۽ فهم تي تعصب جا پاڇا پيل آهن. ■

1979

# انگريزي ۽ سنڌي اُچار وارو سفر

آمريڪي خلاباز نيل آرمز اسٽرانگ چنڊ تي پير رکيو. دنيا حيران ٿي وئي. مان حيران ٿيس. مان حيران ان وقت ٿيو هوس جڏهن الطاف شيخ ويسٽ انڊيز جي زمين تي قدم رکيو هو. متان سمجهو تہ ويسٽ انڊيز پڻ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جهڙن ٺڳن جي ڪا ٽولي آهي. نہ — ويسٽ انڊيز اسان جي زمين جو ڏورانهون حصو آهي جتي اڇي چمڙيءَ وارا اقليتي، ڪاري چمڙيءَ واري اڪثريت تي حڪومت ڪندا آهن. ويسٽ انڊيز نائيٽ ڪلبن ۽ جوئا جي ٺڪرين ڪري مشهور ناهي. ويسٽ انڊيز سر فرينڪ واريل، ايورٽن ويڪس، ڪلائيڊ والڪاٽ ۽ گار فيلڊ سوبرز جي ڪري مشهور آهي. انهن سوشلزم جي پرچار ڪري پنهنجو ملڪ سرمائيدارن، پيرن، ميرن، زميندارن، جاگيردارن، اسمگلرن، خونين ۽ پاٿاريدارن جي حوالي نہ ڪيو آهي. هو موالي نہ آهن. هو ويسٽ انڊيز جا نامور ۽ ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ شهنشاهہ رانديگر آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ الطاف شيخ ويسٽ انڊيز ۾ ڪنهن بہ رانديگر سان نہ مليو. ان ۾ ڏوهہ الطاف جو ناهي — ڏوهہ منهنجو آهي — مون کي ڪرڪيٽ، فٽ بال ۽ باڪسنگ سان بي انتها چاهہ آهي. الطاف مون کي ويسٽ انڊيز جي باري ۾ هڪ ٻي خبر ٻڌائي. اها خبر حيرت انگيز هئي. هن ٻڌايو تہ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون ۽ واپار جون منڊيون آهن.

نيل آرمز اسٽرانگ ٻہ لک چاليهہ هزار ميلن جو خلائي سفر ڪري چنڊ تي پهتو. مون کي حيرت نہ ٿي. پر الطاف جڏهن ويهہ هزار ميلن جو ساموندي سفر ڪري ويسٽ انڊيز پهتو تڏهن مون کي سخت حيرت ٿي. سمورن دوستن کي حيرت ٿي.

اسين سنڌي، چوندا آهن تہ، ڪنهن اڻڄاتل سبب ڪري سفر نہ

ڪندا آهيون. اسين فقط انگريزي اُچار وارو سفر (Suffer) ڪندا آهيون. اسين اقتصادي، معاشي ۽ ثقافتي طرح انگريزي اُچار وارو سفر (Suffer) ڪندا آهيون.

الطاف شيخ ڪولمبس ناهي. پر هن ڪولمبس کان وڌيڪ سفر ڪيو آهي (سنڌي اُچار وارو سفر). اسان منجهان جڏهن ڪو نوجوان سنڌي اُچار وارو سفر ڪندو آهي، تڏهن اسان جا مائٽ انگريزي اُچار وارو سفر ڪندا آهن. دنيا جي فقط هڪ سرحد آهي. اُها سرحد دنيا جي ابتدا ۽ اها ئي سرحد دنيا جي انتها آهي. الطاف دنيا جي سرحد ڏٺي آهي. هو جڏهن به سفر تان موٽندو آهي، تڏهن مان کانئس ساڳيو سوال ورجائي پڇندو آهيان. پڇندو آهيانس ته، "هن دفعي دنيا جي ڪهڙي ڪهڙي حصي ۾ سنڌي ڏسي آيو آهين؟"

الطاف شيخ جو سنڌ ملڪ جي مٽيءَ سان پيچ پيل آهي. تنهن ڪري هو دنيا جي جنهن به حصي ۾ ويندو آهي، اتي سنڌي سڃاڻڻ جي ڳولا ڪندو آهي. سندس کوجنا اڪثر ڪري بر ثواب ٿي آهي. هن سنڌين کي پرديس ۾ سُکيو ستابو ڏٺو آهي. هن هانگ ڪانگ، ٽوڪيو سنگاپور، بيروت، وچ مشرق، يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون، ڪارخانا ۽ واپار جون منڊيون ڏٺيون آهن. مان الطاف جون ڳالهيون پڙهي سوچيندو آهيان ته اسان منجهان اهڙو ڪو مڙس ماڻهو شل نروار ٿئي، جيڪو سِڪَ جو سڳو ڪٽي نڪري ۽ سموري دنيا جي سنڌين کي هڪ مالها ۾ پوئي ڇڏي.

الطاف شيخ جي سفرنامن کان اڳ جيڪي سفرناما سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا آهن، تن ۾ گهڻو ڪري مغربي تهذيب جي گلا، عورتن جي آزاديءَ تي اعتراض، پردي جي غير موجودگي تي افسوس ۽ سموري دنيا تي مسلمانن جي قبضي نه هئڻ جو ارمان ڪيو ويو آهي. اهي دقيانوسي سفرناما، سفرناما گهٽ ۽ تبليغي جماعت جا بليٽن وڌيڪ محسوس ٿيندا آهن. اهڙا سفرناما پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ لازمي طرح انگريزي اُچار وارو سفر (Suffer) ڪندو آهي. شاهد موجود آهن ته اهڙن سفرنامن جا ڪمپازيٽر، ڇاپيندڙ ۽ پروف پڙهندڙ اڄ تائين انگريزي اُچار وارو سفر

ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي اچار واري سفر کان بيزار آهن.

الطاف شيخ تبليغ بدران جديد تقاضائن موجب لکيل سفرناما ڏنا آهن. هن سادن جملن ۽ دلفريب ڪهاڻين رستي پرڏيهي تمدن، تهذيبن ٻولين، تاريخ جاگرافي ۽ عام معلومات جي اپٽار ڪئي آهي. الطاف جا سفرناما پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ تہ هيءَ دنيا اوپري نہ آهي. الطاف سفرنامن پڙهندڙن جي دل وٺي ڇڏي آهي. هو سنڌيءَ جي اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن کي ڪيترن ئي پڙهندڙن وٽان خط ملندا آهن، جن ۾ ڪائنس ٻاهرين ملڪن جي باري ۾ وڏيڪ پڇا ڳاڇا، نوڪرين ۽ پڙهڻ جي مسئلن ۽ وسيلن متعلق معلومات ورتي ويندي آهي. ان مان هڪ طرف الطاف شيخ جي شهرت ۽ ٻئي طرف نئين نسل جي سجاڳيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو. هن اڪيلي سر لاتعداد نوجوانن جي دل ۾ ٻاهرين دنيا ڏسڻ جو جذبو وڌو آهي. اهو سندس تحرير جو وڏو ڪارنامو آهي. الطاف شيخ کي 1970ع ۾ ”پاڪستان رائيٽرس گلڊ“ طرفان سندس سفرنامن جي ڪتاب ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“ تي ادبي انعام ملي چڪو آهي. ■

1979

# مان ڀَڄان، مان ڀُران، تڏهن بہ تنهنجو آهيان

افسانو پڙهڻ کان اڳ دستور موجب ضروري آهي تہ هڪ اڌ انڊي منڊي تقرير ڪريان. بلڪ پڙهان ۽ پنهنجي خاص مهمان هئڻ جو ثبوت ڏيان. خاص مهمان جا ڪيترائي اهڃاڻ هوندا آهن. خاص مهمان گهڻو ڪري مون وانگر اٽپڙهيل ۽ اڻ گهڙيل، جڏا ۽ ڇسا هوندا آهن. ٽوٽين ٽنين تي بيٺل هوندا آهن. خاص مهمان لاءِ اهو لازمي هوندو آهي تہ هو ٻيو ڪجهہ ڀل نہ ڪري. مثال طور توهان جي ڳوٺ يا پاڙي لاءِ هڪ اسڪول ڪولائڻ جو واعدو، هڪ اسپتال جو واعدو، پڪن رستن جو واعدو، بجليءَ ۽ پاڻيءَ جو واعدو، محبت نيائڻ جو واعدو (ايندڙ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ) مطلب تہ مهمان سڳورو ڀل تہ ڪوبہ واعدو نہ ڪري، پر هڪ تقرير ضرور ڪري. تنهن ڪري مان وقت جي تقاضا موجب اول تقرير ڪندس، ۽ پوءِ ٻيو ڪجهہ ڪندس، يعني افسانو پڙهندس.

تقرير ڪرڻ مون لاءِ ۽ تقرير ٻڌڻ توهان لاءِ عذاب آهي. ان جو مون کي احساس آهي. تقرير ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ماڻهو مداريءَ وارا ڪرتب ڏيکاري، جيئن اڄڪلهہ جا تقرير باز ڪري رهيا آهن. تقرير ٻڌڻ کان بهتر آهي تہ ماڻهو پنهنجي خونخوار سس کان پنهنجي خونخوار ڌيءَ يعني پنهنجي گهرواريءَ جي سباجهي طبيعت ۽ نرم سڀاءَ جي ڪٿا ٻڌي. انهن ٻنهي آزمائش جي گهڙين مان ڪهڙي غنيمت آهي، ان جو فيصلو ڪنهن تاريخدان کي ڪرڻو آهي. اهو توهان جي ۽ منهنجي مٽي جو سور نہ آهي. مان دوستن جي مهرباني ۽ سفارش سان اڄوڪي شام ۾ مهمانن کي بور ڪرڻ لاءِ خاص مهمان آهيان. ۽ ان ڪم لاءِ خاص طرح ڪراچيءَ کان سڏايو ويو آهيان. تنهن ڪري روايت موجب، مون کي بدقسمتيءَ سان تقرير ڪرڻي آهي، ۽ توهان کي دل پڪي ڪري، بدقسمتيءَ سان، پر صبر سان،

منهنجي تقرير پڙهي آهي. مون کي توهان سان ۽ پاڻ سان همدردي آهي.

مان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، قسم ٿو کڻان، تہ هيءَ تقرير منهنجي پنهنجي لکيل آهي، ۽ ڪنهن پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کان لکايل ناهي، جيئن اڄ ڪلهہ جو دستور آهي. ائين برابر آهي، تہ مان ڪنگلو آهيان، ۽ هڪ پرائيويٽ سيڪريٽري رکڻ مون لاءِ ائين نا ممڪن آهي جيئن ڪنهن عمارت جي بنياد جو پٿر رکڻ. اهي ٻئي ڪم وڏا ماڻهو ڪندا آهن. پر منهنجي گهر واري نہ فقط گهر واري آهي، پر منهنجي پرائيويٽ سيڪريٽري بہ آهي. ڪنهن ڪنهن وقت سيڪريٽ ايجنٽ جو ڏيک بہ ڏيندي آهي. مثال طور، جڏهن ٻڌايو مانس تہ حيدرآباد پيو وڃان، پاڪستان ڪائونسل جي ڊائريڪٽر حميد آخوند، جيڪو منهنجو گهاٽو سنگتي بہ آهي، تنهن سڏايو آهي، تڏهن چيو هئائين، "ٻيا ماڻهو ڪتا، جو ٻڳ تنهنجي مٿي تي ٽا رکن! چڱُ تہ سنگتين سان سٺل ٽاهي پنهنجي ڪنهن پراڻيءَ ڇوريءَ سان ملڻ ٿو وڃين. حيدرآباد ۾ جيڪي ڪم ڪيا هيئہ انهن جي مون کي سڌ آهي." ان مثال مان توهين چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ مان پنهنجي گهر واري کان هڪ مغز ڦاڙ تقرير لکائي اچان ها، ۽ ڪائونسل جي بلڊنگ کي بيزار ڪريان ها، پر مون ائين نہ ڪيو آهي. مون کي خبر آهي تہ دنيا ۾ فقط مان هڪ شخص آهيان جيڪو پنهنجي گهر واريءَ جي تقرير ٻڌي سگهندو آهيان. ٻيا سندس تقرير ٻڌي ملڪ ڇڏي ويندا. مان ڪيس ڇڏي نہ ٿو سگهان. تنهن ڪري منهنجا دوستو هيءَ تقرير مون لکي آهي. مان هن تقرير جي هڪ هڪ لفظ، ۽ هڪ هڪ جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم کان واقف آهيان، ۽ ان لاءِ پوريءَ ريت جوابدار آهيان، ۽ ذميوار آهيان. تنهن ڪري، اڄ تقرير ڪرڻ کان پوءِ، سڀاڻي تقرير تان گهمري ڪاڻڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي اخباري بيان ڪڍڻ جو ارادو نہ ٿو رکان.

هڪڙي ڏينهن تقرير ڪري، ٻئي ڏينهن تقرير جي مفهوم سمجهائڻ يا ماڳهين تقرير تان ڦري وڃڻ اُنهن صاحبن ۽ خاص مهمانن جو معجزو آهي، جيڪي صبح جو ڪنهن يتيم خاني جي بنياد جو پٿر

رڪندا آهن. منجهند جو گهوڙن جي ريس جو افتتاح ڪندا آهن. شام جو پريس ڪانفرنس ڪندا آهن ۽ رات جو ڪنهن مشاعري جي صدارت ڪندا آهن. اهڙن صاحبن جون تقريرون سندن پرائيويٽ سيڪريٽري لکندا آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو يتيمن کي گهوڙن واري تقرير، گهوڙن کي يتيمن واري تقرير ۽ صحافين کي شاعري ۽ شاعرن کي پريس جي آزاديءَ تي تقرير ٻڌڻي پوندي آهي. مان سمجهان ٿو ڪنهن صاحب ڪنهن يتيم خاني ۾ پيل وچان گهوڙن تي لکيل تقرير پڙهندي اهو ضرور چيو هوندو تہ گهوڙو دنيا جو سڀ کان نيڪ ۽ افضل جانور آهي. گهوڙو احترام جوڳو جانور آهي. رسول اڪرم جن جنهن بُراق نالي جانور تي چڙهي معراج تي ويا هئا. چون ٿا تہ ان جانور جو جسم گهوڙي جهڙو هو. سنڌ جي گهوڙن جو نسل گهڻو ڪري عربي آهي. راجا ڏاهر جي شڪست کان پوءِ سنڌ جا سمورا گهوڙا صدق دل سان مسلمان ٿيا، ۽ اُنهن نوجوان فاتح محمد بن قاسم جي هٿ تي بيعت ڪئي.' اهڙي غلطي فقط مشغول صاحب ڪندا آهن. جيڪي هر وقت Busy هوندا آهن. مان واندو آهيان ۽ قسمت سانگي هتي آيو آهيان. مون جهڙا ماڻهو ڪنهن ستاري جي گردش سبب خاص مهمان ٿي پوندا آهن.

اڄوڪي دور ۾ گهڻو ڪري ٽن قسمن جا ماڻهو محفلن، ميٽنگن، ميلن، نمائشن ۽ مشاعرن جا خاص مهمان ٿي سگهندا آهن.

پهريان اُهي شخص خاص مهمان ٿيندا آهن. جيڪي محفل يا مشاعري جو انتظام ڪرائيندڙ جماعت کي چندو ڏيندا آهن. اهڙا شخص گهڻو ڪري ڪنهن سئنيما يا ڪارخاني جا مالڪ هوندا آهن. هو چندو وغيره ڏيئي، اخبارن ۾ فوٽا ڇپارائي ايندڙ چونڊن لاءِ ميدان تيار ڪندا آهن. ٻيا اُهي شخص خاص مهمان ٿيندا آهن جيڪي ڪاموڪي ڌنڌي ۾ هوندا آهن ۽ سرڪاري گرانٽن تي نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي ويٺا هوندا آهن. هو گرانٽ جي جنتر سان صدارتي ڪرسيون والاريندا آهن. هو پيل تہ ڳاڙهي سائي رنگ ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهن. پر پينٽنگن ۽ مصوريءَ جي نمائش جو افتتاح ضرور ڪندا. ٽيان اُهي شخص "مهمان خصوصي" ٿيندا آهن. جيڪي في سبيل الله

عوام جي ڏکن سورن، فلاح ۽ بهبوديءَ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻندا آهن. هو پاڻ کي ليڊر سمجهندا آهن. ۽ هر وقت ۽ هر دم عوام جي تڪليفن کي ياد ڪري صحتمند ۽ جاڳنا ٿيندا ويندا آهن. اهڙا ليڊر ڊنر کائڻ کان پوءِ پيٽ بکين جي باري ۾ ڪانفرنس ڪندا آهن، ۽ ايئرڪنڊيشن آفيسن ۽ ڊرائينگ رومن ۾ تنگ تنگ تي رکي پگهر وهائيندڙ پورهيت جي مسئلي تي ڏاڍي آرام سان ڳالهائيندا آهن.

اڄوڪي دور ۾ استاد يا عالم، ڊاڪٽر يا پروفيسر، شاعر يا اديب کي محفلن، ميٽنگن ۽ مشاعرن وغيره جي صدارت لاءِ ڇسو ۽ بيڪار سمجهيو ويندو آهي. پر مون کي اڄوڪي شام لاءِ هتي ڏسي حيران نه ٿيو منهنجا دوستو! مان نه اُستاد آهيان نه عالم (اُستاد جي ٻي معنيٰ به آهي، جيڪا سمجهو ڪي سمجهن) مان نه پروفيسر آهيان، نه شاعر، ۽ نه اديب. نه ڪامورو آهيان، نه ڪنهن سئنيما يا ڪارخاني جو مالڪ آهيان، پر تنهن هوندي به هتي موجود آهيان. مان دوستن جي مهربانيءَ، ۽ سفارشن سبب اڄوڪي شام جو خاص مهمان ٿي سگهيو آهيان، هڪ اديب جي حيثيت ۾ هرگز نه.

مون پاڻ کي اڄ تائين اديب تسليم نه ڪيو آهي، ڇو جو منهنجا افعال اديبن جهڙا ناهن. دوستن جو خيال آهي ته مان پنهنجي ڏيک ويک مان ليکڪ گهٽ ۽ دادگير وڌيڪ نظر ايندو آهيان. منهنجي هڪ سنگتيءَ کي لفظ ابتا ڪري پڙهڻ جو مرض آهي. هو لفظ وزير کي اُبتو ڪري پڙهندو ۽ چوندو آهي — ريزو. روس کي ابتي پاسي کان پڙهندو چوندو — سور. هو لفظ اديب کي اُبتو ڪري، يعني ڪاٻي پاسي کان پڙهندو آهي ۽ اُچاريندو آهي — بيدا. هن يار لفظ اديب کي ايترا دفعا ته اُبتو ڪيو آهي، جو هينئر اديب ۽ بيدن ۾ ڪو فرق نه رهيو آهي. تنهن ڪري منهنجا دوستو سچئو مان اديب هئڻ جي غلطي فهميءَ ۾ مبتلا نه آهيان.

مان افسانا لکندو آهيان. افسانن کي دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب ۾ پل ته ڪهڙي به کٽي اهميت حاصل هجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ افسانن کي ادب کان آئوٽ، بلڪ گيٽ آئوٽ، يعني خارج سمجهيو ويندو آهي. مان تنهنڪري، افسانن جي آڌار تي ادب جي مقدس زمين

تي پير پائي نہ سگھيو آهيان، ۽ ڪڏهن بہ پائي نہ سگھندس. جيڪي قلم جا ڌڻي تخليقي ادب (افسانو ناول ۽ ڊرامو) کان منڪر آهن، سي افساني کي ادب ۾ غندہ گردي سمجھندا آهن. هو ڪهاڻيڪارن کي اهڙي نگاهہ سان ڏسندا آهن، جهڙي نگاهہ سان ميسٽا ۽ گيدي ماڻهو سرڪش جوڌن کي ڏسندا آهن. هو نہ ساڻن ٺٺائيندا آهن، ۽ نہ وڏيڪ کا راهہ رسم رکندا آهن. اهو اسان جي ادب جو الميہ آهي.

هڪ نوڪريءَ دوران مان ۽ هڪ سانوري سلوڻي ٽائيپسٽ ڇوڪري ساڳئي ڪمري ۾ ويهندا هئاسين. آفيس جي وڏي صاحب کي جڏهن خبر پيئي تہ مان افسانا لکندو آهيان، تڏهن هن هڪدم ٽائيپسٽ ڇوڪريءَ کي اُن ڪمري مان اُٿاري ٻئي ڪمري ۾ ويهاريو ۽ اُتان هڪ ٻڪر جهڙو ملان آڻي منهنجي سامهون ويهاري ڇڏيو. اها ٽائيپسٽ ڇوڪري واندي وقت ۾ مون کي انگريزيءَ جا جملا ٽائيپ ڪري ڏيکاريندي هئي ۽ پوءِ ڦاڙي ڇڏيندي هئي - مثال طور:

"Some people belong to each other for ever".

"Is it possible that you can express your profound love to someone without ever telling him that you love him"?

"Someone comes along from somewhere and occupies a permanent place in our memory".

"Only death could separate us".

هڪ دفعي ان سانوريءَ ٽائيپسٽ چيو هو "فقط موت اسان کي ڇني ڌار ڪري سگھي ٿو."

پر پوءِ جڏهن صاحب بهادر کيس ٻئي ڪمري ۾ ويهاري ڇڏيو تڏهن هن مون سان ملڻ ڇڏي ڏنو. ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. هڪ ڏينهن پڇيو هومانس، "مون سان ڳالهائين ڇو نٿي؟"

تمام هراسيل نموني وراڻيو هئائين، "تون افسانا ٿو لکين. مون کي بدنام ڪندين، مون کي تو کان ڊپ ٿو ٿئي."

ان ٽائيپسٽ جو نالو زهره هو. هن مون کي زهر ڏنو. مون کي ڪجھہ عرصو ڏک ٿيو.

پر پوءِ منهنجو ڏک حيرت ۾ بدلجي ويو. اوڙي پاڙي جي گهرن ۾ اسان جي مائٽن مٿن پنهنجين جوان ڇوڪرين تي اسان جي گهر اچڻ لاءِ بندش وجهي ڇڏي. امان سمجهيو تہ ڇورو ڇتو ٿيو آهي، خوار خراب ٿيو آهي جو نياڻين نينگرين اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي، سو اتڻ شرط منهنجي شاديءَ جي چڪر ۾ پئجي ويئي، ان اميد تي تہ جوڻس اچي ٺيڪ ڪندي. امان وڏي جفاڪشي ڪان پوءِ سندس چوڻ موجب، هڪ وَس جهڙي، ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي ڇوڪري منهنجي لاءِ پسند ڪئي ۽ ڪانئن منهنجي لاءِ سڱ ونڻ ويئي. چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي ڇوڪريءَ جي مائٽن امان کي اهو چئي ٽپ جواب ڏنو تہ. "اسين پنهنجي ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن خچر سان هرگز نہ ڪرائينداسين، مائي. اسان کي سڀ خبر آهي. تنهنجو پٽ افسانا لکندو آهي."

امان کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو ان ڳالهہ جو. اتان موٽي آئي، ۽ چيو هئائين، "موئا ماريا، افسانا لکڻ بند ڪر تہ ڪٿان ڪا ڀانهن مليئي."

مون امان کي جواب ڏنو هو. چيو هوم، "مان، منهنجو وجود، منهنجا افسانا سنڌ ديس جي ڌرتيءَ لاءِ آهن. تون چنڊ جهڙي ڇوڪريءَ جي ڳالهہ ٿي ڪرين، مان سنڌ ديس جي ڌرتيءَ لاءِ سڄي دنيا کان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. مان سنڌ لاءِ جوڳي ٿي جوڳ وٺندس."

امڙ جي هنياءَ ۾ هٿ پيو هو. چيو هئائين، "حالتون ٺيڪ ناهن. شادي وجي ٻن پوي. تون ڪجهہ عرصي لاءِ لکڻ ڇڏي ڏي. حالتون ٺيڪ ناهن."

"اهو چو نٿي چوين تہ جيئڻ ڇڏي ڏيان." مون وراڻيو هو. "جيڪي ڌرتي ماءُ جا لال آهن، تن لاءِ حالتون تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ ٺيڪ نہ هونديون آهن. مان سنڌ جي نئين ٿهيءَ مان آهيان، نئين ٿهيءَ لاءِ آهيان. سنڌ جي سرويچن جي اينڌڙ ٿهي اسان جي رت ڦڙن مان نسرندي، ۽ اُسرندي. سنڌ اسان لاءِ مڪو آهي، مدينو آهي، سنڌ اسان لاءِ ڪاشي آهي، مٿرا آهي. سنڌ اسان لاءِ پيڪنگ آهي، ماسڪو آهي، واشنگٽن آهي. اسين ان اقرار جا انڪاري ناهيون. اسين ڏوهي آهيون، جيڪڏهن ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ڏوهہ آهي."

اهو جواب ورهيه ٿيا جو مون پنهنجي ماءُ کي ڏنو هو.

اڄ مان سنڌ جي تاريخ ساز نسل آڏو بيٺو آهيان. اڄ مان سنڌ جي هوشن، هيمن ۽ دودن آڏو بيٺو آهيان.

اڄ منهنجي ماءُ جيئري ناهي، پر اسان جي سنڌ جيئري آهي، ۽ قيامت تائين جيئري رهندي. ان عرصي ۾ اهو ڄاڻندي به ته ڌرتيءَ جا گهوٽ اڻموٽ مٽيءَ سان لائون لهندا آهن، ۽ عورت سنڌن زندگيءَ ۾ ٻئي درجي جي ثانوي حيثيت رکندي آهي. مون اتفاق سان شادي ڪئي، ۽ پنهنجي هٿن سان پاڻ کي ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيم ـ پر منهنجي وجود جو هڪ ٽُڪر سنڌ جي مٽيءَ ۾ پيوت آهي.

عام طرح سمجهيو ۽ ڇيو ويندو آهي ته امر جليل جنگجو قسم جا، ۽ باغي نموني جا افسانا لکندو آهي. مان سڄڻ جي خيال آڏو ڪنڌ جهڪايان ٿو ۽ سندن راءِ تي رايو نه ٿو ڏيان. هتي مان فقط ايترو چوندس ته امر جليل جي ڪاري، ڪوجهي ۽ ڪارونجهر جهڙي ظاهر پٺيان هڪ بيچين روح به لڪل آهي، جنهن کي ازل کان هڪ بيغرض ۽ سنڌوءَ جهڙي سرڪش محبت جي جستجو رهي آهي. امر جليل جي دل رت ۽ الفت جو سنگرام آهي. امر جليل هڪ شخصيت جو نالو ناهي. امر جليل مختلف ٽُڪرن جو نالو آهي. اُهي ٽڪر هڪٻئي کان ڌار، خودسر ۽ خودمختيار آهن. انهن ٽڪرن مان هڪڙو سرڪش آهي، باغي آهي. ٻيو خود ڪوي آهي ۽ اياز جو عاشق آهي. ٽيون پيار جو پوڄاري آهي. چوٿون جوڳي جوڳ سندو آهي. پنجون سر سان ڪفن ٻڌي گهوٽ اڻموٽ جهڙن مستن جي قطار ۾ بيٺو آهي. انهن ٽُڪرن جي طبيعت هڪ ٻئي کان ڌار آهي. پر اهي سمورا ٽُڪر هڪ زنجير جي ڪڙين ۾ جڪڙيل آهن، جنهن زنجير جو ٻيو پاسو سنڌ جي تحت السرا ۾ قائل آهي.

وطن پرستي ۽ محبت تي مون هڪ ڪهاڻي ”جڏهن مان نه هوندس“ لکي آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ مرڪزي ڪردار ۽ هڪ ٻئي ڪردار يوسف جي وچ ۾ گفتگو جي دوران يوسف مرڪزي ڪردار کان پڇي ٿو ته. ”وطن پرست بنيادي طرح رومئنٽڪ ڇو چوندا آهن“؟

مرڪزي ڪردار جواب ڏئيس ٿو ”ڇو جو عورت ۽ ڌرتيءَ ۾ بنيادي مشابهت آهي. ٻئي پنهنجن سرويچن جي رت جي سيندور سينڌ ۾ وجهي، قيامت تائين سندن ياد تازي رکنديون آهن.“

منهنجا دوستو جڏهن منهنجي روح جي چاهت بيچين ٿي ڪنهن کي ڳولڻ لڳندي آهي، جڏهن دل ڪنهن پاچولي جي پيار لاءِ ڦٿڪي اُٿندي آهي، ۽ جڏهن گذريل گهڙين جي ڪا ياد لاشعور ۾ ٻهر جي ڪنڊي وانگر چيڀڙ لڳندي آهي، تڏهن مان ان عذاب مان اُٿل ڪائي ڪا اهڙي ڪهاڻي لکي ويهندو آهيان، جيڪا ڪڏهن ”هڪ دل جي اڪيلائي“ ٿي شايع ٿيندي آهي. ڪڏهن ”دل جي دنيا“، ڪڏهن، ”برف جو تاج محل“، ڪڏهن، ”پٿر ۽ پيار“ ۽ ڪڏهن، ”هڪ ياد جو ماتم“، ٿي منهنجي وجود مان چيرجي ڪپجي ٻاهر ايندي آهي، ۽ مان اُن ڪهاڻيءَ جو تاثر پنهنجي روح ۾ ماضيءَ جي ڪنهن ياد وانگر دفن ڪري ڇڏيندو آهيان.

يادگيريون ذهن جي مقبرن ۾ قيد ٿي، ٻوساٽجي مري وينديون آهن. پر مان اُنهن مقبرن کي نابود ڪري، پنهنجي غم جا تابوت ڪٽي، ڪنهن ياد جو ماتم ڪندو آهيان. ■

1972

# اعتراف جي شام

جيستائين الهام ۽ انڪشاف جا در بند هئا، تيستائين سمجهندو هوس تہ مان دنيا جي اُنهن بدبخت ۽ بد نصيب انسانن منجهان هڪ آهيان جن کي تقرير ڪندي تپ چڙهندو آهي. اُنهن ڏينهن ۾ رسول بخش پليجي کي فصاحت ۽ بلاغت سان تقرير ڪندي ڏسي ۽ ٻڌي مان حيران گهٽ، ۽ پريشان وڌيڪ ٿيندو هوس. هو پنهنجن لفظن جي چونڊ، ۽ جُملن جي جوڙجڪ سان مون کي ڏاڍو متاثر ڪندو هو بلڪ ماري وجهندو هو. مان اڪثر سوچيندو هوس، ڪاش رسول بخش پليجو ڇوڪري هجي ها، ۽ مان ساڻس اهڙي محبت ڪريان ها، جنهن جا مثال دنيا قيامت تائين ڏيندي رهي ها. پر، ائين ٿي نہ سگهيو.

مان رکي رکي سوچيندو آهيان، ۽ الله سائينءَ جو شڪر ادا ڪندو آهيان تہ انهن ڏينهن ۾، جن ڏينهن ۾ رسول بخش پليجي پنهنجين طلسمي تقريرن سان منهنجي زندگيءَ ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو مان ڇوڪري نہ هُئس. ڇوڪري هجان ها تہ پليجي جون تقريرون ٻڌي وڃجي وڃان ها، ۽ سڄي عمر پڇتايان ها. ٻاروچل جي چڪر ۾ چري ٿي پوان ها.

اوهين مهرباني ڪري معنيٰ در معنيٰ ڪڍڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. منهنجي چوڻ جو سليس مطلب آهي تہ تقرير ڪرڻ وارن کي تقرير ٻڌڻ وارن جي ڪيفيت جي ڪل ئي نہ پوندي آهي. مون گهڻو ڪري تقرير ٻڌڻ وارن جو مٿو ڦاٽل ڏٺو آهي. مون اڄ تائين ڪنهن تقرير ڪرڻ واري جو مٿو ڦاٽل نہ ڏٺو آهي.

رسول بخش پليجي جي سياست، ۽ سياسي وابستگيءَ سان منهنجو ڪو واسطو ڪونهي. رسول بخش پليجو منهنجو دوست آهي، مون کي وڻندو آهي، ۽ ڏاڍو خوش نصيب آهي. خوش نصيب اِن ڪري آهي جو عورت نہ آهي، ۽ مون جهڙي مجنونءَ کان بچي ويو آهي. هو خوش نصيب اِن ڪري بہ آهي جو مان عورت نہ آهيان، بلڪ ڇوڪري

نہ آهيان، ورنہ
حجر جا گيت ڳائي سندس ننڊ حرام ڪري ڇڏيان ها.

اِهو قطعي غلط آهي تہ جيل ۾ رسول بخش پليجي کي ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندا هئا. باوثوق ذريعن کان خبر پيئي آهي تہ جاڳائڻ بدران جيل ۾ رسول بخش پليجي کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. هو جيستائين جاڳندو هو، تيستائين تقريرون ڪري جيل جي عملي کي توائي ڪري ڇڏيندو هو. هڪ ڀيرو جيلرن خودڪشيءَ جي بہ ڪوشش ڪئي هئي. اُن کان پوءِ اسلام آباد مان آرڊر آيو تہ جيل ۾ هر قيمت تي، ۽ هر صورت ۾ پليجي کي ننڊ ڪرايو ڪيس جاڳڻ نہ ڏيو.

هڪ دفعي چوائي موڪليو مانس، "يار پليجا! ملاقات جو امڪان آهي؟" جواب موڪليائين، "ملنداسين، چونہ ملنداسين، سپني ۾ ملنداسين." خبر پيئي تہ ننڊ جون گوريون کارائي ڇڏيون هئائونس، ننڊ ۾ هو.

رسول بخش پليجي سان ملاقات ٿي، ننڊ ۾ نہ، پر جاڳندي، سجاڳيءَ ۾. اسان جي ملاقات راولپنڊيءَ جي پراڻي پريزيڊنسيءَ ۾ ٿي جنهن ۾ اڄ تائين جنرل ضياالحق جي آتما ڀٽڪندي رهندي آهي. ڪيس مُڪتي ملي نہ سگهي آهي. هو بهاولپور ۾ هرڪيوليس جهاز ڪيرائڻ وارن جي ڪِرِ آهي.

موقعو مهل تہ ياد ناهي، پر سمجهان ٿو عيد ملن، يا چاند گرهڻ قسم جو ڪو موقعو هو. پراڻي پريزيڊنسيءَ ۾ بينظير ڀٽو جي سڏ تي انيڪ فوجي، ۽ ڀانت ڀانت جا بدبودار بيوروڪريٽ ڀيٽيس ۽ سينڊوچ کائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. بدبودار بيوروڪريٽس ۾ مان بہ شامل هوس. اجايو پيپلس پارٽيءَ وارن کي وٺي ويو هوس. بہ پوسٽون منهنجي حوالي ڪري ڇڏيائون، پر، ڀڳهار هڪ ڏيندا هئا. پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس جو ڊائريڪٽر جنرل ڪيائون، ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ مقرر ڪري ڇڏيائون. هڪ دفعي موقعو مليو تہ چيو مانِ، "مهربانو، قدردانو هڪ ڀڳهار تي بہ نوڪريون ڪرڻ لاءِ مان تيار آهيان، پر ورهين کان منهنجي مٿان ملڪ ڊاهڻ ۽ سنڌو ديش ناهڻ ۽ نوجوانن کي ملحد ڪرڻ وارا ڪيس تہ ختم ڪريو. رٽائر ٿيم تہ

پينشن نہ ملندي“

چيائون، ”تنهنجا ڪيس ايجنيسن جي حوالي آهن. ايجنسيون اسان جي ماتحت نہ آهن. اسين ايجنسين جي ماتحت آهيون. تون الله جو نالو وٺي هڪ پگهار تي بہ نوڪريون ڪندو رهہ. ملڪ جي اقتصادي حالت ٺيڪ نہ آهي. الله آجرُ ڏيندوءِ.“

ماڻهن جي ميلي ۾ انيڪ سياستدانن جي درميان مون کي رسول بخش پليجو مِلي ويو. ورهين کان پوءِ ڏٺو هو مانس. ياڪر پائي مليو مانس. حال احوال ورتائين، پر پيٽيس نہ ڪاڏائين. سندس حصي جي پيٽيس مون کائي ڇڏي. پاڻ وڃي سياستدانن جي انبوهہ ۾ ويٺو. سوچيم، شايد تقرير ڪندو. پر تقرير نہ ڪيائين. بينظير جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن کي تقرير ڪرڻ جي مجال نہ هئي. تقرير ڪرڻ ۾ هوءَ سڀني سياستدانن جي ناني هئي.

بينظير کي تقرير ڪرڻ جو هنر برطانيہ جي يونيورسٽين مان هٿ لڳو هو جتي هوءَ ڊبيٽن ۾ سڀني کي ماري مات ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ آخر تائين تقرير ۽ ڊبيٽ ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهي. هوءَ هر تقرير کي ڊبيٽ سمجهي ڪپ کٽي هلي ويندي هئي. هوءَ تقريرن ۾ زبردست ڊبيٽ ڪندي هئي، ۽ تقريرن ۾ ملڪ جا سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ مالي مسئلا حل ڪري هلي ويندي هئي. ڍاڍا ڪپ ۽ ٽرافيون کٽيائين.

هڪ دفعي تاريخ ساز تقرير ڪيائين. انعام ۾ کيس آصف علي زرداري ڏيئي ڇڏيائون. اُن کان پوءِ هوءَ ڪڏهن بہ ڪو ڪپ، ڪا ٽرافي کٽي نہ سگهي.

تمام پراڻي ڳالهہ آهي. تندي نوڙهي ۾ پڪوڙا پي ڪاڏم. اوچتو پٿرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. آسمان ڏانهن ڏٺم. ابابيل نظر نہ آيا. ڊوڙ پائي قبرستان ۾ هڪ ڀڳل قبر ۾ وڃي پناهہ ورتم. قبر ۾ موجود مڙدي اعتراض ڪندي پڇيو. ”اڙي تون لاهور جي مشهور قبضہ گروپ جو ميمبر تہ ناهين!“

وراڻيم، ”مان ٿوري دير لاءِ مري ويو آهيان. پٿرن جو وسڪارو ختم ٿيڻ شرط مان جيئرو ٿي پوندس، ۽ هتان هليو ويندس.“

مڙدو سنڌي هو. منهنجي آئو ڀڳت ڪيائين، ۽ پيئڻ لاءِ مون کي

پنگ ڏنائين.

ٿوري دير کان پوءِ پٿرن جو وسڪارو ختم ٿيو. مان جيئرو ٿي قبر مان ٻاهر نڪري آيس. پٿرن جي وسڪاري بابت خدا جي خلق کان حال احوال ورتم. خبر پيئي ته مير رسول بخش ٽالپر ٽنڊي مستي خان ۾ تقرير پئي ڪئي. مون کي حيرت ٿي. مون هڪ بدحال دانشور کان پڇيو "ڪهڙو سبب آهي جو مير رسول بخش ٽالپر ٽنڊي باگي، ٽنڊي آغا ۽ ٽنڊي الهيار بدران ٽنڊي مستي خان ۾ وڃي تقرير ڪئي آهي؟"

دانشور منهنجو جائزو وٺندي چيو "تون رڇ آهين. توکي اِها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي. فلسفي جي ڳالهه آهي."

چيم، "مان مداريءَ جو رڇ آهيان. ڏگڏگيءَ جو آواز ٻڌي ٻن پيرن تي بيهي نچي سگهندو آهيان. تون مون کي ٽنڊي مستي خان جي باري ۾ ڪجهه ٻڌاءِ."

چيائين، "اِها هستيءَ ۽ مستيءَ جي ڳالهه آهي. تنهنجي عقل کان بالاتر آهي."

ڪيس عرض ڪندي چيم،"ايترو ڪٺور نه ٿيءُ، دانشور. مون کي مستيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌاءِ."

دانشور کي منهنجي حال تي رحم آيو. هن چيو "جڏهن ڪو صوبو مضبوط مرڪز سان وچڙندو آهي، تڏهن مستي ڪندو آهي. ۽ مضبوط مرڪز جڏهن ڪنهن صوبي کي سڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تڏهن خرمستي ڪندو آهي."

مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

رات جو چمڙن ۽ چٻرن سان گڏ مان به جاڳندو آهيان، تنهن ڪري دوستن کان سواءِ اوڙي پاڙي وارا مون کي تهجد گذار سمجهندا آهن. اُماوس جي رات هئي، مون خدا کي چيو "مون خوديءَ کي بلند ڪيو آهي. هاڻي تون خدا مون بندي کان پڇ ته منهنجي رضا ڪهڙي آهي؟ منهنجي رضا اِها آهي ته تون الهام ۽ انڪشاف جا بند در کولي ڇڏ. مون کي ٻڌاءِ ته مون کان علاوه ٻيا ڪير بدبخت ۽ بدنصيب آهن جن کي تقرير ڪندي تپ چڙهندو آهي."

خدا چيو "پاڪستان مان منهنجو دور ختم ٿيو. ماڻهن ۽ ٽيليويزن

وارن خدا حافظ بدران الله حافظ چوڻ شروع ڪيو آهي."

مون کي حيرت ٿي. چيم، "تنهنجو يعني خدا جو قسم کڻي مون کنهن سان قيامت تائين واعدو وفا ڪرڻ جو اقرار ڪيو هو. اُن جو ڇا ٿيندو؟"

خدا چيو "واعدو وفا نہ ڪر. منهنجو دور ختم ٿيو. تون آزاد آهين."

پڇيم، "تنهنجو قسم کڻي ڪوڙن شاهدن هزارين بيگناهن کي ڦاهيءَ تي چاڙهائي ڇڏيو. انهن جو ڇا ٿيندو."

"منهنجي دور سان گڏ هنن جا گذريل گناهہ معاف ٿي ويا." خدا چيو "هينئر هو عدالتن ۾ الله جو قسم کڻي ڪوڙي شاهدي ڏيندا. هاڻي هو ڄاڻن، هنن جو الله ڄاڻي. باقي ٽيليويزن وارن منهنجو دور ختم ڪري ڇڏيو."

مون الله سائينءَ کي چيو "مان تنهنجي ۽ خدا جي وچ ۾ نہ پوندس. تون ڄاڻين، خدا ڄاڻي ۽ ٽيليويزن وارا ڄاڻن. بس تون منهنجي لاءِ الهام ۽ انڪشاف جا در کولي ڇڏ."

مون کي ننڊ اچي ويئي، يا مون کي ننڊ کڻي ويئي. مون کي ڪا خبر ڪونهي. مان اڄ تائين فيصلو ڪري نہ سگهيو آهيان تہ مون کي ننڊ ايندي آهي، يا ننڊ مون کي کڻي ويندي آهي! مان سمهي پوندو آهيان.

الله سائينءَ سان ڳالهائڻ کان پوءِ مان سمهي پيس. منهنجي لاءِ الهام ۽ انڪشاف جا سمورا در، دريون، دروازا، ڳڙکيون ۽ روشندان کُلي پيا. خبر پيئي تہ مان دنيا ۾ اڪيلو بندو گندو نہ آهيان جنهن کي تقرير ڪندي تپ چڙهندو آهي. پاڪستان جا پريزيڊنٽ، وزيراعظم، وزير ۽ نالي ماتر وزير يعني State Ministers بہ تقرير ڪري نہ سگهندا آهن. هو پگهار تي تقريرون لکائيندا آهن، ۽ جلسن، ۽ ڪانفرنس ۾ ماڻهن کي تقرير پڙهي ٻڌائيندا آهن.

هڪ دفعي پگهار تي تقريرون لکڻ وارن بہ تقريرون لکيون، هڪ پريزيڊنٽ لاءِ، ۽ ٻي وزيراعظم لاءِ. هڪ تقرير ميلہ مويشيان ۾ پڙهڻ لاءِ هئي جنهن ۾ جانورن جي افزائش، ۽ سار سنڀال بابت ڪارآمد ڳالهيون لکيل هيون. اُها تقرير پريزيڊنٽ کي ميلہ مويشيان ۾ پڙهڻي هئي. ٻي تقرير اديبن جي قومي ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ لکي ويئي هئي. اُن تقرير ۾

پگهار تي تقريرون لکڻ واري اديبن کي لکڻ ۽ پڙهڻ جي فن کان آگاهہ ڪيو هو. هن ليکڪن کي ٻڌايو هو تہ ناول، ڪهاڻي، ڊرامو، گيت، غزل ۽ نظم ڪهڙي پيرائي ۾ ڪڏهن لکجن، ۽ ڪڏهن نہ لکجن، ۽ ڇو لکجن. هن پنهنجي تقرير ۾ اديبن کي هڪ ڪم جي صلاح ڏني هئي، ”جيڪڏهن حاڪم وقت جي ساراهہ جا ڏِڪ پري نہ سگهو تہ پوءِ زهر جو پيالو پي ڇڏجو.“ اُها تقرير اديبن جي قومي ڪانفرنس ۾ وزيراعظم کي پڙهڻي هئي.

بدقسمتيءَ سان فائيل بدلجي ويا. ميلہ مويشيان ۾ پريزيڊنٽ ڍورن ۽ ڍڳن کي مفيد ۽ ڪارآمد ادب جي رازن ۽ رمزن کان آگاهہ ڪيو. ساڳي طرح اديبن جي قومي ڪانفرنس ۾ وزيراعظم اديبن کي جانورن جي سار سنڀال، ۽ افزائش بابت مفيد مشورا ڏنا، ۽ دهل جي تاپ ۽ شرناءِ جي سُرن تي پوئين ٻن ٽنگن تي بيهي نچڻ واري گهوڙي جي ساراهہ ڪئي. هن وڏن سڱن وارن ڏاندن ۽ سانن لاءِ انعامن جو اعلان ڪيو.

اوهين سوچيندا هوندا تہ هينئر مان اوهان کي اُن پريزيڊنٽ ۽ اُن وزيراعظم جو نالو ٻڌائيندس، جن جانورن کي ادب جي اُفاديت کان آگاهہ ڪيو هو ۽ ليکڪن کي اُن گهوڙي کان سبق سکڻ جو درس ڏنو. جنهن دهل جي تاپ ۽ سرناءِ جي سُرن تي نچي ڏيکاريو هو!

نہ بابا سائين نہ. مان هينئر اُهو اِگوٺو احمق امر جليل نہ رهيو آهيان. مان خدا جي فضل سان، بلڪ الله سائينءَ جي فضل سان هينئر عاقل ۽ بالغ ٿي پيو آهيان. منهنجي شاديءَ لاءِ هينئر مناسب رشتا بہ اچڻ لڳا آهن. مون کي خيرن سان مضبوط مرڪز واري شهر اسلام آباد بہ موتي وڄڻو آهي. تنهن ڪري مان اوهان کي نہ پريزيڊنٽ جو نالو ٻڌائيندس ۽ نہ ئي وزيراعظم جو. اِهو ئي سبب آهي جو مون ڳالهہ ”هڪدفعي“ واري پيرائي ۾ ڪئي آهي، ۽ وقت ۽ مقام کان آزاد ڪري ڇڏي آهي. ”هڪدفعي“ واري پيرائي ۾ حاتم طائي بہ اچي ويندو آهي. ”هڪدفعي“ واري پيرائي ۾ هارون ۽ مامون رشيد بہ اچي ويندا آهن. ”هڪدفعي“ واري پيرائي ۾ الہ دين، الہ دين جو چراغ، ۽ چراغ جو جن بہ اچي ويندا آهن. ”هڪدفعي“ واري پيرائي ۾ علي بابا، ۽ چاليهہ چور بہ اچي ويندا آهن، جن جو تعداد اڄڪلهہ وڌي ويو آهي. ۽ هونءَ بہ، بابا

سائين، نالي ۾ چا رکيو آهي!

مون کي شينهن سڏائڻ جو شوق هوندو هو. هڪ مئل شينهن جي کَل وٺي پائي ڇڏيم. شينهن سڏجڻ ۾ آيس. هڪ دفعي شينهن جا شڪاري آيا. اِن کان اڳ جو گولي هلائي منهنجو انت آڻين، مون شينهن واري کل لاهي کين ڏيئي ڇڏي. شينهن جي کل هيٺان گدڙ ڏسي هو ڏاڍو حيران ٿيا. هنن جو شينهن تان ويساهه کڄي ويو. هنن تاريخ ۾ لکيو: شينهن درحقيقت شينهن نه هوندا آهن. شينهن جي کل هيٺان گدڙ هوندا آهن.

اُهو تاريخي دستاويز لنڊن واري اِنڊيا لائبريري ۾ موجود آهي. مان اڪثر سوچيندو آهيان ته شينهن کي جيڪڏهن ازل کان گدڙ سڏيو وڃي ها ته اڄ هر هنڌ گدڙن جي هاڪ هجي ها، ۽ ويڙهاڪ شير بدران گدڙ سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ها.

ورهيه وهامي ويا، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نوڪري ڪندو هوس. ڪو ڏينهن پئي ملهايائون، يا ڪو هفتو پئي ملهاياائون، مون کي ٺيڪ سان ياد ڪونهي. گذريل 52 سالن کان اسان ايتريقدر ته پاڻ ملهايو آهي، جو هينئر ملهائڻ لاءِ ڦٽاڪن هلائڻ کان سواءِ اسان وٽ ڪجهه باقي نه بچيو آهي. ريڊيو پاڪستان جي هيڊڪواٽرز مان حڪم آيو: مسلمان فيلسوفن، دانشور ۽ اديبن تي به ٿي زبردست قسم جا پروگرام ڪري ڇڏيو. مان پروگرام مينيجر هوس. پروڊيوسرن کي چئي مسلمان فيلسوفن، دانشورن ۽ اديبن تي زبردست پروگرام ڪرائي ڇڏيم. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ تعريفي خط بدران تنبيهه وارو خط مليو. لکيو هئائون: خليل جبران جهڙي عظيم مسلمان فيلسوف ۽ اديب کي پروگرامن مان دانسته نظر انداز ڪري تو ڪوتاهي ڪئي آهي. هاڻي بڌاءِ ته توکي گهٽ ۾ گهٽ ڏموت (عهدي ۾ گهٽ) ڇونه ڪيو وڃي!

اڄ ويهين صديءَ جي آخري سج گرهڻ ٿي آهي. رات شهاب ثاقب ڪرندا. تنهنڪري، اڄوڪي شام کي مان اعتراف جي شام سمجهان ٿو.

اڄ کان پنجويهه - ٽيهه سال اڳ حيدرآباد ۾ مون سان پهرين ادبي شام حميد آخوند جي ڪوشش سان ملهائي هئائون. اڄوڪي شام جيڪا ممڪن آهي ته منهنجي آخري شام هجي، حميد آخوند جي

توسط سان تي آهي. انهن ٽيهن پنجٽيهن سالن ۾ حميد هڪ دلبر دوست ۽ ننڍي ڀاءُ وانگر هر سطح تي منهنجي لاءِ وڙهندو رهيو آهي. منهنجي لاءِ اعليٰ اختياريءَ وارن سان وڙهندو رهيو آهي. منهنجو دفاع ڪندو رهيو آهي. مون کي پروموٽ ڪندو رهيو آهي.

هڪ دور تمام طويل، تڪائيندڙ ۽ جهوري وجهڻ جهڙو آيو هو. پنهنجين تحريرن ۾ ملڪ ٽوڙڻ، سنڌو ديش ٺاهڻ ۽ نوجوانن کي ملحد ڪرڻ جهڙا الزام مڙهي ورهين جا ورهيه انڪوائريون ۽ آڏيون پڇائون هليون هيون. هڪ حميد کان سواءِ سمورا دوست جيڪي سرڪاري نوڪرين ۾ هئا، منهن موڙي گم ٿي ويا. حميد پنهنجو پيرو نه ڇڏيو. ساٿ نه ڇڏيو. هڪ اڌ ڏينهن لاءِ اسلام آباد ايندو هو ته ڳولي هٿ ڪري وٺندو هو. وڏو وڙ اٿس. اهڙي ئي دوستي احمد فراز سان نڀائي اٿائين. ويندي جو احمد فراز جڏهن جلاوطن هو تڏهن به حميد سندس ساٿ نه ڇڏيو.

حميد تمام گهڻو ٽريول ڪيو آهي، ۽ تمام گهڻو پڙهيو آهي. جنهن جنهن ملڪ ويو اُتان ڪتابن جي پيري ڪڇي موٽندو آهي. دنيا جي انيڪ جديد ليکڪن ۽ سندن ڪتابن ۽ تحريرن جي باري ۾ مون پهريون دفعو حميد کان ٻڌو ۽ سکيو آهي.

مون کان اڪثر ورائي ورائي پڇيو ويو آهي، "هينئر ته تون رٽائر ٿي چڪو آهين. سنڌ ڪڏهن موٽندين؟"

مان خوابن جي سهاري جيئندو آهيان، ۽ خوابن جي سهاري مري ويندس. تعبير ڏسي نه سگهندس.

ڏهن سِرن وارن ٽيهه سال اڳ مون کي سنڌ لاءِ ناقابل قبول قرار ڏنو هو. جينوٽيڪ مون وٽ ڪشتيون نه هيون. مان سمورا آگبوٽ، ڪشتيون ۽ ٻيڙيون ساڙي هتان هليو ويو هوس. اسان سنڌين جي وجود ۾ مارئيءَ جو واسو آهي. اِها ڳالهه ٻي ڪنهن قوم کي سمجهه ۾ نه ايندي آهي. مون آمريڪا ۾ آباد سنڌين کي سنڌ لاءِ واجهائيندي ڏٺو. سنڌ لاءِ فڪرمند ڏٺو.

مان اوهان سڀني کي ڇتاءُ ٿو ڏيان، خاص ڪري قاسم آباد ۾ رهڻ وارن سنڌين کي، ته مان عنقريب موٽندس، ۽ قاسم آباد ۾ اچي رهندس. هونءَ ته منهنجي وڏي نيڪنامي آهي، پر مان اوهان کان پُڇيندس.

دل ۾ نہ ڪجو پنهنجا پاڻ ۾ آهيون. مان اوهان کان منٿليون ٻہ ونندس. مان دڪانن تان سيڏو سامان مفت ۾ ڪٽندس. هوٽلن تي ماني کائي پيسا نہ ڏيندس. جيڪڏهن ڪنهن پيسا گهرڻ جي همٿ ڪئي تہ اُن جي پڳ لاهي پَٽ تي رکندس.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مان اوهان کي ٽيش ۾ گاڏي هلائيندي، ۽ اڪثر دادا گيري ڪندي نظر ايندس.

مان اوهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ سنڌ جا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کلڻ نہ ڏيندس. امتحان ٿيڻ نہ ڏيندس. هاسٽلن تي قبضو ڪري ويهي رهندس. ڪنهن ٽيچر يا شاگرد اعتراض ڪيو تہ ڪيس موچڙا هڻندس، ۽ ضرورت پيئي تہ ڪيس گولي هڻي ڇڏيندس.

سنڌ واسيو! خاص ڪري قاسم آباد جا رهواسيو! مايوس نہ ٿيو. مان عنقريب اوهان جي وچ ۾ اچي رهندس ۽ اوهان جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جا ڪايا پلٽي ڇڏيندس. اِن ڪم کان مون کي ڪوبہ روڪي نہ سگهندو. آئي جي منهنجي مامو ڊي آئي جي منهنجو ماروٽ. ايس پي منهنجو پيات ۽ ايس ايچ او منهنجو ٽيلينٽڊ ڪزن آهي.

پنهنجي انقلابي ڪم ۾ رخني جو انديشو مون کي پنهنجي ننڍپڻ جي دوست، آرٽسٽ، ۽ وڏي ويڙهاڪ ظفر ڪاظميءَ کان آهي. پر، هينئر هو پوڙهو ٿي چڪو آهي. منهنجي انقلابي ڪم ۾ دخل اندازي ڪيائين تہ ناڪ آئوٽ ڪري ڇڏيندو مانس.

اوهين منهنجي اچڻ جو ۽ انقلاب جو انتظار ڪيو. خوابن جي ڍير تي تعبيرن جي چتا کي باھ ڏيڻي ڇڏيندا سين.

مان حميد آخوند جو شڪر گذار آهيان جنهن مون کي اوهان سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو. مان اوهان سيني سنگتي ساٿين جو ٿورائتو آهيان، اوهان وڏي تحمل سان مون کي ٻڌو ۽ برداشت ڪيو. ■

1999

# ڪا شام هجي ۽ لهندڙ سج جي لام هجي

اج ڪلهه جو دور تقرير بازيءَ جو دور آهي. جيڪو گهر کان رُسي، هڪ عدد تقرير هنيو ڇڏي، مان گهر کان رنڊل نہ آهيان، پر تنهن هوندي بہ هڪ تقرير ضرور ڪندس. سياسي جلسو هجي، يا ادبي محفل، چوپائي مال جي نمائش هجي، يا موسيقيءَ جي محفل، تقرير ضرور ٿيندي آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ تقرير ڪرڻ وارو تقرير ٻڌڻ وارن کي دنيا جو چيمپئن بور ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڪٽر هيو گو جي ناول "هنچ بئڪ آف ناٽر ڊيم" جي ڪبڙي عاشق ڪسيمڊو جهڙو پوڪ نظر ايندو آهي. دوستو! ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ اُٺ جيڏي غلطي ڪرڻ کان پوءِ، ساڳي غلطي ٻيهر نہ ڪندو آهي پر ــ هڪ تقرير ڪرڻ کان پوءِ بہ تقرير ضرور ڪندو آهي. مان پنهنجي زندگيءَ جي پهرين تقرير ڪيان ٿو ۽ جيڪڏهن ماحول سازگار رهيو، يعني ماڻهن کي بور ٿيڻ تي آماده ڏٺم، تہ انشاالله تقريرن جو سلسلو جاري رکندس. ۽ موقعي لاءِ پيو واجهائيندس. هڪ ڳُهنہ مشق تقريرباز جو قول آهي، تہ ڪنن آنن ۽ ڪنن ٽماٽن جي موسم ۾ هرگز تقرير ڪرڻ نہ گهرجي، ۽ پيو تہ تقرير ٻڌڻ وارن کي اولهندي منهن، يعني ڪعبتہ الله ڏانهن منهن ڪري نہ ويهارجي، ڇو جو سندن دل مان تقرير ڪندڙ لاءِ بد دعا نڪرندي آهي، جيڪا صحيح رخ هئڻ سبب جلد اگهامندي آهي.

دوستو! توهان تي تقرير ٻڌڻ جو جيڪو عذاب نازل ٿيڻ وارو آهي، تنهن لاءِ مان توهان کان ۽ خدا کان معافيءَ جو طلبگار آهيان.

ڪجهہ عرصو اڳ پاڪستان ڪائونسل جي ڊائريڪٽر حميد آخوند مون سان جڏهن هڪ شام ملهائڻ جو ذڪر ڪيو هو تڏهن اِهو چئي پنهنجي جان بچائي هيم تہ "ادا، شام اُن سان ملهائجي جنهن پاڻ موڪيو هجي، پاڻ ملهايو هجي. ۽ جنهن جي ٽوپي ۾ سرخاب نالي ڪنهن

پارسيءَ پکيءَ جو ڪنب لڳل هجي. بدقسمتيءَ سان مون اِهو سرخاب پکي خواب ۾ بہ نہ ڏٺو آهي. ۽ ٻيو تہ مان ٽوپي پايان ڪونہ. جيڪڏهن اتفاق سان ٽوپي پايان بہ ها، تہ منهنجي ٽوپيءَ ۾ سرخاب جو نہ، پر سنڌي جهرڪيءَ جو ڪنب لڳل هجي ها.“ حميد آخوند کي هڪدم ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. زور نہ پريائين.

پوءِ اوچتو ٻہ چار منصف مهربان ٿا مهر جي نظر ڪيائون. ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان 69ـ1970 جو ادبي انعام ڏنائون. حميد آخوند آيو. چيائين، ”ڏي خبر، هينئر تہ هڪ شام ملهائجي“. وراڻيم، ”ها سائين، ڪيپ ڪٽي اٿم. آسمان مان پيچڙ تارو ٽٽيو اٿم: توهين پل ”هڪ شام“ ملهائڻ جو بندوبست ڪيو. دوست گهمندا ڦرندا هليا آيا تہ اُنهن کي، نہ تہ خالي ڪرسين کي خوب بور ڪري هليو ويندس“.

سائين، پاڪستان رائيٽرس گلڊ، جيڪا پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۽ رويي ۾ اسرائيل جي گولڊا ميئر جي همعصر آهي، تنهن جڏهن پنجسو رپين جي قاروني انعام جو اعلان ڪيو تڏهن مان سچ پچ منجهي پيس. سوچيم، انهن پنجسو رپين مان تاج محل اڏايان، ريل گاڏي وٺان، يا سڄو سنئون آمريڪا جي هينري فورڊ خاندان سان سرمائيداريءَ جو مقابلو ڪيان. مون پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سيڪريٽريءَ کي لکي موڪليو: ”اي سخي بابا، علائقائي اديبن کي پنج پنج سئو رپين جا انعام هڪدم نہ ڏيو، قسطن ۾ ڏيو. اسين خوشيءَ وچان سجدي ۾ نہ ڪري پئون ــ ۽ ٻيو تہ ويچارن بنگالي ۽ اردو اديبن سان ايڏي جٽ ۽ ناانصافي چو ٿي ڪئي وڃي، جو هنن ويچارن کي فقط ٻہ لک چاليهہ هزار رپيا انعام ۾ ڏنا وڃن ٿا. ٻہ لک چاليهہ هزار رپين جا خسيس انعام بہ ڪي اِنعام آهن! هنن ويچارن کي بہ علائقائي اديبن وانگر پنج پنج سئو رپين جا قاروني ۽ زبردست انعام ڏنا وڃن.“ سائين، خط جو جواب پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سيڪريٽري صاحب وٽان نہ آيو. پاڪستان ڪائونسل طرفان سڏ آيو تہ اچي هڪ شام ۾ شامل ٿيءُ.

سائين، سنڌ بنيادي طرح ۽ روحاني طرح شاعرن جو ملڪ آهي.

هتي افسانا فقط اُهو شخص لکندو آهي، جنهن جي دال شاعريءَ ۾ نہ ڳرندي آهي. مون پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ۾ افسانن سان گڏ شاعري ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. ٻہ چار نظم ۽ آزاد نظم ڇپجي بہ ويا هئا، پر شاعري مون کي راس نہ آئي. دوستن چيو "ٻيلي، تون ڏيک ويک ۾ رف ٽف آهين! ۽ ڏسڻ ۾ بہ هوبهو محرم جانوريءَ جو فرار ٿيل ساٿي ٿو لڳين، تنهن ڪري تون شاعري ڪري نہ سگهندين. شاعري نازڪ خياليءَ سان ٿيندي آهي، تنهنجا خيال خطرناڪ آهن. تون افسانہ لک." مون کين مولانا گراميءَ جو مثال ڏنو. چيائون، "exception آهي". "شمشير حيدري سنڌي شاعرن جي علامت آهي." مون کي نيٺ شاعريءَ کان بان ڪرايائون.

اُنهن ڏينهن ۾ هڪ آزاد نظم لکيو هوم، جنهن ۾ اُن وقت جي بدنام باڪسر جانو مڪرانيءَ جو ذڪر ڪيو هوم، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ اوچتو عروج ۽ اوچتو زوال ڏٺو هو- اُهو آزاد نظم پيش ڪيان ٿو:

اسان ڪان پري ٿي بيهو ٿا!
دامن بچائي
نظرن کي ڦيري،
پري ٿي بيهو ٿا!
اسان کي چئو ٿا تہ بدڪار آهيون.
غنڊا ۽ لوفر
بيڪار آهيون،
قاتل ڪمينا
زماني جي ڌتڪار آهيون.
اوباش آهيون
آواره آهيون
توهان جي نگاهن ۾ ناڪاره آهيون.
اسان جي حياتي
رستي جو پٿر،
ڪڏهن ٺوڪرن ۾،

ڪڏهن گندگيءَ ۾،
ڪڏهن ڪن ڪچري جا گهارا سڏايون
سوئر سڏايون،
۽ ناسور آهيون.
اونده جا ساٿي
گناهن جا سنگتي
پاپن جا پاليل اسان ئي تہ آهيون.
قانون ڪهڙو اسان لاءِ آهي!
انصاف ڪهڙو اسان لاءِ آهي!
رهون ٿا اسان ئي اُجالن کان دور
ڏڪاريل، وساريل
۽ بدنام آهيون.
ڪجهہ بہ ڪٿي،
پل تہ ڪهڙا بہ آهيون،
پر توهين ڇو اسان کان پري ٿي بيهو ٿا.
چوريون ۽ زوريون
توهان لئہ ڪيون سي،
ڦر لٽ ۽ ڌاڙا توهان لئہ هنياسين
بينڪن کي ٽوڙي،
تجوڙيون توهان جون ڀريون سين،
تڏهن بہ چئو ٿا تہ بيڪار آهيون!
اليڪشن ۾ ورڪر توهان لئہ
اسين ئي هئاسين،
ظلمن جا پيڪر
اسين ئي هئاسين
توهان جا سپورٽر
اسين ئي هئاسين،
جڏهن وقت چونڊن ۾ ٽورو رهيو هو

توهان جا هٿاسين
توهان جا رهياسين.
پر اڄ ڪيئن چئو ٿا تہ ناڪاره آهيون؟
پر اڄ ڪيئن چئو ٿا تہ بيڪار آهيون!
اسان جي ڪري ئي تہ ڪامياب آهيو
ڪرسين جا مالڪ
غريبن، فقيرن، صغيرن جا مالڪ
اسان جي ڪري ئي تہ ناياب آهيو.
ووٽر توهان لئہ
بوگس ۽ ڪوڙا
اسان ئي ٿا آڻيون.
تڏهن بہ چئو ٿا تہ آواره آهيون!
توهان کي ٿا ٺاهيون
توهان کي بنايون،
پل تہ کهڙا بہ آهيون،
توهان لاءِ قانون ٺاهڻ جون ڪرسيون
اسان ئي ٿا آڻيون.
جڏهن اڄ توهين،
عملدار آهيو
آقا ۽ داتا،
غريبن جا غمخوار آهيو.
تڏهن، اڄ توهين بہ اسان کان پري ٿي بيهو ٿا.
اسان کي چئو ٿا تہ دشمن سماجن جا آهيون،
ڌاڙيل، قاتل
رهزن، ڪمينا
۽ جڳ خوار آهيون!
ها، اسين نصيبن جا ماريل،
۽ مجبور آهيون،

جيلن جي زينت،
۽ ڦاسيءَ جي تختي جو سينگار آهيون ـ
جانو مڪراني داداگير هو. گهٽن کي ڌاهيائين. جن کي ڌاهيائين تن عوام ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ ڪيس ڊاهي ڇڏيو.

اسان جي معاشري ۾ هرڪو قدر دولت جي وال سان ڪٽبو آهي. پولي جيترو ڪو پوڪ بصر جيڪڏهن راتو واهه لک پتي يا ڪروڙ پتي ٿي پوي، ته پي ڏينهن ڪنهن ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪندو. تصوير جي نمائش جي ريشمي ربن چانديءَ جي قينچيءَ سان ڪپي، نمائش جو افتتاح ڪندو. راندين جي مقابلي ۾ ڪپ وراهيندو. ۽ هڪڙي ڏينهن دانشور جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿي، ٻين ملڪن ۾ اسان جي ادب، فن، ثقافت تي ليڪچر ڏيڻ ويندو. اسان جو اديب غريب آهي، مفلس آهي، تنهن ڪري سندس قدر نه آهي. اسان جي ملڪ ۾ اديب ڪان وڌيڪ اُن وئشيا جو قدر آهي، جيڪا ڪلچر شو جي نالي ۾ پنهنجو شو ڪندي آهي.

اڄ جو عالمگير تخليقي ادب سچ آهي، سچ جو حامي آهي، سچ جو پيغامبر آهي. اهڙي ادب جو هر هنڌ قدر آهي. پر اسان جي اديب کي سچ لکڻ جي عيوض مصيبت ڳچيءَ ۾ پوي ٿي. اسان جو اديب سچ لکي، پنهنجي مٿان ڊيموڪليس جو خنجر ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌي، لٽڪائي ڇڏيندو آهي. جيڪو اديب سچ لکندو آهي، تنهن کي باغي، تخريب پسند ۽ Dangerous سمجهيو ويندو آهي. اهڙي اديب تي فرشتا نازل ٿيندا آهن، ۽ سندس ننڊ حرام ڪندا آهن. سندس تحريرن کي پرکڻ لاءِ اڌ اکري مقرر ڪيا ويندا آهن. اڌ اکريءَ تي هڪ قصو ياد آيو اٿم. هارون رشيد جي ڏينهن ۾ هڪ قاضي مري ويو. دستور موجب سندس پٽ کي قاضي مقرر ڪيو ويو. قاضيءَ جو پٽ اڌ اکري هو. دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته نئين قاضيءَ کي جيئن ته وڏن وڏن ڪيسن جا فيصلا ڪرڻا پوندا، پر پاڻ خدا جي فضل سان اڌ اکري آهي. تنهن ڪري سندس تعليم جو بندوبست ڪيو ويجي. هڪ قابل استاد رکي ڏنائونس.

---

موجوده دور ۾ رحمان ڊڪيت سان به ساڳي ويڌن ٿي هئي.

چيچڙ لڳا. اهو راز سڀ کان اڳ افسانہ نگار جي پيءُ تي کليو. اُهو هن ريت جو هڪڙي ڏينهن پٽس چيس، ”اڙي وڏو ڪو نالائق ٿي پيو آهين.“

هن ڏڪندي ڏڪندي پڇيو ”چو بابا؟ چا ڪيو اٿم؟“

پٽس اکيون ڏيکاريندي پڇيس، ”ٻڌاءِ رات اڌ رات تائين چا پئي ڪيئہ؟“

هن ڏڪندي ڏڪندي وراڻيو ”ڪجهہ بہ نہ بابا.“

”اڙي بدبخت ڪوڙ تو ڳالهائين!“ پٽس لپاٽ وهائيندي چيس، ”اڙي رات افسانو نہ پئي لکيئہ؟“

ان ۾ اُن پيءُ جو ڏوهہ نہ آهي. اسان جو ماحول ئي افسانہ نگاريءَ لاءِ ناساز آهي. هِتي، چئن ڪتابن مان حوالا ڏئي جملا ڏئي پنجون ڪتاب تيار ڪندڙ کي محقق ۽ سندس ڪتاب کي ريسرچ سمجهيو ويندو آهي. اهڙي ماحول ۾ Creative Literature لاءِ ناقدري، حيران ڪندڙ نہ آهي.

افسانو پڙهڻ لاءِ هوندو آهي، ٻڌائڻ لاءِ نہ. پر جنهن هوندي توهين ۽ مان هڪ ٻئي کي منهن ڏيڻ لاءِ گهران تيار ٿي نڪتا آهيون. تنهن ڪري مان افسانو پڙهندس ۽ توهين اميد اٿم تہ صبر سان ۽ همت سان افسانو برداشت ڪندا. اِن الله مع الصابرين. ■

1970

# ڪاچو پبليڪيشن
## جو ايندڙ ڪتاب

اڏ صديءَ کان پوءِ

لاڪيٽي لطيف جو

مڪمل رسالو

بيتن جي بهتر

شرح سان گڏ

# شاهه جي رسالي جي شرح

فقير يار محمد پيرزادو

مهاڳ: بدر ابڙو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيُوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)